سلسلة قصص مصورة

سيناء

محمد ادريس صديقي

مؤسسة دار الشعب للصحافة والطباعة والنشر

تِلْكَ آثَارُنَا تَدُلُّ عَلَيْنَا

فَانْظُرُوا بَعْدَنَا إِلَى الْآثَارِ

سنڌو ماٿر جي سيتا

مصنف:

محمد ادريس صديقي

•

مترجم:

شمس سرڪي

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

1979ع

[سنڌي ترجمي جا سڀ حق ۽ واسطا بورڊ وٽ محفوظ]

چاپو پهريون 1979ع ڪاڻيتو 2000

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت : پنجويهه روپيا

Price: Rs. 25.00

'SINDHU MATHAR JI SABHITA' (Indus Civilization)
A Translation of the Book 'Wadi-e-Sind ki Tehzeeb'

Written by: Mohammed Idris Siddiqi in Urdu (1959) and Translated into Sindhi by: Mrs. Shams Sarki.

Published by: Sindhi Adabi Board,
P.O Box 12,
Hyderabad Sind, Pakistan.

1st Edition: 1979.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

		صفحہ
● تعارف:	ڈاکٹر فضل احمد خان ناظم محکمہ آثار قدیم پاکستان	۱-۳
● پیش لفظ:	محمد ادریس صدیقي	۴-۷
● تمهید:		۸-۱۵
● انکشاف جو داستان:		۱۶-۳۶
	باقیاتي کوجنائون	۱۷
	جاگرافیائي پس منظر	۲۸
● بستیون:		۳۷-۵۵
	موهن جو دڑو	۳۷
	اسٹوپا	۳۹
	وڈو حوض	۴۰
	جامعہ	۴۲
	هیٹیون شهر	۴۳
	هڑاپا	۴۵
	کاریگرن جا کوارٹر	۴۸
	بٹا	۴۹
	ٹلهن جون حدون	۴۹
	اناج جا گدام	۴۹
	چانهون جو دڑو	۵۲
	ست کاجن دڑو	۵۴
	علي مراد	۵۴
	آمري	۵۵
	دبر کوٹ	۵۵
● شهري اڈاوت جي رٹابندي:		۵۶-۷۲

صفحہ

سرون ٹاهن ۵۸
گهر ۶۱
رستا ۽ گهٽيون ۶۴
کوهه ۶۷
صفائي ۶۸
غسلخانا ۷۰
حمام ۷۱
● هنر ۽ کاريگري: ۷۳-۹۸
ڪنيارکو هنر ۷۳
ٽامي ۽ ڪٽ جا ٽانو ۸۱
هٿيار ۽ اوزار ۸۴
سنگتراشي ۸۷
ٻيا هنر ۹۴
مٽيا ۹۶
● آمد رفت ۽ واپار: ۹۹-۱۰۵
آمد رفت ۹۹
واپار ۱۰۱
● معاشرت: ۱۰۶-۱۳۰
زراعت ۽ خوراڪ ۱۰۹
پوشاڪ ۱۱۰
وارن جي ٽاهه ٽوهه ۱۱۴
زيور ۱۱۶
هار سينگار ۱۲۰
راندڪا ۱۲۱
وندر، چڪو ۱۲۳
گهريلو جانور ۱۲۶
جهنگ جا جانور ۱۲۷

صفحو

ناچ ۽ راڳ ۱۲۸
حڪمت ۱۲۸
ڏنڊا ۱۲۹
● مذهب: ۱۳۱-۱۵۳
بُت پرستي ۱۳۳
وڻن جي پوڄا ۱۴۱
جانورن جي پوڄا ۱۴۴
ٻيا عقيدا ۱۵۱
● تدفين: ۱۵۴-۱۶۰
مڪمل تدفين ۱۵۵
جزوي تدفين ۱۵۶
خاڪستري مدفن ۱۵۸
● نساڻي جائزو: ۱۶۱-۱۶۵
● رسم الخط: ۱۶۶-۱۷۴
● زمانو: ۱۷۵-۱۸۱
● تهذيب جي پڇاڻي: ۱۸۲-۱۹۱
● پڑاڏو: ۱۹۲-۱۹۹
● اصطلاح: ۲۰۱-۲۰۴
● ڪتاب: ۲۰۵-۲۰۸

تصويرون ۽ خاڪا

صفحو

٦٨-٦٩

پليٽ نمبر ١ ۰ موهن جو دڙو: ڪوٺائيءَ ڪان اڳ

پليٽ نمبر ٢- الف. موهن جو دڙو: اسٽوپا يا ٽُل

پليٽ نمبر ٢- ب. موهن جو دڙو: وڏو حوض

موهن جو دڙو: وڏي حوض جو نقشو

پليٽ نمبر ٣- الف. موهن جو دڙو: ڪوهه

پليٽ نمبر ٣- ب. موهن جو دڙو: هڪ ڪوهه ،
جيڪو زمين جي سطح اوچي ٽيڻ سان
جيڻن پوءِ تيئن مٽي ڪيو پئي ويو.

پليٽ نمبر ۴- الف. موهن جو دڙو: هڪ گهٽي

پليٽ نمبر ۴- ب. موهن جو دڙو: پهريون شاهي رستو

پليٽ نمبر ۵- الف. موهن جو دڙو: هڪ ڊاڪڻ

پليٽ نمبر ۵- ب. موهن جو دڙو: ڏکيل نالين ۽ هودين

پليٽ نمبر ٦- الف. موهن جو دڙو: گندي پاڻيءَ کيڻ لاءِ
مٽيءَ جا ٺهيل گول 'پائيپ'

پليٽ نمبر ٦- ب. موهن جو دڙو: زمين ۾ گندي پاڻيءَ
جي چوسجڻ لاءِ مَٽ

موهن جي دڙي جي هڪ خيالي ڪمري
جو خاڪو.

صفحو

٩٦-٩٧

پليٽ نمبر ٧۰ مٽيءَ جا ٽانوَ

پليٽ نمبر ٨- ب. مٽيءَ جا چِٽَيل ٽانوَ

پليٽ نمبر ٩۰ ڏاندن جا پُتلا يا مجسما

پليٽ نمبر ١٠۰ ٽامي ۽ ڪُٽ جا اوزار

پليٽ نمبر ۱۱- هڏن ۽ عاج جو ٺهيل سامان
پليٽ نمبر ۱۲- الف. سڇيءَ چينيءَ جون ٺهيل شيون
پليٽ نمبر ۱۲- ب. سپي ۽ سنک مان ٺهيل شيون

		صفحو
پليٽ نمبر ۱۳- الف.	زيور	۱۲۰-۱۲۱
پليٽ نمبر ۱۳- ب.	زيور	
پليٽ نمبر ۱۴- الف.	موهن جو دڙو: نڇڻيءَ جو ڪٽ مان ٺهيل پُتلو.	
پليٽ نمبر ۱۴- ب.	پٿر مان ٺهيل پُتلن جا متا.	
پليٽ نمبر ۱۵-	(۱) ڦٽيون. (۲) وارن جا ڪانٽا. (۳) شطرنج جون ڳوٽون.	
پليٽ نمبر ۱۶-	راند يڪا.	
پليٽ نمبر ۱۷-	(۱) متيءَ مان ٺهيل ڏڪي گاڏيون. (۲) متي لوڏڻ وارا راند يڪا. (۳) ڏڪي گاڏيون.	
پليٽ نمبر ۱۸- الف.	ماتا ديويءَ جا پُتلا	
پليٽ نمبر ۱۸- ب.	(۱) موهن جو دڙو: وڏو پادري. (۲) هڑاپا پُتلو. (۳) هڑاپا نڇڻيءَ جو پُتلو.	

			صفحو
پليٽ نمبر ۱۹-	مهرون		۱۴۸-۱۴۹
پليٽ نمبر ۲۰-	مهرون		
پليٽ نمبر ۲۱-	مهرون	(نمبر ۱ ۽ ۳ مهرن جا ۾ پاسا)	
پليٽ نمبر ۲۲-	مهرون	(نمبر ۱ مهر جا ۾ پاسا)	

		صفحو
پليٽ نمبر ۲۳- الف.	هڑاپا: قبرستان آر-۳۷.	۱۵۸-۱۵۹
پليٽ نمبر ۲۳- ب.	موهن جو دڙو: ڪي لاشا.	

خاکا	صفحہ
۱. ڪاريگرن جا ڪوارٽر	۴۸
۲. ٽلهي پٽ جي اوساري	۶۲
۳. سوهن جي ڏڙي مان لڌل هڪ گلدان	۹۳
۴. مٽڪا	۹۷
۵. پليٽ نمبر ۱۸- ب. ۳ جو مڪمل خاڪو	۱۴۰

هن ڪتاب جا شروعاتي ۱۲ پيج، فوٽا صفحا ۲۰۵ کان ۲۰۸ تائين ۽ ڪوَر سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ٽلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيا ۽ باقي مواد صفحي ۱ کان صفحي ۲۰۴ تائين سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ ڊاڪٽر حسن سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي ڏيڻ لاءِ ڏنو.

سنڌو ماٿر جي سيپتا

تعارف

(ڈاڪٽر فضل احمد خان، ناظم محڪمہ آثار قديمہ، پاڪستان)

علم الآثار ۾ خاص طرح ان سلسلي ۾ جيڪي ڪوٽايون ٿيون آهن، تن جو هيءَ وڏو ڪارنامو آهي، جو انهن دنيا کي پنهنجي قديم دور جي ثقافتي ورثي سان روشناس ڪرايو آهي. ڪوٽاين جي سلسلي ۾ جيڪي هيلتائين لاڳيتيون ۽ باقاعدہ ڪوششون ٿيون آهن، تن قديم تاريخ جا ايترا تہ باب کولي ڇڏيا آهن، جو هاڻي انساني زندگيءَ جو تاريخي دور ايترو اهم ۽ طويل نہ رهيو آهي، جيترو ان جو تاريخ کان اڳ وارو دور. دنيا جي قديم تهذيبن ۾ سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جو انڪشاف بہ ان سلسلي جي اهم ڪڙي آهي، جيڪو هين صديءَ جي پهرئين حصي جو ڪارنامو آهي. ان انڪشاف کان پوءِ برصغير هند-پاڪ جي تاريخ صاف طرح پنج هزار سال اڳ جي ڳالهہ بنجي ويئي.

زير نظر ڪتاب ۾ سنڌوماڻريءَ جي تهذيب جو تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي. ڪتاب جي لکجڻ کان پوءِ هن قسم جي هڪ ٻيءَ زير زمين بستيءَ، ڪوٽ ڏيجيءَ، جي کوٽائي عمل ۾ آئي، جيڪا سنڌ جي سڀني قديم بستين کان پراڻي آهي. ڪوٽ ڏيجي، موهن جي دڙي جي اوپر ۾، ٽيهہ ميل پري، سنڌونديءَ جي ٻيءَ پر واقع آهي. هتي جيڪا کوٽائي ٿي آهي، ان وسيلي تاريخ ۾ پهريون پيرو هن عظيم الشان تهذيب جي ابتدائي دورن تي روشني پوي ٿي. هيءُ دورن جو امتياز ۽ فرق خاص طرح مٽيءَ جي ٺانون تي ڪافي نمايان نظر

ٿو اچي ، جيڪو کوٽائيءَ جي ماهرن لاءِ نهايت اهم آهي .
آن جو تفصيلي مطالعو اسان کي ٻڌائي ٿو ته کوٽ ڏيڄي
۽ سنڌوماڻريءَ جي تهذيب جي ٽانوڻن ۾ سڀ کان وڏو فرق
هيءُ آهي ته کوٽ ڏيڄيءَ جا ٽانوَ ڳيڙو ڪري هلڪي ۽
سنهي ٽڪر جا آهن ۽ مٽن رنگن جي ترتيب ۽ سينگار جو
الڳ الڳ ۽ خاص نمونو پڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته
هي ٽانوَ هڪ اهڙي تمدن جا نشان آهن ، جيڪو سنڌوماڻريءَ
جي تهذيب کان اڳوڻو به آهي ۽ جدا پڻ آهي . هتي جي
کوٽائيءَ مان هي ثابت ٿي چڪو آهي ته سنڌوماڻريءَ جي
تهذيب جا پهريان ماڻهو کوٽ ڏيڄيءَ جي سڀ کان هيٺئين
آباد ٿهه تي ٿي ڏکدم پوءِ اچي آباد ٿيا هئا ، جتي هتان
جي اصلي رهاڪن پنهنجا آخرين نشان ڇڏيا آهن . کوٽ ڏيڄيءَ
جي هنن اصلي رهاڪن کان هڙاپا ۽ موهن جي دڙي وارن
کي ڦني ۽ پيون ڳالهيون پڻ سکيون ، جن ۾ شهر جي
رٿابندي ، قلعه بندي ۽ غالباً مذهبي طريقا ۽ عقيدا پڻ شامل هئا .

کوٽ ڏيڄيءَ مان لڌل باقيات مان اندازو لڳايو ويو
آهي ته هتان جو تمدن پٽر واري دور جي شروع ٿيڻ سان ٿي
هتي پيدا ٿيو ، ڇاڪاڻ ته کوٽ ڏيڄيءَ جا ماڻهو هتي ان
وقت آباد ٿيل ڏهن ٽڪ ، جڏهن هو ٽڪر جي ٽانون ٺاهڻ جي
هنر ۾ ڪافي ترقي ڪري چڪا هئا . هي ماڻهو ڪافي عرصو
هتي آباد رهيا ـــ جيئن مٽين دڙي جي يارنهن آباد تهن
مان ڏسجي ٿو . هنن لاڳيتن يارنهن تهن جي مدت جو اندازو
ڪهٽ ۾ ڪهٽ پنج يا ڇهه سؤ سال ڪري سگهجي ٿو ، ۽
انهيءَ ٿي اندازي موجب اسين چئي سگهون ٿا ته کوٽ ڏيڄيءَ
جا هي اصلي رهاڪو تقريباً ۳۰۰۰ سال ق . م . هتي آيا ۽
چار يا پنج سؤ سال هتي آباد رهيا ، ايستائين جيستائين
سنڌوماڻريءَ جي ماڻهن اچي سندن جڳهه والاري .

جتي کوٽ ڏيڄيءَ جي کوٽائيءَ وسيلي تاريخ جو

سلسلو موهن جي ڏڙي جي تهذيب جي پهرئين دور سان سڌيءَ طرح وچي گڏجي ٿو، آتي پاڪستان جي قديم تاريخ ۾ انهيءَ کري پنج سؤ سالن جو واڌارو پڻ ٿئي ٿو. تنهن سان گڏوگڏ، ان وسيلي هڪ قديم سڌريل تمدن پڻ ظاهر ٿئي ٿو، جيڪو پاڪستان جي قديم ترين تهذيب جو اهم جز آهي.

سنڌومائريءَ جي گم ٿيل تهذيب جو ليڇ انساني تاريخ ۾ اهم اضافو آهي، ۽ دنيا جي گهڻو کري هر مڪمل پوليءَ ۾ هن موضوع تي ڪجهه نه ڪجهه لکيو ويو آهي. پر اردوءَ ۾ هيل تائين ان باري ۾ کا به مستند کوشش کانه ٿي هئي. زيرنظر ڪتاب هن اوڻائيءَ کي پورو کري ٿو، جنهن لاءِ محمد ادريس صديقي صاحب جن مبارکباد جي لائق آهن، جن هن تحقيقي ۽ فني موضوع کي دلچسپ پيرايي ۾ پيش ڪيو آهي.

مون کي اميد آهي ته اردو دان حضرات لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو معلومات افزا ۽ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندو.

ـــ فضل احمد خان

ڪراچي
٢٠ـ آڪٽوبر، ١٩٥٩ع

پيش لفظ

صاحب! اوهان هيءَ ڏڙو ڇو ٿا ڪوڙايو؟

هيءَ سوال هڪ بلوچ مزدور، مون کان رياست مڪران جي شهر پنجگر کان ٽيهه ميل پري هڪ ڏڙي جي ڪوٽائيءَ وقت پڇيو هو. هيءَ مارچ ۱۹۵۴ع جي ڳالهه آهي. آءٌ ان وقت ڊاڪٽر هينري فيلڊ سان گڏ باوچستان جي باقياتي جانچ جي سلسلي ۾ محڪمهٔ آثار قديمه جي طرفان ان ڪم ۾ رڌل هوس. هيءَ ڏڙو رخشان نديءَ جي ڪپ تي بيٺل آهي، جنهن جي پيٽ ۾ هاڻي پاڻيءَ جي بدران هوائن جي تيز رفتار سميت واري وهندي ٿي رهي. هن ويران علائقي ۾ ميلن تائين آبادي‌ءَ جو ڪو به نشان ڪونهي — ايتري قدر جو هي مزدور پڻ پنجگر منجهان ٽرڪ تي آندا ويا هئا.

سوال هن مزدور ٿن ڪلاڪن جي ڪوٽائيءَ کان پوءِ پڇيو هو. غالباً، هو اِنهيءَ ڏڙي ۾ هو ته ايتريءَ محنت ۽ ايترن خرچن ڪرڻ کان پوءِ، هن سُڃ ۾ ڪوٽائي ڪرڻ سان، جتي ٽڪرن کان سواءِ ڪا به ڪم واري شيءِ کانئن لڌي هئي، آخر هينن کي ڇا ملندو؟ مون گهريو ته هن جي سوال جو جواب ڏيان. پر ڇا، هن ويچاري اڻ پڙهيل مزدور کي منهنجو جواب راضي ڪري سگهي ها؟ مون ڪلي، ڳالهه کي ٽاري ڇڏيو.

اهڙيءَ طرح جڏهن پين ڏڻن منجهان اسان ٽڪر گڏ ڪندا هئاسون، ته آسپاس جا ڏراڙ ۽ ٻيا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا، ۽ اسان کي ڏاڍي چاهه ۽ محبت سان ٽڪريون ڪٽندي ۽ انهن کي هيٺ مٽي پوري ڏيان سان جانچيندي ۽ انهن جي عجيب غريب بناوت وغيره تي خوش ٿيندي ڏسي، هو هڪٻئي سان مس پس ڪندا هئا ۽ اسان ڏانهن ڏسي ٻيا ڪلندا ۽ پوڳ ڪندا هئا. هو اسان کي شايد مٽي ڦريل ۽ چريو سمجهندا هئا. هنن جي اکين جي چمڪ مان اهڙي

قسم جو سوال مون کيترا ڀيرا هنن جي دل ۾ اپرندي محسوس ڪيو، پر هن جي زبان تي آهو نه آيو، ۽ ائين ان جي جواب ڏين کان آڇ بچندو رهيس.

بلوچستان کان پوءِ اسين بهاولپور وياسون، ۽ قديم هڪڑي درياءَ جي سڪل پيٽ جي ڪپ سان ڊڻ جي ڳولا ڪئيسون. ماڻهن جون اهڙي سوال پريل نظرون آتي ٻه اسان جو پيڇو ڪنديون رهيون. نيٽ هڪ تعليم يافته (؟) نوجوان اسان کي ڪڏيو، جنهن کي پڻ اسان جي هن 'بيڪار' روڙي تي عجب لڳو ۽ هن اسان کان پڇيو، "اوهان هينن ٺڪرين کي ڇا ڪندا؟" پر، ڇا، هن سوال جو جواب ايترو مختصر ٿي سگهيو ٿي، جنهن سان هن راهه ويندي سوال پڇندڙ پڙهيل شخص کي راضي ڪري سگهجي؟

بهاولپور کان اسين موهن جي ڊڙي تي پهتاسون. هيتي اچي، جڏهن مون ستر فوٽ اوچي استوپا (ٽڪر) تي بيهي، چئن ٿي پاسي نظر ڊوڙائي، تہ منهنجي دل ۾ آيو تہ آهي حيرت ۾ ورتل ۽ سوال پڇندڙ اکيون هتي هجن ها، تہ آڇ سندن سوالن جو جيئرو جاڳندو جواب کين ڏيئي سگهان ها. موهن جي ڊڙي جي وسيع برباد ٽيل آبادي، اسان جي شاندار ماضيءَ جي حسين تصوير، اسان جي پراڻيءَ عظمت جو چمڪندڙ نشان، جنهن کي اسان جي مادر وطن متبرڪ سمجهي، پنهنجي پاڪر ۾ سوين سال لڪائي رکيو ۽ جنهن کي آخرڪار آثار قديمه جي ماهرن پنهنجي اٽڪ ڪوشش سان صفحهٔ هستيءَ تي وري نمودار ڪيو — اهي ٿي عظيم‌الشان ڪنڊر اڄ انهن سوالن جو جواب، ۽ هن ڪتاب جو موضوع آهن.

سنڌوماڙيءَ جي تهذيب برصغير هند - پاڪ جي تاريخ ۽ ثقافت جي بنياد جي پهرينءَ سيڙ جي حيثيت رکي ٿي. پر بدقسمتيءَ سان علم‌الاثار کي اردو ڏان طبقي سان روشناس

کرڻ لاءِ هن وقت تائين تمام گهٽ کوشش ٿي آهي ، ۽ سواءِ کن ٿورن مضمونن جي ، جيکي اردوءَ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ وقت بوقت ڇپيا رهيا آهن ، هن دائري ۾ ٿيل کو به بنيادي کم نظر مان نه گذريو آهي . هنن ورقن ۾ انهيءَ کميءَ کي پوري کرڻ جي کوشش ڪئي ويئي آهي . ظاهر آهي ته هيءُ هڪ خشڪ موضوع آهي . علم الاثار جي گهرن اصطلاحن ۾ پٽرن ، سرن ۽ ردي‌ءَ جي ذرڙن بابت گفتگو کرڻ کا دل کي وندرائڻ جهڙي گالهه ڪانهي . ان ۾ شاعريءَ کي ، خصوصاً ، کا جاءِ ڪانهي . ان هوندي به مون کوشش ڪئي آهي ته بيجان باقيات جي بيزباني‌ءَ کي زبان بڻائي ، انهن جو هيءُ داستان جو مون بيان کيو آهي ، سو گهٽ ۾ گهٽ بي‌روح نه هجي . هن سلسلي ۾ هيلتائين جيکا تحقيقات ٿي آهي ، ان کي جيترو ٿي سگهيو آهي ، هڪ هنڌ گڏ کيو اٿم ، ۽ ان سلسلي ۾ جن ڪتابن کان مدد ورتي اٿم ، انهن جي نالن جي فهرست پڇاڙيءَ ۾ شامل ڪئي اٿم . وڏي ناانصافيءَ جي گالهه ٿيندي جيڪڏهن انهن محققن جي خدمتن جا احسان نه مڃيا وڃن ، جيکي هن کم ۾ پنهنجي‌ءَ پنهنجي‌ءَ عمر جو وڏو حصو صرف کري چڪا آهن .

هيءُ منهنجو خوشگوار فرض آهي ته پنهنجي کرمفرما ڊاڪٽر فضل احمد خانصاحب ، ناظم آثار قديمه ، پاڪستان ، جو شڪريو ادا کريان ، جن واندڪائيءَ نه هجڻ هوندي به نه رڳو هن ڪتاب کي نظر مان ڪيو ۽ مفيد صلاحون ڏنيون ، پر ان جي اشاعت جو پڻ بندوبست ڪيو . آءٌ محترم دلاور حسين صاحب ، ڊپٽي سيڪريٽري ، وزارت تعليم ، حڪومت پاڪستان ، ۽ مسٽر راؤ ڪيوريل ، سابق مشير آثار ، حڪومت پاڪستان ، جو پڻ شڪرگذار آهيان ، جن ڪتاب جي اشاعت جي سلسلي ۾ منهنجي وڏي مدد ڪئي آهي .

محترم ممتاز حسن صاحب جي علم دوستيءَ ۽ ادب پروريءَ کان ڪير واقف نہ آهي؟ پر جيڪو ذاتي چاهم کين هن ڪتاب جي اشاعت سان رهيو آهي ۽ جنهن طرح ان سلسلي ۾ پاڻ منهنجي مدد ۽ همت افزائي فرمائي اٿن، ان جي شڪريي ادا ڪرڻ لاءِ نہ مون وٽ پورا لفظ آهن ۽ نہ سندن مهرباني‌ءَ جو صحيح معنيٰ ۾ شڪريو ادا ٿي سگهي ٿو.

باباءِ اردو ڈاڪٽر عبدالحق، ڈاڪٽر محمود حسين (ڪراچي يونيورسٽي)، ڈاڪٽر احمد حسن داني (ڈاڪا يونيورسٽي)، پير حسام‌الدين صاحب راشدي، جناب قريشي محمد منير صاحب، سابق ناظم محڪمہ آثار قديمہ، پاڪستان، ۽ مسٽر ولي‌الله خانصاحب، مهتمم مغربي پاڪستان سرڪل آف آرڪيالاجي، لاهور، جو شڪريو ادا ڪرڻ منهنجو فرض آهي، جن تڪليف وٺي، ڪتاب جي مسودي کي پڙهيو ۽ پنهنجي قيمتي راين سان مون کي نوازيو.

شڪريي جي هن فهرست ۾ چند دوست به اچن ٿا — مرزا محمود بيگ، لائبريرين محڪمہ آثار قديمہ، جنهن جي سهڪار سان هن موضوع تي گهربل مواد گڏ ڪرڻ ۾ مون کي ڏاڍي سهوليت ۽ مدد ملي؛ احمد نبي خانصاحب ۽ ايس. اي. عزيز رسول‌آباد‌ي، جن پروفن ڏسڻ ۽ ڇپائيءَ جي صبرآزما ڪم ۾ مون سان ساٿ ڏنو.

پڇاڙيءَ ۾، ع. س. مسلم صاحب، مڪتبہ نيا راهي، ڪراچيءَ، جو خاص طرح شڪريو ادا ڪرڻ چاهيان ٿو، جن جي فنڪارانہ مهارت هن ڪتاب جي ڇپائيءَ، بائينڈنگ ۽ گيٽ اپ کي ايترو ديده زيب بنايو آهي.

ز دستم آستين بردار وگوهر راتماشا کن

— محمد ادريس صديقي

ڪراچي

٢٧- آڪٽوبر، ١٩٥٢ع

تمهيد

سنڌوماڻريءَ جي تهذيب ۽ ان جي مختلف گالهين جي پيرائتي بيان ڪرڻ کان اڳ ٿورن اوائلي مسئلن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي — يعني هيءَ ته علم‌الاثار جو مقصد ڇا آهي، ان جي ڪم جو طريقو ڪهڙو آهي ۽ تاريخ جي ٻاهڙ ۽ سنوارڻ ۾ ان کان ڪهڙي مدد ملي سگهي ٿي.

انسان هن فاني جهان ۾ تقريباً پنجن لکن سالن کان رهندو پئي آيو آهي — پنجن لکن سالن کان! انهيءَ مدت جو صحيح اندازو لڳائڻ ڪيترو نه ڏکيو آهي! هيئن ڪٽي سمجهو ته جيڪڏهن انهيءَ سڄيءَ مدت کي ۲۴ ڪلاڪن جو ڏک ڏينهن تصور ڪجي، ۽ فرض ڪجي ته هن وقت رات جا ۱۲ لڳا آهن، ته ائين سمجهجو ته حضرت عيسيٰ گويا هينئر کان رڳو سڌيا پنج منٽ اڳ پيدا ٿيو هو، ۽ انسان جي قديم‌ترين تاريخ پندرهن منٽ اڳ شروع ٿي هئي. گويا پوٽين پارهين ڀڄي کان اڳ جي هر گالهه تاريخ کان اڳ جي زماني جي گالهه آهي. (۱)

علم‌الاثار جو نسبتاً محدود عرصي سان واسطو آهي. ان جي تحقيقات ٿورن هزارن سالن جي مدت جي دائري ۾ ئي محدود آهي. ان جو موضوع نه 'ڪائنات جي تخليق' آهي ۽ نه 'انساني نسل'، بلڪ هيءَ علم موجوده انسان جي گالهه ٿو ڪري. اسين ائين سوچيندا ۽ چوندا آهيون ته عجائب خانن ۾ رکيل ٽڪر جا ٽانوڻ، مٽڪا، زيور ۽ ٻيون باقياتي شيون ٿي هزار سال يا چار هزار سال قبل مسيح

(1) Robert, J. Braid Wood - "Prehistoric Men", Chicago, USA, 1951, P. 15.

[مسيح کان اڳ] جا آهن. ڏسڻ وارا انهن جي قدامت تي عجب کائيندا آهن. پر حقيقت ۾ انهن شين جي دلچسپ ڳالهه انسان لاءِ هيءَ آهي ته آهي 'نيون' آهن. جيڪڏهن انهن جي قدامت ڏي انسان لاءِ انهن جي اهميت جو سبب هجي ها، ته انسان جون لهي سموريون باقيات پٿهيل (١) [پٿر ڏي ويل] بيضن، پٿهيل وڻن، پٿهيل جانورن ۽ پٿهيل انسانن جي پيٽ ۾ انسان لاءِ نئين ڳالهه هارن جي راند جي شين کان وڌيڪ ڪا به اهميت ڪانه رکن ها. سڀ ڀيڻ ته انسان جي باقيات جي اهميت صرف انهيءَ ڳالهه ۾ آهي ته آهي انسان جهڙن ۽ تقريباً انسان جهڙي ڏي تهذيب رکندڙ انسانن بابت انسان کي حال احوال ڏين ٿيون، ۽ اهي سڀ شيون انسان جهڙن ڏي انسانن جي انتهائي محنتن جو نتيجو آهن، جيڪي پنهنجين ڪوششن سان هڪ عظيم تهذيب ۽ نئين زندگيءَ جو بنياد رکي رهيا هئا، ۽ جيڪي پاڻ سماجي زندگيءَ جي گذارڻ جا عادي بنجي، دنيا ۾ اڄ جي ترقي يافته سماجي زندگيءَ جي عمارت لاءِ ميدان تيار ڪري رهيا هئا.

پٿر جي دور جو اوائلي انسان شڪار ۽ ڪاڌي جو گهولائو حيوان ناحق [ڳالهائيندڙ جانور] هو. هيءَ انسان ننڍين ننڍين ٽولن ۾ ورهايل هو. ٽيندي ٽيندي، هو باهم هارڻ سکيو ۽ پنهنجي بت کي موسم جي اثر کان بچائڻ لاءِ ڪلن، وڻن جي چوڏن ۽ پنن سان ڍڪڻ سکيو. علم‌الارضيات (٢) جي 'وقت' جي حساب موجب انسان جي رهڻيءَ ڪرڻيءَ ۾ هيءَ سڄي قبر گهير تقريباً ڏهم هزار سالن کان ڇهم هزار سال قبل مسيح جي عرصي ۾ پيدا ٿي. گارڊن چائلڊ جي چوڻ موجب، هن عرصي ۾ انسان پنهنجي حالتن کي منهن ڏيڻ، فصل پوکڻ، جانور پالڻ، ڏانوَ ٺاهڻ ۽ ڪپڙا پائڻ سکيا. ان کان سواءِ، ڏاتوءَ جي ليڀ کان اڳ، هو پٿرن جي اوزارن تي اهڙي

(١) Fossilised (٢) Geology

قسم جي پالش ڪرڻ سکيو، جنهن سان هي اوزار پٿر جي دور جي اوزارن کان وڌيڪ ڪارائتا ثابت ٿيا (۱). سڌريل پوڪ جو ڪم ۽ پڪي ڳوٺاڻي آبادي [ڳوٺن ۾ رهائش] مشرق قريب ۾ تقريباً پنج هزار سال ق.م. ۾ شروع ٿي. پاڪستان ۾ ان قسم جون بستيون بلوچستان ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ تقريباً چار هزار سال ق.م. موجود هيون.

علم‌الاثار جي مراد هيءَ آهي ته آن وسيلي اهڙيون شاهديون ۽ ثابتيون ڳولي هٿ ڪجن، جن جي مدد سان تاريخ کان اڳ جي زماني جي تاريخ لکي سگهي. تاريخ کان اڳ جا ماڻهو اسان لاءِ ڪو به لکيل مواد ڪونہ ڇڏي ويا آهن، پر تنهن هوندي به هُنن، ائين ڪٽي ڇڪجي ته اڻ ڄاڻائيءَ ۾، پنهنجي زندگيءَ بابت جيڪي نشان ڇڏيا آهن، آهي اسان جي مقصد لاءِ اڄ ڪافي اهم آهن ۽ انهن مان اسان کي ڪافي معلومات ملي ٿي. علم‌الاثار انهيءَ مواد جي ڳولا ۽ تحقيق جو نالو آهي. علم‌الاثار جي ماهرن جو هيءُ ڪم آهي ته هو تاريخ کان اڳ واري دور جي انسانن جي ٺاهيل پٿر ۽ ڌاتن جي سامان، مٽيءَ جي برتنن، قبرن، غارن ۽ جڳهن جي ڳولا ڪن. پر فقط هيءَ ڳولا ٿي اصل ڪم ڪونهي، بلڪ علم‌الاثار جو بنيادي فرض هيءُ آهي ته هر سڃاڻڻ لائق قديم نشان جي مدد سان متعلقہ انساني عمل جي تاريخ مقرر ڪري. هتي هيءَ سوال به ڪري سگهجي ٿو ته قديم تهذيبن جي کوجنا ۽ انهن تي تحقيق ڪرڻ علم‌الاثار جو مسئلو آهي يا تاريخ جو؟ ۽، ڇا، هڪ تاريخدان ٿورين ٿورين مليل باقيات جي مدد سان آن دور جي تاريخ نٿو ٺاهي سگهي؟ ۽، ڇا، هر ڪو ماڻهو هي شيون ڪوٺي ڪيڏي نٿو سگهي؟

علم‌الاثار هيٺ ڪوٺائيءَ جو ڪم دراصل پراڻين تهذيبن

(۱) اهڙا اوزار برصغير هند-پاڪ، خاص طرح اتر اولهہ صوبن ۽ دکن ۾ لڌا ويا آهن.

جي مدفن [پوريل هنڌن] جي کوٽائيءَ جو هڪ سائنٽفڪ طريقو آهي، جنهن جو بنياد هن اصول تي ٻڌل آهي ته ڪنهن شيءَ جي تاريخي اهميت ان جي بناوت، نوعيت ۽ ماهيت تي مدار رکڻ سان گڏوگڏ ان ماحول تي مبني آهي، جنهن ۾ اُها لڌي ويئي آهي. هڪ عام کوٽائي ڪرڻ واري يا پوريل خزاني جي ڳولائوءَ جو مقصد انهيءَ وقت پورو ٿي ٿو وڃي، جڏهن هن کي ڪا ٻي انوکي يا قيمتي شيءِ هٿ اچيو ٿي وڃي. ان جي ابتڙ آثارن جو ماهر اهڙيءَ ڪنهن عجيب و غريب ۽ خوبصورت شيءِ جي لڀڻ تي ٿي خوش ٿئو ٿئي، ڀلے هو ان کي ڇڱيءَ طرح جانچي جونچي ٿو، ان جي هر طرح جي چنڊچاڙ ڪري ٿو، ۽ ڏسي ٿو ته اها کهڙيءَ جڳهه تان ۽ ڪيتريءَ اونهائيءَ تي ملي آهي، کهڙي دور جي ته، ۽ ۽ کهڙي قسم جي سامان سان گڏ يا ان جي آسپاس لڌي آهي، ۽ ٻيا سيمئي سرزميني نشان ان جي باري ۾ کهڙي نتيجي تي پهچڻ ۾ ۽ ڪيتريءَ حد تائين ۽ کهڙي مدد ڏين ٿا، ۽ ان جا کهڙا کهڙا تعبير ٿي سگهن ٿا ـــ چاڪاڻ ته انهن سيمني ڳالهين جي ڄاڻ ڪان سواءِ ان شيءِ جي حقيقي تاريخي اهميت جو اندازو ڪرڻ بيحد مشڪل آهي. اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن پهرين ڀاهوڙن، جنهن ۽ بيلچن سان کوٽائي شروع ڪئي وڃي ٿي، تڏهن انهن ڪهڙي ۽ جتان باقيات ملڻ لڳن ٿيون، نڌين ڄاڻ سان ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته برش سان مٽي هٽائڻي پوي ٿي. نهايت خبرداريءَ ۽ باريڪ بينيءَ کان ڪم ورتو وڃي ٿو، ۽ هر چيز جو پورو پورو خاڪو تيار ڪيو وڃي ٿو. سچ پچ هي ڏاڍو صبرآزما ڪم آهي. پر هڪڙي 'کوٽائي' بيحد دلچسپ پڻ ٿئي ٿي، جو ته آتي اميد ۽ ڊپ جي هڪ عجيب ڪيفيت طاري رهي ٿي. نه فقط اهو، ڀلے هڪڙي قسم جي کوٽاين وسيلي مصر مان سون ۽ جواهرن جا ذخيرا، ڪريٽ ۾ ميناس جي محل جا خزانا، ٽئڪسلا ۾

خوبصورت ڪنڊن جا زيور، موهن جي ڏڙي ۽ هڙاپا ۾ سون، چانديءَ، عقيق ۽ مرجان جون بنيل اهڙيون باقيات هٿ آيون آهن، جو ڪوڙ وارن جون اکيون چرخ ٿي ويون آهن.

علم‌الآثار جي ڪوٽائيءَ جا طريقا جديد زماني جي تحقيقات جي روشنيءَ ۾ مرتب ڪيا ويا آهن. تاريخ نويس گهٽو ڪري پنهنجي تحقيقات جو بنياد اهڙين لکيتن ٽي رکندا هئا، جيڪي ڪنهن اڳ جا لکندڙ ڇڏي ويا هئا. اهي لکندڙ جيڪا ڳالهه چاهيندا هئا سا لکي ڇڏيندا هئا ۽ جيڪا ڳالهه نه چاهيندا هئا سا ڇڏي ڏيندا هئا. انهن کي عام طرح اميرن ۽ بادشاهن جي سرپرستين ۾ ڪم ڪرڻو پوندو هو، جنهنڪري گهڻو ڪري سندن تحريرون سندن دور جي حاڪمن جي ثالن، انهن جي نسبنامن، انهن جي عادتن ۽ دلچسپين، سير ۽ شڪار ۽ جنگين ۽ جهڙن جي واقعن مان ٽي پرين آهن، جنهن مان اڄ ٿو معلوم ٿئي ڇڻ دنيا ۾ رگهو بادشاهه، راجا ۽ نواب ٽي رهندا پئي آيا آهن، ۽ عام انسانن جو انهن تاريخن ۾ ڇڻ ڪو به عمل دخل هو ٽي ڪونه! البت ڪنهن دور جي ادب جي چنڊچاڻ ڪرڻ سان ڪڏهن ڪڏهن ان دور جي سماجي زندگيءَ تي ٿوري گهڻي روشني پوندي هئي. ان سڀ جي برعڪس، هڪ ماهر آثار، ڪوٽائي ڪندي، لکيل مواد سان گڏوگڏ، قديم دور جا اهڙا انوکا خزانا ۽ نشان به ڪوٽي ڪڍي ٿو، جيڪي ان دور جي فن، روزمره جي استعمال جي شين، رهٽي ڪهٽيءَ جي طور طريقن، عبادت گاهن، اوزارن ۽ هٿيارن، ۽ سير شڪار، ۽ ساز سرود ۽ راڳ رس جون جيئريون جاڳندیون تصويرون اسان جي آڏو آڻي بيهارين ٿا، جن کي اسين ڏسي سگهون ٿا ۽ محسوس ڪري سگهون ٿا. ۽ 'شنيده ڪي بود مانند ديده' جي چوٽيءَ موجب، هڙي معلومات ڪوٽائيءَ کان سواءِ ڪنهن ٻئي طريقي سان حاصل نٿي ٽي سگهي.

اهڙيءَ طرح مصر جي قديم تاريخ بابت اسان جي سڃي

جاڻ علم‌الآثار جي ڏي وسيلي اسان کي ملي آهي. اڄ اڻين چوڻ غلط نہ ڏيندو تہ چوڏهين صدي عيسويءَ جي برطانيہ بابت اسين ايتري سڀ ڪجهہ ڄاڻون ٿا رکون جيتري چوڏهين صدي قبل مسيح جي مصر بابت رکون ٿا (۱). ڪريٽ، بابل، اسيريا، نينوا، سميري، هيٽي ۽ ايران جي سُوسا ۽ تخت جمشيد جون تهذيبون پڻ انهيءَ ڏي طرح دنيا ۾ نروار ڏيون. خود سنڌوماڻريءَ جي تهذيب پڻ علم‌الآثار جي ماهرن جي ڏي کوڻائيءَ، کوجنا ۽ تحقيق جو نتيجو آهي.

هيءَ سوال بہ آڏي ڏو تہ هي قديم يادگار زمين هيٺ ڪيئن لڪجي ويا، ۽ انهن کي ڪن سر کوڻي ڪيڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي. هيترا سارا گهر ۽ جايون ۽ سڄي جون سڄيون بستيون ڪيئن دفن ڏي ڏيون وڃن! دراصل هي دفن ڪونہ ڏيون ڏين، بلڪ زمين يا مٽيءَ جي مطح اوچي ڏي ڏي، انهن کي ڍڪي ڏي ڇڏي. هي ڪرشمو روزاڻو اسان جي چوطرف عمل ۾ ايندو ڏو رهي، ۽ ايترو تہ عام آهي، جو اسين ڪڏهن ان بابت سوچڻ جي ضرورت بہ محسوس ڪونہ ڪريون. اڄ بہ لاهور، ڏلي، آڇ، سيوهڻ ۽ ملتان جون بستيون سنڌ قديم بستين جي آثارن مٿان اڏيل آهن، ۽ هتي قديم عمارتن جا دفن ڏيل آثار آسانيءَ سان ڏسي سگهجن ٿا. پراڻي زماني ۾ جڏهن ڪا جاءِ ڪرندي هئي تہ نئين جاءِ لڳ ڀڳ انهيءَ ڏي بنياد تي، اڳي کان ڪجهہ مٽيرو ڪري آڏي ويندي هئي، ۽ پراڻيءَ جاءِ جو پنجهو سنوت ۾ ويهاري، نئينءَ جاءِ جي فرش ۾ آڏي ڇڏبو هو. هيءَ عمل لاڳيتو هلندو پيو ايندو هو ـــ ايستائين، جو ڪڏهن ڪڏهن جيتري پت زمين جي مٿان بيٺل هوندي هئي، اوتري ڏي زمين جي اندر پوريل هوندي هئي. مشرق قريب ۾ جتي گهڻو ڪري ڪچين سرن

(1) Wooley-Sir Leonard, "Digging up the Past", Pelican Series, P. 13.

جون پٽيون اڏيون وڃن ٿيون ۽ جن جي موڪر ڪافي وڏي رکي وڃي ٿي، آني هيءَ عمل وڏيڪ تيزيءَ سان واقع ٿيندو رهي ٿو. جڏهن هي پٽيون ڪرن ٿيون، تڏهن انهن جو پنجيو تمام گهٽو گڏ ٿي وڃي ٿو، جنهن کي ڪٽي پٽي هنڌ چڏڻ مشڪل ٿو ٿئي. انهيءَ ڪري مٽيءَ کي انهيءَ ٿي جاءِ تي ويهاري، سنوٽ ۾ آڻي، مٽان نئين جاءِ تعمير ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ طرح زمين جو تهه اوچي ڪان اوچو ٿيندو رهي ٿو. شام ۽ عراق ۾ اڪثر ٻوٽ، اِنهيءَ نموني پنهنجي آ بنابل ڏڻن تي، اڄ آباد آهن، ۽ منجهن ڪن هنڌن تي قديم ترين آبادي‌ءَ جا آثار تقريباً سؤ سؤ فوٽ زمين جي هيٺ به ملي سگهن ٿا. اِئين هي دفن ٿيل پٽيون پوءِ وڏيڪ پُرڻ پڇڻ ڪان بچيو وڃن.

انهيءَ طرح جيڪي بستيون برباد ٿي وڃن ٿيون يا خالي ڪيون وڃن ٿيون، وقت جي گذرڻ سان انهن جون پٽيون ۽ چٽيون پڇي ۽ ٽٻي زمين تي ڍڳن جا ڍڳ آ پون ٿيون، جن کي تکيون هوائون ۽ طوفان مٽيءَ ۽ واريءَ جا ڪڪر ڪنيو آهستي آهستي ڍڪيو چڏين. مينهن جي وسڻ سان آڌا مٽي آلي ٿي هيٺ ويهندي رهي ٿي ۽ آهستي آهستي آمن تي سُڪي ٽوٽ ٿيندي ٿي رهي، ۽ پوءِ هزارن سالن جي گذرڻ ڪان پوءِ هڙن دڙن جي کوٽائي ڪري جڏهن پراڻين بستين کي نروار ڪيو وڃي ٿو، تہ اڄين ٿو معلوم ٿئي گويا زمين جي هيٺان ڪو دفن ٿيل شهر کوٽي ڪڍيو ويو آهي!

ڪڏهن ڪڏهن آڇل ۽ اوچتن سببن، مثلاً ٻوڏين، وبائن، باهين يا باهرين حملن ڪري ماڻهو هڪڙيءَ بستيءَ کي چڏي ٻئي هنڌ وڃي آباد ٿين ٿا. پوئتي چڏيل گهر پڇي پري، ڪري پون ٿا، ۽ انهن جي مٿان مٽيءَ جو تهه جمي وڃي ٿو. ڪجهه عرصي گذرڻ ڪان پوءِ انهيءَ ساڳئي هنڌ تي وري هڪ بستي آباد ٿي وڃي ٿي، ۽ اهڙي نموني گهٽا پيرا آباد ٿيڻ ۽ ويران ٿيڻ سان تهن مٿان تهه بنجي

وڃن ٿا. اهڙن ٿهن جي وڏي اهميت آهي، ڇاڪاڻ ته هي ٿهه مختلف دورن ۾ ٺهن ٿا ۽ هر هڪ ٿهه هڪڙي خاص دور يا زماني جي نمائندگي ڪري ٿو. هي ٿهه ڪنهن هنڌ جي مختلف دورن جي مقرر ڪرڻ ۾ ۽ هر دور جي پئي دور سان هڪجهڙائيءَ يا تفاوت جانچڻ ۽ انهن جي ترقيءَ ۽ تنزل کي سمجهڻ ۾ ڏاڍي مدد ڏين ٿا.

علم‌الاثار جي اهميت ۽ ان جي ڪم جي طريقي جي هن مختصر خاڪي جي روشنيءَ ۾ سنڌوماڻريءَ يا ڪنهن بيءَ اهڙيءَ قديم تهذيب جي ڳڙيل پکڙيل ۽ ڏسڻ ۾ بيقيمت باقيات منجهان تڏهوڪي انساني تمدن ۽ معاشرت جا نقشا مرتب ڪيا وڃن ٿا.

———

اڪشاف جو داستان

دنيا جون سڀ پراڻيون تهذيبون درياڻن جي ماڻرين
۾ پيدا ٿيون، ۽ وڏيون ويجهيون. نيل نديءَ جي ماڻريءَ جي
تهذيب، يا دجلہ ۽ فرات جي ماڻرين جي تهذيب، يا ڏاکڻي
ايران جي قارون درياءَ جي تهذيب ـــ اهي سڀ درياڻي ماڻرائن
جون تهذيبون آهن. اهڙيءَ طرح سنڌو درياءَ جي ماڻريءَ ۾ به
اهي سڀيئي صلاحيتون هيون، جي ڪنهن وڏيءَ تهذيب کي
جنم ڏيئي سگهن. پر ڪجهہ سال اڳ تائين، انهن علم‌الاثار
جي ماهرن، جيڪي گهٽي وقت کان مصر ۽ ايران جي جاڙي
وٺڻ ۾ مصروف هئا، هن حقيقت کي نٿي مڃيو تہ ڪو مهراڻ
جي ماڻريءَ ۾ به هڪ سڌريل ۽ سنواريل زندگيءَ جا آڇاڻ
دفن ٿي سگهن ٿا. هند ۽ سنڌ جي قديم تاريخ پراڻن ڪتبن،
سڪندر اعظم جي حملن جي احوال، ياهرين سياحن، جهڙوڪ
فاهيان ۽ هوان‌سانگ وغيره جي سفرنامن، ۽ مقدس ويدن جي
مبهم تشبيهن ۽ استعارن سان پريل آڪاڻين جي آڌار تي جوڙي
ويندي هئي. تنهنڪري اسان کي فقط اها ٿي خبر رهي تہ
آرين کان اڳ هتي هڪ وحشي ۽ اڻ سڌريل قوم آباد هئي،
جنهن جو کو بہ ڏرم ڪونہ هو، جنهن جي چمڙي ڪاري ۽
نڪ ننڍڙا، اصل نہ هجڻ جي برابر، هئا، ۽ جن کي آرين اچي،
فتح ڪري، کين "داس" يعني غلام جو لقب ڏنو هو. ننڍي
ڪنڊ هند-پاڪ جي موريا گهراڻي کان اڳ جي تاريخ نٿي
ملي. ايتريقدر جو ۱۹۰۵ع ۾ مشهور مورخ ونسنٽ سمٿ هن
ملڪ جي تاريخ بابت چيو هو تہ "هندستان ۾ ڪٿ" (ڪنجهو) (۱)
جو زمانو نٿو ملي. يعني هندستان تهذيب جي انهيءَ دور مان

(۱) ٽامي ۽ قلعيءَ جو ملير ڏاتو.

کڏهن کونہ گذريو آهي، جنهن ۾ ڪٿ مان ٿهيل اهڙا اوزار هجن، جيڪي عام طور موجوده دور ۾ ڏسجن ٿا (۱). جيتوڻيڪ اها گاله سراسر غلط آهي، پر انهيءَ ۾ مسٽر سمٿ يا ٻين محققن جو ڪو به ڏوهہ ڪونهي، جاکاڻ تہ نندي ڪنڊ هند-پاڪ ۾ محڪمہ آثار قديمہ جو بنياد ئي سنہ ۱۹۰۲ع ۾ پيو ۽ باقياتي کوجنائن جو ڪم ان کان به گهڻو پوءِ شروع ٿيو.

باقياتي کوجنائون

باقياتي کوجنا جي شروعاتي دور ۾، انهن حوالن جي آڌار تي، جي تاريخي دستاويزن ۽ سفرنامن ۾ موجود آهن، پڌڏرم جي آثارن ۽ عبادت گاهن جي تلاش ڪيندي رهي، ۽ اها اٽڪ ڪرشش ڪئسيلا، ٽلي پتر، نالندا، سانچي ۽ سارناٿ وغيره جهڙن اهم هنڌن جي کوٽ لهڻ ۾ ڪاميياب ٿي. پڌڏرم جي هنڌن ۽ عبادت گاهن جي کوٽ ۾ سنہ ۱۹۲۳ع ڌاري لاڙڪاڻي کان ڪجهہ پري هڪ اِسٽوپا [ٽل = Stupa] جي کوٽائي ڪندي، کي اهڙا حجرا ظاهر ٿيا، جي پوڌي هنڌن جي چئن ئي پاسن کان ٽهل هوندا هئا. هڪ حجري مان ڪجهہ سکا پڻ مليا، جي ڪُشان گهراڻي جي راجا واسديو جي ڏينهن جا هئا. کوٽائي اڃا جاري هئي، تہ اِسٽوپا جي بنيادن پرسان هڪ اهڙي مُهر پڻ ملي، جا شڪل صورت ۾ هڙاپا جي انهيءَ تصويري رسم‌الخط واريءَ مُهر سان ميلي ٿي آئي، جا پنجاه سال اڳ سر الیگزينڈر ڪننگهم (۲) دريافت ڪئي هئي ۽ جنهن جو ذڪر هن سنہ ۱۸۷۵ع واري پنهنجي رپورٽ ۾ ڪيو هو. سنہ ۱۹۱۲ع ۾ ڊاڪٽر فليٽ کي به

(۱) Smith, V. A: "The Copper Age and Prehistoric Bronze Implements of India", Indian Antiquary XXXIV (1905), p. 229.

(۲) Sir Alexander Cunningham

اهڑي قسم جون مهرون ملیون هيون (۱). پر انهيءَ پراڻيءَ تهذيب تان اڄڪلهه پردي هٽائڻ وارن کي اها سڌ ئي ڪانه هئي ته انهيءَ پردي پويان ڪا پوري لڪل آهي، جنهن جو روشن مکڙو تاريخ جي انهيءَ اونداهي دؤر کي پڻ روشن ڪندو.

انهن ڏينهن ۾ هڙاپا ۾ پڻ ڪوٽائيءَ جو ڪم هلو هو ۽ اتي به انهيءَ قسم جون مُهرون، جنهن سالميءَ وارا مٽيءَ جا ٽانو، پڪل مٽيءَ جا بوتل ۽ پهرن ڪيترين شين لڏيون ويون، جي هند-پاڪ جي پهن سڀني علائقن مان لڏل باقيات کان ٻنهه ٻڌي قسم جون هيون.

سر جان مارشل انهيءَ وقت آڪاڙ قديم جي ڪاتي جو ڊائريڪٽر جنرل هو. تهذيب جي 'شهرين' جي 'فرمادن' کي هينئن 'ٽڪرن ٽاڪ' مان جيڪو باقياتي خزانو حاصل ٿيو هو، سو جڏهن سنه ۱۹۲۴ع ۾ هڪ هٽ ڪڍ ويو، تڏهن ان جي بي‌مثال هڪجهڙائي ڏسي، خبر پئي ته هيءَ ته 'موسيٰ کي باهر ملڻ بدران پيغمبري' ملي آهي، ۽ اها ڳالهه پڌري ٿي ته هڪٻئي کان چار سو ميل پري، سوهن جي ڊڙي ۽ هڙاپا ۾، اصل هڪ ئي تهذيب وارا ماڻهو رهندا هئا. ۽ انهن ٻنهي علائقن ۾ رهندڙن جي رهڻي ڪهڻي، انهن جي سماجي جوڙجڪ، انهن جي سيڻتا ۽ انهن جا عقيدا سڀ هڪجهڙا هئا.

دريافت ٿيل باقيات جي اها حيرت ۾ وجهندڙ هڪجهڙائي، علم‌الاثار جي استادن لاءِ بيحد ڏيان ڇڪائيندڙ ثابت ٿي ۽ آن سندن اڳيان غور ۽ فڪر لاءِ هڪ زبردست مسئلو ۽ تجربي لاءِ هڪ وڏو ميدان پيش ڪيو، ايتري قدر جو هن ڏس ۾ آئيندہ جي ڪوشش جو بنياد انهيءَ ڳالهه تي رکيو ويو ته ڏندڪٿائن ۽ عام رواجي آکاڻين تي ڏيان نه ڏيئي، ڏن نندي ڪنڊ جي پراڻيءَ تاريخ کي صحيح سائنسي نموني تي

(۱) تفصيل لاءِ ڏسو Fleet, I. F. - 'Seals from Harappa' J. R. A. S. 1912, P. 699

ڏاهيو وڃي ؛ چنانچہ آڻيءَ لاءِ هڙاپا ۽ موهن جي ڏڙي جي ڪوٽائيءَ جو ڪم وڏي پيماني تي شروع ڪيو ويو.

هڙاپا ۽ موهن جي ڏڙي جي وچ ۾ چار سؤ ميلن جو مفاصلو آهي ۽ ڪا به تهذيب هڪ جاءِ تان ٻيءَ جاءِ تي ٽپو ڏيئي ڪانہ ٻهچندي آهي! تنهنڪري جو اثر پسگردائيءَ جي علائقن تي پوندو، پکڙندو ۽ وڌندو آهي. تنهنڪري اڄ گهالهہ تسليم ڪئي ويئي تہ پراڻي زماني ۾، هنن ڇٽن سون ميلن جي اندر هڪ ئي تهذيب موجود رهي هوندي. انهن هنڌن جي باقيات جي جڏهن اهميت معلوم ٿي، تڏهن اهڙن قسمن جي پين کنڊرن جي به کوٽا شروع ٿي. سنہ ١٩٢٥ع ۾ موهن جي ڏڙي مان لڌل ڪجهہ باقيات ۽ انهن جو احوال سنڌ جي مختلف ضلعن جي ڪليڪٽرن ڏانهن موڪليو ويو، تہ هو پنهنجيءَ پنهنجيءَ حد ۾ انهن شين سان مشابهت رکندڙ باقيات جو جتي جتي کو ڏس يا نشان معلوم ٿئي، تہ ان جو محڪمہ آثار قديمہ کي اطلاع ڏين. مسٽر اين. جي. مجمدار کي انهن علائقن جي باقياتي کوجنا جي ڪم تي مقرر ڪيو ويو، ۽ ان صاحب سن ١٩٢٧-١٩٣١ع جي وچ ۾ چانهوءَ جو ڏڙو، غازي شاهہ، لوهري، علي مراد، آمري، جهڪر، ۽ جهانگر وغيره ۾ ڪيٽ واري زماني جي وڏن آبادين جا نشان ڳولي لڌا. سن ١٩٣٨ع ۾ ان صاحب ڪيرٿر ٽڪرين جي ماڙيءَ ۾ پڻ پيا اهڙا ڪيئي نوان هنڌ دريافت ڪيا. صاحب موصوف جي ٽاهيل رپورٽ (١) مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌوماڙيءَ جي ٻن قديم تهذيبن سان لاڳاپو رکندڙ علائقا اتر سنڌ ۾ ڊڪ سنڌ جي انهيءَ قديم رستي تي آباد هئا، جيڪو لڪيءَ [ٽيرٽ لڪي، لڪي شاهہ صدر] جي ويرسان سنڌو دريا سان وڃي ملي ٿو. بهرحال اها کوجنا سنڌو دريا جي ڪنارن

(١) Majumdar, N. G - "Explorations in Sind" M. A. S. I. no. 48, Delhi 1934.

تائين ٿي محدود رهي.

سنہ ۱۹۲۹ع ۾، مشرقي پنجاب جي ضلعي انبالا ۾ ڪوٽلہ نهنگ، ۽ سنہ ۱۹۳۵ع ۾ ڪائياواڙ ۾ رنگ پور وٽ انهيءَ قسم جي تهذيبن جا مرڪز دريافت ڪيا.

سنہ ۱۹۲۵ع تائين موهن جي دڙي ۽ هڙاپا ۾ جيڪا کوٽائي ۽ کوجنا ڪئي ويئي، ان مان جيڪي نتيجا حاصل ڪيا ويا، انهن کي سر جان مارشل ٽن جلدن ۾ شايع (۱) ڪرايو، جن مان پهرين ٻن جلدن ۾ دريافت ڪيل باقيات تي پرپور تبصرو ڪيل آهي ۽ ٽئين جلد ۾ باقيات جون تصويرون ۽ چڙيا ڏنل آهن. سنہ ۱۹۲۷ع کان ۱۹۳۱ع تائين مسٽر اي. جي. ايچ مڪي موهن جي دڙي جي وڌيڪ کوٽائي ڪرائي، ۽ پنهنجي تحقيقات کي جدا ڪتاب ۾ شايع ڪيو (۲). سن ۱۹۲۶ع کان ۱۹۳۱ع تائين مسٽر ماڊو سروپ وتس، هڙاپا ۾ وڌيڪ کوٽائي ڪرائي، ۽ جدا پنهنجي رپورٽ شايع ڪئي (۳).

سنڌوماڻريءَ جي تهذيب جو، سنڌ جي اولهه وارن علائقن ۽ خاص طرح مغربي پاڪستان جي مغربي سرحدن سان لاڳو ملڪن جي تهذيب سان تعلق هجڻ، هڪ وڏي اهميت رکي ٿو. جو تہ سُميري ۽ بابلي تهذيبن جا دور مقرر ٿي چڪا آهن، جن جي مدد سان اسان هيتان جي تهذيب جو زمانو يا ان جي تاريخ جو تعين ڪري سگهون ٿا. بلوچستان آنهن ايراضين جي وچ ۾ واقع هڻ سبب، هيتن تهذيبن جي گويا هڪ ڪنڊيارپي جي حيثيت رکي ٿو، ۽ انهيءَ ڪري ٿي

---

(۱) Marshall, Sir John, - "Mohenjodaro and Indus Civilization", Vols. 1-3, London, 1931.

(۲) Mackay-E.J.H. "Further Excavatious at Mohenjo-daro", 2 Vols. Delhi, 1938.

(۳) Vats M.S. "Excavations at Harappa",2 Vols. Delhl, 1949.


افغانستان
سنڌو درياءَ
سنڌ
عربي سمنڊ
سنڌ وماڻهون تهذيبي وسيبون
ماپ ميلن ۾

موهن جو دڙو
وڏو هوض يا ٻيو ٻيلو
مهراڻ جو ڪنارو
مهراڻ جو ڪنارو
ڪنڊيارو
ڪنڊيارو
ڪنڊي

هِتي کافي ڪم ڪيو ويو آهي. اتر ۾ ڏکڻ بلوچستان جي پهاڙي علائقن ۾ سر آريول اسٽائن ۽ هارگريوز، وڏيءَ محنت ۽ ڪوشش سان، باقياتي کوجنا ڪئي آهي. مسٽر هارگريوز (١) سنہ ٢٥-١٩٢٦ع ۾ 'نال' وٽ هڪ اهم قبرستان دريافت ڪيو، ۽ اهڙيءَ طرح سر آريول اسٽائن (٢) به سنہ ٢٦-١٩٢٨ع جي وچ ۾ گهٽيون ٽي مڪيم جايون ڳولي لڌيون، جن ۾ ستگاجن دور، شاهي تمپ، ماهي، نڊندر، دبرڪوٽ، پيراٽو گندئي، مغل گندئي، شور ۽ جنگل قابل ذڪر آهن.

سنہ ١٩٣١ع ۾، اقتصادي مشڪلاتن سبب کوٽائيءَ ۽ باقياتي کوجنا جو ڪم بنهہ بيهي ويو، ۽ پندرهن سالن جي وڏي عرصي بعد ڊاڪٽر سر آر. اي. ايم. وهيلر، ١٩٤٦ع ۾ نئين طريقي سان کوٽائي شروع ڪرائي، ۽ هڙپا جو مشهور و معروف 'شهرپناه' دريافت ڪيو. پاڪستان جي قيام کان پوءِ، ڊاڪٽر وهيلر، پاڪستان حڪومت جي محڪمہ آثار قديم جي صلاحڪار جي حيثيت سان، اِها ڳالهہ چاڻڻ لاءِ تہ موهن جي دڙي جي آبادي شهر پناه جي اندر هُئي يا نہ، آن شهر جا قديم ترين رهاڪو ڪير هُئا، ۽ هِن تهذيب جو عروج ڇا هو، ۽ ان جي زوال جي شروعات ڪيئن ٿي؟ — ١٩٥٠ع ۾ هِن دڙي جي وڌيڪ ڪجهہ کوٽائي ڪئي. پر منزل اڃا پري آهي. هِن مهل تائين اِنهيءَ پراڻيءَ آباديءَ جي دڙي جو ڏهون حصو ئي مس صاف ٿي سگهيو آهي.

---

(١) Hargreaves H- "Excavations in Baluchistan" M.A.S.I. no.35. Delhi, 1927.

(٢) Stien, Sir. A.- (i) An Archaeological Tourin Waziristan and Northern Baluchistan- M.A.S.I. no 37. Dehi,1929.
(ii) An Archaeological Tour in Gedrosia, M.A.S.I. no.43, Delhi, 1931.

هندستان ۾ مسٽر آجئي گهوش، ۱۹۵۱ع ۾، گهاگر درياءَ جي سڪل پيٽ جي ٽپاس ڪئي، ۽ جيسلمير ۽ بيڪانير جي ايراضين ۾ سنڌوماٿريءَ جي تهذيب جي دور جون انڪل ۲۵ نيون بستيون دريافت ڪيون.

حڪومت جي ڪوششن سان گڏوگڏ ڪن تحقيقي ادارن ۽ علم‌الاثار جي ماهرن ذاتي طور به انهيءَ سلسلي ۾ ڪافي ڪم ڪيو آهي. چنانچه، سنه ۱۹۳۵ع کان ۱۹۴۵ع تائين مسٽر مڪي جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ آمريڪي اداري جي مدد سان چانهوءَ جي ڏڙي جي، ضلعي نواب شاه ۾، کوٽائي ڪرائي ويئي (۱). مسٽر اي. جي. راس زوب ۽ لورالائيءَ جي علائقن ۾ قابل قدر باقياتي کوجنا ڪئي. ۱۹۴۶ع ۾ اسٽوڙٽ پيگٽ کوٽيتا ۾ نئين قسم جا مٽيءَ جا ٽانوَ لڌا ۽ پنهنجي کوجنا جو احوال پنهنجي ڪتاب "پري هسٽاريڪ انڊيا" ۾ شايع ڪيو (۲).

سنه ۱۹۵۰ع ۾ (۳)، مس بي. ڊي. ڪارڊي، پاڪستان جي حڪومت جي مدد سان، بلوچستان ۾ کوجنا ڪئي، ۽ نوگاؤ جي ايراضيءَ ۾ اهڙا باقيات گهوليا لڌا، جن جي تاريخ هڪ هزار سال قبل مسيح کان ۱۲۰۰ قبل مسيح شمار ڪئي ويئي آهي، ۽ جي پئي سيالڪ دور (۴) (ايران) ۽ سمير ۾ لڌل مٽيءَ جي ٽانون سان مشابهت رکن ٿا. ۱۹۵۱ع ۾

---

(۱) Mackay, E.J.H.- "Chanhudaro - Excavations", 1935 - 36.

(۲) Piggot Stuart- Prehistoric India, (Penguin Series) Middlerex, 1950

(۳) Miss B. de Cardi- "On the Borders of Pakistan- Recent Exploration", (Art and Letters, Royal India, Pakistan and Ceylon Society) No· 2. (1950)

(۴) Sialk ii

نيچرل هسٽري ميوزم، نيويارڪ، جي طرفان مسٽر والٽر فيرسروس (۱) به بلوچستان ۾ باقياتي کوجنا ڪئي، ۽ هُن کي آتي کِڙي گل محمد جي هنڌ تي پوئين پٿر واري زماني جي شروعاتي دور جا تهه مليا. آنهيءَ دور جي ماڻهن کي مٽيءَ جا ٽانو ٺاهڻ کونہ ايندا هئا. اهڙيون بستيون عراق ۾ جرمو ۽ اُردن ۾ جريڪو جي هنڌن تي به دريافت ٿيون آهن.

سنہ ۱۹۵۲ع ۾، هارورڊ يونيورسٽي (آمريڪا) جي پي. بادي ميوزم جي طرفان ڊاڪٽر هينري فيلڈ ۽ محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان جي طرفان راقم الحروف گڏجي، ڏکڻ بلوچستان ۾ تربت کان مند جي رستي ۽ پوءِ تربت کان خوشاب، پنجگور، ناگ، قلات، سراب ۽ کوئٽا جي رستي کوجنائي سفر ڪيو، ۽ انهيءَ سفر ۾ ڪيچ ماڻري ۽ وچ مڪران جي ۲۳ پراڻن ڏڻن تان باقيات جون شيون جمع ڪيون. هِن ساڳيءَ کوجنائي جماعت بهاولپور ۾ چولستان جي رڻ پٽ ۾ پراڻي درياءَ هاڪڙي جي سڪل پيٽ جي ڪنارن تي ڏهہ نوان قديم هنڌ لڌا. هِن جماعت جي گولي لڌل باقيات تي محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان جي ناظم ڊاڪٽر فضل احمد خان تحقيق ڪئي آهي، جنهن جي رپورٽ آمريڪا ۾ شايع ٿي رهي آهي (۲).

افغانستان ۾ موسيو ڪزال ۽ موسيو راؤل ڪيوريل جي

---

(۱) Fairservis. W.A - "Preliminary Report on the Pre- historic. Archaeology of Afghanistan- Baluch Areas", NOVITATES, American Museum of Natural History, No. 1587, (I952).

(۲) Khan, Dr. F.A.- "Fresh Sidelights on Indus Valley and the Bronze Age", Orient Annual Report of the Institute of Archaeology, London, 1955, PP. 55- 68.

اڳواڻيءَ ۾ آثار قديم جي فرينچ ماهرن جي هڪ جماعت قندار جي پرسان منڊي گاڪ وٽ کوٽائي ڪرائي، جتان سنڌوماڻريءَ جي باقيات سان مشابهت رکندڙ باقيات جون شيون مليون آهن. اهڙيءَ ريت سنڌوماڻريءَ جي باقيات جهڙا باقياتي نشان ايران ۾ پڻ لڌا آهن، جن تي پڻ ڊاڪٽر فضل احمد خان تحقيق ڪئي آهي.

سنہ ۱۹۵۵ع ۾ هندستان جي آثارقديم جي محڪمي، ضلعي احمدآباد (بمبئيءَ) ۾ لوٿل جي هنڌ تان اهڙيون باقيات جون شيون لڌيون آهن، جيڪي لوٿل ۽ سنڌوماڻريءَ جي ڳهاڻي لاڳاپي کي ظاهر ڪن ٿيون. اهڙيءَ ريت سنہ ۱۹۵۶ع ۽ ۱۹۵۸ع ۾، پاڪستان جي آثار قديم جي محڪمي طرفان ڊاڪٽر فضل احمد خان ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ کوٽائي ڪرائي، جتان پڻ ڪيتري ئي قيمتي معلومات حاصل ٿي (۱).

مطلب تہ گذريل پنجاهہ ڪن سالن کان هِن قديم تهذيب جي اصل صورت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لاڳيتيون ڪوششون ٿي رهيون آهن. هن کوجنا ۽ تحقيق جي جدوجهد ۾ آثار قديم جي ڪيترن ئي ماهرن حصو ورتو آهي، جن پنهنجي اوچ ڪوشش ۽ محنت وسيلي اسان جي گذريل زماني جي ڪيترين ئي گم ٿيل ويل حقيقتن کان اسان کي واقف ڪيو آهي.

سنڌوماڻريءَ جي تهذيب جي دور ۽ زماني جي باري ۾ تفصيل سان ڳالهہ ٻولهہ يارهين باب ۾ ڪئي ويندي. پر اڳتي وڌڻ کان پهريائين کي ابتدائي ڳالهيون اسان جي رهنمائيءَ لاءِ ضروري آهن.

سنڌوماڻريءَ ۽ بلوچستان ۾ کيترائي پٿر جا قديم اوزار لڌا ويا آهن. ائين معلوم ٿو ٿئي تہ آهي روهڙيءَ ۽ سکر جي هنڌن تان لڌل ابتدائي پٿر جي اوزارن جي سڌريل

(۱) Khan, Dr. F.A- "Kotdiji, Preliminary Report on Kotdiji Excavations", 1956- 58, Karachi.

شڪل وارا اوزار آهن ، ۽ ٿي سگهي ٿو ته هي اوزار ماڻهن جي آنهيءَ ٽولي جي استعمال جا اوزار هجن ، جيڪي سڀ کان پهريائين روهڙيءَ جي هنڌ تي آباد ٿيا ، ۽ جن پوءِ ٻين هنڌن تي پنهنجو اثر پيدا ڪيو هجي .

پٽر جا گهڙيل ڏڳها ۽ سنها ڪار ، سنڌو ماڻريءَ ۾ هڙاپا ، موهن جي دڙي ، آمري ، ڪوٽ ڏيجيءَ ۽ انهيءَ زماني جي ٻين بستين مان حاصل ٿيا آهن ، ۽ آهي روهڙيءَ ۽ سکر وارن هنڌن جي پٽر جي صنعت جو حصو معلوم ٿين ٿا ، ۽ ٿي سگهي ٿو ته آهي پٽر جي دور ۽ ڪٻٽ جي دور جي تاريخ جي گم ٽيل ڪڙي هجن . فيرسروس ڪٻٽ جي دور کان اڳ واري دور جا انهيءَ قسم جا ٽهيل پٽر جا اوزار ڪيڙي گل محمد (بلوچستان) ۾ لڌا آهن . هتان جا رهاڪو ڪچيءَ مٽيءَ جي گهرن ۾ رهندا هئا ، ريڍون پالينڌا هئا ۽ شايد کيتي به ڪندا هئا . ڪنهن مضبوط دليل جي نه هڻڻ ڪري انهن جي تاريخ جو دور مقرر ڪرڻ مشڪل آهي ، پر عام طور ڪيڙي گل محمد جي ڪلچر کي چار هزار سال مسيح کان اڳ جو ڪلچر چئي سگهجي ٿو . زوب ماڻريءَ ۾ شروعاتي آبادين جا ڪي نشان ملن ٿا . بلوچستان ۾ راڻا گنڊيءَ ۾ آبادين جا پنج تهه دريافت ڪيا ويا آهن ، جن تي اسٽوئرٽ پگٽ تحقيقات ڪئي آهي ۽ انهن جا نالا آر . جي . ۱ کان ۵ تائين رکيا آهن . انهن تهن جون خصوصيتون هڪٻئي کان بلڪل جدا جدا آهن . مثلاً آر . جي - ۱ جا رهاڪو هٿ جا ٽهيل سادا ٿانو ۽ پٽر جا اوزار استعمال ڪندا هئا ، جانور پالينڌا ۽ جهوپڙين ۾ رهندا هئا . آر . جي - ۲ جا رهاڪو چڪ تي ٿانو ٺاهيندا هئا ، ۽ انهن تي پهريائين ڳاڙهي ۽ هيڊي رنگ جو تهه ڏيئي ، آن مٽان وري ڪاري رنگ جي مصالحي سان چٽسالي ڪندا هئا ، جيڪا چٽسالي ڏڳي ، هرڻ ۽ ڪاري نر چيتل جي تصويرن جهڙي هوندي هئي . هيءَ ڳالهه ڏاڍي

دلچسپ آهي تہ انهيءَ قسم ۽ اهڙين ٽي تصويرن وارا ٽانو، حصار (ايران) جي تهہ نمبر ١ ۾ لڌل ٽانون سان گهڻي مشابهت رکن ٿا، ۽ ظاهري طور اهو ناممڪن به نہ آهي تہ چار هزار سال قبل مسيح جي آخري اڌ صدين ۾ آهي اثرات ايران کان بلوچستان پهتا هجن. بهرحال آر. جي-٣ ۾ تهذيب وڌيڪ ڪجهہ ترقي ڪئي، ۽ آتي پٽرن جي بنيل نشانن تي ڪچين سرن جون پتيون ٺهيل ڏسڻ ۾ ويون. آتي ٽامو استعمال ٿيڻ شروع ٿيو. مٽيءَ مان ٺهيل خوفناڪ شڪلين وارين عورتن جون مورتيون ٻڌ اتان هٿ آيون آهن. هيتان جدا جدا رنگن وارا مٽيءَ جا برتن ٻڌ لڌا ويا آهن، پر گهڻو تعداد هڪ رنگ جي ٽانون جو آهي. آنهيءَ قسم جا مٽيءَ جا ٽانو هڙاپا جي 'شهر پناهہ' جي بنيادن مان به لڌا ويا آهن. چوٿين ۽ پنجين تهہ جون باقياتي شيون سنڌو ماڙيءَ جي تهذيب کان پوءِ جي دور سان لاڳاپا رکن ٿيون.

پي مڪيم دريافت ڪوئيٽا مان حاصل ٿيل مٽيءَ جا ٽانو آهن. انهن ٽانون جو تر اڇاڻ مائل ڳاڙهو، ميٽائون ۽ سائيري رنگ جو آهي، جن جي مٿان هيڏي ۽ پوري رنگ جي مصالحي سان سڌيون ليڪايون ۽ ڪنڊائتيون شڪلين ٺهيل آهن، جيڪي، پروفيسر پگٽ جي خيال موجب، 'تل باڪون (Tal-e-Bakun)، سُوسا تهہ ١ (Susa I)، گيان تهہ ٥ (Gaayen. V) ۽ سيالڪ تهہ ٣ (Sialk. III) سان مشابهہ آهن - ۽ انهن جي تاريخ انڪل ٣٠٠٠ قبل مسيح آهي. آمريءَ جا ٽانو سنهڙا آهن، ۽ انهن جو تر ميٽائون ۽ هلڪي ڳاڙهي رنگ جو آهي، ۽ انهن تي سڌ ليڪايون شڪلين ٺهيل آهن. هي ٽانو سنڌو ماڙيءَ جي تهذيبي دور جي ٽانون کان ٿورو اڳ جا آهن. امڙيءَ طرح هڪ ٻيو ڪلچر جيڪو سنڌو ماڙيءَ جي تهذيب کان اڳ ۾ پيدا ٿيو، پر انهيءَ زماني تائين موجود رهيو، آهو آهي نال جي قبرستان جو

ڪاڇر. هتي جُزوي ۽ مڪمل دفنائڻ جا نشان مليا آهن، پر جزوي دفنائڻ جو رواج عام ٿو معلوم ٿئي. انهن قبرن مان هيڊي يا مائيري خاڪي رنگ جا ڏانوَ مليا آهن، جن تي جدا جدا نمونن ۾ ڪاري، ليري، هيڊي ۽ ڳاڙهي رنگ جون ڊزائينون نڪتل آهن. هتان ڏاميِ جون پيٽل ڪهاڙيون ۽ چاقو جا ٽڪر به لڌا آهن. ڪِڙي ماهيءَ (Kili Mahi) جا ڏانوَ خاڪي رنگ جا آهن، جن تي جانورن ۽ قدرتي منظرن جون تصويرون چٽيل آهن. اهي ڏانوَ عراق جي شاهي گهراڻن جي دور کان اڳ واري دور جي ڳاڙهي رنگ ۾ مٽيءَ جي ڏانون سان مشابهت رکن ٿا ۽ انکي به هزار ڇهه سو سال قبل مسيح جا آهن.

مطلب ته سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب عراق جي سارغن يا سارگن جي عڪادي دور جي همعصر هئي. سارگن جو زمانو انڪل ۲۳۵۰ قبل مسيح چيو وڃي ٿو، جو ته به هزار سال مسيح کان اڳ سارگن جي پٽ نارامسن جي مرڻ بعد گوتي ۽ ٻيا قبيلا عراق ۾ ڪاهي آيا هئا.

موجوده تحقيقات مان اهو اندازو لڳايو ويو آهي ته به هزار ڀي سو سال مسيح کان اڳ ۾ سنڌو ماڻري هڪ وڏيءَ حڪومت جو مرڪز هئي، جنهن جا به گاديءَ جا هنڌ هئا ـــ هڪ هڙاپا، جو راويءَ جي مشرقي ڪناري تي واقع هو، ۽ ٻيو موهن جو دڙو، جنهن جي عظمت جا نشان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڊوڪريءَ جي اسٽيشن کان ۶ ميل پري سنڌو درياءَ جي ڪناري تي موجود آهن. هڙاپا ۽ موهن جو دڙو غالباً هڪ ئي حڪومت جا به همعصر گاديءَ جا هنڌ هئا (۱). هونئن ته هيءَ ڳالهه عجب جهڙي ٻيٿي معلوم ٿئي. پر اهڙا مثال تاريخي دور ۾ پڻ ملن ٿا، جن ۾ هڪ ئي حڪومت

(1) Piggott, Stuart – Prehistoric India, P. 150.

جا ۾ ڪاديءَ جا هنڌ هجن. پروفيسر ڪِٽ انهن جي مشابهت ۽ ٻيءَ صديءَ عيسويءَ جي ڪشان عهد جي ٻن هممصر تخت گاهن، پشاور ۽ مٿرا جو مثال ڏنو آهي. اهڙيءَ طرح ٽائين صديءَ عيسويءَ ۽ مغربي پاڪستان ۽ عربن جي اقتدار جي زماني ۽ آنرينءَ حڪومت جو تخت گاهه ملتان (هڙاپا جي پرسان) ۽ ڏاکڻي حصي جو تخت گاهه "منصوره" (موهن جي دڙي جي پرسان) موجود هئا. (۱)

جاگرافيائي پس منظر

سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جا مکيه مرڪز، اتر اولهه سرحدي علائقن ۽ ڪشمير کي ڇڏي، باقي ساري مغربي پاڪستان ۾ پکڙيا پيا آهن. تنهنڪري انهن جي اڀياس ڪرڻ لاءِ ان علائقي جي جاگرافيائي پس منظر جو جائزو وٺڻ نهايت ضروري آهي.

سنڌو ماڻ يءَ جو علائقو ايران ۽ افغانستان جي مٿانهين پٽ جي اوپر ۾ آهي. پراڻي زماني ڪان ٽي وٺي، سنڌو ماڻري ۽ آنهيءَ مٿانهين پٽ جي وچ ۾ تهذيبي ۽ واپاري تعلقات قائم رهيا آهن. هن سرزمين جي ڏکڻ اولهه ۾ پاڪستان جو ساموندي ڪنارو، ايراني نار جي ساموندي رستي ۽ عربي سمنڊ جي ذريعي سنڌو ماڻريءَ کي پين ملڪن سان ملائي ٿو. اتر ۾ همالين ۽ اوپر ۾ راجپوتانا جي ريگستان جي واقع هڻ ڪري، هيءَ علائقو هڪ جاگرافيائي ايڪائي ٿي پيو آهي، جنهن کي قائم رکڻ ۾ سنڌو درياءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي.

اڇڪلهه بلوچستان جو علائقو ويران ٽڪرين، وڻن ٻوٽن کان وانجهيل مٿانهين پٽ ۽ خشڪ واريامي رڻ پٽ وارو علائقو آهي. مڪران جي ڪناري کان وٺي ايراني سرحد

(۱) Wheeler-R.E.M. - Five Thousand Years of Pakistan, P. 30

جي آخري مقام گوادر تائين ڏن سئون ميلن جي علائقي ۾ رڳو واريءَ جا ڏڙا آهن. انهيءَ ڪناري واري پٽي جي مٿي کان، اٽر کان ڏکڻ، ست هزار فٽ بلند پهاڙن جو هڪ ڳهاڻو سلسلو آهي. انهيءَ سلسلي جي وچ ۾ نالا، حب ۽ پين ڏريائن جون ماڻريون آهن. ان جي اٽر ۾ خاران ۽ قلات جا مٿانهان علائقا آهن، جن ۾ بال گترگدر ۽ جهالاوان جا خشڪ ميدان ۽ رخشان ۽ سرچشمي جون ماڻريون آهن. انهيءَ جي اٽر ۾ وري پشين، شبستان ۽ هلمند جا خيابان آهن. هتي ماران پهاڙ ۽ پيا پهاڙ به آهن، جي ڏهه هزار فوٽن تائين بلند آهن. ٽورو پري، ڪوئٽا جو شهر بولان لنڪ جي مٿان اٽن پراڻي رستي تي بيٺل آهي، جو قندار کي سنڊو ماڻريءَ سان ملائي ٿو.

سنڊ ۾ سکر بيراج ۽ ڪوٽڙي بيراج مان نڪتل واهن مان جي علائقا سيراب ٿين ٿا، انهن کي ڇڏي، باقي سڄو علائقو خشڪ ۽ غيرآباد پيو آهي. ڪراچيءَ کان مٿان ڪيرٿر ٽڪرين جون قطارون آهن، جن جي ماڻرين ۾ ڪٿي ڪٿي قدرتي چشمن جي ڪري ڪي خيابان آباد آهن. اٽر ۾ لاڙڪاڻي جي پرسان زمين ۾ ڪلر گهڻي انداز ۾ مليل آهي. گرمي پڻ بيحد سخت ٿئي ٿي، ايتري قدر، جو وٽن جي چانوڻ هيٺ به گرميءَ جو پارو ١٢٠ ڊگريءَ تائين هوندو آهي. سڄ جي گرميءَ ڪري زمين جي آلاڻ اڏامي وڃي ٿي، جنهنڪري زمين جي تهه تان سنهيءَ مٽيءَ ۽ دز جا ڪڪر ڏوريءَ هوا تي به اڏامندا رهن ٿا. ڪٽي ڪٽي جهنگلي وڻ پوٽا ۽ ڪنڊ ڏٺي ٿي، نه ته پيو ٽيو خير.

اهڙيءَ سرزمين ۽ اهڙيءَ آبهوا ۾ هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جهڙا شاندار شهر، جن جي آبادي ڏن ڏن ميلن جي ايراضيءَ ۾ پکڙيل سمجهي وڃي ٿي، آباد ٿين، اها اعتبار جوگي ڳالهه ٿي نه آهي. تنهنڪري اِها ڳالهه مڃڻي ٿي پوي ته انهيءَ دور ۾ هن سرزمين جي فضا سازگار ۽ آبهوا موافق ۽

جاگرافيائي حالات ضرور بدليل هوندا.

اچو تہ ڏسون تہ هن علائقي جو باقياتي پس منظر آن جي اڄ کان پنج هزار سال اڳ جي جاگرافيائي حالت جي اندازي لڳائڻ ۾ اسان جي کڻي مدد ٿو ڪري.

سنڌو ماڻريءَ کان وڌيڪ بلوچستان جي قديم آبهوا جي باري ۾ اسان کي شاهديون ۽ نشان ملن ٿا. مڪران، فاران ۽ جهالاوان جا علائقا، جي ڏکڻ بلوچستان ۾ آهن، ۽ جتي تاريخ کان اڳ جي کيترين ئي آبادين جا نشان ملن ٿا، آهي اچلهه ڏاڍا غيرآباد علائقا آهن. فاران ۾ تہ هڪ ميل جي ايراضيءَ ۾ سراسري طور پر ماڻهو آباد آهن، ۽ اُنهيءَ آباديءَ جو به ڇڪو موچارو حصو خانہبدوش قبيلن جو آهي. آهي 'بستيون' جن جي باري ۾ اسين لکي رهيا آهيون، اڄ اڄڙيل غيرآباد ڏڻن جي شڪل ۾ ڏسجن ٿيون، ۽ انهن جي مٿان مٽيءَ ۽ ٽڪرين جا ڍير موجود آهن، پر آهي ساڳيون ويران ۽ غيرآباد بستيون ڪنهن زماني ۾ صدها سال لاڳيتو آباد ۽ وسندڙ هيون.

ڪولوا جي علائقي ۾ به اهڙيون کيترين ئي قديم آبادين دريافت ٿيون آهن، ۽ اڄ به آهي علائقا مڪران جا سڀ کان زرخيز علائقا شمار ٿين ٿا. جڏهن هيتي سينهن پوندو آهي، تڏهن اڄ به هيتي آن ايترو گهٽو ٿيندو آهي، جو باهر موڪليو ويندو آهي. پر اهڙا سينهن هاڻي هتي ڪڏهن ڪڏهن ئي پوندا آهن، ۽ کيتيءَ جا اهڙا سهڻا موقعا اتفاق سان ئي هنن ماڻهن کي حاصل ٿين ٿا. ۽ جيئن تہ ماڻهو هميشہ رڳو قدرت جي مهڙيءَ انفاقيہ مهرباني ۽ فياضيءَ تي ئي نڀر تڪيو سگهي، تنهنڪري هيتان جي گهٽي آبادي خانہبدوش قبيلن جي آهي ۽ ان کان سواءِ هنن لاءِ پيو ڪو چارو به ڪونهي. جيڪڏهن اسين اڄڪلهه تہ موجوده وقت ۾ خانہبدوشي سندن هڪ پيشو ئي پيئي آهي، تہ غلط نہ ٿيندو، ڇو تہ کيتيءَ جي ڪم

لاءِ غيريقيني ۽ ناسازگار حالتون هينن ماڻهن کي انهيءَ لاءِ مجبور ٿيون ڪن تہ هو سياري ۾ پنهنجي پيٽ قوت لاءِ سنڌ جي آباد ميدانن ڏانهن لڏي وڃن. سنڌ جي ميدانن ۾ اهڙيءَ طرح هو انهن سرد برفبار هوائن کان بہ بچن ٿا، جي سياري ۾ انهن علائقن ۾ لڳندڙيون آهن. وري جڏهن سنڌ ۾ گرميءَ جي موسم شروع ٿئي ٿي، تہ هو بچايل رقم مان کاڌي پيتي جو سامان ۽ ٻيون ضرورت جون شيون خريد ڪري، واپس وطن ورن ٿا. جيڪڏهن هو اِها منداڻتي لڏپلاڻ نہ ڪن، تہ پن ٽن سالن ۾ ٿي وڻن ڏڪار جهڙيون حالتون پيدا ٿي پون.

اِهو تہ صاف ظاهر آهي تہ اِها منداڻتي لڏپلاڻ ۽ خانہ بدوشي تہ اهڙا وڏا وڏا ٽُل ۽ ڏڙا پيدا نٿي ڪري سگهي، جيڪي ڪٿي ڪٿي تہ سؤ سؤ فوٽ اوچا آهن. هي ٽُل ۽ ڏڙا دراصل انهيءَ ڳالهہ جو پرپور ثبوت پيش ڪن ٿا تہ هتي هڪ وڏي عرصي تائين مستقل بستيون آباد هونديون هيون، ۽ تاريخي دور کان اڳ هتي جا ماڻهو لازمي طرح کيتيءَ تي گذران ڪندا هوندا ۽ آهي هينن علائقن ۾ مستقل طور رهندا هوندا، جتي اڄ انسان جي شڪل ڪٿي ڪٿي مس ٿي نظر اچي.

بلوچستان جي باقياتي نشانن جي کوجنا ڪندي، سر آريول اِسٽائن ۽ ٻين آثار قديمہ جي ماهرن جي سامهون هتان جي آبهوا ۽ آبادي‌ءَ جو مسئلو بہ رهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ آنهن پٽرن جا ٿيل کيترائي نقلي بند ۽ لهوارا ڇبوترا، جن کي جهلاوان جي علائقن ۾ 'گبر بند' چوندا آهن، لڌا. آنهن جي تعمير جو زمانو الائجي ڪهڙو هو، پر اسٽائن جي خيال موجب برساتين جي گهٽائي ٿي هينن بندن ۽ ڇبوترن جي ٿهڙ جو ڪارڻ آهي، ۽ انهن جي تعمير مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ انهن علائقن ۾ ماڻهن جي آبادي بہ گهٽي تعداد ۾ هوندي، ڇو تہ مُٺ ماڻهن جي لاءِ اهڙي قسم

جا بند تعمير ڪيا نہ ويندا آهن. مشڪائي درياءَ ۾ پٿرن جو ٽيهل هڪ بند ڏٺو ويو آهي، جو مٿانهينءَ تان ايندڙ پاڻيءَ کي روڪي ڪيتن ڏانهن وهائي ڇڏيندو هو. اهڙيءَ طرح مڪوربان لڪ جي پرسان هڪ ڏاڍو وڏو بند لڌو ويو آهي. هيءَ ۱۲ فوٽ بلند ۽ ۳۴۸ وال ڊگهو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح ٺاهيو ويو آهي، جو ڪافي جهجهي پاڻيءَ کي اڳتي وڃڻ کان روڪي سگهي ٿو. انهيءَ بند جي اوساريءَ ۾ 3x4x2½ فوٽن جي پٿرن جا بلاڪ استعمال ڪيل آهن. انهن بلاڪن جي پٺيان مٽيءَ جو پراڻ ڏنل آهي. ساڳيءَ طرح رخشان درياءَ جي ڪناري، پنجگر ڪان ست ميل پري، پٽ هڪ وڏو ڊگهو بند ٺاهيو هٿائون. انهن جي تعمير جو زمانو خبر ناهي تہ ڪهڙو آهي، پر انهن جي موجودگي صاف ٻڌائي ٿي تہ ان دور ۾ هتي ڪافي مينهن پوندا هوندا.

سنڌو درياءَ مان واهہ ڪڍي، آبپاشي ڪئي وڃي ٿي. بهار جي مند ۾ همالين جبل جي برف گهرڻ ڪري، پاڻي گهٽو وڌي وڃي ٿو، ۽ جڏهن گهٽا مينهن پون ٿا تڏهن سنڌو درياءَ ۾ پوڙون اچن ٿيون. موجوده دور ۾ تہ هن پاڻيءَ جو گهٽو حصو واهن جي رستي نيڪال ڪيو وڃي ٿو، پر پراڻي زماني ۾ تہ اهڙا واهہ ڪونہ هئا، تنهنڪري سنڌو درياءَ ۾ اڪثر وڏيون پوڙيون ايندیون هونديون ـــ جيئن نيل درياءَ ۽ دجلہ ۽ فرات ۾ ايندیون هيون. نہ فقط ايترو، پر ڪنارن مان بندن جي موجود نہ هڻڻ سبب، هن درياءَ اڪثر پنهنجا رخ پٽي بدلايا هوندا. سنڌو ماڻريءَ جي مختلف قديم بستين جي نشانن مان انهيءَ ڳالهہ جي يقيني هڻڻ جون ڪافي ثابتيون ملن ٿيون.

ان سلسلي ۾ منچر ڍنڍ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، جا سنڌو درياءَ ۽ بلوچستان جي ڪيرٿر جي ٽڪرين جي وچ ۾، جوهيءَ جي پرسان آهي. هيءَ ڍنڍ اٽڪل اٺ ڏهہ ميل ڊگهي

۽ ايتري ٿي ويڪري آهي. پر جيئن ته سنڌو درياءَ ۽ اونهائين ٽڪرين مان نڪرندڙ نديُن جو پاڻي به هين ۾ اڇي پوي ٿو، تنهنڪري سانوڻيءَ جي موسم ۾ هيءَ ڏنلي هن سون چورس ميلن تائين پکڙجي ويندي آهي. پر ان جي اونهائي ڪٿي به ڏهن فوٽن کان وڌيڪ نه ٿي رهي. مجدار پنهنجيءَ باقياتي کوجنا ۾ انهيءَ ڏنلي جي چئن ٿي پاسن کان پکڙجندڙ ٻوڏ جي پاڻيءَ جي حدن لڳ تاريخي دور کان اڳ جي کيترين ٿي بستين جا نشان لڌا آهن.

مٿين شاهدين ۽ ثابتين مان گهٽ ۾ گهٽ هين گهالهه جو صاف اندازو ٿئي ٿو ته قديم زماني ۾ هن علاقي ۾ گهٽي بارش پوندي هئي. گهٽيءَ بارش جو اندازو هن گهالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته انهن شهرن جي تعمير پکسري آهي. هنن بيشمار سرن کي پچ ٿئ لاءِ لکين مڻ ڪاٺيون پريون هونديون. هيتي هاڻي جيڪي ڪنڊوان وڻ ملن ٿا، انهن جو پارڻ هن کم لاءِ بيڪار آهي. پٿر جو ڪوٽلو تنهن زماني ۾ اڃا دريافت ڪونه ٿيو هو. انهيءَ ڪري اهو مڇو ٿي پوي ٿو ته گهربل جلاڻو ڪاٺ آسپاس جي جهنگلن مان حاصل ڪيو ويو هوندو، ۽ جهنگ تڏهن ٿي پيدا ٿيندا ۽ وڌندا آهن، جڏهن مينهن ڪثرت سان پوندا هجن. پر جيڪڏهن اِهو تسليم ڪيو وڃي ته گهربل جلاڻو ڪاٺ هماليه جبل جي پاسي وارن جهنگلن مان هٿ ڪيو هوندائون، (۱) ته پوءِ به پنهنجي خشڪ علاقي ۾ ايتري مٽاڪٽ ڪري ۽ ڪشٽ سهي، هنن جو ايڏا پڪا گهر ٿي اڏيا، ان جو ڪو معقول سبب سمجهه ۾ نٿو اچي، خاص طرح تڏهن جڏهن انهيءَ ٿي زماني ۾ هين

(۱) تاريخ يا آثار قديم جي کوجنائن مان هماليه طرف ڪنهن اهڙيءَ قوم جي موجود هٿ جي ثابتي کانه ملي سگهي آهي، جيڪا اڄان جلاڻو ڪاٺ ڪپي، سنڌو درياءَ جي وهڪري جي مدد سان موهن جي دڙي يا هڑپا جي شهرن تائين پهچائي جو ڪم ڪندي ٿي رهي.

علائقن ۾ ڪچين سرن ۽ گاري ۽ پٿر جي گهرن جو رواج هو. پڪا سرا گهر آڻي اڏيا ويندا آهن، جتي مينهن گهٽا وسندا هجن.

هن علائقي ۾ ان زماني ۾ گهڻي مينهن پوڻ جو ٻيو ثبوت آهي ناليون آهن، جي گهٽو ڪري هر گهليءَ ۽ سڙڪ ۽ گهر ۾ موجود ڏٺيون ويون آهن. تنهن کان سواءِ هر گهر ۾ غسل خاني جي موجودگي به انهيءَ ڳالهه جو ثبوت آهي ته هتي پاڻي جام هو.

ان کان سواءِ سنڌو ماڻريءَ جي علائقن مان لڌل مهرن تي، جن جانورن جون شڪليون چٽيل آهن، انهن مان ڪيترا اڙڳا آهن، جيڪي خشڪ آبهوا وارن ملڪن ۾ نه هوندا آهن. انهن مُهرن تي گهٽو ڪري هاڻي، گينڊي، ساڻ ۽ شينهن جون شڪليون چٽيل آهن. اهي سڀ جانور گرم ۽ گهميل آبهوا جا رهواسي آهن. ۽ اهو خيال ڪرڻ ته آنهن جون تصويرون پين ملڪن ۾ هاڻي، گينڊا، ساڻ ۽ شينهن ڏسي ڪيون ويون آهن، انهيءَ ڪري به درست نه آهي، جو هتان جي ڪاريگرن اڙڳي فن سان ۽ پڻ گهڻي انداز ۾ انهن جون شڪليون چٽيون آهن، جو اها ڳالهه مشڪل ٿي نظر اچي ته آهي آنهن جانورن جون هوندين، جي هن جي پهنجي ملڪ ۾ موجود نه هجن. ۽ وري عجب ته ڏڻهن ڏو ٿئي، جڏهن ريگستاني جانور آڻ، جو اڄ سنڌ جو ڪارائتو جانور آهي، آنهن جي ڪاريگريءَ جو موضوع بلڪل نه بنجي سگهيو آهي.

وڏا وڏا شهر گهٽو ڪري اڙڳي هنڌ آباد ٿيندا ۽ وڌندا آهن، جتي آسپاس ۾ زرخيز ۽ شاداب علائقا هجن، جن مان آڻي جي رهاڪن کي کاڌي خوراڪ جو سامان آسانيءَ سان ملي سگهي. پراڻي زماني ۾ سفر جي تڪليفن ڪري، شهر آباد ڪرڻ وقت، انهيءَ ڳالهه جو خاص خيال رکيو ويندو هو. مرهن جو ڏڙو ۽ هڙاپا جون بستيون به اهڙن ئي علائقن

۾ آباد ڪيون ويون هونديون ، جتان لکين ماڻهن کي زنده رکڻ لاءِ کاڌ خوراڪ جو سامان سولائيءَ سان ميسر ٿي سگهندو هجي.

مطلب ته اهي سڀ گهالهيون اهو ثابت ٿيون ڪن ته سنڌ جي آبهوا ۾ وڏو انقلاب آيو آهي. تاريخ شاهد آهي ته آبهوا جي بدلجڻ جو اهو سلسلو سڪندر اعظم جي هندستان تي حملي ڪرڻ وقت ايتري قدر اڳتي وڌي چڪو هو ، جو هن جي لشڪر کي واپس ويندي ، مڪران جي رڻ پٽ ۾ سخت مصيبتن جو مقابلو ڪرڻو پيو هو. اڙيءَ طرح جڏهن ۲۳ هجري مطابق ۶۴۵ع ۾ حضرت عمر رضه جي دور خلافت ۾ عرب فاتح مڪران تائين اچي پهتا ، ۽ حضرت عمر جڏهن صحار عبديءَ کان ، جو هن سرزمين کي ڏسي آيو هو ، ان بابت پڇيو ، ته هن جواب ڏنو هو ته "امير المومنين! اتي پاڻيءَ جي ڏاڍي نافت آهي. اتي جا ماڻهو ڏاڪو آهن. ٿوري فوج اتي وڃي ته هنن جي هٿان ڦرجي ويندي. گهٽي وڃي ته اڄ مري ويندي!" (۱)

ظاهر آهي ته آبهوا جي انهيءَ انقلاب جو هن تهذيب جي برباد ٿيڻ ۾ وڏو هٿ هوندو. پر آخر آبهوا جي ايڏي وڏي انقلاب جو ڪارڻ ڪهڙو هو؟ ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ جو سبب اهو ٿيو هجي ، جو بحر اوقيانوس جا طوفان (Cyclones) ميڙي اتر طرف لڳڻ شروع ٿيا هجن — جيئن ڪنهن دور ۾ اهي ميڙي ڏکڻ طرف به لڳڻ لڳا هٿا ۽ آفريڪا جي اتربنءَ ويڪرائي ڦاڪ وارن علائقن کان وٺي عرب ، ايران ۽ هندستان تائين پکڙي ويا هٿا. ٻيو سبب هيءَ به ٿي سگهي ٿو ته ان زماني ۾ اچڪلهه واريون ڏکڻ اولهه واريون چوماسي هوائون سنڌو ماڙيءَ طرف لڳنديون هيون. پر اهي تبديليون به اڪيلو سبب نٿيون ٿي سگهن ، سنڌو ماڙيءَ جي زراعتي حالت جي

(۱) ابن اثير - الڪامل - ج ۳ ، ص ۳۵ ، ليڊن.

بربادي جو. آن لاءِ هيءَ به سوچي سگهجي ٿو ته گهرن ڌاهڻ لاءِ سرن جي پڇاڻ واسطي، جو آسپاس جا جهنگل ۽ ٻيلا وڏي پيماني تي ڪٽيا ويا. تنهنڪري مينهن جي وسڻ ۽ گهٽتائي ٿيڻ شروع ٿي — ڇاڪاڻ ته گهاٽا جهنگل ۽ ٻيلا مينهن جي وسڻ جو وڏو سبب بنجن ٿا. انهيءَ خيال کان ٿي هزارن ماڻن جي گذرڻ بعد هن وقت پاڪستان جي حڪومت وري انهن علائقن کي ساڻو ڪرڻ لاءِ ٻيلن پوکائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

———

بستيون

موهن جو دڙو - استوپا - وڏو حوض - جاءِ - هيٺيون شهر، هڙاپا - ڪاريگرن جا ڪان - ٻيون - گول چبوترا - اناج جو گدام، چانهوءَ جو دڙو، ستڪاجن جو دڙو، علي مراد، آمري، ڊبرڪوٽ.

سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب هڪ هزار ميلن کان وڌيڪ علائقي ۾ پکڙيل هئي. آن جي اثر جو دائرو بابلي تهذيب کان ڇوٽي ۽ مصري تهذيب کان ٻيئي علائقي تائين پکڙيل هو، ۽ جيئن جيئن باقياتي کوجنا اڳتي وڌندي رهي ٿي، تيئن تيئن آن جا پلاند پري کان پري تائين پهچندا رهن ٿا. آن وسيع علائقي ۾ هزارين بستيون آباد رهيون هونديون، جن مان ڪيترين جا پار پتا لڌا ويا آهن. انهن بستين ۾، باقياتي دريافت جي خيال کان، موهن جو دڙو، هڙاپا، چانهوءَ جو دڙو، ستڪاجن جو دڙو، علي مراد، آمري، ڊبرڪوٽ ۽ ڪوٽ ڏيجي وڌيڪ مکيه آهن.

موهن جو دڙو: موهن جي دڙي جو مقامي نالو "مُئن جو دڙو" آهي (۱). ڪوٽائي ڪرڻ وارا ماڻهو مڪاني

(۱) موهن جي دڙي جي نالي تي ڪافي خيالن جي ڏي وٺ شروع ڪان ٿيندي رهي آهي. ڪن عالمن جي خيال ۾ هيءُ نالو "مُهَن جو دڙو" يا "مُهَن جو دڙو" آهي، جنهن جي معنيٰ ٿئي 'ناس ٿيلن' يا 'تڪليف ۾ آيلن' جو دڙو آهي. (مترجم)

زبان نہ چاڻندا هئا، تن کي "موهن" لفظ وڌيڪ سهڻو لڳو، تنهنڪري انهن "مٿن" جي بجاءِ "موهن" جو لفظ استعمال ڪيو. هينئر اُهو نالو ايترو ته عام ٿي ويو آهي، جو اصل نالي جي اهميت ئي نه رهي آهي. سنڌ ۾ باوجود هن جي ته اڳينءَ حڪومت جي سرڪاري گزيٽ ۾ اصلي نالي کي قانوني حيثيت ڏني ويئي هئي، پر جيڪو غلط استعمال عوام ۾ عام ٿي ويو، سو اڄ مشهور آهي ۽ بين‌الاقوامي شهرت حاصل ڪري چڪو آهي.

موهن جو ڏڙو آثر سنڌ جي ضلعي لاڑڪاڻي ۾، ڪراچي ڪوئٽا ريلوي لائين تي ڏوڪري اسٽيشن کان ۶ ميل پري آهي. ڏوڪريءَ کان موهن جي ڏڙي تائين پڪو رستو آهي. سنڌو درياءَ اُن جي اوپر طرف وهي ٿو. ڪنهن مٿاهينءَ جاءَ تي بيهي، جيڪڏهن سڄيءَ بستيءَ تي نظر ڦيرائي وڃي، تہ معلوم ٿيندو تہ هن بستيءَ ۾ ڇهہ ست محلا هئا، ۽ هرهڪ محلو آثر ڏڪ ۱۲۰۰ ۽ اوپر اولهہ ۸۰۰ فوٽ ايراضيءَ ۾ پکڙيل هو. انهن محلن کي ڪشاد ارستا هڪٻي کان جدا ڪندا هئا. هيءَ شهر شڪل ۽ صورت جي لحاظ کان برطانوي پٽن جي شڪل سان ملندڙ جلندڙ آهي، ۽ جهڙيءَ طرح آئرلنڊ جو سمنڊ انگلنڊ ۽ آئرلنڊ کي جدا ڪري ٿو، اهڙيءَ طرح شايد سنڌو درياءَ جي ڪنهن اوائلي ليٽ هن جي بستيءَ جي اسٽوپا ايراضيءَ کي ٻين ايراضين کان جدا ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هينئر آهي ڪنڊ ٻن وڏن حصن ۾ يعني "مٿيون شهر" ۽ "هيٺيون شهر" ۾ ورهايل آهن. "مٿيون شهر" هڪ بيضوي شڪل جي ڏڙي تي قديم آبادي‌ءَ جي اولهہ واريءَ ڪنڊ جي مٿان وٺ آهي. انهيءَ ۾ اسٽوپا، هڪ وڏو حوض، جامعہ يا مدرسو، ۽ ٽنين وارو هال گهڻو مشهور آهن.

"هيٺين شهر" ۾ رهڻ جوڻ جاءون، دوڪان، ڪشادا

رسڻا ۽ ڳلهون آهن. شهر جو هيءُ حصو ايڇ. آر. ايريا (١)، وي. ايس. ايريا (٢)، ۽ دي. ڪي. ايريا (٣) جي مختلف ڏاڻن سان بيان ڪيو ويندو آهي.

اِسٽوپا: اسٽوپا ٻڌ زماني جي عمارت آهي، جنهن جي بلنديءَ ۽ ڪشش آثار قديم جي ماهرن جو ڌيان ڇڪايو. ڇو ته اُن عظيم‌الشان تهذيب جي دريافت جو سبب ٿي هيءَ عمارت آهي. اِسٽوپا زمين جي سطح کان ستر فوٽ مٿي آهي. اُن جو گنبذ ڪري پيو آهي، ۽ سندس ڏانڇي جو باقي اڌ حصو وڃي بچيو آهي، جو عمارت جي بنياد کان ٨ فوٽ ۴ انچ مٿانهين ڇوٽري تي قائم آهي. انهيءَ ڏانڇي جو قطر ٣٣ فوٽ ٦ انچ آهي. اُهو اندران خالي ۽ پورو آهي. ڪنهن زماني ۾ ڪنهن شخص هيرن جواهرن جي تلاش ۾ ان جي اندران ڇوڙهن فوٽ اونهي کڏ کوٽي هئي، ۽ شايد اُنهيءَ شخص کي اُتان سنگ جراحت جو ٿهيل هڪ خاڪدان مليو هو، جنهن کي بيڪار ڄاڻي، اُن جا ٽڪر هُن اُتي ٿي اڇلائي ڇڏيا هئا، جي پوءِ آثار قديم جي محڪمي طرفان کوٽائي ڪڍڻ کي ملیا. هيتان ٿي ڪنول جي گل جي آسڻ تي ويٺل مهاتما ٻڌ جي پٿر جي مورتيءَ جا به ڪجهه ٽڪرا ملیا هئا.

اِسٽوپا جي عمارت سنڈو ماڻريءَ جي قديم عمارتن جي سرن ۽ ڪاري وغيره مان تيار ڪيل آهي. ڏکڻ پاسي، جتي ان جو بنياد ڏسڻ ۾ ٿو اچي، اُهو صاف نظر ٿو اچي

---

(١) ايڇ. آر. ايريا جو نالو ان جي کوٽائي ڪرڻ واري سٽر هارگريوز جي نالي پٺيان رکيل آهي.

(٢) وي. ايس. ايريا جو نالو ان جي کوٽائي ڪرڻ واري سٽر ماڊو سروپ وتس جي نالي پٺيان رکيل آهي.

(٣) دي. ڪي. ايريا جو نالو ان جي کوٽائي ڪرڻ واري سٽر ڪي. اين. ڏڪشت جي نالي پٺيان رکيل آهي.

تہ ان جي تعمير سنڈو مائريءَ جي قديم عمارتن جي بنيادن تي مٽان بيهاريل آهي.

وهار (ستڪ) جي چوڦرف هڪ ويڪرو پٿر آهي. ان جي پاسن کان پيڪشن جي رهڻ لاءِ پڪ سيرا حجرا ٺهيل آهن. انهن حجرن ۾ ٻه حصا آهن، جن مان اندريون حصو شايد سمهڻ لاءِ ۽ باهريون حصو ويهڻ ۽ پئي ضروري ڪم لاءِ هو. انهن حجرن مان چوڪنڊا سيڪا به لڌا هٿا. آهي سڪا ڪُشان دور جي راجا واسديو (۱۷۳-۱۵۶ع) جي زماني جا آهن، ۽ غالباً سنڈ ۾ ٽي ٽاهيا ويا آهن، جو تہ جهڪر (ضلعي لاڑڪاڻي) ۽ موهن جي دڙي کان سواءِ اهڙا سڪا برصغير هند-پاڪ ۾ پئي ڪنهن هنڌان نہ لڌا آهن.

ڏکڻ حوض: استوپا جي اُتر اوپر واريءَ ڪنڊ کان اسين هيٺ حوض ۾ لهون ٿا. استوپا ۽ حوض جي وچ ۾ هڪ گهلي آهي، جنهن کي "شاهراه الهايم" (۱) چون ٿا. هيءَ حوض سنڈو تهذيب جي وچ واري دور جي عمارت آهي. هن جو نقشو تمام سادو آهي. مستطيل شڪل جو آهي، ۽ ۲۹ فوٽ ڊيگهه ۽ ۲۳ فوٽ ويڪر اٿس. منجهس اندر لهڻ لاءِ اتر ۽ ڏکڻ کان ڏاڪا ٺهيل آهن. حوض ۾ پاڻيءَ جي نيڪال جو پوريءَ طرح ۽ باقاعده انتظام هو. هڪ زير زمين نالي اُن جي ڏکڻ اولهه واريءَ ڪنڊ ۾ واقع آهي، جنهن جي اوچائي تقريباً ۶ فوٽ ۶ انچ آهي. حوض جي چئن پاسن کان ورانڊو آهي. ورانڊي جي اُتر ڏکڻ ۽ اوپر پاسي مختلف ڪمرا ۽ دالان آهن. ڏکڻ واريءَ ڊگهيءَ گهلريءَ جي ٻنهي پاسن وارا ۽ اوپر پاسي وارا ڪمرا ننڍا آهن. آنهن ڪمرن جي وچ واري ڪمري ۾، جنهن کي ڪمرو نمبر ۱۶ چون ٿا، هڪ کوهه آهي، جنهن تي پئي پڳ تعمير ڪئي ويئي آهي.

---

(1) Divinity Street.

اندازو ڪيو ويو آهي تہ انهيءَ کوہ جي پاڻيءَ سان حوض پريو ويندو هو. پر ٿي سگهي ٿو تہ حوض جي پرڻ لاءِ ٻين کوهن جو پاڻي بہ استعمال ڪيو ويندو هجي.

حوض جو پاڻي هڪ ويڪريءَ وڏاوڙي (Corbelled) ناليءَ رستي ٻاهر ڪڍيو ويندو هو. هيءَ نالي، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي، ڏکڻ اولهہ واريءَ ڪنڊ ڪان آهي. ڪمري نمبر ۱۹ مان هڪ ڏاڪڻ مٿي وڃي ٿي، ۽ مٿينءَ منزل جي پاڻيءَ هيٺ آڻڻ وارين نالين جا پٽين تي، جي اڃا سوڙا نشان بيٺا آهن، انهن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ اها عمارت پہ ماڙ هئي. حوض جي ٺاهڻ ۾ ڪافي محنت ڪان ڪم ورتو ويو آهي. سرون چيلهي، چگهيءَ طرح مصالحو لڳائي، جڙيون ويون آهن. انهن کي جڙڻ لاءِ گاري جي پلستر بجاءِ ڦٽو ڪم آندو ويو آهي. پوءِ ۽ پاڻيءَ کان بچڻ لاءِ فرش جي هيٺان هڪ انچ ٿلهو پلستر وڇايو ويو آهي.

وڏي حوض جي ڏاکڻي پاسي، ٽورو پريان، پہ فوٽ ويڪري گهليءَ جي ٻنهي پاسن کان ساڍا ۶ فوٽ ڏگها ۽ ۱۱ فوٽ ويڪرا آٽ غسلخانا ٺهيل آهن. آنهن جا فرش وڏيءَ خبرداريءَ سان مضبوط ٺاهيا ويا آهن. انهن غسلخانن جي ٺاهڻ ۾ پرده داريءَ جو خاص خيال رکيو ويو آهي. هڪڙي جي آهون سامهون هڻڻ جي باوجود انهن جا دروازا اهڙيءَ طرح ڪٽن ٿا، جو بي پردگي نٿي ٿئي، ۽ گهليءَ جي هڪ پاسي وارن غسلخانن جي درن ۾ بيهي گهليءَ جي ٻئي پاسي وارن غسلخانن ۾ نڏو ڏسي سگهجي. هر غسلخاني ۾ مٿي وڃڻ لاءِ هڪ ڏاکڻ آهي. ڇاکاڻ تہ آنهن جون پٽيون ٺلهيون آهن، تنهنڪري اهو اندازو ڪيو ويو آهي تہ جايون پہ ماڙ هيون. انهن غسلخانن جو ميرو پاڻي گهليءَ ۾ هڪ ناليءَ ۾ ڪڍ ٿي، مٿي ذڪر ڪيل وڏاوڙي واريءَ ناليءَ ۾ وڃي پوندو هو.

اڄين معلوم ٿو ٿئي تہ هي غسلخانا وڏي حوض جي

سلسلي جو هڪ حصو آهن. گهڙڻ ڪري انهن ۾ خاص خاص ماڻهو، مثلاً پنڊت ۽ پجاري، تڙ پاڻي ڪندا هوندا. ٿي سگهي ٿو ته هي پروهت مٽيءَ ماڙ ٿي رهندا هجن. موهن جي دڙي ۾ گهڙو ڪري هر وڏيءَ جاءِ ۾ غسلخانا موجود آهن، جنهن مان اهو اندازو لڳايو ويو آهي ته انهيءَ زماني جا ماڻهو تڙ پاڻيءَ جو خاص خيال رکندا هئا. ڪن محققن جي هيءَ راءِ به آهي ته هندن ۾ جا روزانه شنان ڪرڻ جي رسم آهي، اها وٽن سنڌو تهذيب جو ٿي ورثو آهي.

جامشورو: ذڪر ڪيل غسلخانن ۽ استوپا جي وچ ۾ هڪ تمام وڏي عمارت آهي، جا وڏي حوض جي عمارت کان وڌيڪ وڏي ۽ ويڪري آهي، جنهن جي ديگهه ۲۳۵ فوٽ ۷ انچ ۽ ويڪر ۸۷ فوٽ ۱۵ انچ آهي. انهيءَ جو وڏو در اولهه پاسي هو. ائين ٿو خيال ڪبو وڃي ته هيءَ يا ته ڪنهن وڏي پنڊت جو گهر هو يا ڪنهن پروهت جو، يا ته ڪو وڏو پاٺ شالو هوندو. ان جا ايترا گهڻا ڪمرا، خاص بيٺڪ جي ٽٽلهن جون ٽٽلهيون ۽ مضبوط پٽيون، ۽ خاص طرح باهريون پٽيون، جي ڪن ڪن هنڌن تان ته ۴ فوٽ ٽٽلهيون آهن، سي سڀ انهيءَ گهالهه جو ٿيوت ٿيون ڏين ته هيءَ عمارت ۾ ماڙ يا ٽ ماڙ هوندي. وڏي در مان لنگهي اڳتي، ته هڪ هال ايندو، جو ۲۴ فوٽ ڊگهو ۽ چار فوٽ چار انچ ويڪرو آهي. انهيءَ جي ڪابي پاسي هڪ ويڪري در ڪان پوءِ هڪ اڳڻ آهي، جنهن ڪي ڇڻ ٽي طرفن ڪان پٽيون آهن. انهيءَ جي ڇڻ ٽي پاسن ڪان وري گهڻا ٽي ڪمرا آهن، جي شايد ڪنهن زماني ۾ پاٺ شالي جي پرنسپال جي رهائش جا ڪمرا هوندا. هال جي ساڄي پاسي ڪان به گهليون آهن ــ هڪ ننڍي اڳڻ طرف ٽي وڃي، جنهن جي ڇڻ ٽي پاسن ڪان وري ننڍا ننڍا به ماڙ ڪمرا آهن. انهيءَ ٽي پاسي ڪيترا ٻيا به اڳڻ ۽ ڪمرا آهن، جن ۾ شايد شاگرد رهندا هوندا. مٽيءَ ماڙ ٿي وچ لاءِ ۾ ڊاڪٽيون

آهن. سمجهيو وڃي ٿو ته پروهت جي اڇ وچ لاءِ ڏاکڻي ۽ اولهه پاسي در هوندا.

هيٺيون شهر: استوپا ايراضيءَ کان هڪ رستو ڏکڻ اوپر طرف ٿو وڃي، جو ٽورڙوئي پري وڃي، اوپر پاسي مُڙي، اوپر واريءَ وڏيءَ سڙڪ سان ملي ٿو. اوپر واري وڏي سڙڪ کوڙيل علائقي کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي. سڙڪ جي ڏکڻ پاسي ايڇ. آر. ايراضي آهي، ۽ اُتر طرف وي. ايس ايراضي آهي. مشرق واريءَ وڏيءَ سڙڪ کي پهرين وڏي سڙڪ گوني ڪنڊ تي ڪاٽي ٿي، ۽ وي-ايس ۽ ايڇ-آر ايراضين کي ٻن حصن ۾ ورهائيندي، ڊي-ڪي ايراضيءَ تائين وڃي ٿي.

انهن علائقن ۾ هزارين گهر، تمام گهٽيون گڙيون ۽ بيشمار ڪوٺا آهن. هي گهر خاص بيهڪ جا آهن. ايڇ-آر-ايراضيءَ جي گهر نمبر ۸ جي بناوت ڏاڍي دلچسپ آهي. هيءُ هڪ وچولي درجي جو گهر آهي، ۽ موهن جي ڏڙي جي وچين دور جي اڏاوت آهي، ۽ هاءِ لين (۱) تي واقع آهي. ان گهر جي اوچائي ۸۵ فوٽ ۽ ويڪر ۹۷ فوٽ آهي. ان جون ٻاهريون پتيون ۳-۵ فوٽ ٿلهيون ۽ ٻاهرئين پاسي کان مخروطي آهن. انهيءَ جو وڏو در پهريائين ڏهن فوٽ ويڪرو هو، ۽ پوءِ ان جي پر واريءَ ڪنڊ ۾ هڪ ٽنيو ٺاهيو ويو هو، جنهنڪري در جي ويڪر ۷ فوٽ ۲ انچ باقي بچيل آهي. وڏي در ۾ داخل ٿيندي وقت ٻُهر ڪڏيل مٽيءَ سان پلستر ڪيل اولهه واريءَ پٽ جو ٽڪرو ڏسبو، جو جيئن جو تيئن اڃا بيٺل آهي. در جي ٻئي ساڻهون ٿورو پريان هڪ ننڍو ڪمرو آهي، جنهن جو در ٻاهر واري وڏي دروازي جي آمهون سامهون آهي. ان جي اندر ساڃي هٿ تي ۳۲ چورس فوٽ

(۱) جيئن ته هيءَ گڙي گهٽيءَ اوچائيءَ تي آهي، تنهنڪري هڪ آثار قديمه جي ماهر سمجهڻ سمجهائڻ لاءِ ان جو نالو High Lane يعني "مٿاهين گهٽي" رکيو آهي.

اڳڻ آهي، جو سرن جو ٽهيل آهي. فرش جي پاسي کان آندر کان اولهه طرف زمين جي اندر هڪ نالي آهي، جنهن جي آندر واريءَ کنڊ سان مٽيءَ ماڙ جو ميرو پاڻي آڏينڊڙ نالي اچي ملي ٿي. ۽ عجب جي گالهه آهي، جو انهيءَ نالي‌ءَ جو پاڻي ڳهيءَ جي کنين نالي‌ءَ ۾ ڪونه ويندو هو، پر اڳڻ ۾ هيٺ زمين ۾ اندر پوريل هڪ مٽيءَ جي مٽ ۾ وڃيو پوندو هو! اڳڻ جي چئن ٽي پاسن کان ڪمرا آهن. ڏکڻ اوپر واري پاسي جي ڪمري ۾، جنهن کي ڪمرو نمبر ۲ چيو ٿو وڃي، هڪ ڪوٺ آهي. پرسان واري ڪمري جي وڃينءَ پٽ ۾ هڪ ڪليل دري آهي، جنهن مان پاڻيءَ جو ٽانڊو هڪ پاسي کان پٽي پاسي وڃي اچي سگهي ٿو. هيٺئين طبقي جا سيمئي ڪمرا گهٽو ڪري سامان رکڻ، ۽ بورچيخاني وغيره جي ڪم ايندا هوندا. مٽينءَ ماڙ جا ڪمرا جن ۾ پهچڻ لاءِ ڏاڪڻ ٽهيل آهي، سمهڻ ۽ آرام وغيره ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندا هوندا.

پهرينءَ وڏيءَ سڙڪ جي پٽي پاسي بيضوي شڪل جو هڪ بٽلو آهي. هي ۷ فوٽ ڊگهو ۽ ۵ فوٽ ويڪرو آهي، ۽ ان جو منهن، جو ڏکڻ طرف آهي، تنهن جي ويڪر ۱۳ انچ آهي. ايڇ-آر-ايراضيءَ جي آندر ۾ اوپر واري سڙڪ آهي، جنهن جي وري پٽي پاسي کان وي-ايس-ايراضي آهي. هن سڙڪ جي ڪناري کان فرش تي هڪ سيرا گول ٽالهه جي شڪل جا ٽڪرا ٽهيل آهن، جن ۾ V شڪل جون سرون جڙيل آهن. هي سرن جا ٽالهه موهن جي ڊڙي جي اڻن سڻن رکڻ لاءِ ٺهرايا ويا هئا، جن جا تنرَ ڇهنبائتا هوندا هئا. ڪن جو خيال آهي ته هيءُ ڪو ميخانو هو، ۽ ڪين جو چوڻ آهي ته هيءَ ڪا سبيل هئي. آن جي پرسان هڪ ڪوٺ آهي، جنهن جو قطر ۲ فوٽ ۸ انچ آهي، ۽ اٽڪل ۳۵ فوٽ اونهو آهي. انهيءَ ۾ به V شڪل جون سرون ڪم آندل آهن. آن ڪوهه جو پائڻارم ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان ٽهيل

آهي ۽ ان جي سيرن جي اوساري نهايت مضبوطيءَ ۽ خيال سان ڪئي ويئي آهي.

ڪوه جي گهاٽ تي گهڻي وقت تائين پاڻيءَ چڪ ڪري، رسن جي رڳڙ جا نشان اڄ به موجود آهن. ان سان گڏ ڪوه جي ڪنارن واري فرش تي دلن رکڻ جا نشان به موجود آهن. انهيءَ ڪوه تان پاڻي پرڻ وقت جيڪو پاڻي چلڪي ڪري پوندو هو، اُهو انهيءَ پليٽفارم يا پگ هيٺان هڪ پڪ سري حوض ۾ جمع ٿيندو هو، ۽ آتان وري هڪ ناليءَ رستي ٻاهر نيڪال ڪيو ويندو هو!

وي. ايس ايراضيءَ جي آتر ۾ ٽوڙو پريان ڊي. ڪي. ايراضي آهي. هيءَ علاقو شايد هيتان جي امير جي بستي هئي. هين جي تعمير ٽن جدا جدا دورن ۾ ٿي — شروع، وچين، ۽ آخري دور جا آثار صاف نظر اچن ٿا. ۽ عجب جي ڳالهه، ته هيءَ آهي، جو اسين جڏهن شروع زماني جي تعميراتي ڪم جي آخري دور جي تعميرات سان پيٽ ڪريون ٿا، ته خبر پوي ٿي ته شروعاتي تعميري فن درجي بدرجي بگڙندو پئي ويو آهي! هين ايراضيءَ ۾ تمام گهڻيون ڪشاديون، وڏيون ۽ ويڪريون جايون آهن. هتي مٿانهينءَ سطح کان اٽڪل ۳۵ فوٽن تائين کوٽائي ڪيل آهي. هتي تمام وڏيون اوچيون پتيون ۽ ڳليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن علاقي ۾ بي‌شمار کوه آهن، جن جي چڻن ٽي پاسن جي مٽي کوٽائي ڪندي ڪڍي ويئي آهي، ۽ هينئر اُهي زمين کان ٻاهر ڪارخانن جي چمنين وانگر بيٺا نظر اچن ٿا.

هڑاپا: هڑاپا منٽگمري ضلعي کان پندرهن ميل پري، راوي نديءَ جي ڪچي ۾ واقع آهي، ۽ ڪراچي - لاهور ريلوي لائين جي اسٽيشن، هڑاپا روڊ، کان چئن ميلن جي فاصلي تي آباد آهي. هن وقت جي هڑاپا جي بستي پراڻن ڏڙن تي ۽ انهن جي آسپاس آباد آهي، ۽ اها ٽوري گهڻي آبادي ٽي

هڑاپا جي کنڊرن کي ماڻهن جي نظر ۾ آڻڻ جي ذمہ دار آهي. سرن چورائيندڙن ۽ خزاني جي تلاش کندڙن انهن کنڊرن کي اڳي ئي کوٽي ناس ڪري ڇڏيو هو. ۱۹۱۲ ۾ جڏهن نارٿ ويسٽرن ريلوي جا بند ٺهي رهيا هئا، تڏهن بندن جي هيڻان وڃائڻ لاءِ ٺيڪيدارن بجري انهن کنڊرن جي پڪين سرن کي پڄي ئي حاصل ڪئي هئي. انهيءَ بجريءَ تي وڃايل بند تان اڄ به اسين تقريباً سو ميل سفر ڪيون ٿا. جيڪڏهن موهن جي دڙي ۽ نگر هڑاپا به محفوظ جاءَ تي هجي ها، تہ اڄ جيڪر سنڌ جي تهذيب جي باري ۾ اسان کي جيتري خبر آهي، انهيءَ کان وڌيڪ معلومات اسان کي حاصل هجي ها.

هڑاپا ۾ پارهن پيرا کوٽائي ٿي، پر نتيجو گهٽو حوصلہ افزا نہ نڪتو. هتي هڪ سڙڪ به پوريءَ طرح دريافت نٿي سگهي. البت دڙن کي ڇڏي، سڌي سٽين زمين جي هيڻان دفن ٿيل عمارتون، سرن چورائيندڙن جي بربادي‌ءَ کان بچي ويون آهن، سو انهيءَ ڪري، جو آهي نظر نٿي آيون. انهن جي کوٽائيءَ مان اهڙيون باقيات جون شيون ملين آهن، جن جي مدد سان سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب تي گهٽي ڪجهہ روشني پوي ٿي.

جيو وجي ٿو تہ هڑاپا جو موجوده نالو "رگ وید" ۾ ذکر ٿيل 'هاري يوپويا' (۱) جو مخفف آهي — "هاري يوپويا" آهو هنڌ آهي، جتي "اپي ورتن ڪيامنا" (۲) "وارسي ونت" (۳) کي شڪست ڏني هئي. "وارسي ونت" هڪ قوم هئي جنهن جو ذکر رگ وید ۾ صرف انهيءَ واقعي جي سلسلي ۾ ٿيل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهو وارسن قوم (۴)

(۱) Hari-Yupuya. (۲) Abhya Vartin Cayamana.
(۳) Varcivant. (۴) Varcin.

جو پيو نالو هجي (۱) رگ ويد موجب وارسن آرين جي ديوتا، اندر، جا دشمن سڏيا ويا آهن. تنهنڪري ائين ٿو سمجهيو وڃي ته شايد هي غير آرياڻي سنڌو ماڻريءَ جا اصل رهاڪو هجن، ۽ آرين ۽ غير آرين جي ڇڪتاڻ ٿي هڙاپا جي بربادي‌ءَ جو سبب ٿي هجي، پر محققن جي هڪ خاص طبقي جي اِنهن تاويلن، ۽ روايتن جي انهن تفسيرن تي اعتبار ڪرڻ ڏکيو آهي (۲).

اڇڪلهه راوي ندي هڙاپا کان ڇهن ميلن جي مفاصلي تي وهي ٿي، پر پراڻي زماني ۾ اها نديءَ آنهيءَ ٿي بستيءَ جي وچ ۾ وهندي هئي. اڄ به ان جو ڇڏي ڏنل پيٽ آڻي نظر اچي ٿو. ڪوٽائيءَ جي سلسلي ۾ اناج رکڻ جو گدام، مزدورن جا ڪوارٽر، شهر جي حفاظت جي پٽ ۽ ۽ قبرستان لڏا آهن. شهر جي چوگرد هڪ وڏي پٽ هئي، آنهيءَ حفاظتي پٽ ۽ نديءَ راويءَ جي پراڻي وهڪري جي وچ ۾ 'ايف' درو (Mound F.) آهي. ان حفاظتي ديوار جي ڏکڻ ۾ جي. ايراضي (Area G.) آهي، جتي هڙاپا جو مدفن ايچ (Cemetry H.) واقع آهي.

ڏکڻ اوپر پاسي ٽورو پريان 'جي' ايراضي آهي. هن ايراضيءَ ۾ ڪافي ڪوٽائي ڪئي ويئي آهي، پر ايف. درو ۽ ان جي پسگردائيءَ جي ڪوٽائي اڃا ٽائين ڪانه ٿي آهي. حفاظتي ديوار جي پرسان ڏکڻ پاسي ڪوارٽرن وانگر ۽ رهائش گهرن جون قطارون آهن. ان کان ٽورو پريان آڌر پاسي پنج قطارون ٽلهن جون آهن، ۽ آن جي پٽيان وري آن جي گدامن جي پٽي قطار آهي. اِها ساري تعمير هڪ خاص رٽا

---

(۱) Journal of the Bihar and Orissa Research Society, Patna, March, 1928. PP. 129-3 and R.C. Majumdar and others, An Advanced History of India, London, 1946 P. 26.

(۲) Wheeler, R.E.M. - The Indus civilization, P.81

موجب ٹيل آهي، ۽ هڪ ئي زماني ۾ ٺهرايل آهي.

کاريگرن جا کوارٽر: هي مخروطي شڪل جا پر-رخا گهر آهن، ۽ پن قطارن ۾ آهن. هي پنهي رخن کان نامڪمل آهن. آخر واريءَ قطار ۾ ستن ۽ ڏکڻ واريءَ قطار ۾ الن گهرن جا ڦٽل نشان ملڻا آهن. انهن گهرن جي سامهون، پنڌيان ۽ پاسي کان چڻن چڻن فوٽن جون ڳلين هيون، ۽ انهن جي چڻن ٽي پاسن کان اڳڻ جي چوگرد ديوار هئي، جنهن جا ڪجهه نشان اڄ به آخر ۽ ڏکڻ پاسي نظر اچن ٿا. هر هڪ گهر ۵۶ فوٽ ويڪرو آهي. انهن ۾ اندر وڃڻ جا رستا ڪجهه پاسيرا ٺاهيل آهن، جنهنڪري گهرن ۾ پردو رهيو ٿي.



کاريگرن جا کوارٽر

هر هڪ گهر ۾ يا ته به ڪمرا يا هڪ ڪمرو ۽ اڳڻ هوندو هو. گهر جو فرش پڪ سرو هو. هي کوارٽر ڪنهن وڏيءَ رٿا هيٺ ٺهرايل نظر اچن ٿا.

بڈا: انهن ڪوارٽرن جي پرسان ٽورو مٽانهينءَ تي سورنهن ٻڌا آهن، جي ناسپاتيءَ جي شڪل جا آهن، ۽ ۳ فوٽن ۴ انچن کان وڌي ۶ فوٽن ۲ انچن تائين ڊگها آهن. انهن ۾ ڪوٽلا ۽ چيٽا پاريا ويندا هئا، ۽ انهن ۾ لوهه جي ٿلهيءَ سان هوا ڦوڪي باهه پاري ويندي هئي. خبر نه آهي ته آهي ڪهڙي ڪم ايندا هئا، پر اهڙا ڪي نشان پتا ملايا آهن، جن مان سمجهجي ٿو ته انهن ۾ ٽامو پگهاريو ويندو هو.

ٽلهن جون حدون: ٻٽن جي اتر ۾ پڳل ٽنل پٿين ۽ فرش جي وچ ۾ هڪجهڙين سيرن جي ٿهيل سترهن ٽلهن جون حدون لڌيون آهن. جيڪڏهن وڌيڪ کوٽائي ڪرائي وڃي، ته ممڪن آهي ته اڃي وڌيڪ ٽلها ملن. ٻن ٽلهن جي حدن جي وچ ۾ ۲۱ فوٽن جو مفاصلو آهي. انهن جو قطر ۱۵ فوٽن ۹ انچن کان وڌي ۱۱ فوٽن تائين آهي، ۽ پاسن کان گولائيءَ تي سٽرن سان چار ٻٽا ٿهيل آهن. انهن ٻٽن جي اندر جو فرش سيرن جي ٽڪرين ۽ رنگين پٿرن جي ٽڪرين جو ٿهيل آهي. انهن ٽلهن جي وچ ۾ هڪ ڪڍ آهي، جنهن ۾ ڪڍهن ڪاٺ جو ٽنبو ڪٽل هوندو، جو ايتري عرصي گڏرڻ ڪري ڳري سڙي ويو هوندو. انهن ڪڍن ۾ پوسي جا تڪها ۽ ٽلهن تي ڪڪ ۽ جوڙن جا سڙيل دالها لڌا ويا آهن. انهن شاهدين مان پتو پوي ٿو ته انهن ٽلهن تي ڪڪ ۽ جوڙن جي سڪل وڻ مٽان ڏاندن جي جوڙي گهمائي، يا ان کي ڪٽي ان ڪديو ويندو هو. انهيءَ طريقي جو اڄ به هند پاڪ ۾ رواج آهي.

اناج جا گدام:- مٿي ذڪر ڪيل ٽلهن جي اتر ۾، ۱۰۰ والن جي فاصلي تي، ندڙيءَ جي خشڪ پيٽ جي ڪناري سان اناج رکڻ جا ۱۲ گدام آهن. آهي گدام ۵۰ فوٽ ڊگها ۽ ۲۵ فوٽ ويڪرا آهن، ۽ ۲۳ فوٽ ويڪريءَ سڙڪ جي ٻنهي پاسن کان آهن. انهن ۾ اناج رکڻ جو رقبو ۹۰۰ چورس فوٽ

آهي. آهي چار فوٽ مٿانهنءَ تي ٽهيل آهن.

ڊاڪٽر وهيلر (۱) انهيءَ علائقي جي باري ۾ ڏاڍيون دلچسپ ڳالهيون چيون آهن. آن جي بيان موجب، مٿي ذڪر ٿيل ڪوارٽرن کي ڏسي، مصر جي تل‌الا مرنا (۲) دائرة المدينہ (۳)، ڪاهون (۴) ۽ غيزه (۵) جون پراڻيون مزدور بستيون ياد اچن ٿيون، جتان جي قطارن ۾ ٽوپل ۽ اڳڻ ۾ گهريل ننڍن ننڍن هڪجهڙن گهرن جي هن ڪوارٽرن سان مشابهت خاص اهميت ٿي رکي. چو ته تل‌الا مرنا ۾ ۱۳۶۹-۱۳۵۶ قبل مسيح انهن گهرن ۾ ممي ٿاهڻ وارا رهندا هئا، جن کي شهر کان ميل کن پري آباد ڪيو ويو هو. دائرالمدينہ جو گوٽ (سورهين صدي قبل مسيح) بادشاهن جي ماڳريءَ (۶) جا مقبرا ٿاهڻ وارن جي بستي هئي، جا پڻ آبادي‌ءَ کان پري آباد ڪئي ويئي هئي. اهڙيءَ طرح ڪاهون ۽ غيزه ۾ به اهرام مصر ٿاهڻ وارا رهندا هئا. ظاهر آهي ته آنهن سڀني بستين کي شهر کان ٻاهر آباد ڪرڻ ۾ وقت جي حاڪمن جي اها مصلحت هوندي ته، چاڪاڻ ته انهن بستين جا رهاڪو لاش کي ممي‌ءَ ۾ تبديل ڪرڻ جو ڪجهه گندو ۽ ڪجهه هيبتناڪ ڪم ڪندا هئا، اهڙو ڪم شهر ۾ نٿي ٿي سگهيو. پر هڙاپا جي ڪاريگرن جي بستي اهڙن ماڻهن جي نه هئي، جي ڪفن دفن جو ڪم ڪندا هجن. انهن جو ڪم ته زندگيءَ جي ضرورتن سان لاڳو هو (ول مان آن ؒ وغيره جدا ڪرڻ). هونئن به حفاظتي ديوار جي ايترو پرسان هئڻ ڪري، هو عوام جي نظرن کان هروپرو ايترو ته پري به ڪونہ هئا، ۽ نه وري هو اهڙو ڪم ڪندا هئا، جو عالم آشڪار نه ڪرڻ ڪپي. البت ائين ٿي سگهي ٿو ته هتان جي پورهئي جو نظام پڻ آنهن ئي

1) Wheeler, - Indus Civilization, pp. 22-24 (2) Tell-el-Amerna, (3) Deir-el-Medineh (4) Kahun (5) Gizeh (6) Valley of Kings.

اصولن پنالدر هلندڙ هوندو، جي سمير جي مذهبي نظام ۾ رائج هئا، جتي آر جي چنڊ جي ديوتا نانار (۱) جي مندر جي اڳڻ ۾ ديوتا ۽ حڪومت جي نالي تي هڪ ڪپڙي ٺاهڻ جو ڪارخانو هو، جنهن ۾ ۹۸ زالون ۽ ۶۳ پار ڪم ڪندا هئا، يا جهڙيءَ طرح لاغاش (۲) ۾ باؤ جي مندر ۾ ۲۱ پورچي، ۲۷ ديوداسيون، ۲۵ شراب ڪيڻ وارا، ۶ زنانه ڪپڙا ٺاهڻ وارا ۽ مٽ ڪٽ وارا غلام، هڪ لوهر ۽ ٻيا ڪاريگر ۽ حاڪم رهندا هئا. بهرحال هتي ٻئ ڪاريگرن جي ڪنهن نه ڪنهن طرح جي تنظيم ضرور موجود هئي، جنهن جو اندازو انهيءَ ۾ لڳائي سگهجي ٿو ته مذڪور ايراضيءَ ۾ اناج ڳاهڻ جا ٽلها ۽ آن جا گودام آڻڻ جي رهاڪن جي پيشي کي ٿي ظاهر ڪن ٿا.

آن هتان جي وڏي سماجي دولت هو، ۽ ڏيتي ليتيءَ ۽ ڪاروبار ۾ ناڻي جي بجاءِ ڪم ايندو هو. ديل وغيره ۾ اناج جي صورت ۾ وصول ڪئي ويندي هئي. هيءَ ديل انهن گودامن ۾ جمع ڪئي ويندي هئي، جتان آن جي درآمد-برآمد ٿيندي هئي. آنهيءَ مقصد جي پورائيءَ لاءِ ظاهر آهي ته منشي ۽ مزدور ملازم طور رکيا ويندا هوندا. هڪ اهڙي دور ۾ جڏهن سڪو هوڻي ڪونه ۽ اناج ئي هڪ اهڙو ذريعو هو، جنهن جي وسيلي شين جي مٽاسٽا ڪئي ويندي هئي، اهڙيءَ صورت ۾ اناج جي انهن ئي گودامن مان ملڪ جي دولت جو اندازو لڳايو ويندو هوندو. سو انهيءَ دور ۾ دجلہ ۽ فرات جي ماڻريءَ ۾ هر مکيه بستيءَ جي پرمان اناج جا گودام لڌا ويا آهن. گودام مندرن ۽ عبادت گاهن جي پر ۾ هئا، ۽ ڪي درياڻن ۽ ندين جي ڪنارن تي هئا. آر ۾ لڌل هڪ ڪتبي ۾ هڪ اهڙي ئي گودام جو ذڪر ٿيل آهي، جنهن ۾ ايترو ته جَوَ ڪن جو ذخيرو جمع ٿيندو هو، جنهن مان ۴۰۲ ڏينهن جي محنت جي مزدوري ڏيئي سگهجي. هڪ ٻئي دستاويز ۾ اهڙي ئي

(1) Moon God Nannr. (2) Lagash

هڪ گودام جي سنياليندڙ جي انهيءَ ذميداريءَ جو ذڪر آهي، تہ هو انهيءَ ڳالهہ جو خيال رکي تہ هن گودام جي اناج مان ۱۰۹۳۰ ماڻهن جي اجرت ڏيئي سگهجي. انهن محنت مزوري ڪندڙن ۾ ناظر، ريڊار، ۽ آبپاشيءَ جو ڪم ڪندڙ بہ شامل هئا. اهي سموريون لکتون ۲۱۳۰ کان ۲۱۳۵ ق.م. جون آهن، ۽ ٽوٽو ڪري سنڌو ماڙيءَ جي تهذيب جي همعصر آهن. پر بدقسمتيءَ کان هڑاپا توڙي موهن جي ڏڙي مان اهڙيون ڪي لکتون اڃا تائين دريافت ڪونہ ٿي سگهيون آهن.

چانهون جو ڏڙو: موهن جي ڏڙي کان اسي ميل جي مفاصلي تي ڏکڻ پاسي، ڪرنڊ جي پرسان، جمال ڪيرٿي جي ڳوٺ کان اڌ ميل پري، ٻي ڏڙا آهن، جيڪي چانهون جي ڏڙن جي‌نالي سان مشهور آهن. شروع شروع ۾ اهي ٻيئي ڏڙا گڏيل هئا، ۽ سنڌو درياءَ جي ڪپ تي هئا، پر بعد ۾ پوڻ انهن کي ٿن جدا جدا ڏڙن ۾ ورهائي ڇڏيو. هينئر سنڌو درياءَ هتان اٽڪل ۱۲ ميلن جي مفاصلي تي وهي ٿو.

هيءَ هنڌ ۱۹۳۱ ۾ لڏو ويو هو، ۽ ٿن هفتن جي کوٽائيءَ کان پوءِ، آڻان موهن جي ڏڙي ۽ هڑاپا جي دور جون باقيات ملڻيون هيون. پر انهيءَ وچ ۾ ڪي اهڙيون آلي شيون پڻ لڌيون، جن مان اهو اندازو لڳايو ويو آهي تہ هن ڏڙي جو تعلق موهن جي ڏڙي ۽ هڑاپا جي برباد ٿي وڃڻ کان پوءِ جي دور سان بہ رهيو آهي. ۳۵-۱۹۳۶ ۾ مسٽر مڪي هتي گهٽي کوٽائي ڪرائي هئي. ايترو تہ هيٺ تائين کوٽيو هئائون، جو زمين مان پاڻي نڪرڻ لڳو هو. انهيءَ کوٽائيءَ مان ڏاڍا دلچسپ نتيجا حاصل ڪيا ويا آهن.

هتان جو خاص ڏڙو ٽل نمبر ۲ (۱) آهي. هن ۾ هڑاپا

(1) Mound II

جي دور جا ٽي جدا جدا تهہ موجود آهن، جن مان پٽو پوي ٿو تہ هيءَ بستي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ پيرا پوڏ هيٺ اچي تباهہ ٿي ۽ ٻيٽي پيرا وري آباد ڪئي ويٽي. آن دور کان پوءِ ڪجهہ عرصو هيءَ بستي غيرآباد رهي، ۽ پوءِ وري آن کي پوڏ کان بچائڻ لاءِ مٽيءَ جي ڪچين سرن جو ٽلهو ٺاهي ٿورو مٽي ڪيو ويو، ۽ پوءِ ان ٽلهي مٿان گهر ٻڌا ويا. کوٽائي ڪيل حصي جون عمارتون ۲۵ فوٽ ويڪريءَ سڙڪ تي آهن. ٻيون ڳليون ۳۰ ڊگرين جي سڌائيءَ تي ان سڙڪ سان اچيو ملن ٿيون. انهن ڳلين ۾ ڪنارن تي تمام سٽيون ڊڪيل نالين پٽ آهن، جن کي همیشہ صاف ڪيو ويندو هو. هتان ڪٽ، ٽامي، سپيءَ ۽ عاج جي سامان ٺاهڻ جون شيون ۽ گهڙي تعداد ۾ لڌيون آهن. هتان ٽامي جا اوزار ۽ غير مڪمل ڏانوءَ جا پگهاريل ٽڪرا ۽ تمام گهڻا لڌا آهن.

ٻٽي ٽُل جي مٿين تهہ تي هڪ اهڙي دور جون باقيات ملين آهن، جي سنڌ جي جهڪر جي ڏڙي واريءَ تهذيب سان مشابهت رکن ٿيون. ائين ٿو معلوم ٿئي تہ جهڪر دور جي ماڻهن هڙاپا ڪلچر جي (۱) خاتمي کان پوءِ چانهون جي بستيءَ تي قبضو ڪيو، ۽ پراڻن، خالي، پگهل ٽنل گهرن جي سرن کي ٻي ترتيبيءَ سان ڳنڍي جوڙي گهر آباد ڪيا. هي ماڻهو غالباً چورس يا مستطيل جهوپڙين ۾ رهندا هئا. انهن جهوپڙين جا فرش ڪچا هوندا هئا، ۽ سنڌن رڌ بچاءَ لاءِ چلهيون گهر جي ٻاهران هوندين هيون، جتي هوا کان بچڻ لاءِ ننڍيون وڏيون ٻتيون آڏ وانگر ٺاهي ڇڏيندا هئا. باقياتي شهادتن مان هيءَ اندازو ٿئي ٿو تہ هي ماڻهو هڙاپا ڪلچر جي خاتمي کان

(۱) آثار قديمہ جي ماهرن سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب کي "هڙاپا ڪلچر" جو نالو ڏنو آهي. "هڙاپا ڪلچر" چوڻ سان مراد رڳو هڙاپا بستيءَ جي تهذيب نہ، پر موهن جي ڏڙي، هڙاپا ۽ انهيءَ دور جي سيني ٻن هنڌن تان لڌل باقيات واري تهذيب آهي.

گھٹو عرصو پوءِ هتي اچي آباد ٿيا هئا.

ست ڪاڄن ڏور:- ست ڪاڄن ڪراچيءَ کان ٽي سوَ ميل پري اولهه پاسي عربي سمنڊ جي ڪناري کان ۲۵ ميل اندر طرف آهي. سرآريول اِستائن هتي ڪجهه خندقون کوٽايون هيون، جن ۾ ۸-۹ فوٽ هيٺ زمين مان ٺڪريون لڌيون هيون. هتي هڪ پڪي قلهي جي پٽ جا آثار به مليا هئا، جنهن جي اندر مستطيل شڪل جو ميدان اندر اولهه پاسي ۱۷۰ وال ڊگهو، ۽ اوپر اولهه ڪان ۱۲۵ وال ويڪرو هو. شهر پناهه پٿر جي چورس سرن ڪي مٿيءَ ۽ گاري سان لٻيي ٺاهي ويئي آهي، جنهن جي ڏکڻ اولهه واريءَ ڪنڊ کان هڪ دروازي جا نشان آهن، جو اٺ فوٽ ويڪرو هو. ان دروازي جي ٻنهي ڪنڊن کان مستطيل شڪل جا برج ٺاهيا ويا هئا. ڪوٽائيءَ هلندي، هڪ وڏو 'خاڪدان' لڌو هو، رڪ سان پريل هو. ان مان هيءَ اندازو لڳايو ويو آهي ته انساني لاشن کي ساڙڻ بعد، انهن جي رک کي بوريو ويندو هو. اهڙي قسم جي رک سان پريل ٻيا ٽانوَ به هتان مليا آهن. لڌل باقيات ۽ پٿر جا چاقو، پن جي شڪل جو پٿر جو ٺهيل تيرَ جو مُنهن، ٽامي جي هڪ چپٽي ٽپل ڪهاڙي، جنهن جا پاسا ڪارائيءَ وانگر آهن، مٿيءَ جون ٺهيل ڪنگڻيون، روهيءَ مان ٺهيل ٽانوَ جو هڪ ٽُڪر ۽ ٻيا گهڻائي مٿيءَ جا ٽانوَ، جن ۾ آهي سوراخ دار ٽانوَ به شامل آهن، جي هڙاپا مان گهڻا لڌا آهن، ڪجهه چٽساليءَ وارا ٽانوَ، ۽ سٽي وڃائن واري مٿيءَ جي جهرڪي، ۽ پڪيون سرون به مليون آهن.

علي مراد:- علي‌مراد دادوءَ کان ۲۰ ميلن تي ڏکڻ ۾ آهي. هتي وارياسي ميدان ۾ هڪ ڏڙو لڌو ويو هو، جنهن جي چوطرف پٿر جي چورس پٽ هئي. هن پٽ جي ٻيگهه ۽ ويڪر ۲۵۰ وال آهي. هن ۾ ۲ فوٽ ڊگها ۽ هڪ فوٽ ويڪرا ۽ پنج فوٽ ٿلها پٿر جا ٽُڪر ڪم آندا ويا آهن. ٿن جو

دروازو ڏکڻ پاسي هو. پٽ جي اندر هڪ ڪوه ۾ ڪجهه گهرن جا نشان ملیا آهن. هتان جي لڏل شين ۾ ڳاڙهيءَ مٽي تي ڪارن چٽن سان، ۽ هڙاپا دور سان مشابهت رکندڙ ٻيا جي ٻڌن جي نشانن وارا مٽيءَ جا ڏانوَ، پڪل مٽيءَ جا ٿهيل ڏاندن جا پُتلا، پٿر جا چاقو، ڪُٽ يا ٽامي جي پيٽيل پاسن واري ڪهاڙي، ۽ عقيق جا مڻڪا به ملیا آهن.

آمري:- سنڌو درياءَ جي اولهه واري ڪناري تي، موهن جي دڙي کان ۸۵ ميل ڏکڻ ۾، ۽ رانهون جي دڙي کان ۲۵ ميل پري اولهه ۾، گهوٽ آمريءَ جي پرسان ۾ دڙا لڏا آهن. هتي مجمدار ۽ خندقون کوٽايون هيون. انهن ۾ پٿر جي ڪن پٽين ۽ ڪجهه ڪمرن جا آثار موجود هئا. هتي ٻن تهذيبن جا نشان ملیا آهن ـ مٿانهين تهه ۾ سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جي دور جون باقيات موجود آهن، ۽ اُن کان هيٺين تهه ۾ بلوچستان ۾ لڏل قديم ديهي ثقافت جا آثار ڏٺا ويا آهن.

ڊبر ڪوٽ:- سنڌو درياءَ کان ۱۲۵ ميل اولهه ۾ لورالائيءَ جي ڏاکڻي پاسي، ڊبر ڪوٽ جو دڙو آهي. هيءَ ۱۱۳ فوٽ اوچو آهي، ۽ اُن جو قطر ۱۲۵۵ فوٽ آهي. هيءَ قندار ڏانهن ويندڙ پراڻيءَ سڙڪ تي واقع آهي. هن دڙي جي مٿانهين تهه ۾ سنڌو ماڻريءَ جي دور جون باقيات ملیون آهن. جيڪڏهن وڌيڪ کوٽائي ڪرائي وڃي، تہ هيٺين تهن ۾ انهيءَ دور کان اڳ جي رهاڪن جي باقيات ملڻ جي اُميد رکي سگهجي ٿي.

——

شهري اڏاوت جي رڌبندي

سرن وجهڻ. گهرن جو جاڙيون. رستا ۽ ڪليون. ڪوهه. صفائي. غسلخانا. حمام.

گذريل ڪن سالن جي کوٽائيءَ ۽ کوجنا جي نتيجي ۾ سنڌو ماڻريءَ جي قديم رهواسين جو ڪافي بي مثل ورڇو دريافت ٿيو آهي، ۽ ان ورڇي جي روشنيءَ ۾ ان قديم تهذيب جون ڪيتريون ئي خوبيون ۽ خصوصيتون ڪلي ظاهر ٿيون آهن. خاص طرح سنڌن اڏاوت جي فن جا ڪيترائي اهڙا پهلو اڄ اسان کي معلوم آهن، جن تي پوري غور ڪرڻ بعد اسين آساني‌ءَ سان چئي سگهون ٿا تہ هي ماڻهو اڏاوت جي ڪم ۾ وڏي قابليت رکندا هئا. سنڌن گهر، دڪان، مڪتب، ڪوهه، رستا، مطلب تہ سڀ اڏاوتي ڪم پوريءَ رٿا هيٺ عمل ۾ ايندا هئا. موهن جي دڙي جي کنڊرن ۾ شهري اڏاوت جي هنن شاندار نشانن کي ڏسي، جيڪي اڄ به جديد کان جديد پيا لڳن، هڪ انگريز مصنف ائين لکڻ لاءِ مجبور ٿي پيو تہ هن آڏي بيهي ائين ٿي محسوس ڪيو ڄڻ هو اڄ جي لنڪا شهر جي کنڊرن ۾ بيٺو هو. وڌيڪ چيائين تہ موهن جي دڙي جي شاهراهه اول (۱) ۽ شاهراهه مشرق (۲) جي ميلاپ وارو هنڌ تہ ڪيس آڪسفورڊ سرڪس جو چوراهو (۳) ٿي معلوم ٿيو (۴). ڏسڻ ۾ تہ هي ڳالهيون ڄڻ خوشفهميءَ واريون پيون

---

(1) First Street (2) East Street (3) Oxford Circus.
(4) The Vedic Age - vol. 1 of the History and Culture of Indiane Peopl. p. 169.

پائنجن، پر حقيقتن جي اونهي ايپاس مان پتو پوي ٿو تہ اهي سڀ دلڪش تشبيهون بي بنياد نہ آهن. ٿورو تفصيل ۾ وڃو تہ اهي تشبيهون حقيقت جي روپ ۾ سامهون اچي بيهنديون. مثال طور، ان دور جي اڏاوت جي مکيہ جزي، سرن، کي ئي ٿو ڏسجي تہ آهي هند-پاڪ جي ٻين قديم توڙي جديد سرن جي پيٽ ۾ انگلنڊ جي سرن سان وڏيڪ مشابهت رکندڙ نظر ٿيون اچن. نہ رڳو ايترو، پر آنهن سرن ۾ عمارتن ۾ چڻسالي۽ جو ڪم تہ ٻنهہ نہ ٿيل آهي، جيڪو هونئن اسان جي قديم فن تعمير جو امتياز آهي. اڳتي هلي، گپتا دور ۾ تہ سرن تي چڻسالي۽ ۽ آڪر جي ڪم ۾ ايتري مهارت پيدا ٿي ويئي هئي، جو تعمير جو آهو فن آن دور ۾ پنهنجو مثال پاڻ بنجي پيو هو. ٿي سگهي ٿو تہ موهن جي ڏڙي ۾ ٻہ چڻسالي ۽ نقش نگاري وغيرہ جو ڪم عام هجي، پر اهڙا نقاشي ڪاٽ تي ڪٿي ويندي هئي، ۽ آهي نقش ٿيل تختا هن مهل تائين سڙي گري ويا هجن. پر اهڙي قسم جي نقش نگاري۽ ۽ آڪر جو ظاهر ثبوت بهرحال نٿو ملي. هتي البت پٿر ۽ پڪل مٽي۽ جون ٿهيل چاريون سو ملين آهن، پر آهي ايتري قدر گهٽ آهن، جو اهو خيال ئي نٿو ڪري سگهجي تہ ڪو اهي هر گهر ۾ ڪم آندين ويون هونديون.

هڙاپا ۽ موهن جي چورن جي ڪارگذارين سبب اڏاوت جا آثار تمام گهٽ لڌا ويا آهن، پر موهن جو ڏڙو، پاسائتي علاقي ۾ هٿ ڪري، چورن جي هٿ چراند ڪان بچي ويو آهي. سو ان جي سڙڪن، گهٽين، گهرن، ميري پاڻي۽ جي نالين، ڪوهن ۽ غسلخانن مان شهري اڏاوت جي رڌابندي، شهر وسائٽ جي نظام، ۽ صحت جي عام رائج اصولن جي پابنديء جو گهڻو ڪجهہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

هڪ اعليٰ رڌابندي۽ هيٺ آباد ٿيل شهر جو پهريون بنيادي اصول هي۽ آهي تہ آهو جنهن هنڌ تي اڏيل هجي،

آهو پاهرين ۾ اندرين بندشن کان آجو هجي. پي خاص ضرورت ان لاءِ هڪ اهڙي مرڪزي بااختيار انتظام جي آهي، جنهن ۾ رستن ۽ گهٽين جي سنيال، عوام لاءِ کوهن جو بندوبست، گندي پاڻيءَ جو نيڪال، صحت صفائيءَ جي آسوڻن جي پابندي ۽ گهرن جي بيهڪ جي رڌابندي آسانيءَ سان ٿي سگهي ۽ ان لاءِ شهرواسين جو تعاون خوشيءَ ڏوڙي رنج سان حاصل ڪري سگهجي.

موهن جي دڙي مان لڌل شهر ۾، اهي بيٺي گهاڙيون موجود هيون. شهر جي سرزمين ان زماني ۾ سچ پچ تہ ڪافي وڏي، ويڪري ۽ سٽين سڌي رهي هوندي، ۽ هتان جا رهاڪو ڪافي خوشحال ۽ سماجي قانونن جا پابند هوندا. پر شهر جي پرسان درياه جي هٿ ڪري پاڻيءَ ۽ مٽيءَ ٻڌي جي سطح گڏوگڏ مٽي ٽيندي رهندي هوندي، جنهنڪري هتان جي رهاڪن کي ٿوري ٿوري عرصي گذرڻ کان پوءِ پنهنجن گهرن کي اوچيءَ سطح تي اڏڻو پوندو هوندو. ڏيڪي ايراضيءَ ۾ ان قسم جي ستن تہن جا نشان لڌا ويا آهن، ۽ ان بستيءَ جي هيٺاهين تہ ۾ پوڻ جي پاڻيءَ جي بيهي رهڻ جا نشان بہ ڪنهن ڪنهن هنڌ نظر اچن ٿا. اهڙيءَ ريت پراڻين جابن مٿان نيون جايون اڏيون ويون، ايتري قدر جو شهر جي سطح اوچي ۽ تنگ ٽيندي ويئي، جنهنڪري آها قوم، جنهن کي شروع ۾ گهرن جي عمارتن جي نئين نئين ضرورتن جو بہ خيال رهندو هو، سا پوئين دور ۾ شهر جي اڏاوتي رڌابنديءَ جي آسولن کان لاپرواهہ ٿي ويئي ۽ آخري ڏينهن ۾ تہ شهر جا حاڪم زمين جي تنگيءَ سبب ماڻهن کي سڙڪن ۽ گهٽين جي زمين تي قبضي ڪرڻ کان بہ نہ روڪي سگهيا

سرون ڦاهڻ:- برصغير هند-پاڪ جي اڏاوتي فن جي تاريخ ۾ سنڌو ماڻريءَ جي هن دور جون سرون پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هتي غالباً ڪنهن بہ پوءِ جي دور ۾ هنن سرن کان

وڏيڪ ڪارائتيون سرون ڪونہ ٿيون آهن. هنن سرن جي ماپ I:½:¼ جي نسبت ۾ هوندي هئي. تاريخي دور ۾ سرن ٺاهڻ جي فن شهنشاهہ اشوڪ جي زماني ۾ ترقي ڪئي. پر ان زماني جون سرون به سنڌو ماڻرءَ جي سرن کان ماپ ۾ ڀيٽيون هونديون هيون. پوءِ ڪشان، گپتا ۽ وچين دور ۾ سرن جي ماپ گهٽبي ويئي، ۽ انهن جي ٻيگهہ، ويڪر ۽ ٿولهہ ۾ ان تناسب جو خيال ڪونہ رکيو ويو، جو سنڌو ماڻريءَ جي اوائلي سرن ۾ مقرر ڪيل هو. تعميرات جي ڪن ماهرن جو ته هيءُ رايو آهي ته سنڌو ماڻريءَ جون هي سرون پنهنجي انهيءَ اعليٰ تناسب جي خيال کان نہ فقط هن برصغير ۾ بهترين آهن، پر سمير، مصر (رومي دور کان اڳ) ۽ ٻين ملڪن جي سرن کان به برتر آهن. مصر ۽ سمير ۾ پٿر ۽ ڇيرولي جي ڪاري جي موجود هڻڻ ڪري، سرن جي بناوت ڏانهن وڏيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ڏي ڪئي ويئي؛ جنهنڪري هنن سرن جي هن تناسبي پهلوءَ جو خيال ڪونہ رکيو. پر سنڌو ماڻريءَ جي سپوتن کي ته درياءَ جي مٽيءَ مان سرون ٺاهڻيون پونديون هيون، ۽ ان هنر ۾ هنن واقعي پنهنجي اعليٰ ڪاريگريءَ جو ثبوت ڏنو آهي (۱).

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا ۾ گهٽو ڪري پڪيون سرون استعمال ڪيون ويون آهن. سواءِ ڪن جاين جي، جتي ڪچيون ۽ پڪيون سرون هڪ خاص سلسلي سان اوساريءَ ۾ يا بنياد ۾ ڪم آندل آهن. هنن سرن جي ٻيگهہ ويڪر ڪان ٻيٽي ۽ ٿولهہ ويڪر جو اڌ رکيل آهي. هي سرون ۱۰٫۲۵×۵×۲٫۲۵ انچن ڪان وڏي ۲۵٫۲۵×۸٫۵×۲٫۵ انچن جي جدا جدا ماپ جون ٺاهيون ويون آهن. اڄا به وڏيءَ ماپ جون سرون خاص خاص استعمال، مثال طور نالين کي ڍڪڻ وغيرہ، لاءِ ٺاهيون

(1) Dikshit, K. N.-Prehistoric Civilization of Indus Valley, P.16.

ويندڙيون هيون. عام طرح هتي ٢٥×٢٥ع×١١ انچن جي سرن جو استعمال ٿيل آهي. اهي سرون هاڻوڪي طريقي تي ڪاٺ جي ڪليل چوڪنڊن سانچن ۾ ٺاهيل آهن. درياءَ جي چيڪي مٽيءَ کي گوهي، سانچي ۾ وڌو ويندو هو. سانچي جي مٿان آيل وڌيڪ مٽيءَ کي ڪاٺ جي تختي سان پري هٽايو ويندو هو. اهڙيءَ طرح سرن جون ڪنڊون صاف ۽ سطح هڪ ڪري ٿي ٻيهنڊي هئي. ڪڻ ڪان پوءِ اهي ڪچيون سرون ڪائڻ جي باهم سان زير زمين ٻٽو ٽپائي، ان ۾ پچائيندا هئا، جتي آهي پچي سهڻي ڳاڙهي رنگ جون ٿي پونديون هيون. حد ڪان وڌيڪ پڪل سرن کي يا تہ بنياد ۾ ڪم آندو ويندو هو، يا وري انهن کي ڪڪريءَ طور ڪم آندو ويندو هو. گهٽي پڇ ڪري ڪن سرن مٿان وري سائي رنگ جو گهٽ وڌ ٿهر چمي ويندو هو. چوڪنڊين سرن ڪان سواءِ ٻن شڪلين جون سرون بہ ٺاهيون ويندڙيون هيون. ڪوهن ٺاهڻ لاءِ V شڪل جون سرون خاص طرح ٺاهيون ويندڙيون هيون. هي سرون محرابن ٺاهڻ لاءِ بہ استعمال ٿي سگهيون ٿي، پر ائين ٿو معلوم ٿئي تہ موهن جي دڙي جا ماڻهو محراب ٺاهڻ جي فن کان ناواقف هئا. ٻين مقصدن لاءِ عام رواجي سرن کي ڪٽي ۽ ڇانٽي ڪم ۾ آندو ويندو هو. هي سرون ايٽريءَ تہ قابليت سان ڪٽيون، ڇانٽيون ۽ لسايون ويندڙيون هيون ۽ ايٽريءَ تہ خبرداريءَ سان جڙيون ويندڙيون هيون، جو انهن جي سيرن مان ڪڍهن بہ پاڻي سمي ڪونہ سگهندو هو. غسلخانن جا فرش خاص طرح اهڙين گسائي لسيون ڪيل سرن جا ٺهيل آهن. فرش جي جڙت سادي هوندي هئي، ان ۾ ڪنهن قسم جي چٽسائيءَ يا ڊزائين وغيرہ جو خيال ڪونہ ڪيو ويندو هو. البت غسلخانن جي ڪنڊن ۾ ڪٽي ڪٽي L شڪل جون سرون ڪم آندل آهن. سرون مٽيءَ جي گاري سان لٿيل آهن، ۽ هزارن سالن جون آهي وڏيون وڏيون پٽيون اڄ بہ مضبوط بيٺيون آهن. خاص خاص

هنڊن ۾ جهڙوڪ نالين، حمامن ۽ ڪاڪوسن وغيره جي بناوت ۾، جن ۽ چيرولي‌ءَ جو گارو استعمال ٿيل آهي. مٽي‌ءَ جو گارو سرن سان لڳي سيمنٽ يا پين مصالحن وارن گارن وانگر چنبڙي ڪونہ ٿو پوي، ۽ اندازو آهي تہ هتان جون سرون هڪ جاءِ تان ڪڍي ٻئي هنڌ استعمال ڪيون ويون آهن — جو تہ استوپا جي عمارت، جا تاريخي دور جي تعمير آهي، انهن آکڙيل سرن سان جوڙيل آهي. هن ڳالهہ جي وڌيڪ ثبوت لاءِ جدا جدا ماپ جي سرن جا اهڙا ٽڪرا بہ پيش ڪري سگهجن ٿا، جي ڪوٽائي‌ءَ وقت اهڙي‌ءَ حالت ۾ لڌا ويا، جڏ تہ آهي هڪ هنڌان نڪري ٻئي هنڌ استعمال ٿيڻ وارا هجن (١). اهڙي قسم جا نظارا آر ۾ پڻ لڌا ويا هئا. جيڪڏهن جن يا چيرولي‌ءَ جو گارو عام طرح ڪم آندل هجي ها، تہ اهڙي‌ءَ طرح سرن کي هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ لڳائڻ ناممڪن هو.

گهر: موهن جي دڙي جا گهر سادا ۽ آرام وارا آهن، جن کي اڏڻ وقت خوبصورتي‌ءَ ۽ ٽاهہ ڏوهہ ڪان وڌيڪ انهن جي مضبوطي‌ءَ ۽ پائداري‌ءَ جو خيال رکيو ويو هو. هتي ايڏيون شاندار ۽ سينگاريل عمارتون ڪونہ ٿيون ملن، جهڙيون مصر، سمير ۽ پين قديم تهذيبن وٽان لڌيون آهن. هيتي ڪن ڳالهين جو خاص طرح خيال رکيو ويو آهي: مثلاً، هتان جي عمارتن جي پيڙهہ ڪافي اونهي ۽ مضبوط رکي ويئي آهي، ۽ ان ۾ ٽکرٽوپر ۽ ڪري وجهي، پوري‌ءَ طرح ان کي پڪو ڪيو ويو آهي. عمارتن کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ انهن جي آڏو مٽي‌ءَ جا وڏا ٽلها بنايا ويندا هئا. اڪثر پٽين ۾ ترتيب سان، انگلش بانڊ (٢) جي طرز تي، آپين ۽ وچايل سرن جون اوساريون ڪيل آهن (٣).

---

(١) Macuay, Earnest,-The Indus Civilization, P. 30
(٢) English Bond (٣) Vedic Age, P. 171



وڏيڪ ڏاهين پڻين ٿاهڻ لاءِ ٻاهران ۽ اندران سرن جي اوساري ڪري، آن جي اندر مٽي، گارو ۽ ٽڪريون ۽ سروٿا پري چڏيندا هئا.

ڪوٺائيءَ ۾ لڏل عمارتن کي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (١) رهائشي گهر، (٢) وڏيون عمارتون جن جي اڏاوت جو ڪارج پوريءَ طرح سمجهه ۾ اچي نه سگهيو آهي، ۽ (٣) غسلخانا ۽ حمام.

رهائشي گهر ٻن ڪوٺين کان وٺي، ايترا تہ وڏا ۽ ويڪرا آهن، جو انهن کي ڏسي، محلن جو ڏوڪو ٿئي ٿو. انهن جون ٻاهريون پڻيون بلڪل سادیون آهن. انهن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ جيڪي در آهن، سي وڏن ڪشادن رستن جي پاسي کلڻ بدران ڳلين ۾ ٿا کلن. عام گهر ٢٧-٣٠ فوٽن جا هوندا هئا، جن ۾ ٤ يا ٥ ڪوٺيون هونديون هيون. وڏا گهر انهن کان ٻيڻا ڪشادا هوندا هئا ۽ انهيءَ انداز مطابق انهن ۾ وڏيڪ ڪمرا هوندا هئا ـــ ايتري قدر جو ڪن گهرن ۾ ٣٥ ڪمرا ٻہ ڏڻا ويا آهن. موهن جي دڙي جي وڏي ۾ وڏي جاءِ ٢٨٢ فوٽ ڊگهي ۽ ١١٢ فوٽ ويڪري آهي. ان ۾ ڪيترا ئي صحن آهن، جن جي چوڌاري رهائشي ڪمرا ۽ گودام وغيرہ آهن. انهن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ هن جاءِ جو مالڪ وڏيءَ حيثيت ۽ آڪهه وارو هوندو.

سنڌو ماڻريءَ جي گهرن جي ڪوٺين جي ڊيگهه ۽ ويڪر اسان جي هاڻوڪن ڪمرن کان ڪجهه گهٽ هوندي

هئي. اُن جو سبب ٽُهيون پتيون هيون، جي ٻوڏ کان بچڻ ۽ مٽيءَ ماڙ جي ٻوج جهلڻ جي خيال کان ٺاهيون ويندڙ هيون. انهن پتين تي بُهہ مليل گچ جو پلستر هنيو ويندو هو، جنهن جا ڪجهہ ڪجهہ نشان اڄا سوڌا آتي ڏسي سگهجن ٿا. ڪن گهرن جي پتين مٿان چوطرف ڪانڇا ڏنا ويا آهن، جن ۾ شايد آهي شهتير رکيل هٿا، جن تي عمارت جي ڇت ٻڌل هئي. انهن شهتيرن تي ڪاٺ جون سنهيون پٽيون رکي، انهن تي پٽن يا ستڙن جا ٽوٽا رکي، انهن کي مٽيءَ سان لٻيي ڇڏيندا هوندا. اندازو آهي تہ هي ڇتيون چورس ۽ هڪساريڪيون هونديون ، ۽ انهن جي ڪنارن تي بچاءَ لاءِ پلوڙا ٺاهيا ويندا هوندا. سنهن جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ پڪيءَ مٽيءَ يا ڪاٺ جا ٽهيل نيسارا هڻي ڇڏيندا هوندا.

هِتن جاين جو نقشو مجموعي طور مشرقي ملڪن جي جاين، خاص ڪري بابل ۽ برصغير هند-پاڪ جي آترين علائقن جي شهرن جي جاين سان ملي جلي ٿو. يعني هر جاءِ جي وچ ۾ اڱڻ هوندو هو ۽ اڱڻ جي چئني طرفن ڪوٺيون ٺاهيون ويندڙ هيون. اڱڻ جي ڪنهن هڪ ڪنڊ ۾ ڪير ڏيندڙ جانور پٽڻا ويندا هٿا ۽ پيءَ ڪنڊ ۾ رڌڻو هوندو هو. وڏين جاين ۾ گڏيل ڪٻنب رهندا هٿا. ڪن جاين ۾ وڃان آيل پردي جون اهڙيون پٽيون بہ ملنديون آهن، جي جاءِ کي ٻن پاڱن ۾ ورهائين ٿيون ۽ ائين معلوم ٿو ٿئي تہ جڏ ٻن پاڙن جي زالن جي پاڻ ۾ ڪِٽ پِٽ يا ڪنهن ٻئي خانداني اختلاف جي ڪري جاءِ کي ٻن پاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. گچ جاين جي باهرين پٽ، پر واري مڪان جي پٽ کان ٿورو هٽائي ويئي آهي ، ۽ ان ڪري ٻنهي جاين جي وچ ۾ هڪ تمام سوڙهي ڳٽي ٺهي ويئي آهي. ائين شايد گڏيل پٽ ۾ ڪِلين ٺُڪن، ڪپڙن لڳائڻ يا پاڙيسرين جي انهيءَ نموني جي آزار کان بچڻ لاءِ ڪيو ويو هوندو. دروازا

گھٹو کري کاٽ جا ٽاهيا ويندا هئا، جيڪي چؤ-ڪاڻي جي وچ ۾ فٽ ڪرڻ بدران مٿينءَ ايس ۾ چائنٽ ۾ ڦاسايا ويندا هئا. باهرين پٽين ۾ دريون ڪي اتفاق سان هونديون هيون.

مٿين ماڙين ڏانهن وڃڻ واريون ڏاڪڻيون آپيون، سنهيون ۽ سوڙهيون آهن؛ ڪن ڪن ڏاڪن جي اوچائي ۱۵ انچ ۽ ويڪر فقط ۵ انچ آهي، جن تي چڙهڻ لاءِ وڏي خبرداري ڪرڻي پوندي هوندي؛ پر ڪي ڏاڪڻيون اهڙيون به ملنديون آهن، جيڪي بلڪل پوريءَ ۽ مناسب ماپ جون ٽهيل آهن. هڪ وڏيءَ جاءِ ۾ ته ڏاڪا سوا ٻه انچ اوچا ۽ سوا اٺ انچ ويڪرا آهن. ڪن جاين ۾، مٿينءَ ماڙيءَ تي وڃڻ لاءِ باهرينءَ گهٽيءَ مان ڏاڪڻيون تيار ڪيون ويون آهن.

هيٺ جاين ۾ فرنيچر تمام سادو پيل هوندو — پٽن جا تڏا ٽؤئريون ۽ سٽرن مان مُوڙا ۽ ٽپايون ٽاهيون ويندڙون هيون، جن جون هيتان جي لڏل مُهرن تي تصويرون ملنديون آهن. آهي ويهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙون هونديون. اناج رکڻ لاءِ پتليون يا گنڊڙا موجود هئا؛ ڪن هنڌن تي پٽين ۾ اونها جارا يا ڪانڇا ملايا آهن، جي شايد ڪپڙن جو ڪم ڏيندا هئا.

رستا ۽ گهٽيون: موهن جي دڙي جا رستا ۽ گهٽيون اتر-ڏکڻ ۽ اوپر-اولهه تي ٽهيل آهن. هي رستا هڪٻئي کي گونيءَ ڪنڊ تي ڪٽيندي، اڳتي وڌن ٿا. گمان آهي ته رستن جا اِهي طرف هوائن جي رخ کي نگاهه ۾ رکندي رڌيا ويا هوندا. ۽ اتر يا ڏکڻ جي طرفن کان ايندڙ تازيون هوائون، ويڪرن رستن تان ويندي، سوڙهين گهٽين ۽ گهٽين جي گهٽيل گنديءَ هوا کي به ڪٽي ويندي هونديون. اهڙيءَ ريت گهٽو ڪري هر هنڌ تازيءَ هوا جو گذر ٿيندو هوندو. ٿي سگهي ٿو ته رستن جي طرفن جي هيءَ بيهڪ اتفاقي گهالهه هجي ۽ ان جو هوائن جي رخ سان ڪوبه واسطو نه هجي، پر هوا کان ڪم وٺڻ جو اهڙو ساڳيو انتظام

بابلي تهذيب جي ڪن شهرن ۾ به ڏسڻ ۾ آيو آهي.

هتان جا رستا ڪافي ويڪرا آهن. پهريون شاهي رستو جيڪو ڏکڻ ۾ اڌ ميل کان به وڌيڪ ڪونجي ڇڪو آهي، اهو اتر-ڏکڻ طرف آهي ۽ هن ايراضيءَ جي سڀني کان اهم ڏڙي کي ٻن پاڻن ۾ ورهائي ٿو. هيءَ رستو هتان جي ٻين سڀني رستن کان وڌيڪ اهميت وارو رهيو هوندو، ڇاڪاڻ ته ڪن هنڌن ان جي ويڪر ۳۵ فوٽن کان به وڌيڪ آهي ۽ ڪيترين بيل گاڏين هڪ ٽي وقت ان تي گڏوگڏ هلي سگهيون ٿي (پليٽ نمبر ۴- ب). اپرندي وارو شاهي رستو جيڪو پهرئين شاهي رستي جي ڊاڪٽي ڇيڙي تي گوني ڪنڊ ٺاهي اڳتي وڃي ٿو، سو ظاهري طرح ان کان به وڌيڪ ويڪرو آهي، پر اڃا تائين ان جي فقط هڪڙي حصي جي کوٽائي ٽيل آهي. وڃون رستو ٻئي پهرئين وڏي رستي کي گوني ڪنڊ تي پار ڪري ٿو، ۽ مٿان کان، جيتري تائين ان جي کوٽائي ٿي آهي، تہ ويڪر ۱۸ فوٽ انس. اسٽوپا ايراضيءَ جو سڀ کان وڌيڪ اهميت وارو رستو سڀاڻا تيرهن فوٽ ويڪرو آهي، ۽ اهو اتر ڏکڻ طرف وڃي ٿو. ٻيا رستا ۹ کان ۱۲ فوٽن تائين، ۽ گهٽيون ڇهن فوٽن جون ۽ ان کان به وڌيڪ ويڪريون آهن. انهن رستن ۽ گهٽين مان ڪوبه پڪو پٽڙ نہ آهي، البت پهرئين شاهي رستي تي سيرن ۽ پٽرن جي ڪڪري وڇڻي، آن کي ڪنهن ڳريءَ شيءِ سان ڪٽي، سنوٽ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي، پر شايد هي تجربو زياده ڪامياب نہ ٿيو، ۽ ان ڪري ٿي ٻين هنڌن تي اهڙي ڪوشش ڪانہ ڪئي ويئي. (۱)

موهن جي ڏڙي جا سڀڙا رستا ۽ گهٽيون ڪافي کوٽائيءَ کان پوءِ دريافت ٿيا آهن، ۽ ڪن هنڌن تي تہ مٿاڇري کان ۳۵ فوٽ هيٺ تائين کوٽائي ڪئي ويئي آهي.

(1) Machay,-Indus Civilization, PP. 23-24

وڏن رستن جي پيٽ ۾ ننڍيون گهٽيون وڏيڪ سالم حالت ۾ آهن، انهيءَ ڪري جو آهي وڏن رستن کان گهٽ استعمال ٿيون هونديون، ۽ شهر جي تباهيءَ وقت جلد ڦي مٽيءَ ۾ دٻجي ويون هونديون. انهن گهٽين جي ويڪر هيٺان کان مٿين طرف وڌندڙ آهي. انهيءَ جو سبب هيءَ آهي ته ٻنهي طرفن وارين جاين جون ٻاهريون ديوارين مٽان کان هيٺ لهواريون ٿيل آهن (پليٽ نمبر ٣ـ الف).

هتان جا ويڪرا رستا رونق ۽ دلچسپيءَ جي مڙني خوبين کان خالي آهن، ڇاڪاڻ ته عام دستور جي ابتڙ نڪي ته انهن رستن تي جاين جي بيٺڪن جون دريون ٿيون ٻاهر کان، جو انهن مان گهالهين پولهين ۽ ڪل پوڳ جا خوشين ڀريا آواز ٻڌجن ۽ رات جي وقت روشنيءَ جا ڪرڻا انهن مان نڪري رستن کي روشن ڪن، ۽ نه وري جاين جا دروازا ٿي رستن جي پاسي آهن، جن مان ماڻهن جي اندر ٻاهر اچڻ وڃڻ جو ڪو ڇڇڪو قائم هجي. ويڪرن رستن ۽ گهٽين جي ڪڏڇ واري هنڌ اهڙا ڪمرا عام طرح ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن مان جاين ۾ اچي وڃي سگهجي ٿو. پر انهن ڪمرن جا دروازا به گهٽين جي پاسي آهن. اندازو آهي ته اهي دروازا چوڪيدارن ۽ دربانن لاءِ ٺهرايا ويا هوندا. ڪن ثابتين مان هيءَ پڻ اندازو لڳايو ويو آهي ته چورن کان حفاظت لاءِ موهن جي دڙي جي سموريءَ بستيءَ کي جدا جدا چوڪين ۾ ورهايو ويو هوندو.

ڪن رستن جي موڙ تي پٿين سان ماڻهن جي ڪپڙن ۽ سامان سان لڏيل جانورن جي رگڙجڻ جا نشان به مان ٿا. ڪن هنڌن تي رستي جي موڙ تي پٿرن ۾ اهڙيون سرون استعمال ڪيون ويون آهن، جن جون ڪنڊون گولائيءَ تي چلهيل آهن، ته جيئن سامان سان لڏيل جانور انهن جي ڪنڊن ۾ ڦاسي نه پون. هن نموني جا موڙ ڀر جي جاين جي پٿرن ۾ به ڏٺا

ويا آهن (١).

کوهڪم: کوهم موهن جي ڏڙي جي هڪ تمام وڏي خصوصيت آهن، ۽ هزارين سال پراڻا هڏن جي باوجود، گند ڪچري صاف ڪرڻ کان پوءِ اڄ به نهايت صاف ۽ ٺڏو پاڻي ميسر رکن ٿا. جنهن وقت هتي کوٽائي شروع ٿي هئي، ٽڏهن آثار قديم جي ملازمن ۽ مزورن کي پهڻ لاءِ ٽن ميان جي مفاصلي تان پاڻي آڻڻو پوندو هو. هن تڪليف کان بچڻ لاءِ پراڻن کوهن جي کوٽائي ڪئي ويئي، ۽ صفا ٺيڻ کان پوءِ انهن مان ٺڏو ۽ سٺو پاڻي حاصل ٿيو.

هي کوهم گهڻو ڪري هر وڏي گهر ۾ موجود آهن. ڪن ماڻهن تہ کوهن کوٽائڻ وقت هن ڳالهہ جو به خيال رکيو هو تہ جيئن گهر ۾ پردو به رهي ۽ باهريان ماڻهو به ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. اهڙيءَ ريت جاءِ جي باهرينءَ پت جي ويجهو کوهم کوٽائي، ان کي اهڙيءَ طرح پت ڏني ويئي آهي، جو جاءِ جي اندران توڙي باهران گهٽيءَ مان به پاڻي پري سگهجي ٿو. انهيءَ کان سواءِ هنڌين هنڌين رستن ۽ گهٽين جي پر پاسي ۾ به کوهم کڻايا ويا آهن. گهڻو ڪري سيئي کوهم مٿان کان تر تائين پڪا ٺهيل آهن؛ هڪ ٻن هنڌن تي بيضي جي شڪل تي آهن، ۽ باقي کوهم گول نموني تي آهن. بيضوي شڪل جا کوهم پنهنجي ڊيڪ ۾ نرالا آهن، ۽ ٻئي ڪنهن به هنڌ نہ ڏٺا ويا آهن. هڪ کوهم ايترو تہ سوڙهو آهي، جو ان جو گهيرو فقط هڪ فوٽ ۽ ڏهہ انچ آهي. کوهن جي پڳ تي رسيءَ جي رڳڙ سان پيل نشان هنڌين هنڌين نظر اچن ٿا. ڪيترن هنڌن تي گول ۽ گهرا نشان به ڏسڻ ۾ آيا آهن، جي هر هر دلي رکڻ جي مهٽ سمبان ٿيا آهن. کوٽائيءَ ۾ پارن جي راند جون مٽيءَ جون ٺهيل چرخيون به هٿ آيون آهن، جن مان هيءُ اندازو لڳايو

(1) Mackay-Earnest,-The Indus Civilization. P. 26.

ويو آهي تہ کوهن ٿي پاڻي کيڻ لاءِ وڏيون چرخيون لڳايون ويندیون هونديون.

هزارن سالن کان هن پراڻيءَ بستيءَ جو مٽاڻرو ڏينهون ڏينهن مٽي اڪندو رهيو آهي، ۽ سنڌوندیءَ ۾ هڪٻئي پٺيان پوڻن اچڻ، ۽ زمين جي هيٺئين پاڻيءَ جي مٽاڻري ۾ ڦيرگهير اچڻ سببان، هنن کوهن جي پت کي مٽي کيو ويو هوندو. ڪن کوهن ۾ اهڙا مختلف دور صاف نظر اچن ٿا، جتي انهن جي مٿئين حصي کي بنياد بنائي، کيترا پيرا اوچو بہ کيو ويو آهي (پليٽ نمبر ٣ - ب).

موهن جي دڙي جي آخري دور ۾ کي بہ نوان کوهہ کوٽہ کوٽايا ويا، ۽ پراڻا کوهہ ٿي استعمال ٿيندا رهيا. پوئين دور جي ماڻهن پنهنجن وڏن جي ڪٽايل کوهن جي مرمت تي خاص ڌيان بہ کونہ ڏنو؛ انهيءَ جو اندازو هن گهالهہ مان ٿي سگهي ٿو تہ کوهن جي هيٺانهن پاڻن واريون سيرون نهايت صفائيءَ ۽ سڌائيءَ سان ٺاهيون ويون آهن، ۽ مٿين حصن ۾ اوساري بيترتيب ۽ نهايت بيڪار نموني جي ڪئي ويئي آهي. چاڪاڻ تہ زيرزمين پاڻيءَ جي هيٺئين مٽاڻري ۽ مٿين مٽاڻري جي وچ ۾ مفاصلو ويهن فوٽن جو آهي، انهيءَ ڪري اڃا تائين ڪنهن بہ کوهہ جي تر تائين پهچڻ ممڪن کين ٿي سگهيو آهي.

صفائي: سنڌو ماڻريءَ جا رهواسي صفائيءَ جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا: رستن، کوهن ۽ گهٽين مان گندي پاڻيءَ جي نيڪال ڪرڻ جو بندوبست فقط موهن جي دڙي ۾ ئي نظر اچي ٿو. انهيءَ گهالهہ کي سامهون رکندي، جيڪڏهن هيءَ دعوا ڪئي وڃي تہ همعصر تهذيبن ۾ ٻي ڪا بہ قوم هن باري ۾ ان جو مٽ ڪانہ هئي، تہ اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو. گهڻو ڪري هر گهٽيءَ ۾ پڪين سرن جون هوديون ۽ گهٽيءَ جي ٻنهي طرفين جاين مان گندي پاڻيءَ جي نيڪال



پليٽ نمبر ١- موهن جو دڙو، ڪوٽائيءَ کان اڳ



پليٽ نمبر ٢ الف- موهن جو دڙو: اسٽوپا يا ٽڪر



پليٽ نمبر ٢ ب- موهن جو دڙو: وڏو حوض



موهن جو دڑو: وڏي حوض جو نقشو



پليٽ نمبر ۳ الف - موهن جو دڙو: ڪوهه



پليٽ نمبر ٣ ب - موهن جو دڙو: هڪ ڪوهي جيڪو زمين جي سطح اوچي ٿيڻ سان جيئن اوءِ تيئن مٿي ڪيو ڀٽي ويو.



پليٽ نمبر ۴ الف- موهن جو دڙو: هڪ گهٽي



پليٽ نمبر ۴ ب- موهن جو دڙو: پهريون شاهي رستو



پليٽ نمبر ٥ الف- موهن جو دڙو: هڪ ڏاڪڻ



پليٽ نمبر ۵ ب- موهن جو دڙو: ڊڪل ٽاليون ۽ ٻوديون



پليٽ نمبر ٦ الف ـ موهن جو دڙو: گندي پاڻيءَ کيڏڻ لاءِ ٺهيءَ جا ٺهيل گول "پائيپ"



پليٽ نمبر ٦ ب ـ موهن جو دڙو: زمين ۾ گندي پاڻيءَ جي چوسجڻ لاءِ ٺڪ.



موهن جي ڏڻي جي هڪ خيالي ڪمري جو خاڪو

لاءِ ٿهيل موريون پنهنجو مٿال پاڻ آهن. ننڍيون موريون وڏين نالين ۾ وڃي ڏيون پون، جيڪي ۱۹ انچ اونهون ۽ ۸ انچ ويڪريون هونديون هيون. پاڻيءَ جي مقدار جي خيال کان ا ن جي اونهائي ۽ ويڪر جدا جدا آهي. اهڙيءَ طرح کي نالين ماپ ۾ ٻيٽيون آهن. هي نالين معمولي ڪين سرن مان ٺاهيون ويندين هيون ۽ مٽيءَ جي گاري سان انهن جي اوساري ڪئي ويندي هئي. پر، ڪن ڪن نالين ۾ ڊامر استعمال ڪيو ويو آهي تہ جيئن پاڻي مٽيءَ ۾ جذب ڏي نہ سگهي ۽ آسانيءَ سان وهي وڃي. انهن نالين کي سرن سان ڍڪيو ويندو هو ۽ انهن کي گاري سان لمبي کونہ چڏيندا هئا، تہ جيئن سرن کي مٽي ڪٽي، نالين آسانيءَ سان صاف ڪري سگهجن. وڏيڪ ويڪرين نالين پٿر جي پڙچن سان بند ڪيون ويندين هيون. ڪٽي ڪٽي انهيءَ مقصد لاءِ وڏين ۽ ويڪرين سرون به استعمال ڪيون ويون آهن، پر چاڪاڻ تہ وڏين سرون بار پوڻ سان ڀڃي پوندين هيون، انهيءَ ڪري ان ڪم لاءِ پٿر جي پڙچن کي وڏيڪ پسند ڪيو ويندو هو.

گهرن جو گندو پاڻي يا مينهن جو پاڻي نالين ۾ سٽون سڌو ڪين اڃي پوندو هو، پر پهريائين ننڍا نارا هڪ ننڍي حوض ۾ پوندا هئا، جتي گند ڪچرو، ٽڪر پٿر حوض جي تر ۾ وڃي ويهندا هئا، ۽ خالي پاڻي آسانيءَ سان نالين ۾ وهي ويندو هو. انهيءَ طريقي وڏين نالين گند ڪچري کان صاف رهنديون هيون، ۽ پاڻيءَ جي نيڪال ۾ رڪاوٽ ڪانہ ٿيندي هئي. حوض کي بار بار صاف ڪيو ويندو هو. ڪن جاين جا مالڪ جيڪي گندي پاڻيءَ لاءِ حوض ٺهرائي نٿي سگهيا، سي جاين جي نارن جي آخري چيڑي وٽ مٽ پوري چڏيندا هئا، جن ۾ گندو پاڻي گڏ ٿيندو هو. انهن مٽن جي تري ۾ سوراخ هوندو هو، جنهن مان پاڻي آهستي آهستي

وهي، زمين ۾ جوسبو رهندو هو. (پليٽ نمبر ٦ـ ب)

ڪن ڳڻين نالين ۾ ٿوري ٿوري مفاصلي تي وڏيون هوديون بنيل آهن، جن ۾ اندر گهڙڻ لاءِ باقاعدي ڏاڪا ٺهيل آهن ۽ انهن کي ڪاٺ جي ٺلهن تختن سان ڍڪيو ويندو هو. انهن هودين جو مٿاڇرو نالين سان سڌائيءَ ۾ يا ڪجهه هيٺيرو ڪيو ويندو هو. انهن کي وڏيءَ آسانيءَ سان صفا ڪري سگهبو هو؛ انهن جي اندر بيهي نالين کي، جن جو پاڻي ان ۾ پوندو هو، بانس يا ٻئي لکڙي وسيلي صفا ڪري سگهبو هو (پليٽ نمبر ٥ ـ ب). هن قسم جي صفائيءَ جو انتظام غالباً شهر جي صفائيءَ جي داروغي جي نظرداريءَ هيٺ ٿيندو هو.

جن هنڌن تي مٿانهينءَ تي ڪا وهندڙ نالي، هيٺانهينءَ ۾ وهندڙ نالييءَ سان ملندي هئي، اتي هڪ ننڍڙي هودي بنائي ويندي هئي، تہ جيئن هڪ نالييءَ جو پاڻي، ٻيءَ نالي ۾ مٽان ڪان هيٺ ڪيڙن بدران ان هودييءَ ۾ پوي، ۽ ڦٽنگون نہ اڏامن جنهن سببان پر واري زمين آلي نہ ٿئي ۽ گندگي نہ ڦهلجي. ۽ جتي هڪ نالي ٻيءَ نالييءَ سان ملي ٿي، اتي گولائي ڪنڊ يا عمودي شڪل ۾ گڏجڻ بدران نالين ۾ گولائي پيدا ڪئي ويئي آهي، انهيءَ ڪري تہ جيئن وهندڙ پاڻيءَ جو زور گهٽجي وڃي (پليٽ نمبر ٥ ـ ب). شهر جي ٻاهران اهڙا زير زمين نالا ٺاهيا ويا آهن، جن جي ذريعي شهر جو گندو پاڻي ٻاهر نڪرندو هو. انهن مان ڪي نالا تہ ايڏائي فوٽ ويڪرا ۽ چار يا پنج فوٽ اونها آهن. شهر جي گندي پاڻيءَ جو هيءَ اعليٰ انتظام سنڌو ماڻريءَ جي قديم رهاڪن جي اعليٰ تعميري صلاحيتن جي شاهدي ڏئي ٿو.

غسلخانا: سنڌو ماڻريءَ جا ماڻهو وهنجڻ کي وڏي اهميت ڏيندا هئا، ۽ گهٽو ڪري روزانو وهنجڻ جي منجهن عادت هئي؛ چاڪاڻ تہ گهٽو ڪري هتان جي گرهڪ جاءِ

۾ غسلخانا ٺهيل هئا، جن جي ٺهرائڻ ۾ خاص فني بندوبست رکيا ويندا هئا. اهي گهٽو ڪري باهرينءَ گهٽيءَ طرف ڏاهيا ويندا هئا، ۽ چورس يا مستطيل هوندا هئا. انهن جو فرش پڪو هوندو هو، جنهن جو لاهم باهرينءَ ديوار طرف هوندو هو. انهن غسلخانن جي نيڪال جون نالیون گهٽيءَ جي نالين سان ملن ٿيون. ڪن جاين ۾ مٽينءَ ماڙي کان هيٺ تائين گندي پاڻي کيڙڻ لاءِ مٽيءَ جا ٺهيل پڪا گول "پائيپ" لڳل ڏسڻ ۾ آيا آهن (پليٽ نمبر ٦ ـ الف). ممڪن آهي ته جاين جي مٽين ماڙين تي به غسلخانا موجود هجن.

حمام: موهن جي دڙي ۾ ڪي اهڙيون جايون به ڏسڻ ۾ آيون آهن، جن لاءِ گمان ٿو ٿئي ته اهي عام حمامن طور ڪم ايندیون هيون. انهن جاين جي پٽين ۾ هر هنڌ اهڙا 'نل' لڳل آهن، جن مان اهو اندازو ٿئي ٿو ته انهن وسيلي گرم پاڻي موجود رکيو ويندو هوندو. انهن جاين جي اندران رڪ ۽ ڪوٽلو به هٿ آيا آهن، جنهن مان اهو گمان وڌيڪ پڪو ٿو ٿئي ته اهي جايون حمام جو ڪم ڏيندیون هيون، پر ڪنهن به اهڙي خاص حمام جي موجودگي بهرحال ڪنهن يقين جي حد تائين ثابت ڪي نه سگهي آهي.

مٽي جاڙايل مٽالن مان هيءَ اندازو ٿئي ٿو ته سنڌو ماڻريءَ جي رهاڪن، شهري اڏاوت جي رڌابنديءَ ۽ تعميري فن ۾، وڏي ترقي ڪئي هئي؛ ڇاڪاڻ ته هن تهذيب جي تباهيءَ کان پوءِ، اٽڪل هڪ يا ڏيڍ هزار سالن تائين برصغير هند-پاڪ ۾ نڪي ته اهڙيون شاندار عمارتون بنايون ويون، ۽ نڪي وري ڪنهن اهڙي سليقي سان شهري رڌابندي ڪئي ويئي. پر هتي فطري طور هيءَ سوال پيدا ٿئي ٿو ته فن تعمير ۾ هنن ماڻهن کي هيءَ اوج ڪيئن حاصل ٿيو؟ ائين چوڻ صحيح ڪين ٿيندو ته هيتي هنن ماڻهن کان اڳ ڪا بي مهذب قوم آباد هئي، جنهن کان هيءَ تعميري ورثو هنن

کي ملیو، ۽ جنهن کي هينن ترڦي ڏني، چاکاڻ ته موجوده تحقيق کنهن به اهڙيءَ اڳ رهندڙ قوم جو پتو ڪونه ٿي ڏئي، ۽ نه ئي وري کنهن اهڙي اڳ جي تهذيبي ورڦي جو ٿي ڪو ڏس اسان کي ملي ٿو، جو هن سلسلي ۾ اسان کي مطمئن ڪري سگهي. بهرحال، هيءَ تسليم ڪرڻو پوي ٿو ته شهري رڦابندي ۽ اڏاوتي فن جو هيءَ معراج سنڌو ماڻريءَ جي قديم فرزندن جي صدين جي لاڳيتين عملي ڪوششن جو نتيجو هو. البت هن ڳالهه جو وڏيءَ کوجنا ڪرڻ کان پوءِ پتو پوندو ته هُنن جون هي حاصلاتون ڪڏهن ۽ ڪهڙيءَ طرح پين علاقن ۾ پهتيون، ۽ ڪانئن پوءِ جي نسلن انهن مان ڪيتريءَ حد تائين فائدو حاصل ڪيو.

———

هنر ۽ ڪاريگري

ڪنڀارڪو هنر. ٺاهي ۽ ڪٽ جا ٽانو. هٿيار ۽ اوزار. سنگتراشي. مهرون. ٻيا هنر. مڙيا

ڪنڀارڪو هنر: ٺڪر ۽ ٺڪريون جيڪي عام ماڻهن جي نظرن ۾ ڪابه اهميت نٿيون رکن، اهي آثار قديم جي ماهرن لاءِ آڏويتا جي اکرن واري حيثيت رکن ٿيون. انهن ٺڪرين مان ڪي تحرير ۽ نه آيل دور جي تاريخ گڏ ڪئي وڃي ٿي. ٺڪرين جي بناوت، نقاشي، مضبوطي ۽ ٽڪاءُ، مطلب ته هر خصوصيت پراڻيءَ تهذيب جي هڪ خاص دور جي آئيني مثل تسليم ڪئي وڃي ٿي. قريب مشرق جي قومي ڪندرن مان هٿ آيل ٺڪريون انهن تهذيبن جي مختلف دورن ۽ پنهن تهذيبن سان انهن جي لاڳاپن، هڪجهڙاين، ۽ سماجي زندگيءَ جي امتيازن جا داستان ٻڌائين ٿيون.

خوش قسمتيءَ سان سنڌو ماڻريءَ جي ماڻهن مٽيءَ جي ٽانون جي شڪل ۾ تمام گهڻو مواد چڏيو آهي، جيڪو هنن جي رهڻيءَ ڪرڻيءَ ۽ زندگيءَ جي طور طريقي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. انهن جي اهميت انهيءَ ڪري به زياده آهي ته ڪن خاص حالات کان سواءِ مٽيءَ جا ٽانو جن به هنڌان هٿ آچن ٿا، گهڻو ڪري اهي انهيءَ هنڌ ٿي ٺهن ٿا ۽ ساڳئي وقت پنهنجي دور جي صحيح ترجماني به ڪن ٿا. ان دور جون ٻيون باقي چيزون يا ته ٻاهريان حملي آور لٽ مار ڪري، پاڻ سان کڻي وڃن ٿا، يا وري خزاني تلاش ڪندڙن جي هٿ اچي وڃن ٿيون. پر، مٽيءَ جا ٽانو، بيڪار هٿ سببان، گهڻو ڪري پنهنجيءَ جاءِ تي ٿي پيا رهندا آهن، ۽ انهن کي کوٻ هٿ نٿو لڳائي. موهن جي دڙي مان مٽيءَ جا

ڏانوَ ايترا تہ گھڻا هٿ آيا آهن، جو خيال ڏئي ڏو تہ شايد هتان جي ماڻهن کي انهن جي ڏاهڻ ۽ پيڙ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم ڏي ڪونہ هو.

موهن جي دڙي ۽ هڑاپا جي مٽيءَ جي ڏانون ۾ وڏي هڪجهڙائي آهي. جيڪڏهن انهن ٻنهي هنڌان هٿ آيل ڏکر هڪ هنڌ ڪڏ ڪيا وڃن تہ اهو فرق ڪرڻ گهڻو ڪري ناممڪن ڏي پوندو تہ ڪهڙو ڏکر هڑاپا جو آهي ۽ ڪهڙو موهن جي دڙي جو. هي سمورا ڏکر سنڌوندیءَ جي آندل چيڪيءَ مٽيءَ مان ڏهيل آهن، جن ۾ ڇن ۽ ابرڪ جا جزا ننڍڙن ننڍڙن ذرن جي شڪل ۾ شامل آهن. هي ڏانوَ ڪنيار جي چڪ تي ڏاهيا ويندا هٿا، پر ڪي ڏانو هٿ سان بہ ڏاهيل آهن. چڪ جيڏن تہ ڪاٺ جا ڏهيل هوندا هٿا، انهيءَ ڪري وقت گذرندي آهي ناس ڏي ويا. البت اهي آويون ڪوڏائيءَ کندي هٿ آيون آهن، جن ۾ مٽيءَ جا ڏانوَ راندڪا ۽ ٻيون شيون باهہ ۾ پچايون ويندڙن هيون. انهن گول آوين جو گهيرو ڇهہ يا ست فوٽ آهي، انهن جي هيٺان اهڙيون نالهون بنايون ويون آهن، جن مان هوا اندر وڃي باهہ کي تيز ڪندي هئي. آوين جي تر ۾ سوراخ هوندا هٿا، جن تي ڏانوَ رکي، هيٺان ڪڏ ۾ باهہ ٻاري ويندي هئي. دونهين نڪرڻ لاءِ آويءَ جي مٿان هڪ سوراخ هوندو هو. باهہ کي هڪساريڪو رکيو ويندو هو، جنهن ڪري ڏانون تي ڪن هنڌ وڌيڪ پچ ڪري ڪارا يا گهٽ پچ ڪري پيلا يا هلڪي ڳاڙهي رنگ جا داغ نہ پوندا هٿا، پر آنهن جو مٽاڇرو لاڳيتو خوبصورت ڳاڙهي رنگ جو ٿيندو هو. چڪ تي ڏانون ڏاهڻ ۽ سڪائڻ ڪان پوءِ انهن تي اوپ يا دانگ (هڪ قسم جي مٽي جنهن ۾ لوهہ مليل هوندو هو، ۽ جنهن مان هاڪو بادامي رنگ ڏهندو آهي-) مان رڳاڻي ڪئي ويندي هئي. رنگ سڪڻ تي، هڏي يا ڪنهن ڏکريءَ سان گساڻي، مٽاڇري کي لسو ڪيو ويندو هو. پوءِ ڪنهن برش سان ڇيٽ گل

کيڙيا ويندا هئا. هي رمت گل گهڙو ڪري گٽهري ڪاري يا ڪاراڙ مائل ڳاڙهي مصالحي مان ٺاهيا ويندا هئا. ان دور جي سپ ڪان وٽندڙ ڊزائين اهڙن گولن جي ٺاهل آهي، جي هڪپئي کي چڻن هنڊن تي ڪائين ٿا، ۽ ائين انهن تي پڻ ٺهي ويون ٿا. انهن پڻ اندر نهايت خبرداريءَ سان پور وڇوٽ ليکون ڪيون ويون آهن، جي نهايت وٽندڙ معلوم ٿين ٿيون. پر، هي گول چاڪاڻ ته ڪنهن پلڪار يا ڪنهن پئي اوزار جي مدد کان سواءِ ڪيڙا ويا آهن، انهيءَ ڪري اڪثر ڊڱا ۽ اڻ چٽا آهن. ڊزائين جو پيو نمونو اهڙن وڻن جي شڪلين جو آهي، جن جون پاڙون ڪونڊين ۾ ڊيڪاريون ويون آهن. وڻن جي وچان وچان پيا چٽ نڪتل آهن خبرداريءَ سان ٺهيل ٽانون کان سواءِ عام ٽانون تي جيڪي وڻن جون ڊزائينون نڪتل آهن، تن ۾ رڳو سڌين ليڪن سان وڻ ۽ وري به سڌين ليڪن سان انهن جون شاخون ڊيڪاريل آهن. ڪن چڻن ۾، اڇي ندڙ مڃ جي شڪل گول ڦڻيءَ جي نمونو بنائي ويئي آهي، جنهن جا ڊڊا پاهرئين طرف جي ڪرڻن لاءِ ڊيڪاريل آهن. اهڙيءَ طرح برتنن تي جانورن، جهرڪين، نانگن ۽ مڇين جون تصويرون به ٺاهيون ويون آهن. جانورن جي خاڪن اندر، خوبصورتيءَ جي خيال سان، ليڪون ڊنيون ويون آهن. عام طرح جانورن ۽ پکين کي انهن جي فطري ماحول ۾، يعني جانورن کي گاهه تي ۽ جهرڪين کي جهنگ جي پوڻ ۽ وڻ تي ڊيڪاريو ويو آهي. هڪ ٽانوَ تي به جهرڪيون جهنگلي پوڻ جي وچ ۾ ٽپندي ڪڏندي ڊيڪاريون ويون آهن. ڪڇ ٽانون تي هڙڻ ۽ جانور پڪر جون تصويرون به بنايون ويون آهن.

هڙاپا جي دڙي مان لڌل هڪ ٽانوَ تي هڪ ماڻهوءَ ۽ ٻاز جي تصوير کان سواءِ ڪنهن به پئي ٽانوَ تي انساني شڪل جون تصويرون نڪتل ڪونه ملیون آهن. اهڙيءَ طرح انساني جسم جي عضون جون تصويرون به ڪٿي نڪتل نظر نٿون

اچن. البت ٿورا اهڙا بيضوي شڪل جا چٽ ڏسڻ ۾ آيا آهن، جن کي اکين سان تشبيهه ڏيڻي سگهجي ٿي. انهيءَ جي ابتڙ هن دور ۾ ايلا، ۽ سُميري ٺڪر جي ڪم ۾ انساني شڪلين کيڏ جي پرمار آهي. انهيءَ کان سواءِ شطرنجي (جنهن ۾ چوڪنڊا ٺاهيا ويندا آهن)، ٺڪنڊي جهڙا ۽ ڏنداوان چٽ به گهڻن ٽانوَن تي ڏسڻ ۾ آيا آهن. ڪن ٽانوَن تي مڻي جاڙايل چيڻن بدران، گولائيءَ ۾ چوڏاري ٽلهيون ۽ سنهيون ليڪون وڌيون ويون آهن. ڪن ٽانون تي هڪڙي سان گڏجندڙ بيضوي نموني جا گول ٺاهيا ويا آهن. هي گول هڪڙي سان گڏجي اهڙيون شڪليون بنائين ٿا، جڙ تہ مڇيءَ جي چلرن جي تصوير کڏي ويڻي هجي. ڪن ٽانون تي ويڪرن پٽڻن جي اندر گول يا يا بيضوي نموني جي گولن سان زنجيرون ٺاهيون ويون آهن. هيءَ نقاشي سڄي ٽانوَ تي ڪانہ ڪئي ويندي هئي؛ آن جو اهو پاڳو جيڪو تري جي ويجهو گولائيءَ ۾ هڻ ڪري نظر نٿو اچي يا جيڪو زمين ۾ پُوريو ويندو هو، سادو هوندو هو.

ننڍين ٽانون جي وچ ۾، يا گيرنهين جي ويجهو هڪ ويڪرو پٽو ڏنل هوندو هو، جنهن جي مٿان ۽ هيٺان سنها پٽا هوندا هئا. وڏن ٽانون تي عام طرح ۽ سامان رکڻ لاءِ وڏن مٽڻن تي خاص طرح چوڦير ڪارا يا ڪاراڻ تي مائل ويڪرا پٽا نڪتل هوندا هئا، جيڪي تري کي چڏي گهٽو ڪري سڄي ٽانوَ تي ٺاهيا ويندا هئا. ٽانون تي چلڪيدار گاڙهي رنگ جي پالش نہ فقط سهڻائيءَ لاءِ ڪئي ويندي هئي، پر ان مان هڪ فائدو هيءَ به هوندو هو تہ ٽانون جا سنهڙا سوراخ بند ٿي ويندا هئا، ۽ منجهانئن پاڻي ڪونہ سمندو هو. سامان رکڻ وارن وڏن مٽڻن جي باهرئين مٽاچري تي پالش سان گڏو گڏ اندرئين حصي ۾ به اهڙي مصالحي سان پالش ڪيل ڏسجي ٿي، جنهن ۾ گٽگر جي ملاوت ڪئي ويندي هئي. ڪن پورن يا هلڪي گاڙهي يا ناسي رنگ جي پالش وارن ٽانون تي دانگ

جي رنگ سان چٽسالي ڪئي ويئي آهي.

اهڙا ٽانوَ ٽوڙا ڏسڻ ۾ آيا آهن، جن تي ٻن يا ٽن رنگن جي چٽسالي ڪئي ويئي هجي. ۽ اهڙي قسم جي ٽانون تي گاڙهو ۽ ڪارا رنگ آويءَ تي چاڙهڻ کان اڳ، ۽ ساوا ۽ پيلا رنگ اُن کان پوءِ استعمال ڪيا ويا آهن. هي رنگ عام طور اڇي تنرَ تي استعمال ڪيا ويا آهن، پر ڪن ڪن ٽانون ۾ سفيدو به رنگ طور استعمال ڪيو ويو آهي. عام طور اهڙي ڏي نموني جي رنگين ٽانون جا ٽڪرا مليا آهن، ۽ انهن تي هڪيئي ڪي ڪاليندڙ گولن ۽ وڻن جي ٻنن جي چٽسالي ڪيل ڏني ويئي آهي. انهن ٽانون ۽ ايلام ۽ سمير جي مختلف رنگن وارن ٽانون ۾ ڪا به هڪجهڙائي ڪانهي. گهڻن رنگن وارا ٽانوَ آمري ۽ نال مان به هٿ آيا آهن، پر اڄا انهن جو دور مقرر نه ڏي سگهيو آهي. مسٽر هارگيوز انهن جي دور کي سنڌو ماڙيءَ کان اڳ جو، سر آريول اسٽائن پوءِ جو ۽ پروفيسر گارڊن چائلڊ سنڌو ماڙيءَ جو همعصر دور ٻڌائين ٿا، ۽ مسٽر مڪي جو خيال آهي ته نال ۽ آمريءَ جي رنگين ٽانوَن مان هيءَ اندازو ٿئي ٿو ته اهڙا ٽانوَ سنڌو ماڙيءَ جي تهذيب کان اڳ ٺاهيا ويندا هئا ۽ سنڌو تهذيب جي عروج ۾ انهن جو استعمال ختم ٿي ويو هو.

موهن جي دڙي مان چٽسالي‌ءَ وارن ٽانون سان پيٽ ۾ سادا ٽانوَ تمام گهڻي تعداد ۾ هٿ آيا آهن. ۽ حقيقت هيءَ آهي ته رنگين ٽانوَ عام طرح کوٽائيءَ وقت هيٺين تهن مان زياده ملن ٿا، جيڏن جيڏن اسين پوئين دور طرف وڌون ٿا ته ٽانون جا نمونا سادا ٿيندا ويا آهن؛ پوئين دور ۾ ڪجهه برتن اهڙا به مليا آهن، جيڪي ميٽائين رنگ جي مٽيءَ مان ٺهيل آهن ۽ انهن تي ڪاري پالش ٿيل آهي. هين نموني جا ٽانوَ سمير ۾ به هٿ آيا آهن، پر انهن جو دور سنڌو ماڙيءَ جي تهذيبي دور کان اڳ جو آهي.

انهن ڳالهين ڏانهن اشارو ڪري ٿو، مثلاً ڳانون جو اپياس ڪيترين ئي اهم ڳالهين ڏانهن اشارو ڪري ٿو، مثلاً ڳانون کي رکڻ، ڪٽڻ ۽ جهلڻ لاءِ دستا ۽ ڪڙا تمام گهٽ لڳايل ڏسجن ٿا، ۽ جيڪڏهن آهن به تہ به چپٽرا سوراخ اڻ يا ڪنَ جي شڪل جهڙا ڪڙا آهن، جن کي جدا ڪاهي، ڳانتون سان ڳنڍيو ويو آهي. بابل مان لڌل ڏُنڊي يا تُنِ وارن ڳانوَن جهڙا ڳانوَ سنڌو ماڻريءَ مان هٿ ڪين آيا آهن. البت ڪچ اهڙا نڍيءَ ڏُنڊيءَ وارا ڳانوَ ملیا آهن، جي شايد ٻارن کي کير پيئارڻ جي ڪم ۾ ايندا هئا. انهيءَ دور ۾ انهيءَ نموني جا ڳانوَ سمير مان به هٿ آيا آهن. هتان ڪُٽ ۽ مٽيءَ جون اهڙيون سرميداڻيون به لڌيون ويون آهن، جن جا منهن تمام سوڙها آهن. انهيءَ کان سواءِ ڪچ مٽيءَ يا پٿر جا ٽهيل اڌ انچ ڊگها نڍيا ڳانوَ به ملیا آهن، ۽ خيال آهي تہ انهن ۾ شايد سُرهو تيل رکيو ويندو هوندو. اهڙيءَ ريت مٽيءَ جون ٽهيل اهڙيون 'پيڙيون' به هٿ آيون آهن، جن ۾ خانا ٽهيل آهن. اندازو ڪيو وڃي ٿو تہ انهن ۾ ڪاڌي ڪاڻ وقت آچار وغيره رکيو ويندو هوندو. انهن 'پيڙين' کي نڍيا نڍيا ڪڙا به لڳل آهن. سنڌو ماڻريءَ ۾ استعمال ٿيڻ وارن ڳانوَن جا تَرا چپٽرا ۽ هڪساريڪا هوندا هئا. شربتن لاءِ استعمال ڪرڻ وارن ڳانون جا تَرا يا تہ چهنبيارا هوندا هئا، يا انهن ۾ لاڙنءَ جهڙيون گول ڦندڙيون لڳل هونديون هيون. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اِهي 'گلاس' استعمال کان پوءِ اونڌا رکيا ويندا هوندا. ڪن ڪن وڏن مٽن جا تَرا به چهنبيارا هوندا هئا، جن کي يا تہ گهڙا منجيءَ تي رکيو ويندو هو يا زمين ۾ کوڙيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت وڏا مٽ پاڻيءَ لاءِ به استعمال ٿيندا هئا، ۽ ڪن ۾ سامان پڻ رکيو ويندو هو. ڪي اهڙا ڳانوَ به هوندا هئا، جن ۾ زيور رکي، زمين ۾ پُوريا ويندا هئا. جيڪي ماڻهو گندي پاڻيءَ جي هودين ٺهرائڻ جي پهچ نہ رکندا هئا،

اهي وڏا وڏا متت نالين جي مُنهن وٽ پوري چڏيندا هئا. ميسيپوٽيميا ۾ درين جي ترن ۾ سوراخ ڪري، انهن کي هڪٻئي مٿان رکي، مٽيءَ ماڙيءَ جو گندو پاڻي هيٺ آندو ويندو هو. موهن جي دڙي ۾ هن مقصد لاءِ مٽيءَ جا گول 'پائيپ' استعمال ڪيا ويا آهن (پليٽ نمبر ٦ ـ الف). هيءَ نمونو سنڌو ماڙيءَ جي ماڻهن جي زياده سڌريل هجڻ ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

هڪ هنڌ ڪيترا لوڻن جهڙا ٺانوَ لڌا ويا آهن. هي لوڻا ڪافي وڏا آهن، ۽ آساني سان هڪ هٿ ۾ کڄي نٺا سگهجن. انهن جا ترا ڇهنبيارا ۽ پيٽ ڪافي وڏا آهن. انهيءَ ڪري هيءَ اندازو لڳايو ويو آهي ته اُهي شايد نار يا هُرلي جي نموني جي چرخين وسيلي کوهن مان پاڻي ڪڍڻ جي ڪم ايندا هجن.

ڇڇ اهڙا ٺانوَ به مليا آهن، جن جي باهرئين مٿاڇري تي گول داڻا يا ڇهنبون ظاهر ڪيون ويون آهن. هن نموني جا ٺانوَ عراق جي مٿين پاڻي ۽ تل‌الاسمرنا ۾ به ڏٺا ويا آهن، ۽ اُهي انهن ٻنهي ملڪن ۽ سنڌو ماڙيءَ جي تهذيبن جي لاڳاپي جو ڏس ڏين ٿا.

هٿي ڪيترا ٺي ويڪرا ٺالهه به مليا آهن، جي ٽن انچن کان ولي ٻن فوٽن تائين اونها آهن. هي صورت ۾ 'ڪش' مان لڌل ٺالهن سان گهڻي مشابهت رکن ٿا. البت انهن تي گاڙهي ترَ مٿان ڪاري رنگ ۾ نڪتل پنن کان سواءِ پي ڪا به چٽسالي تمام گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هي ٻن پاڻن ۾ ٺاهيا ويندا هئا، جن کي پوءِ هڪٻئي سان ملايو ويندو هو. اندازو ڪيو وڃي ٿو ته هنن ٺالهن ۾ ماٺهو گل، پرساد ۽ پيون شيون وڃهي، ديوتائن کي پيٽا رکندا هئا.

ٺانون کان سواءِ مٽيءَ جون پيون به ڪيتريون ئي شيون ٺاهيون ويندیون هيون. مثلاً مٽيءَ جا به ڪٿا-مار به

مليا آهن، انهيءَ کان سواءِ مٿيءَ جو ڇڙو به هٿ آيو آهي.
اهڙيءَ ريت مٿيءَ جا ڦٽا، سُٽ ڪٽڻ جا اٽڪ، چوڙيون، ۽
ديوين، ديوتائن، انسانن ۽ جانورن جا مجسما به ٺاهيا ويندا هئا.

مطلب ته هڙاپا ۽ موهن جي دڙن مان اهي سمورا ٽانوَ مليا آهن، جي ڪنهن اهڙيءَ بستيءَ ۾ ٿي موجود سمجهي سگهجن ٿا، جنهن جا رهاڪو سادگيءَ ۽ سليقي کي پسند ڪندڙ هجن. نموني نموني جا گلدان، ڪوزا، صراحيون، وٿا، ٽالهيون، تسا، هنڊيون، سامان رکڻ جا مٽ، اناج رکڻ جون ڪنديون، آرتيءَ يا پيٽا جا ٽالهه، نادیون وغيره گهڻي تعداد ۾ لڌيون ويون آهن. انهن سڀني سادن پر قسم قسم جي ٽانون کي ڏسڻ سان هي اندازو ٿئي ٿو ته انهن جي ٺاهڻ وارا انهيءَ فن ۾ وڏي مهارت رکندا هئا. هيءَ اندازو لڳائڻ تمام مشڪل آهي ته اِهو ڪمال انهن کي ڪيتري عرصي ۾ ۽ ڪهڙن ڪهڙين منزلن طي ڪرڻ کان پوءِ حاصل ٿيو هوندو. چاڪاڻ ته شروعاتي نمونا، جيڪي يقيني طور اٽوندڙ ۽ بدشڪل هئڻ گهربا هئا، سي اڄا تائين دريافت نه ٿيا آهن، پر ان جي ابتڙ هيٺين تهن مان لڌل ٽانوَ مٿين تهن مان ملندڙ ٽانون کان وڌيڪ خوبصورت ۽ مضبوط آهن. هِنن ٽانون ۾ کا به اهڙي نقاش يا انفراديت به نظر نٿي اچي، جنهن مان هيءَ اندازو لڳائي سگهجي، ته انهن جي ٺاهڻ ۾ ڪهڙو ڍنگ ۽ ڪهڙو نمونو ڪڏهن ۽ ڪهڙي دور ۾ اختيار ڪيو ويو. معلوم ائين ٿو ٿئي ته اٽڪل ڏيڍ هزار سالن تائين هيءَ فن ۽ ان جي ڪاريگري گهٽ وڌ جاري رهي؛ پر جيڪڏهن ائين چئجي ته هيءَ هنر ۽ ڪاريگري جيئن پوءِ اڳتي وڌڻ بدران هتي پوئتي پوندي رهي، ته زياده مناسب ٿيندو. گمان ڪري سگهجي ٿو ته هن فن جي ترقيءَ ۽ عظمت جو زمانو گهٽو اڳ گذري چڪو هوندو، ۽ اسان جي کوجنا جنهن دور جي تهذيب سان اوچتو روشناس ٿي آهي، ان کان اڳ کو اهڙو دور هن

سرزمين تي ضرور گذري چڪو هوندو، جيڪو ان کان وڌيڪ ترقيءَ ۽ عروج جو دور هوندو.

ٽامي ۽ ڪٽ جا ٽانڊو: سنڌوماڻريءَ جا رهاڪو سون، چانديءَ، قلعيءَ، ٽامي ۽ ڪٽ جي استعمال کان واقف هئا. انهن ڌاتن مان وڌن ٽامون سڀ کان وڌيڪ استعمال ڪيو ويندو هو. موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي هيڻانهن پاڳن مان، جي هن تهذيب جي قديمترين دور جا مظهر آهن، ٽامي ۽ ڪٽ جون ٿهيل بي انداز شيون ملين آهن، جيڪي گهريلو استعمال جهڙوڪ ٽانون، ڪهاڙين، خنجرن، چاقن، پالن، ڪٽارين، تيرن، ڏانڊن، مجسمن، چوڑين، منڊين، ايرنگن، تارن، سيخن، وغيره تي مشتمل آهن. ٽامي کان سواءِ ڪٽ جا هٿيار به انهن ماڻهن ٺاهيا. پر هيءَ گهڻو اڳتي به يقين سان چئي نٿي سگهجي ته ڪٽ ۽ ٽامي جي دريافت سنڌو ماڻريءَ جي رهاڪن جي ذاتي محنت ۽ ڪوشش جو نتيجو هئي، يا هنن انهيءَ جو استعمال ٻين قومن کان سکيو هو.

مصر ۾ ٽامي جو استعمال فرعون جي دور ۾ ٽينڊڙ هو، ۽ سمير وارا به ان وقت ٽامي کان واقف هئا. اُر نينا (۱) جي دور حڪومت کان اڳ (اٽڪل ۲۹۰۰ ق.م) هي ماڻهو ٽامي کي گهاري، ٽانوَ ٺاهيندا هئا. تلو (۲)، اِريدو (۳)، ۽ لعُبيد (۴) جي هنڌن تان لڌل چيزن مان اندازو لڳايو ويو آهي ته اهي ماڻهو ٽي هزارسال ق.م کان ڪٽ کان واقف هئا، ۽ گهڻو ڪري انهيءَ ٽي دور ۾ ٽامو ۽ ڪٽ سنڌو-ماڻريءَ ۾ به استعمال ۾ هئا. انهيءَ دور ۾ بابل جا رهاڪو به ٽامو ۽ ڪٽ استعمال ڪندا هئا. 'سوسا' (۵) جي پهرين تهن مان به ٽامو لڌو آهي، پر ڪريٽ ۾ ڪٽ جو دور مصر کان اڳ شروع ٽي چڪو هو. قبرص ۾ گهڻو ڪري ۲۲۱۱ ق.م تائين فقط ٽامو استعمال ۾ هو، ۽ ان کان پوءِ ڪٽ

(1) Ur-nina (2) Tello (3) Eridu (4) Al-Ubaid (5) Susa

جو دور شروع ٿيو. انهن ثابتين جي بنياد ٿي خاطر ۽ سان
چئي سگهجي ٿو ته دنيا جي قديمترين تهذيبي مرڪزن ۾
ٿامي جو استعمال ماڻهن کي چگهي طرح معلوم هو، ۽ هو
پنهنجي زندگيءَ جي ضرورت جون مختلف شيون انهيءَ قيمتي
ڌاتوءَ مان ٺاهيندا هئا. ٿامو سنڌ ۾ پيدا نٿو ٿئي، البت سنڌ
جي اولهه ۾، بلوچستان جي ايراضيءَ ۾ شاهه بلاول (۱) ۽ رباط
(۲) مان ملي ٿو. انهن هنڌن تي اڄ به انهيءَ ڌاتوءَ جي
کنڊ واريءَ منيءَ جا ڏڳ موجود آهن، جيڪا ڪچي
ڌاتوءَ کي صاف ڪرڻ وقت ان مان نڪرندي آهي، جنهن
مان هيءَ پتو پوي ٿو ته قديم دور ۾ هتان ٿامو ڪڍيو ويو
آهي. انهيءَ کان سواءِ راس ڪوه ۽ ڪوه چلاماران' مان
به ٿامو ملي ٿو، ۽ افغانستان ۾ شاهه مقصود ٽنگرن، ايران ۽
ڪرمان ۽ هندستان ۾ اجمير جي ويجهو سروهي، ميواڙ ۽ جيپور
۾ ٿامو ليپي ٿو. سنڌو ماڻريءَ جي ٻئي ڪنڊ ٿانون ۾ ٿامي
۽ قلعيءَ جي ملاوٽ ڏسڻ ۾ آئي آهي. بلوچستان ۽ افغانستان
مان هٿ آيل ٿامي ۾ به قلعي گهڻي آهي، جنهن مان هيءَ
اندازو لڳايو ويو آهي ته سنڌو ماڻريءَ جا رهاڪو ڪنهن نه
ڪنهن مقدار ۾ هتان ٿامو حاصل ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت
هندستان ۾ هزاري باغ، ۽ اتر اولهه ايران جي ڪارا داغ ضلعي
(۳) ۽ افغانستان جي ڏکڻ اولهه ۾ وارنگيانه ۽ خراسان ۾ قلعي
ليپي ٿي. هزاري باغ جي ڪاڻين مان قلعي تمام ٿوري ليپي ٿي،
خود آتان جي ضرورتن لاءِ ٿي پوري نٿي ٿئي. ۽ پراڻي زماني
۾ آتي ايڏا ته گهاٽا ۽ ڏکيا پيلا هوندا، جو آتان قلعي ڪڍي
باهر آڻڻ تقريباً ناممڪن هوندو. انهيءَ ڪري اسان کي قبول
ڪرڻو پوي ٿو ته سنڌو ماڻريءَ جا رهاڪو اتر-اولهه وارن
ملڪن مان ٿي قلعي گهرائيندا هوندا.

قديم دور ۾، اتر ايران ۽ اولهه افغانستان، بولان لڪ

(1) Shah Bellaval (2) Rebat (3) Karadagh District

جي ذريعي، سنڌو ماڻريءَ سان ملڻ هئا. انهن علائقن ۾ ٽامو پگهاريو ويندو هو، ۽ ٽي سگهي ٿو ته اتفاقي طور ٽامي ۽ ٽين جي ملاوت واري ڪچي ڌاتو پگهارڻ سان ڪٽ جو پتو پيو هجي، ۽ آها دريافت بولان لڪ جي ذريعي سنڌو ماڻريءَ ۾ آندي ويئي هجي. هن سلسلي ۾ هيءَ گالهه وڏي دلچسپ آهي ته سنڌو ماڻريءَ مان هٿ آيل چاقو ۽ خنجر سوسا ۽ آناو مان هٿ آيل ڳچ چاقن ۽ خنجرن سان وڏي مشابهت رکن ٿا (١).

قلعي يا ڪلٽ جي ملاوت سان ٽامو نه رڳو سخت ٿئي ٿو، پر ان جي پلٽڻ ۾ آساني ٻڌ ٿئي ٿي. موهن جي درڙي مان ڪٽ هٿ آئي آهي، ان ۾ عاج طرح سان نوَ يا ڏهم سيڪڙو قلعيءَ جي ملاوت آهي. اهڙيءَ ريت ڪٽ جي ڳچ مجسمن ۾ چوڏهه سيڪڙو قلعيءَ جي ملاوت آهي. هيءَ ٽامو ٻٽين ۾ پگهاريو ويندو هو، ۽ کوٽائيءَ مان ڳچ اهڙيون ٻيون ملیون آهن، جن مان ڌاتن جا ٽڪرا هٿ آيا آهن.

سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب کي ڪٽ جي دور جي تهذيب ڪوٽيو وجي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن دور ۾ زندگيءَ جي ضرورتن جا سمورا اوزار ۽ ٽانوَ عام طرح سان ڪٽ جا ٺاهيا ويندا هئا. هتان ٽامي ۽ ڪٽ جا ٺهيل مختلف سائيزن ۽ شڪلين جا ٽانوَ مثلاً ڪلهاڙا، پيالا، ٽالهيون، هنڊيون (جن مان ڪن جا ڍڪڻ به آهن.) هٿ آيا آهن. انهن مان کي ٽانوَ پٽلٽ ڪري ٺاهيا ويا آهن، پر گهڻا ٽانوَ سنداڻ ي ڌاتوءَ کي ڪٽي ٺاهيا ويا آهن. انهن جي جدا جدا پاڻ کي پاڻ ۾ گهڙيڻ لاءِ ٽاڪي ڪان ڪم ورتو ويو آهي. فقط هڪ ٽانوَ جي ڪڙي کي ٽاڪي ۽ ريهه ٻنهي سان گهڙيو ويو آهي. انهن ٽانون کي ڏسندي اندازو ٿئي ٿو ته هتي ٽامي ۽ ڪٽ جا ٽانوَ ريهيا نه ويندا هئا. سون ۽ چانديءَ جون شيون گهڙو ڪري ريهڻ سان ٺاهيون ويون آهن. هتي جا ٽامي ۽ ڪٽ جا ٽانوَ تمام

(1) Marshall, - Mohenjo Daro, vol. II,p. 484

سادي نموني جا آهن ۽ لڳ ڀڳ مٽيءَ جي ٽانون جي نمولي تي ٺاهيا ويا آهن، انهن تي ڪنهن به قسم جي چٽسالي ڪانم ڪئي ويئي آهي. فقط هڪ ٽانوَ تي ٻئي ڏاڳي جهڙي ليڪ آياري ويئي آهي. هڪ ڪٽيءَ يا ٽڪيءَ کان سواءِ ڪنهن به ٻئي ٽانوَ ۾ ڏونڊي يا ٽُڻ ۽ نه ئي ڪو ڪڙو لڳايل ڏسڻ ۾ آيو آهي.

هٿيار ۽ اوزار: سنڌو ماڻريءَ جا هٿيار ۽ اوزار پٿر، ٽامي ۽ ڪٺ جا ٺهيل ملها آهن. هي اوزار ايترا مضبوط ڪارائتا ۽ سٻا نه آهن، نڪي انهن سان لڙندي کا لڙائي فتح ڪري سگهجي ٿي. بچاءَ جا خاص هٿيار مثلاً ڍالون ۽ زرهون وغيره اڃا تائين لڌا نه ويا آهن. البت نيزي جو ڦر، ڪٽاري، پالو، رَندي جا ڦر، ڪهاڑيون، ڪوڙ، تيرڪمان، ڪانهاڙيون، برڇون، تيشا ۽ گرز گهڻي تعداد ۾ مليا آهن. ڪوڙيون ٻن نمونن جون لڌيون ويون آهن. آهي يا ته ڊگهيون ۽ سنهيون [پاهوڙيون] آهن يا ننڍيون ۽ ويڪريون. وڏين کهاڙين مان هڪ جو ڦر ۱۱ انچ ڊگهو آهي، جيڪو تور ۾ انڪل ٽي پائونڊ ۽ ٽي آڌونس آهي. ان ۾ ڳُن وڇڻ جو سوراخ ڪونه آهي، پر هڪ پاسو سوڙهو ۽ مُڙو اڌس، جنهن ڪي ڪنهن ڪاٺيءَ جي ڳُن سان ٻڌو ويندو هوندو. فقط هڪ ڪوڙ هن نموني جي لڌي ويئي آهي، جنهن ۾ پاهو يا ڳُن وڇڻ لاءِ سوراخ موجود آهي. هيءَ ڪوڙ انهيءَ ڪري اهميت واري آهي، جو ڳُن وڇڻ جي پاهن وارا اوزار موهن جي دڙي مان تمام گهٽ هٿ آيا آهن. هن نموني جي هڪ ڪوڙ ڪوهِ قاف ۾، ڪوبان درياءَ جي پيٽ مان پڻ لڌي ويئي آهي، جا اتر اوپر ايران جي 'ٽيپ قِلهي' مان هٿ آيل ڪوڙ سان مشابهت رکي ٿي. هن دور ۾، سمير ۾، ڳُن جي پاهن وارا اوزار گهڻا ملها آهن. پڪل مٽيءَ جي ٺهيل ٻارن جي راندڪي جي صورت ۾ هڪ ڳُن واري کهاڙي، جيڪا تمر جهڙي آهي،

موهن جي دڙي مان ملي آهي. هن نموني جون تبر جهڙيون کهاڙيون اڇکلهه به سنڌ ۽ هارين جي هٿن ۾ عام جام ڏسڻ ۾ اينديون آهن.

هينن باقيات ۾ ٽامي جا پر پالا به آهن، جن مان هڪ سادا ارڙهن انچ ڊگهو آهي. انهن پالن جا ڦر ٻنهي پاسين سنهان ۽ وچ ۾ ڪافي ٽلها آهن. انهن جي نوڪ مُڏي آهي، ۽ آهي ڪنهن جسم ۾ ٽُنبڻ بدران شين جي چلهڻ لاءِ زياده ڪم اچي سگهن ٿا. هن دور ۾ پين قديمي هنڌن تي اتفاق سان ٿي ڪي پالا هٿ آيا آهن. البت سر فلنڊرس پيٽرڪ کي (۱) تل‌الاعجول (۲) مان هڪ اهڙو پالو هٿ آيو هو.

سنڌو ماڻريءَ مان عجيب بناوت جا نيزا هٿ آيا آهن. هي ايتريقدر سنهان آهن، جو جيڪڏهن انهن تي وڌيڪ زور ڏنو وڃي تہ مُڙي پون ٿا. انهيءَ ڪري انهن تي هڪ سنهو ڪتپ بنايو ويو آهي، جنهن ۾ تار يا ڪاٻي ڪُپائي، انهن کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هوندي. پر ان هوندي به هن قسم جي نيزي جي ڌار جي مُڙڻ جو خطرو باقي رهندو هوندو. ڪجهه نندا پر ويڪرا ڦر اهڙا به مليا آهن، جن کي نيزن جا ڦر سمجهيو ويو آهي. انهن نيزن ۾ سيپ کان وڏو ڦر پندرهن انچ ڊگهو ۽ پنج انچ ويڪرو آهي. خنجر ۽ چاقو ٺهڻو ڪري هڪ ٽي نموني جا لڌا ويا آهن، يعني ڊگها ۽ پن جي شڪل جا آهن ۽ انهن مان ڪن ڦرن جي وچ ۾ مضبوطيءَ جي خيال سان هڪ ٽلهي نڪس وڌي ويئي آهي. هي عام طرح چٽيل آهن ۽ ڪن ۾ ڪُن وڃهڻ لاءِ سوراخ به آهن. چاقن جي ڦرن ۾ عام طرح فقط هڪ طرف تيز آهي ۽ ٻيو طرف مُڏو آهي. پر اهڙا چاقو به ڪافي تعداد ۾ مليا آهن، جي پٽن جي شڪل جا آهن ۽ جن جا پيئي ڀاسا تيز آهن. اهڙا چاقو ٺهڻو ڪري ڪُٽ جي ويڪرين

(۱) Sir Flinders Petric. (۲) Tell-el-Ajjul.

پٽين مان ڪاڻي ، ٺاهيا ويندا هوندا. ڪن ڇاڻن ڪي بار بار تيز ڪرڻ ڪري انهن جون ڇنبون گهسي گول ٿي ويون آهن.

تيرن جون نوڪون به ڇگهي تعداد ۾ هٿ آيون آهن، هي ڪٽ ۽ ٽامي جي پترن مان ڪاڻي، ٺاهيون ويندیون هيون. انهن پترن مان هيءَ به اندازو ٿئي ٿو ته هي ماڻهو ڪمانن جي ٺاهڻ جي به سڌي قابليت رکندا هوندا.

ٻين هٿيارن ۾، ٽن ڇڻن نمونن جا پاڪي به ملیا آهن، جن مان گچ ل جي شڪل جا آهن. انهن ۾ ٻگهيا گڻ لڳل آهن. انهن کان سواءِ ٻيا سڌا پاڪي به آهن، جي ڪافي ٻگهيا آهن ۽ انهن جا چيڙا گول آهن. ڪن پاڪين ۾ جهرڪين جي منڊيءَ جي شڪل جا گڻ لڳل آهن. انهن کان سواءِ ٽامي ۽ پٽر جا گرز به هٿ آيا آهن ، جن جون شڪليون ۽ نمونا ٽن قسمن جا آهن. انهن ۾ ٽامپاٽيءَ جي شڪل جا گرز عام طور رواج ۾ هئا. ٻن نمونن جون ڪانپاڻيون به هٿ آيون آهن: هڪڙي گول ۽ ٻي بيضوي نموني جي. معلوم نه آهي ته هي ماڻهو ڪٽليليءَ کان به واقف هئا يا نه، ۽ پڪل مٽيءَ جا ٺهيل اهڙا وزني ڪٽليلا ضرور ملیا آهن ، جيڪي ڪٽليليءَ ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن.

لڏل اوزارن ۾ ڪٽ جي ٺهيل ڪاريگري به ملي آهي، جيڪا سادا سورهن انچ ٻگهي آهي، جنهن ۾ ڪاڻيءَ جو ٺهيل مٽيو به لڳل هو. مٽيي هجڻ جو اندازو ان جي قر جي هڪ چيڙي تي نڪتل ٽن سوراخن مان لڳايو ويو آهي، جنهن ۾ ڪيليون هڻي مٽيي کي گهنڊيو ويو هوندو. ڪن ڪاريگرين جا قر ڪمان جي شڪل جا هوندا هئا. بنگال ۾ سيپيءَ جي ڪم ڪرڻ وارا اڇڪلهه به ڪمان جي شڪل جون ڪارايون استعمال ڪن ٿا، ۽ انهن جون ڪارايون لوهه جون ٺهيل سونديون آهن. هنن ڪيترين ٽنگڻين به لڏين ويون آهن، جيڪي ڪٽ يا ٽامي جي گول يا چوڪنڊين سيخن

کي ڪاڻي ۽ پوءِ انهن جي ٻنهي ڇيڙن کي ڏڪي بنايون ويون آهن.

موهن جي ڏڙي جي اوزارن جي هڪ خصوصيت هيءَ به آهي ته انهن مان گهڻن تي اکر لکيل آهن. جن جي باري ۾ ويچار ڪيو وڃي ٿو ته شايد هي ڳٽپ جا انگ آهن. اوزارن تي اکرن آڪيرڻ جو سبب ايستائين سمجهه ۾ نٿو اچي سگهي، جيستائين انهن لکيتن کي پڙهيو نه وڃي (پليٽ نمبر ١٠).

سنڌو ماڻريءَ ۾ جانورن جي پٿرن ۽ پين مورتين ڏاهن ۾ ڏاهو ۽ ڪٽ اڻڀريءَ هوشياريءَ سان استعمال ڪيا ويا آهن، جنهن مان پتو پوي ٿو ته هي ماڻهو ڏاتن جي ڪم آڻڻ جا وڏا ڪاريگر هئا. ڪٽ مان ٺهيل هڪ نڇڻيءَ جو پٿرن، هنن جي ڪاريگريءَ جو اعليٰ نمونو آهي. هيءَ پٿرو سوهن جي ڏڙي مان ايڇ.آر. اراضيءَ جي هڪ جاءَ مان چار فوٽ ڇهه انچ جي اونهائيءَ مان لڌو هو. آن جون ٽنگون گوڏن کان هيٺ پڳل آهن ۽ ان جي هاڏوڪي ڏيگهه ساڌا چار انچ آهي. پٿري جو ساڄو هٿ کلهي تي رکيل آهي ۽ کاٻي هٿ واري سموري پاڻهن چوڙين سان ڍڪيل ۽ ساڻهون جهڪيل آهي. کاٻو پير سڌو ۽ ساڄو ڪي قدر وڌيل اٿس. مٿو ٿورو نميل اٿس. اکيون وڏيون وڏيون ۽ نڪ کي قدر ٽٻو ۽ وار گهنڊيدار اٿس (پليٽ نمبر ١٣ ـ الف).

هن پٿري کان سواءِ هڪ ٻئي پٿري جي پير جو پڳل ٽڪر به مليو آهي، جنهن ۾ ڪڙي پيل هئي. انهيءَ کان سواءِ سانهتم جو هڪ خوبصورت پٿرو ۽ ٻکريءَ ۽ گهيٽي جا لڏل پٿرا به ذڪر ڪرڻ لائق آهن، جن کي هنر ۽ ڪاريگريءَ جا عمدا نمونا چئي سگهجي ٿو.

سنگتراشي: سنڌو ماڻريءَ مان پٿر جون ٺهيل شيون تمام گهڻيون ملين آهن. پٿر جو استعمال جاين ۾ ڏاڍين ڏکڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به هنڌ نه ڪيو ويو آهي. اڏاوت ۾

استعمال ٹيڻ وارا پٿر گھٽو ڪري ڪنهن ويجهي هنڌ تان گھرايا ويندا هوندا. پرپاسي مان آسانيءَ سان ملڻ وارا پٿر ٽن نمونن جا هٿا. هڪڙو، سفيد يا پيلي رنگ جو پٿر، جيڪو سکر وٽ ملندو هو، ۽ آسانيءَ سان پيڙهن وسيلي آڻي سگهبو هو، پيو وارياسو پٿر ۽ ٽيون سنگمرمر. هي پٿر يا تہ ڪيرٿر جي جبلن مان، جيڪي هتان هڪ سؤ ميلن جي مفاصلي تي آهن يا ڪاٿياواڙ مان گھرايو ويندو هوندو. انهيءَ کان سواءِ زرد خوبصورت جيسلميري پٿر ۽ ڪاراڻ تي مائل پيرو پٿر، جيڪو سليٽ وانگر هوندو هو، اڃي پڻ ڪم آيندا هٿا. غالباً هي پٿر بہ راجپوتانا مان آندا ويندا هوندا.

پٿر جا سڄا ٽانوَ تمام ٿورا ملڻا آهن. هي ٽانوَ تراکڻن پيالن جهڙيءَ شڪل جا آهن ۽ عام طرح سادا ۽ بدزيبا آهن، جي نرم پٿرن، مثلاً وارياسي پٿر يا چن واري پٿر، مان ٺاهيا ويا آهن. تراکڙي تري وارو هڪ لوٽو، جنهن جي اوچائي چار انچ آهي، ٽامي ۽ ڪٽ جي ٽانون سان گڏ هٽ آيو آهي. هيءُ لوٽو سائي رنگ جي ڪرسٽل واري جيڊ پٿر جو آهي. اهڙو پٿر سمير ۾ ڏنو ويو آهي، ۽ گھٽ ليٽ سببان قيمتي هوندو آهي. پر لوڻي ٽاهڻ ۾ ڪنهن بہ هوشياريءَ ۽ ڪاريگريءَ جو ثبوت نہ ڏنو ويو آهي. انهن ٽانون جي چيلهہ-گھڙ لاءِ مصري نموني جي پٿر جا برما استعمال ڪيا ويندا هٿا.

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان انڪل ۱۱ پٿلا ملڻا آهن، انهن مان ٽي جانورن جا ۽ چار ماڻهن جا آهن. ماڻهن جي مٿن جا چار پٿلا نهايت زبون حالت ۾ لڌا ويا آهن، ۽ انهن جا جسم گولا ڪان پوءِ بہ هٽ اڇي ڪين سگهيا آهن. فقط هڪڙو ٽي محدل پٿلو ملهيو آهي، جو ايتريقدر پُري وبل آهي، جو ان کي انساني پٿلو چوڻ بہ شڪ کان خالي نہ آهي. هڪڙو پٿلو مٿي کان سواءِ کي قدر ڇڳيءَ حالت ۾ هٽ آيو آهي.

پُتلن ۾ سينهي کان وڌيڪ اهميت وارو ڏي. ڪي. ايراضيءَ مان هٿ آيل هڪ پروهت يا پوڃاريءَ جو پٿلو آهي (پليٽ نمبر ١٨-ب-١)، جيڪو ست انچ ڊگهو آهي. ان جو هيٺيون ڏڙ شال سان ويڙهيل آهي، جنهن جا ڪنارا ويڙهيل آهن، ۽ اڃا ساڃي ڪلهي تان وراڻي ڪاپيءَ پائهن جي هيٺان پاتل آهي. ان ۾ ٽپتائين نموني جي چٽسالي ڪيل آهي پٿلي جي ڏاڙهي ڇڊي ۽ مٿيون چپ ڇلهيل ۽ اڪيون اڌ ڪليل آهن. شايد اهل ۾ انهن جي اندر سپ جا ٽڪرا جڙيل هوندا. نڪ وچولي درجي جو اٽس، جو ڪافي پيٽل مٿي سان سڌو جڙيل آهي. منهن جي بهڪ وچولي نموني جي اٽس. چپ ٽلها اٽس. پوري وچ مٿي تان سينڊ نڪتل اٽس، ۽ مٿي جي چوڌاري هڪ پٽي پٽل ڊمجيس ٿي، جنهن ۾ نرڙ جي وچ ۾ چلي جهڙو گول ٽهيل آهي. اهڙي نموني جو هڪ گول چلو ساڃي هٿ تي پٽل هڪ سادي بازو بند تي به نڪتل اٽس. ڪنن جي هيٺان ٻه سوراخ اٽس، جن ۾ هار يا ڳچيءَ جو ڪو ٻيو زيور لٽڪايو ويندو هوندو. هيءَ پٿلو سنگتراشيءَ جو اعليٰ نمونو آهي. ٻيا پٿلا ايتريءَ خوبصورتيءَ سان ٽهيل نه آهن.

هڙاپا مان هٿ آيل ٻيا ٻه مجسما به ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن. هنن پٿلن برصغير هند - پاڪ جي قديم سنگتراشيءَ تي ڪافي روشني وڌي آهي. انهن جا مٿا، ڏڙ ۽ هٿ الڳ الڳ ٺاهيا ويا آهن. ڳچيءَ ۽ ڪلهن ۾ اهڙا سوراخ وارا ڪانچا آهن، جن ۾ مٿو ۽ هٿ ڳنڍيا ويندا هئا. هڪ پٿلي جا ڪلها ويڪرا آهن، ۽ پيٽ کي قدر ٻاهر نڪتل آهي، جنهن ۾ ويندي دن جي ڪڏ به ظاهر ڪئي ويئي آهي. سينو ويڪرو ۽ آپريل اٽس. سنگتراش پٿلي جو هرهڪ عضوو خوبصورت ۽ مناسب مقدار ۾ رکيو آهي. ٻيو پٿلو هڪ نچڻيءَ جو آهي، جو ڪاپي پير تي بيٺل آهي، ۽ جنهن جو ساڃو پير مٿي ڪنيل آهي. ڇلهو ڪان مٿي وارو حصو ۽ هٿ ساڃي طرف ورڻل اٽس. ڳچي

سنهڙي انس. ائين پهو پائنجي جڳ هيءَ جرهر ۽ زندگيءَ سان پريل پتلو آهي. محققن جو خيال آهي ته هي شيوَ جي نٽ راج جو مظهر آهي (١). (پليٽ نمبر ١٨ ب ٢).

مٽي جاڙايل پتلن مان ٿي پتلا ڳچيءَ حالت ۾ ملميا آهن، ۽ انهن پتلن سان پيٽي سگهجن ٿا، جي انهيءَ دور ۾ موسوپوٽيميا مان لڌا ويا آهن. انهن پتلن جي اکين ۾ مصر ۽ سمير جي پتلن وانگر سپ جا ٽڪرا جڙيل آهن. ٻن اوکڙو ويهل پتلن جا هٿ گوڏن تي رکيل ۽ مٽي کنيل ٺاهيا ويا آهن. انهيءَ نموني جا مجسما سمير مان به ملميا آهن. سمير ۾ پتلن جا وار گهنڊيدار نموني تي ٺهيل آهن، پر سنڌو ماڙيءَ جي پتلن ۾ اها ڳالهه نه آهي. سميري پتلن جي ابرڙ هنان جي پتلن جا نڪ ۽ وات ڇٽا ۽ پوري مقدار وارا ڏيکاريل آهن.

جانورن جي پتلن ۾ ننڍين سڱن واري ڏڳي جو پتلو ڇگو موچارو آهي، پر پيٽ ڪبي ته مٽيءَ جا ٺهيل ڏڳا وڌيڪ سٺا آهن (پليٽ نمبر ٩). اهڙيءَ ريت پٿر جو ٺهيل هڪ وڏو ڪتو (٢) (جنهن جا ڪن ۽ چپ لڙڪيل آهن) نهايت خوبصورت آهي. آن جي ڇڇي نهايت خوبصورت آهي آن جي ڇڇيءَ جي ڪل جا گهنج نهايت هوشياريءَ سان تراشي آپاريا ويا آهن. انهن مجسمن کي ڏسڻ کان پوءِ اندازو ٿئي ٿو ته هي ننڍا پتلا وڏن پتلن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڇٽا ۽ صاف آهن.

سنڌو ماڙيءَ جي رهاڪن جي ڪامياب ترين تخليق مهرون آهن، جيڪي فقط موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان ئي انڪل ٻه هزار ڪن ملميون آهن، ۽ جن مان هيءَ گمان ٿئي ٿو ته شايد هر ماڻهوءَ وٽ پنهنجي مهر هوندي هئي. هي مهرون اسٽائيٽ (٣) (ابرڪ جهڙو پٿر) مان ٺاهيون ويون آهن ۽ ڏيڍ انچ چورس ڪان ونڊي ايڏائي انچ چورس تائين مختلف ماپن

(1) Vedie Age., P.181 (2) Mastif (3) Steatite

جون ملیون آهن. عام ماپ ١٤٧ ۽ ١٤٢ انچ اڻن. هي مهرون چرس شڪل جون آهن، جن تي جانورن جون تصويرون ۽ تصويري اکر اڪريل آهن. ڪڇ مهرون مستطيل نموني جون آهن، جن تي فقط اکر اڪريل آهن، ۽ ڪجهه ٽڪي جي صورت جون گول مهرون به ملیون آهن. چورس مهرن جي پٺئين پاسي تي سوراخن وارا ڪڙا لڳل آهن، جن ۾ ڏاڳو وڌو ويندو هوندو. مستطيل مهرن کي ڪڙا نه هوندا هئا، البت انهن جي ڀيگهه واري پاسي ۾ آرپار سوراخ ڪيا ويندا هئا، جن ۾ ڏاڳا وڌا ويندا هوندا. معلوم اٿين ٿو ٽئي ته اهي مهرون وڻن پٽرن مان ٽڪرا ڪاٽي بنايون ويندیون هيون. هيءُ ڪم ڪارائيءَ سان ڪيو ويندو هوندو، ۽ آخر ۾ انهن ٽڪرن کي چاقوءَ يا چيڻيءَ سان چيلهي صاف ڪري، مٿن چيٽ اکيريا ويندا هوندا. ڪتبن جي لکڻ لاءِ اکر وارا تيز ٽڪنڊا اوزار استعمال ڪيا ويندا هوندا، ۽ سنهي ڪم لاءِ برمو استعمال ٿيندو هوندو. چلهه-گهڙ کان پوءِ مُهرن تي چوني جو ٿهه چمائي، اُن کي ٻڌيءَ ۾ ڇڏيو ويندو هوندو.

انهن مهرن کي مهرون چوڻ ڪيتري قدر صحيح آهي، اهو فيصلو ان وقت ٿي سگهندو، جڏهن انهن تي ٿهيل چيٽ پڙهيا ويندا. اندازو لڳايو ويو آهي ته جهڙيءَ طرح لاک کي گرم ڪري مٽائيس مهر هٿي ويندي آهي، اهڙيءَ طرح سنڌو ماڻهو آلي مٽيءَ يا ڪنهن ٻيءَ اهڙيءَ صورت واري بيهندڙ شيءِ تي هي مهرون هٿندا هئا. انهيءَ خيال کي هن ڳالهه مان به ٽيڪو ملي ٿو ته ڪيترين مهرن جا نقش موجوده زماني جي پتل جي مهرن وانگر اُبتا بنايا ويا آهن، ۽ جڏهن انهن کي ڪنهن صورت واري بيهندڙ مادي تي لڳايو وڃي ٿو، ته اصلي تصوير ٿهي پوي ٿي (پليٽ ١٩، ٢٠ ۽ ٢).

وڏين وڏين مهرن تي جانورن جون شڪليون نهايت خوبصورتيءَ سان اکيريون ويون آهن. هڪ مهر تي ڏڪي

جي ٺهيل تصوير، سنگراشيءَ جو بهترين نمونو آهي (پليٽ نمبر ۲۰ ـ ۶). هن ڏڳي جي ڳچيءَ هيٺان لڙڪندڙ گوج، ڪُلهو يا ڪونهون، وات، اکيون، سڳ، ڪنڌ تي پيل ڪڏون، ٽنگون، ڪُل مطلب ته هر هڪ عضوو فطري طور اهڙيءَ نفاست ۽ خوبصورتيءَ سان ٺاهيو ويو آهي، جو ڏسڻ وارو حيرت ۾ پئجي ٿو وڃي. پي مزي جي ڳالهه هيءَ آهي ته هيءَ سموري ڪاريگري پٿر جي ننڍن ننڍن ٽڪرن تي ڏيکاري ويئي آهي. هڪ مهر تي شينهن جي تصوير ٺاهي ويئي آهي، جنهن جي ڪليل وات اندر زبان ۽ چهنبيارا ڏند به ڏيکاريا ويا آهن. ان جي ڪنڌ جي پُٺ ۽ بدن تي ڏيکاريل پٽا نگاهه کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندڙ آهن. اهڙيءَ ريت پين سوين مهرن تي ٺهيل تصويرن ۾ بدن جي معمولي معمولي جزن کي به نمايان ڪيو ويو آهي ۽ انهن ۾ اصل سان مشابهت ۽ حقيقت پسنديءَ جو نهايت اعليٰ خيال رکيو ويو آهي.

هي مهرون اهڙن فنڪارن ۽ ڪاريگرن جي هنرمنديءَ ۽ هوشياريءَ جو نمونو آهن، جي نه فقط پٿراليءَ جي ڪم ۾ وڏي مهارت رکندا هئا، پر جانورن جي بناوت، عضون ۽ انهن جي پين مختلف خصوصيتن کان به ڇڳيءَ ريت واقف هئا. انهن مهرن جو ڪم آرٽ جي لحاظ کان ڪاريگريءَ جي پين نمونن جي مقابلي ۾ تمام ٿوڙو، نفيس ۽ اعليٰ آهي. سنڌو ماڻريءَ مان هٿ آيل پيا پٿلا، مورتيون ۽ ٽانوَ خوبصورتيءَ ۾ انهن جو مقابلو نٿ ڪري سگهن. انهن ڪاريگرن جانورن ۽ ديوتائن جي تصويرن ڪيڙ ۾ جنهن قابليت ۽ مهارت جو مظاهرو ڪيو آهي، ان ۾ غالباً سندن عقيدت ۽ محبت کي به وڏو دخل هو. ان مان هيءَ اندازو لڳايو ويو آهي ته جانور ۽ پيا چٽ گل هنن جي مذهبي تصورات جا مرڪز هئا، ۽ اهو ئي سبب آهي، جو جنهن شوق ۽ خبرداريءَ سان انهن مهرن کي ٺاهيو ويو آهي، ان جو مثال هن تهذيب جي باقي



موهن جي دڙي مان لڌل هڪ گلدان

پين چيزن جي ڪاريگريءَ ۾ نظر نٿو اچي. ايتري قدر ، جو خود پروهت يا پوچاريءَ جو اڌ قد وارو پٿلو ۽ ڪُٽ مان ٺهيل ننڍڙيءَ جو پٿلو، جيڪي ٻنهنجي نفاست ۽ نزاڪت جي اعتبار کان ماڻا ديويءَ جي ڪيترين مورتين کان گهٽو مٽاهان آهن، سي به هينن مُهرن جي ٻنهه ڏَز کي به نٽا پهچي سگهن.

ٻيا هنر: سنڌو تهذيب جي باقيات جي هن پوري جائزي کان پوءِ اسين يقين سان چئي سگهون ٿا تہ موهن جو ڏڙو ۽ هڑاپا هنر ۽ ڪاريگريءَ جي خيال کان مثالي حيثيت رکندا هئا. مختلف ڌاتن جي استعمال کان ماڻهو چڱيءَ طرح واقف ٿي چڪا هئا، ۽ انهن جي مدد سان زندگيءَ جي ضرورتن جي پورائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هو ٽامي، ڪُٽ، پٿر ۽ مٽيءَ جا اوزار، ٽانو ۽ زندگيءَ جون ٻيون ضروري چيزون چڱيءَ طرح ٺاهڻ ڄاڻندا هئا. سندن خاص تخليق سندن مهرون هيون، جي ڪاريگرن جي خاص فني ڄاڻ جي وڏي ثابتي ڏين ٿيون. انهيءَ کان سواءِ اهي ماڻهو کن پين ڪاريگرين ۾ به مهارت رکندا هئا، مثلاً جتي هي سون ۽ چاندي، جو ڪم ڄاڻندا هئا، اتي سڀيءَ جو ڪم، ٽيڪڙن جو پرت ۽ سپيءَ جي جنسار جي ڪم کان به واقف هئا (پليٽ نمبر ١٢ ـ ب). هيءَ سڀي حقيقت ۾ ستڪ جا ننڍا ننڍا ۽ تمام نازڪ ٽڪرا هوندا هئا، ۽ انهن تي ڪم ڪرڻ نهايت ڏکيو ٿيندو هوندو. انهيءَ ڪري سپيءَ جان شيون گهڻيون لڌيون نہ ويون آهن. سپيءَ جا ٽڪرا وڏيءَ خبرداريءَ ۽ محنت سان، سنهيءَ ڪاراڻيءَ سان ڪاٽيا ويندا هئا ۽ وڌيڪ ٽڪرن جي ڪرندن کي واريءَ سان گهي لسو ڪيو ويندو هو. پر هن هنر ۾ سنڌو ماڻريءَ جا ماڻهو سمير جي ماڻهن سان مقابلو نٽا ڪري سگهن، جيڪي سپيءَ جي ڪم ڪرڻ ۾ وڏي مهارت رکندا هئا. هيتي بازوبند، جوڙيون، چوٽيءَ ۽ انهيءَ نموني جي ٻين شين لاءِ عاج به استعمال ڪيو ويندو

هو. عاج جو هڪ اهڙو ٽڪرو ٻه ملیو آهي، جو ڪنهن گلدستي جو مٿيون پاڳو هو. هن ٽڪري تي اهڙا گل ٺهيل آهن، جن جا گهيرا هڪٻئي کي ڪٽيندي هڪ خوبصورت بڊائين ٺاهين ٿا. انهن ۾ وري سيندور يا ڪنهن ٻئي گاڙهي رنگ جو مصالحو پريو ويو آهي. عاج جون ٻيون شيون به هٿ آيون آهن، جيڪي هن گاهڪ جي اندازي لڳائڻ ۾ آسان جي مدد ڪن ٿيون ته عاج جو ڪم اُنهيءَ دور ۾ وڏيءَ ترقيءَ تي هو.

زيورن ۽ ٽانون تي چمڪ پيدا ڪرڻ لاءِ زجاج (شيشو) ۽ مڙداسنگ استعمال ڪيا ويندا هئا. رنگ ڏيڻ لاءِ ڪجهه ٻيا مصالحا به ڪم آندا ويندا هئا. ڪن ٽانون تي سائي ۽ نيري رنگ جي پالش ٽيل آهي. غالباً هي ماڻهو سڃيءَ چينيءَ جي استعمال کان به واقف هئا. چاڪاڻ ته چينيءَ جون اهڙيون نايابَ قيمتي شيون به هٿ آيون آهن، جن کي يقين سان هنر ۽ ڪاريگريءَ جو غير معمولي نمونو چئي سگهجي ٿو.

سنڌو ماڻريءَ جا ماڻهو سوٽي ڪپڙو استعمال ڪندا هئا. هڪ پُتلي جي لباس تي ٽيل چسالييءَ مان هيءَ اندازو ٿئي ٿو ته هي ماڻهو پرت ۽ زريءَ جي ڪم کان به واقف هئا. البت سنڌ جي هاٿوڪين اجرڪن (۱) وانگر انهن جون چادرون چُريل نه هونديون هيون. ٽامي ۽ ڪٽ جون ڪيتريون آرون ملیون آهن، انهن مان ڪن جي چمڙن تي ڏاڳي وجهڻ جا سوراخ به آهن. ڪن آرن جي چمڙن تي ڪُنڊيو به ٺهيل آهي، جنهن ۾ ڏاڳو وڌو ويندو هو. زيورن سان گڏ سون جون ٽي سيون به ملیون آهن، جن مان هڪ سٹي ۾ انچ ڏگهي آهي. پن سٹين تي ننڍا ننڍا نشان ٽيل آهن. خيال آهي ته هي نشان ان وقت ٽيا هوندا، جڏهن ڪپڙو سمندي سمندي

(۱) چريل چادرون، جي سنڌ ۾ عام طور استعمال ڪيون وڃن ٽيون، گهٽو ڪري انهن جو ترڻ گهرو نيرو ٽيندو آهي، جنهن تي گاڙهي رنگ جا گل ٻوٽا ٺاهيا ويندا آهن.

ڪنهن مائيءَ سُئيءَ کي ڏاڍن هيٺان ڏنو هوندو. هڏي، عاج ۽ ٽامي جون سيون به هٿ آيون آهن.

زرعي اوزار جيئن ته ڪاٺ جا ٺهيل هوندا هئا، انهيءَ ڪري هزارين سال مٽيءَ ۾ پوريل هڻڻ سڄڻ ناس ٿي آهن ۽ هٿ اچي نه سگهيا آهن. البت ٽامي جا به ڏاڍا لڌا ويا آهن. سمير جي پيٽ ۾ موهن جي دڙي ۾ اوزارن کي تيز ڪرڻ جون روهيون تمام گهٽ هٿ آيون آهن، ۽ اهو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي ته هو پنهنجي اوزارن ۽ هٿيارن کي کهڙيءَ شيءِ تي تکو ڪندا هئا. شايد انهيءَ مقصد لاءِ سيرون استعمال ڪيون ويندڙيون هونديون. هٿ آيل روهين جا ڪنارا ۽ چيڙا جنهن حالت ۾ لڌا آهن، اُهي هن ڳالهه جو ثبوت آهن ته انهن سان اوزارن کي تکو ڪرڻ بجاءِ ڏاتن تي پالش ڪئي ويندي هئي.

مٽيا: سنڌو مائريءَ جي قديمي شهرن ۾ مختلف پٿرن، سون، چاندي ۽ مٽيءَ جي مٽين ٺاهڻ جي هنر جو تمام گهڻو رواج هو. هي مٽيا عام طور عقيق، سليماني پٿر ۽ يشب جي پٿر مان ٺاهيا ويندا هئا. پٿرن کان سواءِ سفيد ۽ نيري مصالحي جا به ڪيترا مٽيا هٿ آيا آهن، جن مان هار ۽ مالهائون تيار ڪيون ويندڙيون هيون.

مٽين ٺاهڻ وارن جي هڪ دڪان مان پٿر جا تمام گهٽا مٽيا ملڻا آهن. هي مٽيا تيار ٿيڻ تائين مختلف منزلن يعني چلهڻ، گول بنجڻ، پالش ٿيڻ ۽ ٽنگ ڪرڻ جي حالت ۾ هٿ آيا آهن. انهن مٽين ۾ پٿر يا ٽامي جي نالي وارن گرمٽن سان سوراخ ڪيا ويندا هئا. پٿر جا گرمٽ نهايت هوشياريءَ سان ٺاهيا ويندا هئا. انهن جي چوٽب تي ننڍڙي پيالي جي شڪل جو ڪنڊو لڳل هوندو هو، جن ۾ پاڻي ۽ پٿر جو پورو گڏ پيل هو. پاڻي گرمٽ کي اندر وڃڻ ۾ مدد ڏيندو هو. اهڙا گرمٽ چانهونءَ جي دڙي مان ڇڳي تعداد ۾



بليت نمبر ٧- متيء جا ڈانڈو



پليٽ نمبر ٨ ب- مٽيءَ جا چٽيل ٺانوَ

هلمت لحبر و- ڈاندن جا پُتلا یا مجسما



پلیٹ نمبر ۱۰- تامی ءِ کٹ ءِ جا اوزار



پليٽ نمبر ۱۱- هڏن ۽ عاج جو ٺهيل سامان



پليٽ نمبر ۱۲ ب - سيپي ۽ سنک مان ٺهيل شيون



پليٽ نمبر ۱۲ الف- سچيءَ چينيءَ جون ٺهيل شهون



مٹکا

هٿ آيا آهن ، ۽ ڊاڪٽر وهيلر جو خيال آهي تہ شايد هي گرمٽ ٻاهر ٻ موڪليا ويندا هجن (١). هن نموني جو هڪ گرمٽ آر مان ٻ مليو آهي.

موهن جي دڙي ۾ ايڇ. آر. ايراضيءَ مان سون جا بي انداز مٽيا هٿ آيا آهن ، جن مان ڳچ گول چپٽرين ٽڪين جهڙيءَ شڪل جا آهن ، ۽ جن ۾ هڪ چوڪير سير آهي. هن قسم جون ٽڪيون مصر ۾ ٢٣٠٠-٢٥٠٠ ق. م. ۾ ٺراءَ ۾ انڪل ٢٣٠٠ ق. م. جي دور جون لڌيون آهن. ٽامي ۽ ڪٽ جا مٽيا ڪا خاص خوبي رکندڙ نہ آهن.

اسٽيٽائيٽ جا مٽيا ، ان جي ٻُوري کي آلو ڪري ڪٽ جي پوڙن ۾ وڇهي ٽاهيا ويندا هئا. چينيءَ جي نموني جا مٽيا ٻ مليا آهن. موهن جي دڙي ، هڙاپا ۽ چانهونءَ جي دڙي مان هٿ آيل مٽڪن مان ٣٥ مٽڪا وڏيءَ اهميت وارا آهن. هي مٽيا تہهدار آهن. هن نموني جا مٽيا شام ۾ جموت نصر جي دور ، يعني انڪل ٣٠٠٠ ق. م. ۽ ڪريٽ مان ٻ هٿ آيا آهن (٢). عام طرح هن نموني جا مٽيا اسٽيٽائيٽ جي ٻوري مان ٽاهيا ويا آهن. ڏگهن مٽين تي ٽپٽائين ڊزائين جي نقاشي ڪئي ويئي آهي. هي ڊزائين گرمٽ يا ڪنهن ٻئي چهنب واري اوزار سان چيلهيا ويا آهن. انهن جٽن ۾ ڳاڙهو يا ڪارو مصالحو پري ، باقي مٽاڇرو ڪرڙي ، آن تي سفيد مصالحو لڳايو ويو آهي. اهڙيءَ ريت سفيد تر تي ڪاري يا ڳاڙهي رنگ جا چٽ آڪيريا ويا آهن. ڪن مٽين جو تر ڳاڙهو آهي. ٽپٽائين ڊزائين جيڪا عام طرح انهن مٽين تي ٽاهي ويئي آهي ، اها سرغوني دور يا ان کان پوءِ رواج ۾ هئي. ميسوپوٽيميا ۾ آن جي تاريخ ٢٣٠٠ ق. م. آهي. هن نموني جا مٽيا مصر ۾ انڪل هڪ هزار سال بعد جي دور مان مليا آهن (٣).

---

(١) (٢) Wheeler.-The Indus Civilization, P. 74.
(٣) Wheeler-The Indus Civilization, P. 75.

عقيق پٿر جا مٽيا ۾ ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن.
هي ٻن نمونن جا آهن: ڳاڙهي تَر تي سفيد چٽن وارا يا سفيد تر تي ڪارن چٽن وارا. ڳاڙهي تر تي ڪاري رنگ جا مٽيا ٻين جي پيٽ ۾ وڌيڪ ملندا آهن. اندازو آهي تہ انهن چٽن آڪسيڊ ڪان پوءِ مٽيي تي سوديا هٽي، پٿر کي گرم ڪيو ويندو هو، ۽ ان ڪري سوديا انهن چٽن تي چمي ويندي هئي، ۽ پڪي سفيد ڊزائين ٺهي پوندي هئي. ٻين نمونن جي مٽين ۾ پُوري پٿر تي سوديا لڳائي ويندي هئي ۽ پوءِ ان تي ڪاپرنائٽريٽ (١) جي سوليوشن سان ڊزائين ٺاهي، ان کي باهه ۾ پچايو ويندو هو. هن نموني جا مٽيا ميسوپوٽيميا مان ۾ ملندا آهن.

(١) Copper Nitrate.

آمدرفت ۽ واپار

آمدرفت. واپار. وت ۽ ماپا.

آمدرفت: قديم ترين زماني ۾ موهن جو دڙو هڪ واپاري مرڪز هو. هتي آسپاس جي علائقن ۽ ٻين ملڪن مان واپاري شيون گهرايون ويندیون هيون. ڏسڻو هيءَ آهي ته آثاري ثابتيون انهن جي آمدرفت جي ذريعن متعلق نشاندهي ڪرڻ ۾ اسان جي ڪهڙي مدد ڪن ٿيون.

موهن جي دڙي، هڙاپا ۽ ٻين هنڌن تان بيل گاڏين جا بيشمار پتلا ملیا، جيڪي پارن جي راند کيڏڻ لاءِ ٺاهيا ويا آهن، پر انهيءَ حقيقت کان انڪار ڪرڻ جي ڪا گنجائش ئي نه آهي ته اهي پنهنجي دور جي اصلي گاڏين جو نقل آهن (پليٽ نمبر ۱۰). اهڙيءَ ريت اسين هي چئي سگهون ٿا ته سنڌو ماڙيءَ ۾ سامان ۽ ماڻهن جي آڻ ويڙ لاءِ بيل گاڏيون استعمال ٿيندیون هيون. موهن جي دڙي واري دور جون ٻن قيمتن واريون گاڏيون اڄ به سنڌ ۾ موجود آهن. انهن جا قيمتا مضبوط هوندا هئا. هڙاپا مان هڪ ٽامي جو ٺهيل ٻن انچن جو يڪو ٻڙ ملیو آهي، جنهن جا قيمتا گم آهن. هي سامهون ۽ پٺيان کليل ۽ ساڄي ۽ کاٻي طرفن کان بند آهي. آن جي چٽ چپر وانگر پاسن ڏانهن لاهيءَ تي آهي. چانهونءَ جي دڙي مان ٽامي جون ٺهيل به بيل گاڏيون ملیون آهن، جن مان هڪ هڙاپا جي نمونو جهڙي آهي. ٻيءَ جا مضبوط قيمتا ته موجود آهن، پر چٽ کانسواءِ اٽس. چانهونءَ جي دڙي مان ملڻيءَ جون ٺهيل اهڙيون بيل گاڏيون به ملیون آهن، جن

۽ چار ڦيٽا لڳل آهن. انهن جا اڳيان ڦيٽا پوئين ڦيٽن کان وڏا آهن.

هيءَ ڳالهه اڃا يقين سان چئي نٿي سگهجي ته سنڌو ماڻريءَ جا ماڻهو بار ڍوئڻ ۽ سواريءَ لاءِ گهوڙا جانور استعمال ڪندا هئا. هتي خچر يا گڏهه جي موجودگيءَ جي ڪا به ثابتي نٿي ملي، البت موهن جي دڙي جي مٽين تهه جي کوٽائيءَ مان گهوڙي جا هڏا هٿ آيا آهن. انهيءَ کان سواءِ سٽر مٽڪي هڪ مجسمي کي گهوڙي جو پتلو ٻڌايو آهي. اتر بلوچستان جي رعناگنڈئي هنڌ تان پهريون تهن مان گهوڙي ۽ جهنگلي گڏهه جا ڏند هٿ آيا آهن. ٽي سگهي ٿو ته قافلن ۾ واپار جي ساماڻ آڻڻ نيڻ وارا سوداگر اٿ، گهوڙا ۽ گڏهه رکندا هجن. هيءَ به يقين سان چئي نٿو سگهجي ته اهي ماڻهو هاڻيءَ کي تربيت ڏيئي ان کان ڪو ڪم وٺندا هٿا يا نه. البت مهرن تي ٺهيل هاڻين جي تصويرن مان هيءَ اندازو ضرور ٿئي ٿو ته هاڻي انهن لاءِ اوپرو جانور نه هو.

بيل گاڏين ۽ جانورن کان سواءِ هتي ٻيڙين جي ذريعي به ساماڻ آندو ويندو هو. سنڌوندي ٻيڙين جي آمدرفت جي لائق آهي، ۽ وڏا وڏا ٻيڙا نهايت آسانيءَ سان اڄ به سنڌ جي سيني بندرن تي ساماڻ آڻين ۽ نين ٿا. ڪاٺ مان ٺهيل هٿ سهڻا پراڻي زماني جون ٻيڙيون ناس ٿي ويون آهن. البت ڪجه اهڙيون نشانيون ضرور مليون آهن، جيڪي هن سلسلي ۾ اسان جي ڪافي رهبري ڪن ٿيون. مثلاً هڪ مهر تي سڙهه کان سواءِ ٻيڙيءَ جي تصوير ٺهيل ملي آهي، جنهن جي آڳيل ۽ پاڇيل ڪافي مٿيرو ڪنيل آهن. اُن جي وچ ۾ هڪ ڪوٺي آهي ۽ پاڇيل تي ٻيڙيءَ هلائڻ وارو ملاح ڏيکاريو ويو آهي. اهڙيءَ طرح، هڪ برتن تي ٻيڙيءَ جي شڪل نڪتل ملي آهي، جنهن جا ٻئي ڇيڙا ائيل آهن ۽ ان تي به ملاح ويٺل ڏيکاريل آهي، پر وچ تي ڪوٺيءَ بدران مهرو

لڳل اڏس، جنهن کي ٻه ٽيڪون جهلي طور ڏنل آهن. اهڙيون ٻڙيون ۽ ٻيڙا دريائن ۽ سمنڊن ۾ هنڌ هاي سگهن ٿا. هي آثار انهيءَ ڳالهه جي ثابتي ڏين ٿا ته هي ماڻهو ٻيڙين ٺاهڻ ۽ هلائڻ ۾ وڏي مهارت رکندا هئا.

واپار: سنڌو ماڻريءَ جي قديم آثارن مان اهڙيون بي‌انداز چيزون هٿ آيون آهن، جيڪي هن علائقي مان نڪيون ملن. ظاهر آهي ته هي شيون ٻاهران گهرايون ويندیون هونديون. ٽامي، ڪٽ ۽ قلهي آڻڻ جي باري ۾ پوين صفحن ۾ گفتگو ٿي چڪي آهي. سون هندستان ۽ ميسور ۽ افغانستان ۽ قندار ۽ ٻين هنڌن مان ملي ٿو، ۽ ايران ۾ به ڪين هنڌ ملي ٿو. سر ايدون پاسکو (۱) جي خيال مطابق ڏکڻ هندستان (حيدرآباد، ميسور ۽ مدراس) ۾، تاريخ جي ابتدائي دور کان، هندستان جي جملي سون جو وڏو حصو لهي ٿو. آنان جي ڪن ڪاڻين ۾ قديم زماني کان کوٽائيءَ جا آثار ڏسجن ٿا. هن جو خيال آهي ته سنڌو ماڻريءَ جا ماڻهو ڏکڻ هندستان مان سون گهرائيندا هئا. هن اندازي جي تائيد هن ڳالهه مان به ٿئي ٿي ته موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان جيڪو سون هٿ آيو آهي، اهو گهٽو ڪري چاديءَ جي ملاوٽ وارو آهي. هن نمونن جي ملاوٽ وارو سون ڪولور، ميسور ۽ انتپور جي ڪاڻين مان ٿي ملي ٿو. انهيءَ کان سواءِ سبز ايميزن پٿر به نيلگري ٽڪرين جي ويجهو دادابٽيا جي اراضيءَ مان گهرايو ويندو هو. ٿي سگهي ٿو ته سون ايران ۽ افغانستان (قندار) مان به گهرايو ويندو هجي. سون سان گڏ چانديءَ جا ٽانوَ ۽ زيور به هٿ آيا آهن؛ يقين آهي ته انهن جي ٽاهڻ لاءِ اجمير (هندستان)، افغانستان، ايران ۽ ڏکڻ هندستان مان چاندي گهرائي ويندي هوندي. لاجورد جا فقط ٻه مڻيا ۽ شطرنج جي پيادي جهڙو هڪ ٽڪرو موهن جي دڙي مان، ٿي مڻيا هڙاپا مان ۽ ڇهه

(۱) Sir Edwln Pascoe.

مٽيا چانهون جي ڏڙي مان هٿ آيا آهن. نال (بلوچستان) مان لاجورد جي مٽين جون ڪيتريون لڙهيون ملنديون آهن. لاجورد، فيروزه ۽ زمرد هندستان ۾ هرگز نه آهن. لاجورد ميسوپوٽيميا ۾ نهايت گهڻائيءَ سان استعمال ڪيو ويندو هو، ۽ ٿي سگهي ٿو ته سنڌو ماڻريءَ وارا اتان گهرائيندا هجن. اتر-اوپر افغانستان ۽ بدخشان ۾ به لاجورد ملي ٿو؛ ۽ جيئن ته ميسوپوٽيميا جي پيٽ ۾ بدخشان سنڌو ماڻريءَ کي وڏيڪ ويجهو آهي، انهيءَ ڪري ممڪن آهي ته آهو آتان ٿي گهرايو ويندو هجي. فيروزي لاءِ خراسان مشهور آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته آهو اتان ٿي گهرايو ويندو هجي. جيڈ پامير جي علائقن، اوپر ترڪستان، ٽيبٽ يا اتر برما مان گهرايو ويندو هوندو.

ڪٽڪر، جيڪو مومي ڪپڙي يا پين چيزن ٺاهڻ جي ڪم ايندو هو، اهو يا ته سنڌونديءَ جي ساڄي ڪناري عيسيٰخيل جي شهر مان گهرايو ويندو هو يا بلوچستان مان. سُندور وچ هندستان ۽ مڌيه پرديش مان ملندو آهي ۽ گهٽو ڪري اتان گهرايو ويندو هوندو. پر ان جو وڏو مقدار ٻيڙين جي وسيلي هرمز ۽ ايراني نار جي پين ٻيٽن مان به ايندو هوندو. هتي هڪ قسم جي سائي رنگ جي مٽي به ملي ٿي، جا شايد بلوچستان مان مهيا ڪئي ويندي هجي.

انهن معدني شين کان سواءِ زيورن ۽ پين ننڍين هنرن ۾ استعمال ٿيندڙ چيزن مثلاً هڏا، عاج، سپي ۽ ڪوڏ وغيره به هٿ آيا آهن. هي چيزون هوڻن ته مقامي طور ملنديون هونديون، پر مختلف قسم جا ڪوڏ هندستان جي ڪنارن، ايراني نار ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي ٻاسي کان به گهرايا ويندا هئا.

موهن جي ڏڙي ۾ انهن شين جي موجودگي نه فقط ان جي سماجي زندگيءَ تي روشني وجهي ٿي؛ پر انهيءَ کوجنا مان اهو پتو به پوي ٿو ته اهي شيون ڪٽان ڪٽان گهرايون ويندیون هيون، ۽ سنڌو ماڻريءَ جي واپاري لاڳاپن

جو سلسلو کھڑن کھڑن ملکن تائین ڦھليل هو، ۽ ان جا تھذيبي ناتا کھڑن کھڑن پرانھن علائقن سان هٿا.

سر ايڈون پاسکو جي رايي مطابق سنڌو ماڻريءَ مان هٿ آيل شيون هيٺين ملکن مان گھرايون ويندیون هيون:

سون - ڈکڻ هندستان، افغانستان، ايران ۽ ٽيبٽ.
چاندي - ڈکڻ هندستان، افغانستان، ايران، آرمينيا ۽ برما.
ٽامون - ڈکڻ هندستان، افغانستان، بلوچستان ۽ راجپوتانا.
قلعي - افغانستان، ايران ۽ راجپوتانا.
لاجورد - افغانستان.
فيروزا - ايران ۽ خراسان.
سنگ جراحت - کاٹياواڙ ۽ بلوچستان.
ياقوت - ڈکڻ هندستان.
سليٽ جو پٿر - راجپوتانا ۽ راج پيلا.
عقيق يعني
سنگ سليماني - راجپوتانا، کاٹياواڙ، کشمير ۽ دکڻ.
يشب - راجپوتانا، ۽ راج پيلا.
سائوپٿر (۱) - راجپوتانا، ۽ ڈکڻ هندستان ۽ کرشنا ۽ گوداوري ندين جا کنارا.
گگر ۽ کارو
چن (تير) - هرمز پيٽ، بوموسيل، هالوي لکپت.
سنگمرمر - راجپوتانا.

موهن جي ڏڑي، هڑپا ۽ پين هنڌن تان پٿر مان نهايت صفائيءَ سان تيار کيل ٽکرا مليا آهن، جي گھٽو کري تورڻ جي کم ۾ وٺڻ وانگر استعمال ٿيندا هوندا. انهن مان کي تہ ايترا وڏا آهن، جو انهن کي ڪٽڻ لاءِ رسين جي ضرورت پوندي هوندي. ۽ کي وري ايترا ننڍا

(۱) Plasma.

آهن ، جو انهن سان سون ۾ چانديءَ جوڑيون قيمتي شيرن توري سگهجن ٿيون. هي وٽ گول، چورس، مخروطي ۽ دُهل جي شڪلين جا آهن. تارازيون البت گهٽ هٿ آيون آهن. ان پُڙن سان گڏ هڪ ڪانيي هٿ آئي آهي ، جنهن جي بنهي ڇيڙن تي ڪٿهن ڀڃڻ جا نشان نظر آيا آهن ۽ خيال آهي ته هيءَ تارازيءَ جي ڪانيي هوندي.

هينن هٿ آيل وٽڻن کي جڏهن تورايو ويو، تہ انهن ۾ حيرت ۾ وجهندڙ نسبت ۽ توازن ڏسڻ ۾ آيو. ننڍن وڏن ۾ سُوما وانگر بيڪي جي نسبت جو پتو پيو، پر وڏن برتنن ۾ ڏهائيءَ جو حساب رکيل آهي. هتي ڇيڪي جي نسبت جو ڪو به ثبوت نٿو ملي. وزن جي هڪ ايڪائيءَ جو اندازو ۸۷۰ گرام لڳايو ويو آهي، ۽ سڀني کان وڏو وزن ۱۵۹۷۵ گرام آهي. عام وزن ۱۳۶۴ گرام هوندو هو، جو وزن جي هڪ ايڪي سان ۱ : ۱۶ جي نسبت رکي ٿو. پاڪستان ۾ ۱ ۽ ۱۶ جي نسبت اڄ به هڪ رهئي جي سورهن آنن ۽ هڪ سير جي سورهن آنن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي *. ائين ڏو معلوم ٿئي تہ وڻن ۽ ماپن جي هميشہ جاچ پڙتال ٿيندي هئي ، هونئن نہ تہ واپاري پوري وزن ۽ تناسب جا وٽ ۽ ماپا پاڻ وٽ رکڻ جا ايڏا عادي بنجي ڪين سگهن ها.

گهربل ڪنهن نشان جي هٿ نہ اچڻ ڪري سنڌو ماڻريءَ ۾ ٻيگهہ ماپڻ جي طريقي جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. البت سپيءَ جي هڪ اهڙي پٽي ضرور ملي آهي، جا ۶۶۲ انچ ڊگهي آهي. آن ۾ نٽو خانا آهن ۽ هر هڪ خاني جي ٻيگهہ ۲۳۶ انچ آهي. ڊاڪٽر مڪي جو خيال آهي ته هيءَ ٻيگهہ ماپڻ جي هڪ ٻٹي آهي. ان جي هر خاني ۾ هڪ ٽيڪو ڏنل آهي، پر پنجين خاني تي هڪ ننڍڙو گول انس. هن مان هيءَ

* تازو هن نسبت جي جاءِ تي ۱ ۽ ۱۰ جي نسبت رائج ڪئي ويئي آهي. (مترجم)

اندازو ٹئي ٿو تہ ماپڻ جا اوزار ڏهائي اصول تي ترتيب ڏنا ويا هٿا ۽ اهڙيءَ ريت ڏهائيءَ جي هڪ ايڪائي ١٣٢ انچ تي مشتمل هڻڻ سمجهان ماپ جي هڪ فوٽ جي ڊيگهه ١٣٢ انچ هئي. اهڙيءَ طرح هڙاپا مان هڪ جست جي ڇڙي ملي آهي، جا ١٤ انچ ڊگهي آهي. ان جا ٻيئي ڇيڙا پڳل آهن ۽ ان ۾ هڪ ساريکي مفاصلي تي چار نشان آهن. هن مان هيءَ اندازو لڳايو ويو آهي تہ اِها ٢٥٤٦٢ انچ جي ڪيوبٽ (١) جي اصول تي ٺاهي ويئي آهي. هتي هيءَ گهالهه ذڪر ڪرڻ جي لائق آهي تہ هن نموني جا ڏهائي ماپا، مصر جي ڇوٽين شاهي گهراڻي جي دور ۾ بہ رواج ۾ هٿا. اهڙيءَ ريت ايلام جون ابتدائي مهرون بہ ڏهائي ماپ تي ٺهيل هيڻن، ۽ سمير جي ابتدائي دور ۾ ڏهائيءَ ۽ ستڻ جي ماپ جا اصول رائج هٿا.

انڪل هڪ سؤ پنجاهه هنڌن تي ماپ ڪرڻ مان هيءَ گهالهه ظاهر ٿي آهي تہ سنڌو ماڻريءَ ۾ ساڳئي وقت فوٽ ۽ ڪيوبٽ ٻيئي ماپ جا طريقا رائج هٿا. جيئن تہ هڙاپا ۾ اناج رکڻ جي ڪوٺين جي خاص پت ٥١ فوٽ ٩ انچ يعني ٣٥ ڪيوبٽ جي برابر هئي. اهڙيءَ طرح خاص ڪمرن جي ويڪر ١٧ فوٽ ٣ انچ يعني ١٥ ڪيوبٽ هئي. هڙاپا جي گول ڇبوترن جا قطر ١١ فوٽ آهن، جو ١٣٢ انچ جي حساب سان ڏهہ فوٽ ٿئي ٿو. اندازو لڳايو ويو آهي تہ هڪ فوٽ انڪل ١٢٤١ انچ يا ١٣٢ انچ جو ۽ ڪيوبٽ ٢٥٤٣ انچ جو هوندو هو (٢).

---

(١) Cubit. هڪ قديم ماپو

(٢) Wheeler.-The Indus Civilization, P. 62

معاشرت

شهري جوڙجڪ. زراعت ۽ خوراڪ. پوشاڪ. وار جي ٺاهه ڦوهه. زيور. هارسينگار. راندڪا. تفريح يا رندر. شڪار. پالیل جانور. جهنگلي جانور. راڳ ۽ ناچ. حڪومت. ڏنڊا.

مشرق قريب ۽ خاص طرح سان مصر جا قديم رهاڪو جڏهن پنهنجي لاش کي دفن ڪندا هئا، تڏهن لاش سان گڏ ڪافي سامان سندن آخرت جي راهه خرچ لاءِ پڻ دفن ڪندا هئا. آثار قديمه جي ماهرن کي هن سامان هٿ اچڻ سان انهن ماڻهن جي طرز زندگيءَ جي اندازي لڳائڻ ۾ وڏي آساني ٿي آهي. جاڪاڙ تہ انهيءَ مان انهن جي معاشرتي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي روشني پوي ٿي. مثلاً هي معلوم ٿي وڃي ٿو تہ انهن جي پوشاڪ ڪهڙي هوندي هئي، انهن جو هارسينگار ڪهڙي نموني جو هو ۽ کيترو قدر ان ڏانهن سندن ذوق هو؛ انهن جو مذهب ڪهڙو هو ۽ سندن اعتماد ڪهڙي نموني جا هئا، وغيره. آخرت جي راهه خرچ سان گڏ مقبرن جي پتين تي تصويرن سان گڏ قديم رسم‌الخط ۾ مختلف عبارتون به آکيريون ويون آهن، جنهن مان آن دور جي پوري تصوير اسان جي سامهون اچي وڃي ٿي. انهن مقبرن مان هٿ آيل پيون شيون ۽ انهن جي پتين تي نڪتل تصويرون ڏسندي، هي اندازو ٿئي ٿو تہ ان دور جي اميرن ۽ بادشاهن جي زندگي عوام کان ڪيڏو مختلف ۽ مٿانهين هئي ۽ ان وقت انهن ۽ وڏن، اعليٰ ۽ ادنيٰ ۽ حاڪم ۽ محڪوم ۾ تمام گهڻو فرق هو.

سنڌو ماڻريءَ جي قديمي رهاڪن نڪي تہ اهڙا مقبرا يادگار طور ڇڏيا آهن ۽ نڪي مقبرن تي اهڙيون تصويرون، ۽ نہ وري هتان جو لکيتون ٿي اڄا پڙهڻ ۾ آيون آهن. هتي مٽلن يا جيٽرن جون اهڙيون تصويرون، جيڪي مصر ۾ گهڻي تعداد ۾ لڌيون آهن، بنهہ هٿ نہ آيون آهن. گويا هتي جي موت ۽ حيات جي سلسلي ۾ انسان جي اڳيان راز جو هڪ وڏو پردو ٽنگيل آهي. انهيءَ جي باوجود، هتي اهڙن عاليشان مقبرن جي نہ هئڻ ۽ جيڪي معمولي قبرون هٿ آيون آهن، تن جي تعمير ۾ ايڏي اهتمام نہ هجڻ مان اڀين سوچڻو ٿي پوي ٿو تہ هتي جا عام ماڻهو پنهنجي همعصر دور جي پين هنڌن جي ماڻهن کان، آزاديءَ ۽ زندگيءَ جي ضرورتن ميسر هئڻ ۾ اندروني طور ڪي قدر هڪجهڙن حقن جا مالڪ هئا، ۽ شايد هتان جي سماج ۾ ڏکوئيندڙ طبقاتي گهٽ-وڌايون موجود نہ هيون، ۽ هتان جا رهاڪو وڌيڪ اطمينان، آسائش ۽ خوشحاليءَ واري زندگي بسر ڪندا هئا. وٽن ڪي سماجي قاعدا ۽ قانون مقرر هئا، جن جي پائبندي سڀني تي فرض هٿي. هتي هڪ رٿائتو ۽ مناسب شهري نظام چالو هو، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ شهر کي صاف رکڻ، صفائيءَ جي سهولتن ميسر ڪرڻ، ۽ صحت جي اصولن کي سامهون رکي ان لاءِ خاص بندوبست ڪرڻ ڏاڍن جوکو ڏيان ڏنو ويندو هو. مختلف جاين جي نگهبانيءَ لاءِ چوڪيداريءَ جو انتظام، وڏا وڏا مسافرخانا، عام پلي لاءِ گودامن جي موجودگي، عوام لاءِ کوهہ، ۽ ٽور-ماپ جا پورا وٽ ۽ ماپا-اهي سڀ گالهيون پڌاڻين ٿيون تہ هتي هڪ منظم سماجي زندگي موجود هئي. موهن جي ڏڙي ۾، شهر جي انتظامي معاملن ۾ موريا گهراڻي جي دور واري جمهوري نظام يا گپتا دور واري شهري ڪائونسلن جي نظام جا اثر ضرور

ڪارفرما هوندا، (١) ۽ اسين اندازو لڳائي سگهون ٿا ته هن تهذيب جي دور ۾ جيڪڏهن ڪي ڏاڍا (٢) يا ڪي امير (٣) طاقت ۾ هئا ته آهي يقيناً واپاري طبقي جا چونڊ وڏا (٤) هوندا (٥).

تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي ته ڪپتا دور ۾ سڀ کان وڏي واپاريءَ کان سواءِ، جيڪو شهر جو ناظم ٿيڻ هوندو هو، قافلائي واپارين جي نمائندن، هنرمندن ۽ ڪاريگرن جي نمائندن ۽ عالمن جو ٿيڻ سماج ۾ خاص درجو هوندو هو. موهن جي ڏڙي ۾ به هن نمونني جي نظام جي موجودگيءَ جو انومان ڪرڻ خوش فهمي نه آهي، ڇاڪاڻ ته اسين هن ڳالهه جو اندازو ڳڻيءَ ريت لڳائي سگهون ٿا ته آن جي هيتريءَ خوشحاليءَ جو سبب ان جو اندروني ۽ ٻاهرين ملڪن سان واپار ٿي هو. سنڌونديءَ جي ڪناري تي آباد هڪ سڀيان هتي ٻڌڻين جي وسيلي نه فقط ملڪ جي اندر پيدا ٿيندڙ سامان آندو ۽ نيو ويندو هو، پر وڏن سُهُرَن ۽ سڙهن وارن ساموندي ٻيڙن جي وسيلي هتان جو ٻاهرين ملڪن سان به واپار عام جام ٿيندو هوندو. انهيءَ کان سواءِ بلوچستان جي لڪن وسيلي هيءَ علائقو ايران ۽ اوپر قريب جي ٻين ملڪن سان خشڪيءَ جي رستن وسيلي ٻڌ ڳنڍيل هو. اهڙيءَ ريت ڪائياواڻ ڏکڻ

(١) مسٽر سيتارام ڪوهلي پنهنجي ڪتاب "انڊس وئلي سولائيزيشين"، ص ١١ تي، ذڪر ڪيو آهي ته هي انومان ڪرڻ محض خوش فهمي نه ٿيندي ته استوپا جي ويجهو ٿنڀن وارو هال موجوده زماني جي ميونسپل هال يا ٽائون هال وانگر شهري ڪميٽيءَ جي اسيمبليءَ طور استعمال ٿيندو هو. اهڙيءَ ريت پروفيسر آئنگر "جرنل آف انڊين هسٽري"، جلد ٻهرئين، حصي ٻهرئين، ۾، ڏن سلسلي ۾ نهايت دلچسپ ڳالهيون ڪيون آهن؛ پر اِن قسم جي قياس آرائين مان بهرحال ڪوبه ٺوس نتيجو مرتب ڪري نٿو سگهجي.

(2) Oligarchy - عددیہ (3) Aristocracy - اشرافیہ

(4) Commercial Oligarchy (5) Dikshit, - Pre-historic Civilization, P. 24

هندستان ۾ پين علائقن مان هتي تجارتي مال آڻڻ وارا قافلا ايندا هئا. گويا ڪراچيءَ وانگر موهن جو دڙو به هڪ بين‌الاقوامي نموني جو شهر هو، جنهن جي وڌيڪ ڏاڀي انهن مختلف قومن ۾ نسلن جي هڏائن پڃرن ۾ ڪوپرين مان ملي ٿي، جن جي مالڪن هن سرزمين تي رهائش اختيار ڪئي ۽ آخر هتي ئي مري ڪپي ويا. انهيءَ جي ابتڙ مصر جي مقبرن ۾ هڪ ئي نسل جي ماڻهن جا ڏانچا مليا آهن. سنڌو ماڙيءَ جي واپار ۾ دولت جي واڌاري ۽ سک سانت جو سبب اهي ئي مختلف قومون هيون، جن ان جي ترقيءَ کي ايڏيءَ بلنديءَ تائين پهچايو؛ پر برباديءَ واري دور ۾ اِهي ئي مختلف نسل جا ماڻهو هن تهذيب جي تباهيءَ جو پڻ سبب بنيا (١).

زراعت ۽ خوراڪ: جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي، موهن جو دڙو ڪنهن وقت واپار جو وڏو مرڪز هو، واپاري مٿڀيون ڪنهن غيرآباد ۽ ويران علائقي ۾ ڪين ٺهنديون آهن، چاڪاڻ ته گهٽيءَ آبادي‌ءَ جي خوراڪ لاءِ ٿي پرڀاسي ۾ اناج ۽ پين کاڌي جي شين جي پيدائش ۽ موجودگي لازمي آهي. اهڙيءَ ريت موهن جي دڙي جا پهريان رهاڪو جيڪڏهن بلوچستان يا ڪنهن ٻئي علائقي جي پهاڙن مان آيا هوندا، تڏهين انهن سنڌوماڙيءَ جي زرخيز ۽ سرسبز ميدانن جي دامن ۾ ڏاڍو سک جو ساهه ڪنيو هوندو، ۽ پوءِ پهڪندڙ ڪيت ۽ سون اوگهاڙ واري هيءَ سرزمين هن تهذيب جي شروعات جو ڪارڻ بني هوندي. پر، سنڌونديءَ جي آندل لٽ ۽ واريءَ جي تهن انهن شروعاتي ڪيتن ۽ پاڻيءَ جي پيچ جي بندوبستن جا سمورا نشان مٽائي ڇڏيا آهن، ۽ هينئر اسين هتان جي قديمي زراعت ۽ آبادي‌ءَ جو اندازو، هٿ آيل چيزن مان ٿي لڳائي سگهون ٿا. هتي ڪٽڪ ۽ جتون جا اهڙا سڙيل داڻا مليا آهن، جيڪي ازخود جهنگل جي پيداوار ٿي نٿا سگهن؛ نه فقط ايترو

(1) Dikshit, - Indus Civilization

ٻر انهيءَ جنس جي ڪٽڪ اڄ ٻ اولهه پاڪستان ۽ پوکي وڃي ٿي. ساڳئي نموني جا جتو مصر جي قديمي حڪمرانن جي مقبرن مان ٻ هٿ آيا آهن. اهو اناج چپڙن ۾ٿڙن يا ڪوڙي جي زبن جهڙيءَ شڪل وارين سيرن ٿي ويٺو ويندو هو، چاڪاڻ ته ان وقت تائين آڻي پيهڻ جو جنڊ (پن پڙن وارو گول) ايجاد ڪرڻ ٿيو هو. پهڻ کان اڳ ڪاٺ جي ٿهيل آڪرين ۽ اناج کي چڙهي چنڊي صاف ڪيو ويندو هو.

هڙاپا مان مٽر جا سڙيل داڻا، هنداڻي جو ڄج ۽ تر هٿ آيا آهن. موهن جي دڙي مان ڪتل ٻون ڳڇ ڪڪڙيون ٻ ملڻيون آهن، ٿي سگهي ٿو ته اها ايراني نار کان آندي ويئي هجي (۱). اهڙيءَ ريت هڙاپا مان هٿ آيل هڪ مُهر تي اهڙي تصوير ٺاهي ويئي آهي، جنهن لاءِ ناريل جي وڻ جو گمان ٿئي ٿو. سنڌو ماڻريءَ ۽ هن وڻ جي وجود جي ٿابتي انهيءَ ٺانو مان ٻ ملي ٿي، جيڪو ناريل جي ڏرنگهي مان ٺهيل آهي. اهڙيءَ ريت هڪ پيءَ مهر تي نڪتل تصوير مان ڏاڙهونءَ جي وڻ جي موجود هجڻ جو گمان ڪيو وڃي ٿو.

هتي ڪٽڪ ۽ جتو کان سواءِ ساريون ۽ دالين جا فصل ٻ پوکيا ويندا هئا، ۽ انهن سان گڏوگڏ پاڇيون ٻ ڇڳي انداز ۾ پوکيون ويندڙيون هونديون. کير جي گهٽائي ڪٻن ۽ پکرين جي موجود هجڻ مان ظاهر آهي. اناج ۽ پاڇين کان سواءِ جانورن جو گوشت ٻ کاڌو ويندو هو، چاڪاڻ ته هتان جي گهٽين، رستن ۽ جاين مان ڪٻن، ڏڳن، سانڍن، پکرين، دريائي ۽ سامونڊي مڇيءَ، ڪڇُن ۽ ماڳرمڇ جا بي انداز هڏا ملڻيا آهن.

پوشاڪ: سنڌو ماڻريءَ مان سڀ کان اهم ما شيءِ لڏي آهي، سا اهو ڪپهه مان تيار ڪيل ڪپڙي جو ٽڪرو آهي، جيڪو ٽامي ۽ چاندڙيءَ جي ٺانوَن سان گڏ هٿ آيو آهي.

(1) Wheeler,- Indus Civilization, P.62

هيءَ ڪپهه جي پراڻي ۽ پراڻي دريافت آهي (۱)؛ چاڪاڻ ته مصر، جتي اڄ ڪافي انداز ۾ ڪپهه پيدا ٿئي ٿي، سو پراڻي زماني ۾ اُن کان محروم هو. ڪپهه لاءِ سنسڪرت زبان ۾ "سنڈو" لفظ استعمال ٿيل آهي، جنهن مان هيءَ اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پراڻي زماني ۾ ڪپهه جي پيداوار فقط سنڌ ۾ ئي ٿيندي هئي. اهڙيءَ ريت بابلي زبان ۾ ڪپهه جي لاءِ "سنڈو" ۽ يوناني زبان ۾ لفظ "سنڈن" پڻ انهيءَ ڳالهه جا دليل آهن ته ڪپهه سنڌ مان ڪڍي مال ۽ ڪپڙي جي صورت ۾ انهن ملڪن ڏانهن موڪلي ويندي هوندي. ڪپهه کان سواءِ ڪاريءَ ٽُلسيءَ جو تندو به ڪپڙي تيار ڪرڻ جي ڪم ۾ ايندو هو؛ چاڪاڻ ته مڃي ڦاسائڻ واري هڪ ڪتلوڙي تي انهيءَ نمونو جو ڏاڳو ويڙهيل ڏٺو ويو آهي، جيڪو ٽُلسيءَ جي تندن مان تيار ڪيل آهي.

ڪپڙو گهٽڻ ڈينهن تائين زمين ۾ پوريل رهڻ سببان آڏوهيءَ ۽ پين جيتن ۽ زمين جي ڪلر جو شڪار ٿي وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت سنڈو مائريءَ مان مٽي ٻيان ڪيل ٽڪر کان سواءِ پيو ڪوبه ڪپڙو هٿ نه آيو آهي، پر گهٽو ڪري هرهڪ گهر مان ست ڪتڑ جون ٽڪليون هٿ آيون آهن. هي ٽڪليون مٽيءَ ۽ سيپُن جون به ٺهيل ملميون آهن، ۽ وڌيڪ قيمتي شيون منجهان ٺهيل پڻ لڌيون آهن، جنهن مان اندازو لڳايو ويو آهي ته امير ۽ غريب سميٽي واندڪائيءَ جي وقت ۾ ست ڪتيندا هٿا (۲). هتي مختلف نسلن جي ماڻهن جي رهائش هوندي هئي ۽ اندازو آهي ته انهن جون پوشاڪون به مختلف نمونن جون هونديون؛ مگر هڙاپا ۽ موهن جي ڏڙي جون باقياڳي شيون هن سلسلي ۾ اسان جي ڪا خاص مدد نٿيون ڪن. فقط ڪن مجسمن ۽ ٽانون تي نڪتل چٽ هتان جي رهاڪن

(1) Wheeler, – The Indus Civilization, P. 62

(۲) ايشور اٽوها ـ هندستاني تمدن ـ ص. ۱۶، حيدرآباد دڪن، ۱۹۴۳ع

جي پوشاڪ جي نمونڊ ڏانهن اشارو ڪن ٿا، ۽ انهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هي ماڻهو پوشاڪ جي وهٽ جي نمونن کان اڻڄاڻ نہ هئا، خاص ڪري عورتن جا مجسما انهيءَ قسم جي مطالعي لاءِ زياده ڪارائتا آهن. انهن مان ان دور جي پوشاڪ جا مختلف نمونا سهي ڪري سگهجن ٿا، مثلا عورتون عام طرح سان بدن جي هيٺئين حصي تي ڪوڊ جي نموني جهڙو ڪپڙو (پٽڙو) پهريندڙ هيون، جنهن تي چيلهہ وٽ مٿين سان پوتل پٽي، ڏور يا ڪمربٽو اهڙيءَ طرح ٻڌندڙ هيون، جو آڏو ڪنهن گل يا گنڊ جي شڪل ٺهي ويهندي هئي. هيٺ جو هيءَ ڪپڙو گوڏن تي اچي ختم ٿيندو هو. ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ هتان جون عورتون دُن کان مٿي ڪوبہ ڪپڙو ڪونہ پهريندڙ هيون، جيئن انڊونيشيا جي پالي ٻيٽ ۾ هڪ قوم جون عورتون اڄ بہ دُن کان مٿي ڪوبہ ڪپڙو پهرڻ عيب سمجهن ٿيون. مٿيءَ جون اهڙيون ئي انداز مورتيون بہ ملين آهن، جن جي مٿان ڪوبہ ڪپڙو ڪونهي. البت انهن جي ڳچيءَ ۽ ڇاتيءَ تي بي انداز هار ۽ مالهائون پيل آهن. اهڙيءَ طرح هنن جي ٻانهن ۾ بہ بي انداز چوڙيون آهن. پر، هي مورتيون ڏرتي-ماتا جا مجسما آهن، جن جو احترام اوگهڙ ڏيکڻ ۽ اگهاڙپ جي قيد ۽ بند کان آزاد سمجهيو ويندو هوندو. انهيءَ کان سواءِ ڪٿ جا بلڪل اگهاڙا پُتلا بہ مليا آهن، جن کي ناچڻين جا پُتلا چيو ويو آهي، ۽ ٿي سگهي ٿو تہ قديم مصر جي ناچڻين وانگر ڪن خاص ناچن جي پيش ڪرڻ وقت سنڈو ماڻريءَ جون ناچڻيون پڻ اگهاڙيون رهنديون هجن. ۽ انهن پتلن جي روشنيءَ ۾ هتان جي عورتن جي اڌ-اگهاڙپ يا سڄيءَ اوگهڙ جي باري ۾ ڪوبہ آخري فيصلو ڪرڻ مناسب نہ آهي.

عورتن جي پتلن ۽ مهرن تي ٺهيل تصويرن جي مٿن تي وڇڻي جي شڪل جهڙو پوش بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ۽ اڄا

انهيءَ ڳالهه جو اندازو نه لڳائجي سگهيو آهي ته اهو ڪهڙيءَ شيءَ مان ٺاهيو ويندو هو. گمان آهي ته سوتي ڪپڙي کي ڪلف ڏيڻي، ڪنهن سانچي تي ويڙهيو ويندو هوندو. اهڙيءَ طرح اڪثر پٽلن جي پنهي ڪنڌ وٽ به ڪنوربن جهڙيون شيون لڳل ڏسجن ٿيون، جي ڪافي وزن واريون هونديون هيون؛ ڇاڪاڻ ته ڪن ڪن پتلن ۾ انهن کي مٽي سان اٽڪائي، انهن جي بار کي هلڪو ڪيو ويو آهي (پليٽ ۱۸- الف). مٽي تي وڇڻي جي شڪل جو پوش اسان کي ڪيل جهڙو معلوم ٿو ٿئي؛ پر منگوليا جون ڪي قومون اڄ به اهڙو پوش استعمال ڪن ٿيون (۱).

مرد معمولي ڪپڙا پهريندا هئا. وڏا ماڻهو پرت سان پريل جتن ۽ گلن پوٽن وارا ڪپڙا استعمال ڪندا هئا. پر عام پوشاڪ جي باري ۾ اندازو لڳائڻ تمام مشڪل آهي. ڇاڪاڻ ته ڪي پٽلا ته بلڪل اگهاڙا آهن، ۽ ڪن تي رڳو اوگهڙ ڏيکڻ لاءِ هڪ سنهي پٽي نظر اچي ٿي. ڪن پٽلن مان هي اندازو لڳايو ويو آهي ته هڪ سادي يا سيبل چادر اهڙي نموني ويڙهي ويندي هئي، جا کاپي ڪلهي کي ڏيکي، ساڄيءَ پانهن جي بغل وٽان لنگهي، پيٽ ڏانهن مڙندي هئي. اهڙيءَ ريت ساڄي پانهن بلڪل آزاد رهندي هئي. هڪ پتلي ۾ بلڪل اهڙي ئي چادر گوٽن تائين پوندڙ ڏيکاري ويئي آهي. اڄ به هندستان ۾ پراڻي ڍنگ جا ماڻهو اهڙيءَ ريت چادر ويڙهيندا آهن. ۽ هيءَ ڳالهه به دلچسپيءَ کان خالي نه آهي ته بجروبد ۽ انهيءَ نموني چادر پهرڻ جي طريقي کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي، ۽ ان کي آپاويتا (۲) چيو ويو آهي (۳). انهيءَ کان سواءِ مهاتما بڌ جي پٽ جي پتلن ۾ به اهڙيءَ طرح چادر ويڙهيل ڏيکاري ويئي آهي. هڪ پٽلي ۾ ڇيلهه

(1) Mackay,-The Indus Civilization, p. 102 (2) Upavita
(3) Kohli Sita Ram,-The Indus Civilization, 1934,P,17.

وڻان ٻڌل ڪوڏ جهڙي پوشاڪ ڏيکاري ويئي آهي؛ ٿي سگهي ٿو ته اها ڏوتي هجي، جنهن کي ائين ويڙهيل ڏيکاريو ويو آهي. اوچي طبقي جا ماڻهو عام طرح پٽتاوين ڊزائين تي رڳيل (يا پرت پريل) شال پائيندا هئا، پر عام ماڻهو چيلهه کان مٿي کوڙ ڪپڙو ڪونه وجهندا هئا ـ آهي رڳو بت جي هيٺين پاڳي کي ڪنهن ڪپڙي سان ڍڪيل رکندا هئا. هيءَ رواج اڄ به هندستان جي گهڻن ٿي علائقن ۾ موجود آهي (۱).

هي ماڻهو سوٽي ڪپڙي کان سواءِ ڪٿنوس جي نموني جو هڪڙو ٿلهو ڪپڙو پڻ پهريندا هئا، جاڪاڻ ته هڙي نموني جي ڪپڙي جي گهڻي جا نشان مُهرن تي ڏٺا ويا آهن. ڪٿان ۽ اوني ڪپڙي جي استعمال جو وڏن کوڙ ثبوت ڪونه ٿو ملي. انهيءَ دور ۾ ايلام ۽ سمير جي پاسي ڪٿان جي ڪپڙي جو رواج هو، ۽ ٿي سگهي ٿو ته سنڌو ماڻريءَ جا ماڻهو آهو آڻان گهرائيندا هجن ۽ استعمال ڪندا هجن. اهڙيءَ طرح اُن جي استعمال بابت به ڪجهه چئي نٿو سگهجي. پر هتان جي رڻ ۽ ڪڇ ۾ مان اوني ڪپڙي جي تيار ڪرڻ لاءِ ڪافي اُن ۽ ڏاس ماڻهن کي حاصل ٿيندي هوندي، ۽ سنڌو ماڻريءَ جا ماڻهو تهذيب جي جنهن منزل تائين پهتل هئا، ان مان اهو اندازو لڳائڻ غلط نه ٿيندو ته هو شايد اوني ڪپڙو ٿاهڻ پڻ ڄاڻندا هئا.

وارن جي ڏاهڻ ڏوهڻ: وارن جي ٿاهڻ سنوارڻ ۾ عورتن جي نسبت مردن جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ٿي آهي. چو ته زالن جي پُتلن ۾ مٿن تي گنديون آهن. البت هڪ پتلي ۾ عورت جا گهنڊيدار وار پٺيان ورل ڏيکاريل آهن. ساڳيءَ طرح هڪ پٿي شڪتي پتلي جا وار به پٺيءَ تي پيل ڏسڻ ۾ آيا.

---

(1) Dikshit, - Prehistoric Civilization of the Indus Valley, P. 26.

ڪن زنانہ مورتين ۾ وارن جي چوٽي ڪري، پٺيان انهن کي ويڑهي، ڪنهن چاريءَ جهڙيءَ شيءَ ۾ وانگوڙي وانگر اڪايو ويو آهي. وارن جي ٺاهڻ جو اهو طريقو تہ موجوده زماني ۾ بہ آهي. هڪ نچٹيءَ جي ڪٹ جي مجسمي جا وار هڪ پاسي کان ٿورو وکڑ ڏيٹي، متي آپاريل، ۽ ٻئي پاسي کان ڪن جي مٿان ورائي پٺيان چوٽيءَ ۾ گهتيل آهن (پليٹ ۱۴ ـ الف). گهٹو ڪري زان جي وارن ۾ ربينون ۽ نندا ٿڻوٽا وڌل آهن.

مردن جي وارن ٺاهڻ جا طريقا وري ٻئي نموني جا آهن. هڪ مها پنڊت جا وار، سڌي سينڌ نڪتل، ٻنهي پاسن ڏانهن لسا ٿٹي ڏنل آهن، ۽ مٿانئن ٻٹي ٻڌل آهي. وارن جي ٺاهڻ جو اهو ساڳيو طريقو 'سمير' ۾ بہ هو. هڪ مجسمي تي چوٽين ٺاهڻ جي نموني مان ظاهر ٿو ٿئي تہ چوٽي ڪري پوءِ ان جو چوٽو ٻڌي ڇڏيندا هٿا. متيءَ مان ٺهيل ڪن مجسمن تي هي چوٽا ڇلي وانگر بہ ٺهيل آهن. ٿٹي ڏيٹي، وارن مان ڪن ڏيکي، پٺيان ڇلي وانگر چوٽا ٺاهي ڇڏيندا هٿا. هڪ پار جي پتلي تي سندس وار گهنڊيدار ڏسجن ٿا، تنهن مان ثابت ٿو ٿئي تہ هتان جي ڪن ماڻهن جا وار گهنڊيدار هوندا هٿا.

سنڌو ماڻريءَ جي ماڻهن ۾ ڏاڙهين ڪوڙائڻ جا طريقا بہ نموني نموني جا هٿا. ڪن مجسمن جون ڏاڙهيون پُڇيون آهن. ڪن جا وري مٿئين چپ جي مُڇن جا وار ڪترايل آهن. ساڳيو دستور مصر ۾ بہ هو. ڪي اهڙا مجسما بہ لڌا آهن، جن جون مُڇون ائين ورتل نہ آهن. هڪ بوتي جي ڏاڙهي ننڍي ۽ ٿوري ٻاهر نڪتل آهي. وري هڪ متيءَ جي مورتيءَ جي ڏاڙهي تہ، مصرين جي ٻاهر نڪتل نقلي ڏاڙهيءَ جي بنهہ آبتڑ، اندر مڑيل آهي. هڪ مورت جي ڏاڙهي ڇ بلڪل صاف آهي. البت کاڏيءَ هيٺان هيکڑ ٻيکڑ وار اٿس. انهن لڌل مورتين ۾ سڀ نہ، تہ بہ ڪي تہ ضرور سنڌن ديوتائن

جون به هوندیون. پر سيني مجسمن مان اهو اندازو ئي ٹئي ٹو ته سندن جا قديم رهاڪو نديون ڪٽريل ڏاڙهيون رکندا هئا. 'سمير' جي رهواسين جيان هو بگهيون ۽ گهاڻيون ڏاڙهيون نه رکندا هئا. منجهائن ڪي مٿان کان ولي فقط ڳلن تائين ڏاڙهيءَ جا مڇا رکندا هئا ۽ هيٺان کاڏيءَ جا وار ڪترائي ڇڏيندا هئا.

زيور: هند-پاڪ جون زالون هميشه کان زيورن جون شوقين رهيون آهن. ساڳيو حال سندو ماڙيءَ جي عورتن جو به هو. هو به هارسينگار ۾ زيور گهڻا استعمال ڪندیون هيون. هڙاپا ۽ موهن جي دڙي مان سون چانديءَ جي گڏيل ذاتوءَ ٽامي، ڪٽ، سپ، ڪوڏن ۽ عاج جا ۽ ڪيترا قيمتي ۽ غير قيمتي پٿرن جا ٺهيل زيور مليا آهن. اهي زيور گهڻو ڪري چانديءَ، ٽامي ۽ ڪٽ جي ٽانون ۾ رکيل مليا آهن. ڪي ائين ٻاهر پيل به لڌا آهن. زيور گهڻو ڪري گهرن جي فرشن ۽ پٽين ۾ پوريل حالت ۾ لڌا ويا آهن. ائين ڏسجي ٿو ته جڏ سندن مالڪن ڪنهن خوف کان انهن کي لڪائي ڇڏيو هجي ته جيئن خطري ٽري وڃڻ تي انهن کي سلامت ڪري، پائي سگهن. پر شايد اهو وقت ڪين حاصل ٿي ڪين سگهيو، ۽ نيٽ هزارين سالن کان پوءِ آثار قديمه جي ماهرن اچي انهن کي آڻان ٻاهر ڪيو. زيورن جي سپ کان وڌيڪ دلچسپ دريافت راءِ بهادر ديارام سوهنيءَ جا آهي قيمتي هار ۽ مٽڪا آهن، جي چانديءَ جي ٽانو ۾ رکي، پوءِ پوريا هئائون. ان چانديءَ جي ٽانو جي پرسان پٽل جا ٻيا به ڪي زيور مليا آهن. جنهن ڪپڙي ۾ آهو ٽانءُ ٻڌل هو، آن ڪپڙي جو ٽورو ٽڪرو به مليو آهي، جو ڳري سڙي وڃڻ کان بچي ويو آهي. ساڳيءَ طرح مسٽر ڊڪسٽ کي به چانديءَ جي ٽانو ۾ پيل نهايت سهڻا هار ۽ سون ۽ چانديءَ جا ڪي ٻيا گهڻ ۽ وارن ۾ وجهڻ جا چوٽيقل مليا هئا. هڙاپا ۾ مسٽر وٽس

کي به هڪ قيمتي هار چانديءَ جي ڊبي ۾ رکيل مليو هو. ڪن هار ۾ ساوا ۽ نيرا ٽوريءَ قيمت وارن پٿرن جا مٽڪا ۽ سون جا گول داڻا هڪ ٽي لڙيءَ ۾ پوتل هٿ جن جي وچ ۾ وري عقيق ۽ يشب جا پٿلا پوتل هٿا. هن هار جي بناوت ڏاڍي سهڻي ۽ نازڪ آهي ، جنهن مان پتو پوي ٿو ته انهن ماڻهن ۾ جمالياتي ذوق به پورو پورو هو. انهيءَ هار سان گڏ ڪجهه ڪنگڻ ۽ ڪي منڊيون به مليون آهن.

هڪ اهڙي گهر جي فرش مان ، جنهن ۾ ڪچيون سرون جمع ڪيون ويون هيون ، ٽامي جي ڏيکيل هڪ ديگڙي لڌي ويئي ، جنهن ۾ سونن ڦٽڪن سان گڏ چانديءَ جا ايرنگ ۽ ٻيا زيور ۽ عقيق جي مٽڪن جون به ڇهه ستريون ڌهريون پيل هيون ، جن جي هر هڪ ستريءَ يا لڙيءَ ۾ وڏي پوپي جي شڪل جي گاڙهن عقيقن جا پنج پنج داڻا پوتل آهن. انهن داڻن يا مٽڪن جي وچ ۾ ڪُٽ جون اهڙيون چوڪنڊايون پٽيون به پوتل آهن ، جن ۾ ڇهه ڇهه ٽنگ آهن ، جن مان ڌهريءَ جي لڙين جا ڏورا ورايل آهن. انهيءَ ٽي فوٽ چار انچ ڊگهيءَ ڌهريءَ جي ٻنهي ڇڙين تي ڪُٽ جا D شڪل جا ٽڪرا لڳل آهن ، جن مان هر هڪ ۾ هڪ پاسي کان ڇهه ٽنگ آهن ۽ ٻئي پاسي ڇڙو هڪڙو. ڌهريءَ جون ڇهه لڙيون انهن ڇهن ٽنگن مان لنگهي ، ٻئي پاسي جي اڪيلي سوراخ مان ٻاهر اچي پاڻ ۾ ملي وڃن ٿيون (پليٽ نمبر ۱۳- الف ـ ۱۰). عقيق جي مٽڪن تي ۽ انهن جي ٽنگن ۾ نهايت صفائيءَ سان پالش ٿيل آهي. گمان آهي ته انهن ۾ ٽنگ برمي جي مدد سان ٿيل آهن ، ۽ انهن کي شايد 'سنباذج' جي پاڻوڌر سان چمڪايو ويو آهي. انهن قيمتي ڏُهرين کان سواءِ انهن ٽي جهڙيون مگر سستيون ۽ معمولي ڌهريون به ملن آهن ، جن ۾ عقيق جي بدران پڪل مٽيءَ جا مٽڪا پوتل آهن.

ڏهرين کان سواءِ هتان قسمين قسمين هار ۾ ملڻا آهن، جن مان هڪ هار تہ ڏاڍو سهڻو ۽ نرالي نمونو جو ٺهيل آهي. هن هار ۾ رڳو هڪ لڙي آهي، جنهن ۾ معمولي قيمت جا ساوا پوپي جي شڪل جا ٽڪا پوتل آهن. انهن ٽڪن جي ٻنهي پاسي هڪ هڪ گول داڻو پوتل آهي. انهن داڻن کان پوءِ سون جون ٻہ-ورقيون گول پٽيون پوتل آهن، جن کي اهڙيءَ طرح ڳنڍيو ويو آهي، جو لڙ جي ڏاڳي جي ڳنڍ لاءِ انهن جي وچ ۾ هڪ نالي ٺهي پئي آهي. ان هار ۾ ٻني عقيق ۽ ٻشب جا ست پتلا ٻہ پوتل آهن، جن جي ڪري ٻہ هي هار ڏاڍو سهڻو ٿو لڳي (پليٽ نمبر ۱۳. ب - ۷).

ٻانهن رکيون، ڪنگڻ ۽ جهانجهرا ٻہ گهٽي تعداد ۾ ملڻا آهن. جن مان سهڻي اها ڇهه لڙي ٻانهن رکي آهي، جنهن ۾ سون جا گول ٽڪا پوتل آهن. ستن ستن ٽڪن کان پوءِ هڪ هڪ سون جو پٽ پوتل اٿس. هر هڪ پٽ ۾ ڇهه ٽنگ آهن، ۽ هر ٽنگ منجهان هڪ لڙ گذري ٿي. ان جي ٻنهي پڇڙين ٽي D شڪل جا اڌ گول پٽ لڳل آهن، جن مان هر هڪ جي هڪڙي پاسي کان ڇهه ۽ پئي پاسي کان هڪ ٽنگ آهي. ٻانهن رکيءَ جون لڙيون انهن سوراخن مان گذري، ڇڙن ٽي هڪ پئي سان ملي وڃن ٿيون (پليٽ نمبر ۱۳ ب - ۳). هڙيون سهڻيون ۽ نازڪ ٻانهن رکيون موهن جي دڙي مان کيترن ٽي هنڌن تان ملڻيون آهن.

سنڌو ماڙيءَ جا قديم رهاڪو وارن ٻڌڻ لاءِ چوٽي‌بند استعمال ڪندا هئا. هي چوٽي‌بند، يا ربنون اڌ انچ ويڪريون، سون چاندي يا ٻين ڌاتن جون ٺهيل ننڍيون پٽيون ٽيندڙون هيون، جيڪي مخروطي يا محراب دار شڪل جون هونديون هيون (پليٽ نمبر ۱۵. ۳). ڪي چوٽي‌بند ٽ ۱۲ انچ ڊگها ٻہ آهن، جن جي ڪنڌن تي ٽنگ آهن، جن ۾ ڏاڳو وجهي، سينگار پٽي ۽ وانگر مٿن تي ٻڌندا هئا. ڪن سينگار پٽين تي تہ

چٽسالي ۾ ڪيل آهي. ساڳئي قسم جا چوڻي‌بند سمهڻ ۾ به استعمال ٿيندا هئا. مهراڻ جي وادي‌ءَ جون زالون پيشاني‌ءَ تي گول، ڪُنڊائتا جهومر به پائيندڙيون هيون ـــ اهڙي قسم جا جهومر ماروڙي زالون هاڻ به پائين ٿيون. مجسمن تي ٿيل نقاشي‌ءَ مان اهو پڌ معلوم ٿئي ٿو ته اُن زماني ۾ زالون ڪنن ۾ واليون به پائيندڙيون هيون. پر لڏل گهڻن ۾ واليون تمام ٿوريون ملڻيون آهن. ڪي سونهيون گول ڪنگري دار ٽيڪيون به ملڻيون آهن، جن کي نڪ جا ڦڪا ته نه، پر ڪنن ۾ پائڻ جون ڦليون چئي سگهجي ٿو.

ڪنگڻ ۽ ٻانهن رکين کان سواءِ ڪنگڻين يا چوڑين پائڻ جو به رواج عام هو، جي گهڙو ڪري سون ۽ چاندي‌ءَ جون ۽ ان کان سواءِ ٽامي، پتل، عاج ۽ مٽي‌ءَ جون به ٽهيل هوندڙيون هيون. سون ۽ چاديءَ جون کي پوُريون چوڑيون به لڏيون آهن. غريب طبقي جون زالون مٽي‌ءَ جون چوڑيون استعمال ڪندڙيون هيون. ڪن ڪنگڻين تي وري کي نقش آڪريل آهن. نچڻي‌ءَ جي پُتلي ۾ اُن جي ٻانهن تي ڪرائي‌ءَ کان وٺي ڪلهي سوڌي ٻانهين ڏيل نظر اچي ٿي، جنهن جو رواج اڄ به سنڌ ۽ گجرات ۾ آهي. ظاهر آهي ته نچڻي‌ءَ کي ٻانهين عاج جي ٿي ڏيل هوندي؛ هونءَ نه ته ٻانهن چورڻ ٿي مشڪل ٿي پويس ها. شيشي جون چوڑيون موهن جي دڙي مان ڪونه لڏيون آهن، ۽ نه ٿي وري اُتي ڪا ٻي شيءِ شيشي مان ٽهيل لڏي آهي.

اُگر ۾ منڊيون ۽ چلا پايا ويندا هئا. منڊيون گهڙو ڪري لسيون، گول ۽ هڪ ٽلهي‌ءَ تار جون چلي وانگر ٽهيل ملڻيون آهن. ڪي چلا وري هڪ ٿي تار کي ويڙهي سيڙهي ٽاهيا ويا آهن. ڪن چلن کي اهڙا ست ست ڦيرا ڏنل آهن. عام طرح منڊيون ٽامي يا پتل جون ٽاهيندا هئا ـــ چاندي‌ءَ جي رڳو هڪ منڊي لڏي آهي، جنهن ۾ پُڑي واري‌ءَ جاءِ

تي چوڪندائون چپترو هنڌ ٺاهي، آتي هڪڙي کي ڪائينڊڙ ليکا ڪيڊيا ويا آهن.

پيرن ۾ آتي جون زالون ڪڙا يا ڪڙيون پائيندڙيون هيون. مٿيءَ مان ٺهيل ڪن بتن کي پيرن ۾ ڪڙيون پاتل آهن. ڪُٽ جي هڪ بوتي جي پيرن ۾ جيڪي ڪڙيون پيل آهن، اُن نموني جون ساڳيون ڪڙيون اڄ به سلهي جون پهاڙي زالون پائين ٿيون. ساڳئي قسم جون ڪڙيون ڪريٽ ۾ به پائيندا هئا.

زالون وارن ۾ ڦڙوٽا وجهندڙيون هيون. هڪ جوان مائيءَ جي ڪوپريءَ جي پرسان پيل هڪ عاج جو ٺلهن ڏندن وارو ڦڙوٽو لڌو ويو هو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان، سونهن لاءِ، گول ٽپڪن وانگر نقش آڪريل آهن. هڪ ٻيو ڦڙوٽو به مليو آهي، جنهن جي شڪل V وانگر آهي. عاج جي هڪ نهايت ئي عمدي ڦڙي به لڌي آهي، جنهن کي اڇڪلهه جي عام ڦڙين وانگر ٻنهي پاسن کان ڏندا آهن (پليٽ نمبر ۱۵ ـ ۱).

ٽامي، ڪُٽ، ۽ چينيءَ مان ٺهيل گول بٽڻ به لڌا آهن، جن جي شڪل مالٽا، پرتگال ۽ ڏکڻ فرانس جي بٽڻن جهڙي آهي، ۽ بلڪل سادي نموني جا ٺهيل آهن. انهن بٽڻن ۾ ڏاڳي پوئڻ لاءِ پٺئين پاسي به ٽنگ آهن. ڪُٽ جا بٽڻ وڪڙ تي ٺهيل لڌا ويا آهن، جن جي وري مٿئين پاسي کان به ٽنگ آهن.

هارسينگار: سنڌو ماڻريءَ جون زالون هارسينگار جون شوقين هيون ۽ انهيءَ ڏس ۾ هوشيار به ڪهڙيون هيون. حسن جي زيبائش لاءِ هو سرمو ۽ سرخيءَ جو استعمال ڪنديون هيون. تنهنڪري هيتان سرميدانيون ۽ سرايون گهڙيون لڌيون آهن. سمجهجي ٿو تہ اُن زماني جا مرد به سرمو پائيندا هئا. اڄ به سنڌ جا مرد ۽ زالون سرمو پائيندا آهن. سرمي کان سواءِ ڪوڙن ۽ سپين جي ڏبلين ۾ ٻيل ڳاڙهي رنگ جو پائوڈر به



پلیٹ نمبر ۱۳ الف- زیوَرَ



پلیٹ نمبر ۱۳ ب- زیوَرَ



پليٽ نمبر ۱۴ الف- موهن جو دڙو: لڇڻيءَ جو ڪُٽ مان ٺهيل پُتلو



پلیٹ نمبر ۱۴ ب - پتر مان نہیل ہتلان جا متا



۱



۲



۳

پلیٹ نمبر ۱۵- (۱) قٹیون. (۲) وارن جا کانتا. (۳) شطرنج جون گوٹون

پلیٹ نمبر ۱۶ - راندیکا



پليٽ نمبر ۱۷- (۱) مٽيءَ مان ٺهيل ڊڪي گاڏيون
(۲) مٽي لوڏڻ وارا رالد يڪا
(۳) ڊڪي گاڏ يون



پليٽ نمبر ۱۸ الف- ماتا ديوي٠ جا پُتلا

پليٽ نمبر ۱۸ ب- (۱) موهن جو دڙو: وڏو هادري
(۲) هڑاپا: پُتلو
(۳) هڑاپا: ڇٽي٠ جو پُتلو

لڏو آهي، جيڪو شايد سرخيءَ طور استعمال ڪندڙ هيون. اهڙين ٿي ڏهلين ۾ پيل اهڙو ٿي ڳاڙهو پائوڈر ڪش ۾ آر جي مقبرن مان به لڏو آهي.

هڙاپا ۾ موهن جي دڙي مان شيهي جو ڪاربونيٽ به لڏو آهي، جنهن کي شايد مٿن جي چمڙيءَ کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪم آندو ويندو هو. ان کان سواءِ، هتان جون عورتون حسن کي وڌائڻ لاءِ شنگرف به واپرائيندڙ هيون. هڪ اهڙي سائي رنگ جي شيءِ به لڏي آهي، جنهن لاءِ مسٽر مڪي جو چوڻ آهي ته اها شايد ڪجل طور استعمال ٿيندي هئي، جيئن مصر ۾ ملاڪيٽ (۱) جو رواج هو. (۲) ٽامي مان ٺهيل گول آئينا به مليا آهن، جن جي چٽائيءَ کي قائم رکڻ لاءِ مٿن ڪناريون آپريل آهن. پيرن کي مهڙ لاءِ مٽيءَ مان ٺهيل کهريون ٽڪريون استعمال ڪيون ويندڙ هيون.

راندڙڪا: سنڌو ماڻريءَ جا پار اج جي پارن جي مقابلي ۾ وڏيڪ خوش بخت هئا. هتان بيحد گهٽا ڪيڏوٽا مليا آهن، جنهن مان پتو پوي ٿو ته اُن زماني جا ماڻهو پيءُ پارن جي وندر ۾ راندروند جو ڪافي خيال رکندا هئا. هتان مٽيءَ، سپ، پٿر ۽ عاج جا راندڙڪا مليا آهن، جن جي بناوٽ مان سمجهجي ٿو ته تن ڏينهن ۾ اها ڪاريگري گهڻيءَ ترقيءَ تي هئي. (پليٽ نمبر ۱۶-۱۷). گمان آهي ته ضرور ڪاڻيءَ جا راندڙڪا به ٺاهيندا هوندا، جيڪي صدين جي گذرڻ ڪري گهري خاڪ ٿي ويا. پر مٽيءَ مان ٺهيل ننڍيون گاڏيون، سو تمام گهڻيون ٽڪيون آهن، جي شباهت ۾ انهن بيل گاڏين جهڙيون آهن، جيڪي اج به آتر سنڌ جي گوٺن ۾ عام آهن (پليٽ نمبر ۱۷-۱، ۳). اُن مان اِهو اندازو پئ ٿئي ٿو ته موهن جي دڙي

(۱) سائي رنگ جي هڪ معدني شيءِ جنهن ۾ ٽامي جو ڪاربونيٽ ملي آهي.

(۲) Mackay,-The Indus Civilization, P P, 119-120.

جا رهاکو مسافريءَ ۽ بار جي ڏوئڙ لاءِ بيل گاڏيون عام جام ڪم آڻيندا هئا. ڪن گاڏين مان گڏ ٻڌيءَ جا ڏڳا به لڏا آهن. هنان اهڙا ڪي به رٿ نه لڏا ويا آهن، جيڪي جنگ جي ميدان ۾ ڪم ايندا هجن.

ڪيڏڙ ۾ اهڙا جهنجهٽا جيڪي ڪينهونءَ وانگر گول ۽ اندران پورا آهن، ڏاڍا سٽا ٽا لڳن. انهن جي اندر وري ننڍڙيون ننڍڙيون پٽڙيون پريل آهن، جن جي چمڪاٽ مان آواز پيدا ٿين ٽا. ڀارن لاءِ اهي ضرور خاص دلچسپيءَ جي شيءِ هوندا. اهڙيون جهرڪيون به لڏيون آهن، جيڪي اندران پوريون آهن. سندن پٽر وٽ هڪ ٽنگ آهي، جتان ٽوڪ ڏجي ته سيٽيءَ جهڙو آواز نڪري ٿو. پائڃجي ٿو ته پار انهن کي سڀين وانگر وڃائيندا هئا. نموني نموني جون پيون ٻ گهٽيءِ جهرڪيون لڏيون آهن. هڪ جهرڪيءَ جي چنهنب ڪليل آهي، جڙ چون چون پيٽي ڪري. هڙاپا ۽ موهن جي ڏڙي مان جهرڪين جا پڇرا پڙ لڏا آهن، جنهن مان سمجهجي ٿو ته آتي جا رهاکو جهرڪيون پڙ پالينداهئا.

هڪ پڇري مان جهرڪيءَ کي باهر نڪرندو ڏيکاريو ويو آهي (۱). بانس جي چڙين تي چڙهندڙ باندر يا ڪنهن ٻئي جانور جا به گهٽا نمونا ملايا آهن. انهن کان سواءِ ننڍن مڱن وارن ڏاڳن، گينڊن، مينهن، شينهن، سوئرن، پولڙن، ڪتن، سيهڙن، ٻڪرين، ۽ پاڻيءَ جي جانورن ۽ مڇين، واڳن، ڪُمين، ۽ پکين ۽ وري ڪڙين، طوطن ۽ ڳيرن جا به

(۱) اڪثر ماهرن هن کي جهرڪين جا پڇرا سمجهيو آهي. پر ڪن ماهرن انهيءَ گمان کي غلط چيو آهي، چاڪاڻ ته انهن مان کي ايترا ننڍا آهن، جو جهرڪي انهن ۾ ماپي نٿي سگهي. انهن مان ڪن جو چوڻ آهي ته اِهي مٽيءَ مان ٺهيل ننڍڙيون ڳول بتيون آهن، جن مان روشني چٽي چٽي باهر پوندي هوندي. هن خاص پڇري ۾ جيڪا جهرڪي باهر ٽڪرندي ڏسجي ٿي، ان کي اِهي ماهر ڪي مڪڙ سمجهن ٿا، جيڪو روشنيءَ تي چڪجي بتيءَ جي ويجهو وڃي وينو هو.

نندا نندا کيترا بوٽا ملیا آهن. تارازين جا نندڙا پُڙ به لڏا آهن، جن ۾ ڏور وڃڻ لاءِ ٽنگ به آهن — اِهي پڙ سڻي نموني جا ٽهيل نه آهن، جنهن مان سمجهجي ٿو ته اِها پارن جي کاريگري آهي. اهڙيءَ طرح گهرن ۾ ڪم آڻڻ جي ڏاڪن جي شڪل جا نندڙا ڏاڪو به لڏا آهن، جن مان ڪن تي پارن جي آڱرين جا نشان به موجود آهن. پاراڻيءَ وٺيءَ جون اِهي الميلايون ۽ وندر ورونهن جون ڀالهيون کيترون نه عجيب ۽ دلچسپ آهن!

اوچي نموني ٽهيل راندیکن ۾ اهڙي قسم جا جانور به آهن، جن جون سسيون ڏڙ کان جدا ٽهيل آهن (پليٽ نمبر ۱۸–۲). اِهي سسيون پوريءَ ڳچيءَ سان هڪ ڪنڌاري وسيلي ڳنڍيون ويندیون هيون، ۽ ڏڙ جي اندران پڇ وٽ هڪ ٽنگ ڪري، تنهن مان ڏور وڃي، انهيءَ سسيءَ سان پڏي ڇڏبي هئي — اهڙيءَ طرح آن ڏاڳي يا ڏور کي ڇڪ سان بوٽي جي سِسي لڏندي هئي. اهڙي قسم جو پولڙي سان مشابهت رکندڙ هڪ جانور جو مجسمو ملیو آهي، جنهن جا وري هٿ لڏن لمن ٿا. ڪن راندیکن ۾ اهڙيءَ ته ڪاريگريءَ سان ٽنگ ڪري، ڏاڳا وڏا ويا آهن، جو پنهنجيءَ مرضيءَ سان ڏيرو ۽ تکو انهن کي هيٺ مٿي ڏوڙائي به سگهجي ٿو. پر افسوس اِهو آهي، جو چوڪرين جي کيڏڻ جو پيارو راندیکو، ڪُڏي، ڪٽي به نه ملي. اندازو آهي ته اِهي ڪاڻيءَ يا ڪپڙي جون ڏاهيندا هٿا، جيڪي وقت جي بي‌ترس هٿن ۾ ڪِري پسم ٿي ويون.

وندر. چڪو: هند. پاڪ جي اوائلي تاريخ ۾ چڪي کي گهڻو دخل رهيو آهي. انهيءَ چڪي ۾ يدشٽر کي پنهنجو تخت ۽ تاج ته ڇڏڻو پيو پر پنهنجي راڻي دروپديءَ تان به هٿ کڻڻو پيس. ساڳيءَ طرح راجا نل جو قصو به هر ڪنهن جو پڌل آهي، ۽ اڄ به چڪي ۽ کوڏين کيڏندڙ راجا نل

جي شوق تي رشڪ ڪندا آهن. رگ-وید ۾ به اِنهيءَ راند جو ذڪر ٿيل آهي. پر هيءَ راند اُنهيءَ تاريخي دور کان گهڻي پراڻي آهي. هيءَ راند سنڌو ماڻريءَ جي ماڻهن جي دل گهري وندر هئي. سندن ڇڪا مٽيءَ ۽ پٿر جا ٺهيل ملیا آهن. انهن جي ڇهن ئي پاسن کان جدا جدا عدد جا گول نشان ڏنل آهن. هي نشان هڪ کان ڇهن تائين آهن، ۽ اهڙيءَ طرح ڏنل آهن، جيئن هڪ جي پٺيان ٻه، ٽن جي پٺيان چار، ۽ پنجن جي پٺيان ڇهه آيل آهن. اهڙي ئي قسم جو مٽيءَ جو ٺهيل ڇڪو 'موصل' جي پرسان 'ٽيپ گوارا' جي چوٽين تهه مان مليو آهي، جيڪو اٽڪل ۲۳۵۵ سال ق.م. جو ٺهيل آهي (۱). ڪن ڇڪن جون ڪنڊون گلل آهن، شايد انهن کي ڪنهن نرم شيءَ تي ڦٽي ڪندا هئا. ڪن چوڪنڊيارن ڇڪن تي، جيڪي گهٽو ڪري ڳاج جا آهن، ٽن پاسن کان ته هڪ، ٻه ۽ ٽي نشان آهن، پر چوٽين پاسي تي ڳڻا ڳڻا ليڪا نڪتل اٽن. ڪن ڇڪن جي پاسن تي ڪي تصويري لکيتون اُڪريل آهن، جيڪي اڄا تائين پڙهڻ ۾ نه آيون آهن. اهڙا اُڪيريل ڇڪا به مليا آهن، جن جي وسيلي نجومي قسمت جو لکيو پڌائيندا هئا (پليٽ نمبر ۱۱).

هاڻوڪي شطرنج جي پيادن جي شڪل جون مٽيءَ، پٿر ۽ يشب مان ٺهيل ڪيتريون ئي گوٽيون پڻ مليون آهن، جن مان ڪي ته سچ پچ ڏاڍيون سهڻيون آهن. اهي مقدار ۾ هڪڙي کان وڏيون وڏيون آهن. بهرحال، يقين سان نٿو چئي سگهجي ته اهي ڪي شطرنج جون گوٽيون ئي هونديون (پليٽ نمبر ۱۵-۴).

موهن جي دڙي مان هڪ اهڙي سر به لڌي آهي، جنهن تي چئن چوڪنڊن خانن جون ٽي قطارون اُڪريل آهن، جن مان هڪ خاني ۾ ڪنڊائتيون سڌيون ليڪون هڪڙي

(۱) Wheeler,-The Indus Civilization, P. 69

کي آرپار ڪائيل موجود آهن، يعني مستطيل، جنهن جون آمهيون سامهيون ڪنڊون ليڪن سان ڳنڍيل خيال آهي ته اِها چوسرراند جي تختي جو هڪ ٽڪر آهي. انهيءَ سر وانگر ٻيون سرون به هونديون، جن جي ٽن خانن جون جملي ڏهه قطارون هونديون، ۽ انهن ٽي موهن جي دڙي جا ماڻهو، مصر جي (۱) رهاڪن وانگر، "ڏهه ٽڻ" ڪيڏندا هوندا. ۽ جيڪڏهن اسين اڳين سوچيون ته انهيءَ راند ۾ جنهن جو ٽڪر هيءَ سر آهي، چوپهر خانا هوندا ۽ اهڙيءَ طرح ٽهيل هوندا، جو هڪ پاسي ٽن قطارن ۾ پارنهن ۽ ٻئي پاسي وارين ٻن قطارن ۾ پارنهن خانا هوندا، ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ وري ٻه خانا هوندا، ته اِها راند وچي سر وولي (۲) جي آر مان لڌل سميري راند جي تختي سان مشابهه ٿئي ٿي. هيءَ سر هڪڙي فرش مان لڌي آهي. ۽ اهڙيون بازيون فرش تي ٻيهي ٿي ڪيڏيون ويندیون آهن. اهڙي قسم جون ٻيون به ڪيتريون ٿي سرون مليون آهن، ۽ اهو خيال مڃ ثابت ٿيندو ٿو وڃي ته چوسر ۽ نتو ٽڻ قسم جون راندیون اُن زماني ۾ ڪيڏيون ويندیون هيون. البت آهي ڪنهن ٻئي نالي سان سڏيون هونديون، ۽ انهن جي ڪيڏڻ جا طريقا به ضرور ٻيا هوندا. هتان مٽيءَ ۽ پٿر مان ٽهيل جدا به لڌا آهن.

هڪ مُهر تي پکين جي تصوير نڪتل آهي، جيڪي هڪٻئي تي جهڪي رهيا آهن، جنهن مان سمجهجي ٿو ته اُتي پکي ويڙهاڪ جو به رواج هو. جيئن هن زماني ۾ بلبلن، ڪڪڑن، تترن ۽ بٽيرن ويڙهاڪ جو ماڻهن کي شوق آهي، تيئن سنڌ جا قديم رهاڪو به جانورن تي شرطون ٻڌندا هوندا. هو ڏڳا به ضرور ويڙهائيندا هوندا، ڪڪڑ به ويڙهائيندا هوندا. مطلب ته انسانن جون اِهي دلچسپيون ڪي نيون نه آهن. انهن جو وجود ڪريٽ جي پراڻيءَ تهذيب ۾ به مليو آهي.

شڪار: پهرين صفحن ۾ اڃي ڇڪو آهي ته سنڌو

(۱) Sent (۲) Sir Leonard Wooley.

ماڙيءَ جا ماڻهو گوشت کائيندڙ هئا. هو پالیل جانورن کان سواءِ جهنگلي جانورن جو شڪار به ڪندا هئا ۽ انهن جو گوشت به کائيندا هئا. هڪ مهر تي پن ماڻهن جي شڪل آکريل آهي، جي تير سان هرڻ شڪار ڪري رهيا آهن (پليٽ نمبر ۲۳-۲). ٻيءَ مهر تي جهنگ جي هڪ ٻکريءَ کي نشانو بنايو ويو. موهن جي دڙي مان هڪ منڊان تي ڪيترائي تير پڻ مليا آهن، جن مان ظاهر آهي ته هو شڪار ڪندا هوندا.

هتان جي تصويري لکيتن ۾ به تيرڪمان جا نشان ملن ٿا. ان کان سواءِ مٽيءَ جا پڪل گليلا يا گوڙها مليا آهن، جن کي ڪمان جي شڪل واريءَ ڪٻلي ۾ وجهي، جهرڪيون ماريون ويندڙ هيون. ڪوٽن کي پڪڙڻ لاءِ مٽيءَ جون ٽهيل ڪوڙڪيون يا ڪٻاڙ استعمال ڪندا هئا. اهڙي قسم جا ڪٻاڙ موهن جي دڙي مان مليا آهن. مٽي ماڙ جون ڪنڊيون، ۽ چاڙ کي پاڻيءَ ۾ پوڙڻ لاءِ جن گولين کي ڪم آڻيو آهي، آهي به هتان گهٽي انداز ۾ لڌيون آهن، جنهن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته هتي مڇيءَ جو شڪار به عام جام ٿيندو هو. مٽيءَ مان ٽهيل ڪنا به مليا آهن، جيڪي شڪل شبيهه ۾ شڪاري ڪتن جهڙا آهن. ممڪن آهي ته انهن ڪتن کان هو جانورن جي شڪار ۾ مدد وٺندا هئا.

گهريلو جانور: سنڌو ماڙيءَ جا ماڻهو صرف گوشت-کائو ئي ڪين هئا، پر هو جانورن کي پالڻ به ڄاڻندا هئا، ۽ وٽن پالیل جانورن جا ڪي ٽورا قسم ڪين هئا. ڪوٽائي ڪندي، ڪونهين وارن سانهه ديڳن، گهٽن، هانڊين، سوئرن ۽ ڪڙڻ جا هڏاوان پڇرا يا ٽڙيل پکڙيل هڏيون مليون آهن. انهيءَ ڏس ۾ پارن جي راندڪن تي آکريل پالیل جانورن جون شڪليون به امان جي ڇڻي مدد ڪن ٿيون. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته آي جا رهاڪو سانهه، پوڙي، ڪتي، ٻلي، طوطي، مور ۽ ڪڙ مان ڇڻيءَ طرح واقف هئا. ڳڏهه جي

موجودگيءَ جو پکو ثبوت ڪرڻ ملیو آهي، ۽ تحقيق ڪندڙن ۾ ان گاله، تي به گهڻو اختلاف آهي ته ڪو سنڌو ماڻريءَ جا رهاڪو گهوڙي کان به واقف هئا.

سنڌو ماڻريءَ مان سانڍ، ڏاڙهي جي هڏن جا ڇيرا گهڻيئي لڌا آهن، جن مان سمجهجي ٿو ته انهيءَ قسم جي ڏاڙهي جو نسل چگهي نموني وڌايو ويندو هوندو. (پليٽ نمبر ۹). هي ڏاڙهي سنڌ، آتر گجرات ۽ راجپوتانا جي اڇوڪي شاندار ڏاڙهي جي شڪل سان پوريءَ ريت ته ڪونه ٺا ملن، پر اڇڪلهه جي نئڙي ڪونهين وارن ڏاڙهي جهڙا به هروپرو نه آهن، جيڪي وچ هندستان ۽ دکن ۾ عام جام آهن. تنهن کان سواءِ، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ بغير ڪونهين جي ۽ نئڙن سڳن وارا ڏاڙها به موجود هوندا هئا.

انهيءَ ڏس ۾ سڀني کان دلچسپ شيءَ جا لڌي آهي، سا هڪ پڪي سر آهي، جنهن مٿان ڪُتي ۽ پلي‌ءَ جي پيرن جا نشان آهن. شايد جڏهن سرون ٺاهي سڪڻ لاءِ رکيون هونداڻون، تڏهن ڪنهن ڪتي جي پٽيان پوڻ ڪري پلي‌ءَ وٽي انهن سيرُن مٿان ڏوڙ پاتي هوندي، ۽ ڪتي به تيريءَ سان پٽ ورتي هونديس. جو ته هي نشان گهڻا آونها آهن، جي زور مان ڏوڙ سان ٿي پڄي سگهن ٿا. آها ٽڪي ڏوڙ واري پلي ۽ سندس پٽيان پوڻ وارو ڪتو ته خاڪ سان ملي خاڪ ٿي ويا، پر سنڌن پيرن جا نشان زماني جي فنا ۽ بقا جو مثال بڻجي اسان جي سامهون اڃين اڇي بيٺا آهن.

جهنگ جا جانور: شڪار وارن ۽ پالیل جانورن کان سواءِ اهڙا جهنگلي جانور به ان ڏينهن ۾ موجود هتا، جي اڄين گهرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن گهڙي ايندا هوندا، جهڙوڪ نوريٽڙا ۽ چاها وغيره. انهن کان سواءِ ستهو به موجود هو، ۽ شينهن، هاٿيءَ ۽ گينڊي جهڙا وحشي جانور به عام هئا. جڏن قسمن جي هرڻن جا سڳ لڌا آهن، جهڙوڪ ڪشميري بارهن

سگون، سانبر، چيتل ۽ ڪاڙهو. ٿي سگهي ٿو ته اهي سڀ ڪن دوائن ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ ڏور ڏيهن کان گهرايا ويندا هجن. پارنهن سڳن وارو هرڻ اچلهه رڳو ڪشمير ۽ هماليه جي آس پاس ئي ملي سگهي ٿو. چيتل ته هاڻي نه سنڌ ۾ آهي ۽ نه پنجاب ۾. سانبر به نه سنڌ ۾ ۽ نه پنجاب ۾ ۽ نه ئي وري ڪو راجپوتانا ۾ ليپي ٿو. البت ڪاڙهو سو اڄ به سنڌ ۾ موجود آهي.

ناچ ۽ راڳ:- موهن جي دڙي جا رهاڪو ناچ ۽ راڳ جا ڏاڍا ڪوڏيا هئا، جنهن جو ثبوت اسان کي نچڻيءَ جي ڪُٽ جي بوتي مان به ملي ٿو. هڙاپا مان به هڪ پٿر جو بت لڌو آهي، جنهن ۾ ناچ جو هڪ انداز ڏيکاريل آهي.

قديم هندستان جي مذهبي رسمن ۾ ناچ راڳ کي هڪ خاص رتبو حاصل هو. ناچ پوڄا جو حصو هوندو هو. موهن جي دڙي ۾ ناچ کي آها حيثيت حاصل هئي يا آڻي جي ماڻهن لاءِ اهو رڳو دل وندرائڻ جو مشغلو هو، اِها خبر ڪانه پئجي سگهي آهي. ناچ مان گڏ راڳ لازمي آهي. هڪ مُهر تي، جا ڊولڪ جي تصوير ڪريل آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته موهن جي دڙي ۾ راڳ جو رواج هو. هڪ ٻيءَ مهر تي وري هڪ مرداني شڪل نڪتل آهي، جنهن جي ڳچيءَ ۾ دهل يا مردنگ وڌل آهي. نچڻيءَ کي تال ڏيڻ لاءِ کڑتال جو به رواج هو، جنهن جا ڪجهه نشان مليا آهن. تنهن کان سواءِ سنڌو ماڻريءَ جي تصويري تحرير ۾ اهڙيون تصويرون به موجود آهن، جن کي اسين بربط ۽ چنگ چئي سگهون ٿا. اهڙي نموني جي سازن جو سمير ۾ به رواج هو.

حڪمت:- اهڙي قسم جون شاهديون گهٽ مليون آهن، جن جي آڌار تي اِئين چئي سگهجي ته سنڌو ماڻريءَ جا رهاڪو طب، نجوم ۽ ابجد کان واقف هئا يا نه. هتان لڌل سمنڊ ڦيٽ ۽ پارنهن سڳي هرڻ جي سڳن جي ٽڪرن مان اهو

اندازو ٹئي ٿو تہ آهي شيون هتان جي حڪيمن ۽ ويدن جي نسخن ۾ استعمال ٿيندیون هونديون. هڪ اهڙو ڪارو سفوف به ملیوآهي، جنهن جي لاءِ چيو ٿو وڃي تہ "سلاجيت" آهي. سلاجيت مٿن پيشابن ۽ جگر جي بين بيمارين لاءِ ۽ سنڌن جي سور لاءِ پڻ مفيد آهي. اهڙيءَ طرح مٽيءَ جي ڪٽين ۾ رکيل ڏهن شاخہ يا استخوان ماهي به لڏو آهي، جيڪو بک وڌائڻ لاءِ استعمال ۾ ايندو هوندو ۽ پاهران لڳائڻ لاءِ ان کي ڪن، اک، گلي ۽ بين چمڙيءَ جي بيمارين لاءِ ڪم آڻيندا هوندا (۱). ساڳيءَ طرح ناڙي ۽ نم وغيرہ جا بن به حفاظت سان رکيل ملیا آهن، جيڪي ضرور دوا طور استعمال ڪندا هوندا. انهن سيني شين مان اِهو اندازو ٿئي ٿو تہ تن ڏينهين آيور ويدڪ جي علاج جو طريقو پنهنجي شروعاتي روپ ۾ موجود هو (۲). پورن رخن تي، باقاعدي ۽ صحيح ترتيب سان، ٽهيل گهرن ۽ گهٽين جي اڏاوت مان اِهو اندازو ٿئي ٿو تہ آڪاش جا ماڻهو زندگيءَ ۾ آسماني اثرن جا قائل هٿا ۽ علم نجوم سان به شوق هوندو هون. ڪن محققن جو خيال آهي تہ هتان جي ماڻهن جو سالُ شمسي حساب مطابق هوندو هو. اِهو اندازو هو اِن مان ڪن ٽا تہ سنڌوندیءَ ۾ سانوڻيءَ جي موسم ۾ ٻوڏ ۽ اهڙيءَ ريت مقرر ٽيل مهينن ۾ گرميءَ ۽ سرديءَ جون منڊون ايندیون هونديون، ۽ آهي موسمي تبديليون سڄ جي عمل تي مدار رکن ٿيون. اِن مان اهو به اندازو ڪيو ويو آهي تہ هتان جا رهاڪو چنڊ جي پيٽ ۾ سڄ کي وڌيڪ مڃيندا هٿا، جنهن جو وڌيڪ ثبوت آهي سواستڪا جا نشان به آهن، جن کي سڄ جو پرتو سمجهيو ٿو وڃي، جيڪي آڪاش گهٽي تعداد ۾ لڏا ويا آهن.

ٽنڊا: جيڪي باقياتي نشان اڄ تائين لڏا آهن، تن

---

(۱) Vedic Age, P. 178. (۲) Dikshit, – Prehistoric Civilization of Indus Valley, p. 31.

مان اهو اندازو لڳايو ويو آهي تہ سنڌو ماڻريءَ جا صاحب علم شخص رڳو پنڊت، ويد، نجومي ۽ جادوگر هئا. جاکمن ۽ حڪومت کي هلائڻ وارا عملدار ۽ شهر جي انتظام کي سنڀالينڊ ٻيا ملازم هئا. هتي هڪ واپاري قوم آباد هئي. گهڻو ڪري ماڻهو ڪاريگر ۽ هنرمند هئا. هتي ڪڙمين، مهاڻن، ملاحن، ڪنوارن، ريڍارن، ڪوچوانن، گهر جي ڪم ڪار ڪرڻ وارن نوڪرن، سونارن، عقيق ۽ عاج جي ڪاريگرن، ڪنيرن، راندين ڏاهڻ وارن ڪاريگرن، ڏاڙارن، رازن، مزورن، ڪائيرن، سنگ تراشن ۽ ٻُهرن ڏاهڻ وارن جي موجودگيءَ جا ڪي نہ ڪي نشان ۽ شاهديون موجود ملهيون آهن (۱).

(۱) Dikshit,-Prehistoric Civilization of Indus Valley. P. 3.

مذهب

بت پوستي، شجر پوستي، حيوان پوستي ۽ ٻيا مذهبي عقيدا.

سنڌو ماڻريءَ جي رهواسين جي مذهبي عقيدن جي باري ۾ ڪجهه چوڻ کان اڳ ۾ ڳالهين کي نظر ۾ رکڻ ضروري ٿي ٿو پوي ــ هڪ اِها تہ سنڌو ماڻريءَ جي ڪنهن بہ بستيءَ مان اهڙو ڪو ٿي بہ دستاويز، ڪتبو يا تحرير نہ لڌي آهي، جنهن جي آڌار تي اُتان جي ماڻهن جي مذهبي عقيدن جي باري ۾ ڪو ٿي يقيني فيصلو ڪري سگهجي. تنهنڪري انهن بستين مان لڌل مجسما، مهرون، پٿر ۽ نقش ٿي انهيءَ ڏس ۾ اسان جي رهنمائي ڪن ٿا، ۽ اِهي ٿي انهيءَ سلسلي ۾ اسان جي قياس آرائن جا آڌار آهن. پي مڪيہ ڳالهہ اِها آهي تہ سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب برصغير هند-پاڪ ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ جي تهذيب آهي. ۽ حيرت آهي، جو آهي لڌل باقياتي نشان برصغير هند-پاڪ جي جن تمام پراڻن مذهبن ۽ عقيدن تي روشني وجهن ٿا، انهن عقيدن جو ڇڪو حصو ويدڪ لٽريچر ۽ وید جي زماني جي پوءِ جي ادب ۾ بہ اسان کي ملي ٿو. آرين جي شروع جي عقيدن جي خبر اسان کي سنڌن قديم ترين ڪتاب "رگ وید" مان پوي ٿي، جنهن جي لاءِ مغربي لسانيات جي ماهرن جو خيال آهي تہ آهو صحيفو ۱۵۰۰ ۽ ۱۰۰۰ ق.م جي وچ ۾ لکيو ويو آهي. ان ڪتاب جي مطالعي مان پتو پوي ٿو تہ انهن ماڻهن جي پوڄا جو طريقو حمد ۽ ثنا (يڄنن) ۽ قربانين (يڳ ۽ ٻيتا) تائين محدود

هوندو هو. انهن جو هي به خيال هو ته فطري طاقتن ۾ به روح رهي ٿو، ۽ انهن فطري طاقتن کي هُنن انساني شخصيت ۽ صورت پڻ ڏني ٿي، جنهن مان هُنن جي ڪثرت پرستيءَ (۱) ڏانهن لاڙي جي به خبر پوي ٿي. هُنن جي مذهبي خيالن ۾ تجسيميت (۲) موجود ملي ٿي — جيئن ته هنن وٽ آسمان (ديوس) انساني شخصيت جو مالڪ هو، ۽ اهڙيءَ طرح هنن سج جي ڪرڻن کي هن جو هٿ ۽ باھ (اگني) جي شعلن کي هن جي زبان سمجهيو ۽ سڏيو. هنن جي سامهون مينهن جو ديوتا (اندر) ته پوريءَ طرح انساني شخصيت جو مالڪ هو.

ڪن محققن جو چوڻ آهي ته آريا اڻ سڌريل ۽ وحشي هئا پر جنگي جوڌا هئا. هنن جڏهن برصغير هند-پاڪ تي حملو ڪيو، تڏهن هتان جا رهاڪو، جي نهايت ٿي سڌريل ۽ سڀاڄها ۽ امن پسند هئا، سي هنن جي حملي کي منهن ڏيئي نه سگهيا ۽ هٿيار آڇلائي ڇڏيائون. جنگ کان پوءِ جڏهن فاتح ۽ مفتوح ۾ ميل‌ميلاپ شروع ٿيو، تڏهن جيتيل قوم جو بلند اخلاق ۽ انهن جي تهذيب آرين جي وحشيپڻي تي اثرانداز ٿيڻ لڳي. تان جو ٻيئي قومون ملي هڪ ٿي ويون ۽ هنن جي سنجوگ مان "هندوءِت" جو بنياد پيو، جنهن جا اڪثر عقيدا سنڌو ماڻريءَ جي رهاڪن جي عقيدن مان مان‌جان ٺا. ٿي سگهي ٿو ته اهو محقق جو خيال صحيح هجي، پر هن مهل تائين جيڪي به آثاري شاهديون لڌيون آهن، آنهن مان ته اهو معلوم نه ٿو ٿئي ته ڪو آريا يا غير آريا يا ٻيا ڪي مقامي رهواسي ڪنهن هڪ جاءِ تي گڏ رهيا ۽ آباد ٿيا، ۽ انهن ۾ ڪي اهڙا ثقافتي رشتا ناتا قائم ٿيا، وغيره، جو آهي هڪٻئي تي اثرانداز ٿيا هجن. سچي ڳالهه هيءَ آهي ته تاريخي نقطي‌نگاهه کان سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جي بربادي‌ءَ ۽ آرين جي آمد جي زماني ۾ هڪ نامعلوم فال آهي، جنهن

(۱) Polytheism. (۲) Anthropomorphism.

جي سمجهڻ لاءِ ايا وڌيڪ تحقيقات جي ضرورت آهي.

سنڌو ماڻريءَ جي ڪنهن به بستيءَ ۾ نه ته ڪو ٿي مندر مليو آهي، ۽ نه ڪو عبادت خانو. موهن جي دڙي جو اسٽوپا برابر هڪ مذهبي عمارت آهي، پر هيءَ ۲۰۰ سال مسيح کان پوءِ جي تعمير آهي، ۽ آن جو سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب سان ڪو ٿي واسطو ڪونهي. تحقيق ڪندڙن جو خيال آهي ته جيڪڏهن هتان جي ماڻهن جو ڪو عبادت خانو هوندو ها، ته آهو اسٽوپا جي هيٺان دفن هوندو، چو ته تاريخ شاهد آهي ته زورآور قوم پنهنجي وڏائي ظاهر ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪري هار ڪاڏل قوم جي عبادت خانن مٿان پنهنجن عبادت گاهن جو بنياد رکيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته جڏهن اسٽوپا ڪري يا تباهه ٿئي، تڏهن اسان سنڌو ماڻريءَ جي رهاڪن جا عبادت خانا لهي سگهون.

بت پرستي: سنڌو ماڻريءَ جا رهاڪو بت پرست هتا.

هتان هڪ ديويءَ جو بت گهڻن هنڌن تان لڌو ويو آهي، جنهن کي رڳو چيلهه مٿان ڪپڙي جي پٽي ٻڌل آهي، باقي سڄي عريان آهي. انهن بتن جي ڳچيءَ ۽ زيورن جون مالهائون تمام گهڻيون پيل آهن. سندن مٿن ٽي وڇڻي جي شڪل جو هڪ انوکو اوڍڻو پيل ڏسجي ٿو، ۽ ڪنن وٽ ڪنورين جهڙا به ڏڪ الڳ ڳنڍيا ويا آهن. ڪن بتن جي هيٺن ڪنن جي ڪنورين ۾ دونهين جا نشان ڏٺا ويا آهن، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته لوبان يا ڪنهن ٻيءَ سڳنڌ واريءَ شيءَ جو واس ڏيڻ ڏيندا هتا، ته ديويون خوش ٿين ۽ پوجارين جي دل جا عرض اڳهائين. هيٺن مجسمن جي پٽي سٽيئن سڌي نه آهي، جنهن مان پتو پوي ٿو ته گهرن جي ڀتين ۾ يا طاقن ۾ انهن مورتين کي ٽيءَ سان ليپي ٻيهاري ڇڏيندا هتا. انهن مجسمن کي "ڌرتي ماتا" يا "ماتا ديوي" جا بت سڏيو ويو آهي (پليٽ نمبر ۱۸ ـ الف).

بلوچستان ۾ ٻن قسمن جون مورتيون لڌيون آهن، جي سنڌو ماڻريءَ جي مورتين کان ٿورو ٻڌي نموني جون آهن. هنن مورتين کي رڳو منڍ ۽ ڏڙ آهي. پير ڪونہ اٿن. هيڏيون حصو سڌوسنئون لسو اٿن. اهڙي نموني جون مورتيون 'مائي‌نان' ۾ به لڌيون آهن. سر آريول استائن 'ڪلي' ۽ 'ماهي' مان جيڪي مورتيون ڳولي لڌيون آهن، تن جا منهن جهرڪين جهڙا سٿها ۽ نوڪدار آهن؛ هارن جا ڏيڍ ڳچن ۾ ٻيل اٿن؛ انهن جا هٿ چيلهہ تي يا سيني مٿان رکيل آهن ۽ گهٽا ظاهر نہ اٿن. ٻئي قسم جون مورتيون زوب ۾ مغل‌گندئي ۽ پيريالوگندئي وغيره هنڌن تي لڌيون ويون آهن. انهن جي منڍ تي هڪ قسم جو پوش پاتل آهي ۽ ڪلي ۾ تمام گهٽا هار ٻيل آڻن. انهن جي شڪل جهرڪين جهڙي نوڪدار نہ پر چپٽري ۽ بيحد ٻچڙي ۽ بي‌ڍنگي آهي. سندن پيشانيون ٻاهر نڪتل ۽ اکيون اندر پوريل ۽ وات ڏنگو ۽ ڇپو اٿن. پير تہ اٿن ڏي ڪونہ. پيرن جي نہ هئڻ مان اهو خيال ظاهر ڪيل ٿو ڀانئجي تہ ڇڻ ڏرتي ماتا دنيا جي پيٽ مان جنم ونڊي رهي آهي. ڪي بت اٿين ٿا ليڻ ڇڻ تہ ڪا مائي انو ڳوهي رهي آهي، يا مانين جو ڇپو ڪيڇ ۾ ڪنيو ڏي وڃي. ڏي سگهي ٿو تہ اهي بت صرف هارن جا راندڪا هجن ۽ انهن سان ڪا مذهبي عقيدت شامل نہ هجي. ڪي بت وري اهڙا آهن جهڙو ڪنهن مائيءَ ڪي ڪيڇ ۾ ٻار هجي، يا ڪا مائي ويم جي حالت ۾ هجي. ممڪن آهي تہ اهڙيون مورتيون ويم جي وقت ديوتائن کي پيٽ ڏيڻ لاءِ ٺاهيون ويون هجن، ڇو تہ موجوده زماني ۾ به برصغير هند-پاڪ جي ڪن علائقن ۾ گريونتي زال ۽ سندس ٻار جي حفاظت لاءِ پاڪائيءَ جو خاص خيال رکيو ويندو آهي، ۽ خراب ۽ ناپاڪ روحن کان امان پائڻ لاءِ کي ٽوٽا ۽ ٽوٽڪا به ڪيا ويندا آهن.

برصغير هند-پاڪ ۾ "ماتا" جو تصور قديم زماني

کان وڌي هڪ بنيادي عقيدو رهيو آهي. جنهن ڌرتيءَ تي انسان رهي ٿو، اها ڌرتي هن جي حياتيءَ جي بقا لاءِ هن کي هڪ مهربان ماءُ وانگر ان جل ڏٺي ٿي ـــ تنهنکري اوائل کان وڌي زمين جي پوڄا شروع ٿي، ۽ پوءِ ان کي "ڌرتي ماتا"، "ماتا ديوي" "مادر فطرت" وغيره جي نالي سان سڏڻ لڳا. اهو عقيدو هڪ عام خيال بنجي چڪو آهي؛ ان جي نوعيت ۾ ٿورو گهڻو خيالي اختلاف آهي، پر ان جي هم‌گيريءَ ۾ کو به شڪ شبهو کونهي. ماتا جون مورتيون ايران، ايجين، ايلم، ميسوپوٽيميا، فرانس، کاکيشيا، ايشائي کوچڪ، شام، فلسطين، سائپرس، کريٽ، بلقان، مصر، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ موجود مليون آهن.

برصغير هند-پاڪ ۾ ماتا جا مندر ۽ عبادت‌خانا اڄ به تقريباً هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ موجود آهن. ڪن ڳوٺن ۾ ڪي خاص ديويون ٿين ٿيون، جن جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي. ماتا کي 'پراڪرتي' (فطرت) جي برابر سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جي وڌيڪ ترقي يافته صورت "شڪتي" آهي، ۽ ان جا نمائندا وري "گداما ديوتا" سڏجن ٿا. اهي الڳ الڳ نمونن جون ديويون دراصل هڪ ئي طاقت جا جدا جدا روپ آهن. انهن مان ڪي تباهي آڻيندڙ آهن، پر ساڳئي وقت جنن پوتن ۽ بدروحن کان آجو به اهي ئي ڪن ٿيون. اهي مهربان هجن، ته انساني نسل وڌي ٿو، ۽ حياتيءَ جو هر سڪ انهن جي رضا سان آهي. ماتا جو تصور آرين کان گهڻو اڳ جو آهي. ڏکڻ هندستان يا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ آرين ماتا ديويءَ يا ڪنهن به ٻيءَ ديويءَ جي مورتيءَ کي ايتري اهميت ڏڻهن کانه ڏني. ويدڪ ديومالا ۾ ديوين جي مورتين جي ايڏي اهميت بيان ڪيل نه آهي. آرين وٽ اوليت ۽ الوهيت اها ئي ديوتائن کي حاصل رهي آهي. ديوين کي رڳو ان ڪري پوڄيو ٿو وڃي، جو هو ڪنهن نه ڪنهن ديوتا جون پياريون

يا شريعتيون آهن. آرين جي ماتا "پرٿوي"، سنڌو ماڙيءَ جي ماتا يا قديم "مادرِ ارض" کان جدا طاقتن جي مالڪ آهي. اِها گالهه به سوچ جهڙي آهي ته آرين وٽ ماتا جي پوڄا جي سربراهي برهمڻن جي نه پر شودرن جي سپرد ڪئي ويندي آهي.

سنڌو ماڙيءَ جي تهايب ۾ 'ماتا' مان عقيدت جي شاهدي هڪ چورس مهر مان به ملي ٿي (پليٽ نمبر ۲۱-۱)، جنهن ۾ هڪ عورت جي شبيهه منڍ هيٺ ۽ پير مٿي ڪيو بيٺي آهي، ۽ سندس رحم مان وڻ نڪري رهيو آهي. اِها مورت مهر جي پٺيان ڪاپيءَ ڪناريءَ تي آڪريل آهي. ان جي ساڄيءَ ڪناريءَ تي تصويري تحرير جي ڇڻ اڪرن کان پوءِ ٻن راڪامن جي شڪل ٺهيل آهي. مهر جي پٺي پاسي به ساڳي تصويري تحرير آهي، ۽ پرسان هڪ مرد ۽ هڪ عورت جي تصوير اڪريل آهي، جنهن ۾ مرد جي هٿ ۾ ڏاڻي جي شڪل جو چاقو آهي، ۽ عورت هن جي اڳيان مٿي هٿ ڪيو ويٺي آهي — ائين ڏو معلوم ٿئي ٿو عورت مرد کان جان جي امان ٿي گهري ۽ مرد هن کي قتل ڪرڻ ٿو چاهي. هن مهر جي ڏسڻ سان هيءَ نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته ان ۾ انساني قرباني ڏيکاريل آهي ۽ ان عورت جو ڏرتي ماتا جي اڳيان بليدان ڏنو پيو وڃي (۱).

ڏرتي ماتا سان گڏ هڪ ديوتا جي مورتي به سنڌو ماڙيءَ ۾ گهٽي ڏٺي ويئي آهي. سر جان مارشل ان کي شِوَ سان مشابهت رکندڙ چئي ٿو. ممڪن آهي ته سنڌو ماڙيءَ وارا ان جي ڪنهن پئي نالي سان پوڄا ڪندا هجن. پر هندو ديومالا ۾ شِوَ کي هڪ خاص درجو حاصل آهي، ۽ ڪيترين خاصيتون هن جي مورتيءَ سان وابسته آهن. هڪ مهر ۾ ٿان هن جي شڪل تمام صاف ۽ چٽي آڪريل آهي (پليٽ نمبر ۱۹-۴)،

(۱) Marshall,-Mohen jo Daro, Vol I. P.52:

جنهن ۾ هن جا ٽي منهن آهن، ۽ هو هيٺان هڪ چوڪيءَ تي آسن جمايو ويٺو آهي. ان تصوير ۾ شيو جا پنج مستڪ ۽ مُرا مڙيل، گوڏا اونڌا، ڪڙيون وري پاڻ ۾ ملايل ۽ پيرن جا آڱوٺا باهر نڪتل ۽ مڙيل ڏيکاريا ويا آهن. سندس ڪرائيءَ ۾ ڏونريءَ تائين اٺ ننڍيون ۽ ٽي وڏيون چوڙيون پاتل آهن. ٻه وڏيون چوڙيون هيٺ ۽ مٿي ۽ هڪ وچ ۾ آهي، ٻن وڏين چوڙين جي وچ ۾ چار ننڍيون چوڙيون آهن. ڪلها ويڪرا ۽ هٿ ۽ آڱوٺا گوڏن تي رکيل اٿس. ڳلي ۾ پاتل هار ڳاڙهو سينو سڄو پريل اٿس. چيلهه تي لنگوٽ ٻڌل اٿس. مٿي تي ٻن سڳن جي وچ ۾ هڪڙي ڊگهي مينڍي اٿس. مينڍيءَ جي ڪاپي پاسي هڪ چيتو ۽ ٻئي پاسي هڪ سانڀهه ۽ گينڊو ڪيس گهيري بيٺا آهن. چوڪيءَ جي هيٺان ٻه هرڻ بيٺل آهن، جن جا مُنهن هڪ پاسي مڙيل هٿ ڪري سندن سڳ هڪٻئي سان ملي ويا آهن. مُهر جي مٿان متن اکرن ۾ هڪ عبادت لکيل آهي، جنهن جو آخري لفظ جاءِ جي ڪميءَ ڪري ڪاپي پاسي هاڻيءَ ۽ چيتي جي شڪلين جي وچ ۾ لکيل آهي.

انهيءَ مُهر تي ديوتا جون گهڻيئي خاصيتون ظاهر ٿين ٿيون. هڪ ته هن جا ٽي منهن آهن- يعني "ترمُکو" آهي. تاريخي دور ۾، شو هڪ، ٻه، ٽي، چار ۽ ڪڏهن ته پنج منهون ديوتا ڪري به ڏيکاريل آهي. پر اڪيون هميشه ٽي رهيون اٿس. ٽين اک ("تري لوچن") نرڙ ۾ ڏيکاري ويندي اٿس، ۽ عقيدو اٿن ته جڏهن هي پنهنجي ٽين اک کولينڊو آهي، تڏهن آن مان باهه نڪرڻ لڳندي آهي، جا هرشيءَ کي ساڙي ڪوٽلو ڪري ڇڏيندي آهي. انهيءَ اک جي غضبَ ڪام ديوتا (عشق جي ديوتا) کي به ساڙي ڇڏيو هو، ۽ انهيءَ سبب ڪري آهو يعني ڪام ديو "ان انگ" (جسم جو مڙيل) به سڏيو ويندو آهي. شوَ، وشنو ۽ برهما جي "ٽن مورتي" ماڻنٽ ابُو جي پرسان ديوانگنا، آراڪان، بيلگام، چتورگڙهه

۽ پين ۾ ڪيترن ئي هندن تان لڌي آهي. اِها تثليث برصغير هند-پاڪ جو نهايت پراڻو عقيدو رهيو آهي، البت ان سان تعلق رکندڙ فلسفيانہ نڪتا تاريخي دور جي پيداوار آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ هيءَ عقيدو رڳو هن برصغير تائين ئي محدود نہ آهي، بلڪ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ پين ملڪن ۾ پڻ موجود ملي ٿو، جهڙوڪ: سمير ۾ آنو، ابا ۽ بيل؛ يونان ۾ زيوس، پوزيڊان ۽ هيڊس؛ روم ۾ جُپيٽر، نيپچون ۽ پلاٽو؛ مصر ۾ سيت، هورس ۽ شو؛ ميسوپوٽيميا ۾ سن، شمن ۽ اشطر ـ لڳ ڀڳ انهيءَ تثليث واري عقيدي جون ئي صورتون آهن. اِهو بہ ممڪن آهي تہ سنڌو ماڻريءَ وارن شوَ جا ئي منهن انهيءَ خيال کان بہ ڏاهيا هجن تہ هو هر طرف ۽ هر شيءَ ڏسي سگهي ٿو.

هن مُهر جي پي اهم خصوصيت شيو جو يوگ‌آسن آهي. تاريخي دور جي عقيدي مطابق شيو دراصل يوگين جو پيشوا آهي ۽ تپسيا ۽ نفس‌ڪشيءَ جو پهريون استاد ۽ مظهر آهي. اِنهي ڪري ڪيس 'مهاتپا' ۽ 'مها يوگي' بہ چيو ويندو آهي. يوگ جو خاص مقصد ذهني ورزش ۽ قلب جي هڪ ـ مثائيءَ وسيلي خدا سان واصل ٿيڻ آهي. اندازو آهي تہ يوگ پڻ آرين کان اڳ جو تصور آهي. موهن جي دڙي مان وڏي پوڄاريءَ جو جيڪو پٿلو هٿ آيو آهي، ان ۾ هن جون اڌ کليل اکيون پنهنجي نڪ ڏانهن ڏسندي ڏيکاريل آهن، ۽ اهو بہ يوگ جي تپسيا جو هڪ نمونو آهي. هن پُتلي جي مذهبي نوعيت جي ثابتي ان جي شال تي ٺهيل ٽپڻاوين ٻرائين مان ملي ٿي. مصر ۽ سمير ۾ هيءَ ٽپڻاوين ٻرائينون خالص مذهبي قسم جي شين تي نڪتل ڏسجن ٿيون. شيو جي هن مُهر کان سواءِ ٽن پين مهرن تي جيڪي شڪليون نڪتل آهن، انهن ۾ ديوتا جي ويهڻ ۽ انهن جي پين ڳالهين مان پڻ ان دور ۾ يوگ جي موجود هجڻ جو پتو پوي ٿو. مطلب تہ هن مُهر ۽ سنڌو ماڻريءَ جي شيو جي ويهڻ جي آسن مان هُن جي

يوگي هجڻ جو اهم ثبوت ملي ٿو.

شِوَ جانورن جو پڻ پالڻهار مڃيو ويو آهي، ۽ انهيءَ ڪري هن کي 'پسو پتي' به سڏيو ويو آهي. مٽبنءَ مُهر تي هاڻيءَ، گينڊي ۽ چيٽي جي نڪتل تصويرن مان هن جي "پسو پتي" روپ جو اشارو ملي ٿو. تاريخي دور ۾ 'پسو پتي' لقب جي معنيٰ 'چوپائي مال جو آقا' ڪئي ويڻي آهي، ۽ مشابهت جي آڌار تي 'پسو' مان 'انساني گروهه' مراد ورتي ويڻي آهي، جنهن جي آقا يا ڌنار شِو آهي. البت وڌ جنترن ۾ 'پسو' جي معنيٰ 'جهنگلي جانور' ورتي ويڻي آهي. تنهنڪري هيءَ نتيجو ڪڍڻ غلط نه ٿيندو ته آن وقت هن ديوتا کي پالیل جانورن بجاءِ جهنگلي جانورن جو آقا سمجهيو ويندو هوندو.

شِو جا سڳ به خاصا اهم آهن. اڄڪلهه جي طرح جا سڳ پڻ مجسمن جي مٽي تي به آهن. سڳ قديم زماني ۾ پاڪيزگيءَ جي نشاني سمجهيا ويندا هئا. آهي ديوين ۽ ديوتائن جي خاص نشاني مڃيا ويندا هئا. سمير جي ديوين ۽ ديوتائن جي مٽي تي به سڳ ڏيکاريل آهن ـ ايتري قدر، جو هڪ زماني ۾ آتان جا بادشاهه ۽ وزير به سڳ مٽي تي پائيندا هئا. چاڪاڻ جو هو پاڻ کي ديوين ۽ ديوتائن جو اولاد چوائيندا هئا. هيءَ تصور به هڪ غير آريائي تصور آهي. آرين جي اچڻ کان اڳ جو هي الاهيت جو نشان آرين جي زماني ۾ جيتوڻيڪ ايترو مقبول نه هو، پر بنهه وٺن ناقابل قبول به ڪونه هو، ۽ ڪنهن نه ڪنهن حد تائين وٺن به مروج هو. هيءَ تصور آرين کان پوءِ واري دور ۾ شوَ سان گڏ هن جي ترسول جي شڪل ۾ عام ٿيو. پين مذهبن ۾ به ان جو رواج پيو ۽ ٻڌ مذهب ۾ "تري رتنا" جي تثليث جي شڪل ورتائين. اِهو نشان خود به وضاحت گهري ٿو، پر اِها حقيقت آهي ته اِهو آنهيءَ زنجير جي هڪ ڪڙي آهي، جا هن ديوتا کي شِو سان ڳنڍي ٿي.

ان جي چوڪيءَ جي پر ۾ به هرڻ ڏيکاريل آهن.

تاريخي دور ۾ شيو جو همراه صرف هڪ هرڻ ڏيکاريو ويو آهي- خاص طور جڏهن شيو کي "دکشنا مورتي" يا "يوگا دکشنا مورتي" جي روپ ۾ ڏيکاريو ويندو آهي. ساڳيءَ طرح مهاتما بڌ جي انهيءَ مورتيءَ ۾، جنهن ۾ هو پهريون دفعو وعظ ٿو ڏئي، تخت وٽ هرڻ ڏيکاريا ويا آهن. خبر ڪانه پئجي سگهي آهي ته اِهو تصور سنڌو ماڻريءَ مان پڌمت تائين ڪڏهن ۽ ڪيئن پهتو.

شيو جي صورت ڪيترين ئي مهرن تي آڪريل آهي. ٻن مهرن تي هي ديوتا سنگهاسن تي ويٺو آهي. هڪ مهر تي زمين تي ويٺو آهي. پر ٻنهي تصويرن ۾ سواءِ لنگوٽ جي سندس بدن تي ٻيو ڪوبه ڪپڙو ڪونه آهي. ٻين مهرن تي هن جا به پير منهن آهن، ۽ ٻنهءَ تي رڳو هڪ. ٻنهي مُهرن تي هن جي مٿي تي سڱ آهن. ٻن مُهرن ۾ هن جي سڱن جي وچ ۾ گل ۽ پتيون نڪتل ڏيکاريل آهن ـ شايد اِهو ظاهر ڪرڻ لاءِ ته شيو نباتات جو ديوتا به آهي.



پليٽ نمبر ۱۸ ب ۳ جو مڪمل خاڪو

سڌس سنڌ ناچ سان به آهي، جو تہ هندن جي ڪيترن ئي مجسمن ۾ هو نچڻ جي دلڪش ادا ۾ ڏيکاريل آهي. هُن کي انهيءَ ڪري "نٽ راج" به چوندا آهن. حقيقت ۾ انهيءَ ناچ مان ڪائنات جي نظام جي باقاعدہ ليءَ يا تال (۱) ڏانهن اشارو آهي. هڙاپا مان لڌل هڪ مجسمي جي باري ۾ به اهو خيال آهي تہ اهو * شِو جي "نٽ راج" جو (۲) روپ آهي.

وڻن جي پوڄا: هر ڪنهن ملڪ ۾ وڻن جي پرستش ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ڪئي ويندي آهي. برصغير هند-پاڪ ۾ وڻن کي جنن، ديون ۽ شهيدن جا مڪان ڪري مڃيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري، عام طرح رات جو گل يا ڦل نہ ڇنڻ، يا ڪن ساون وڻن ٽڻن کي ويڙ، ۽ منجهند جو پير جي وڻ تي چڙهڻ لاءِ چوندا آهن تہ ڪجو نہ آهي. مقدس وڻ جو تصور عام ۽ گهڻو پراڻو آهي، جيئن تہ هندن جو 'سوم'، ناردڪ قوم جو 'دِرازل'، ايرانين جو 'هوم'، يهودين جو "شجرت‌الحيات" يا "شجرت‌العلم"، پڌمت وارن جو 'پوڌي وڻ' ۽ مسلمانن جو 'طوبيٰ' اهي سڀ وڻ انهيءَ هڪ تصور کي ظاهر ڪن ٿا. بابل جا رهاڪو بهشت جي وڻ کي، 'اشيرا' چوندا هٿا، ۽ ان جو نقل ٺاهي، آن جي پوڄا ڪندا هٿا. عيسائين لاءِ اڄا سوڌو 'ناتال جو وڻ' (ڪرسمس ٽِري) عقيدت جو مرڪز رهي ٿو.

سنڌو ماڻريءَ ۾ اهڙي قسم جا ڪيترا ئي ثبوت ملن ٿا، جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ آني جا رهاڪو وڻن کي پاڪ ڪري ليکيندا هٿا. لڌل مهرن تي آڪريل نقشن

---

(۱) Cosmic Rythem. (۲) Vedic, Age, P. 181.

* پر هڙاپا مان لڌل انهيءَ ٻوتي کي شِو جو مجسمو چوڻ مناسب نٿو لڳي.

مان اِهو بہ معلوم ٿو ٿئي تہ آتي جا ماڻهو وڻن کي شايد پوڄيندا پڻ هٿا. هڪ مهر جي ساڄي پاسي واريءَ کنڊ تي هڪ ٽالهہ جي شڪل نڪتل آهي، جنهن ۾ بہ ٽارين پير جون پيل آهن. انهن ٻنهي ٽارن جي وچ ۾ هڪ ديويءَ جي شڪل نڪتل آهي، جنهن جي منڌي تي سڱ آهن. هڪ عورت انهيءَ ديويءَ کي منهن ٽيڪي رهي آهي. ديويءَ ۽ پجارڻ ٻنهي جا وار ڊگها آهن. سندن هٿ چوڙين سان پريل آهن، ۽ سندن مٿن تي سڱن جي وچ ۾ گاهہ جا ساوا پن نڪتل آهن. پجارڻ جي پٺيان هڪ به-روپو جانور بيٺل آهي، جنهن جو اڌ ڏڙ ڏڳي جو ۽ اڌ ٻکريءَ جو آهي. ان جو منهن ماڻهن جهڙو آهي، ۽ ڏاڍيءَ شردا سان پوجارڻ جي پوڄا ڏسي رهيو آهي. انهن صورتن جي هيٺان نسواني شڪلين ٻڌي پاسي منهن کيو بيٺيون آهن. هر شڪل جي منڌي تي چونڊي يا ڪلنگي نڪتل آهي. اهي شڪليون مجموعي طور ستن جو طلسمي عدد پيش ڪن ٿيون ۽ محققين جو خيال آهي تہ شايد اها تصوير ماتا ديويءَ سيتلا ۽ سندس ڇهن پينرن جي آهي (پليٽ نمبر ۲۱-۲).

انهيءَ منظر ۾ پير جو وڻ وڏيءَ اهميت وارو آهي. اڄ بہ هندن جا ڪيترائي عقيدا پير جي وڻ سان لاڳاپيل آهن؛ مثلاً سندن اِهو عقيدو آهي تہ ڪن خاص ڏينهن تي لڪشمي (دولت جي ديوي) پير ۾ اچي واسو ڪندي آهي، ۽ انهن ڏينهن تي هو پير جي چوڌاري ڦيرئون پائيندا آهن، ان جي ٽڙ ۾ ڏاڳا ٻڌندا آهن ۽ سندور لڳائيندا اٿس؛ زالون پٽ جي اولاد جي آس ۾ پير تي خيرات ڪنديون آهن؛ مڙل مائٽن جي آڇ ميٽائڻ لاءِ پاڻيءَ جون مٽڪيون ان جي ٽارين سان ٻڌي ڇڏيندا آهن؛ ان جا پن ٽورڙيءَ هوا ۾ بہ پيا لڏندا آهن — اِن مان منجهن قديم دور ڪان اهو ويساهہ هلندو ٿو اچي تہ ان ۾ ديوين ۽ ديوتا رهن ٿا، جن جي چرپر سبب

ان جا پن لڏن ٿا. مهاتما بڌ کي گيان به اِن وڻ هيٺان حاصل ٿيو. تنهن مان ته پپر جي اهميت هيڪاري وڌي ويئي آهي.

هڪ ٻيءَ مهر تي وڻ جي هڪ ٽاري محراب جي شڪل وانگر نڪتل آهي، جنهن مان پن نڪري رهيا آهن. انهيءَ ٽاريءَ جي اندر هڪ ديوي بيٺي آهي. اِهي نقش اهڙيءَ طرح نڪتل آهن، جهڙوڪ ڪنهن بت کي پنن جي فريم ۾ بيهاريو ويو هجي (پليٽ نمبر ۱۹ - ۵). ڪن پنن مهرن تي به وڻ ۽ ديوين جون مورتون آڪريل آهن.

پنجن مُهرن تي وڻن جون شڪليون ڏاڍيءَ محنت ۽ خبرداريءَ سان ڪيل آهن. انهن مان ڪن وڻن جي آسپاس چٽلها ٺاهيا ويا آهن. اهڙي قسم جا چٽلها اوائلي تاريخي دور ۾ پاڪ وڻن جي چوڌاري ئي ٺاهيندا هئا. مٽيءَ جي ٺانون تي ٻڌ پپر جي پنن جون تصويرون نڪتل آهن. ڪن مهرن تي نم جو وڻ به نڪتل آهي. ممڪن آهي ته وڻن پپر کان سواءِ ٻيا وڻ به متبرڪ سمجهيا ويندا هجن.

هڪ مهر تي ٻن ماڻهن جي شڪل نڪتل آهي، جن جي هٿن ۾ نم جا وڻ آهن. وڻن جي وچ ۾ ديويءَ جي مورتي آهي، جنهن جا ٻيئي هٿ ڪليل آهن. انهن وڻن جون ٻاڙون جدا جدا آهن، ۽ خيال آهي ته اِهي وڻ ان ديويءَ جي تقدس ۾ لڳايا ڇڏي ويا، جو ته مقدس وڻن جو پوڄڻ به پراڻي زماني ۾ هڪ مذهبي فرض هو، ۽ وڻن پوڄڻ وارو ثواب جو حقدار سمجهيو ويندو هو. انهيءَ ٽي مُهر جي ٻئي پاسي هڪ ماڻهوءَ جي تصوير آهي، جو نم جي وڻ کي سجدو ڪري رهيو آهي (پليٽ نمبر ۲۱ - ۳).

خيال آهي ته سنڌ ۾ وڻن کي پوڄڻ جا به طريقا عام هئا ـــ هڪڙو اِهو ته وڻن کي سندن اصلي حالت ۾ پوڄيو ويندو هو، ۽ ٻيو طريقو اهو هو ته وڻن جي روحن کي انساني شڪل ۽ اوصافن جو حامل سمجهي، پوڄيندا هئا. هندستان

۽ ۽ پين هنڌ وڻ کي يا ٻيءَ ڪنهن شيءَ کي انساني شڪل ڏيڻ عام آهي ـــ جو ته عقيدو اِهو آهي ته وڻ يا ٻوٽو شخصيت جو مالڪ ٿئي ٿو ۽ ان ۽ روح پڻ ٿئي ٿو، ۽ ٽنهنڪري ان سان انسانن جهڙي ٿي روش ورتي ويندي آهي. وڻ ويڙ وقت ان جي روح کان معافي ورتي ويندي آهي. گوند قوم جا ماڻهو جيڪي غير آرياڻي نسل مان آهن، رات جو وڻن مان نہ ڦل ڦول پٽين ۽ نہ وڻ کي ڏوٽين، جو ته هنن جي عقيدي موجب وڻ جي روح جي آرام ۽ اٽين ڪرڻ سان خلل پوندو آهي. ڏکڻ هندستان جي ڪن غير آرياڻي قومن جي زالن جون شاديون مردن کان اڳ وڻن سان ڪرايون ويندين آهن، ته سندن زندگي سرسبز رهي. وڻن جون پاڻ ۽ ٻه شاديون رچائيندا آهن. تلسيءَ جي مقدس ٻوٽي جي هر سال شادي رچائيندا آهن. ان موقعي تي پوڄا ڏيندي آهي، ۽ سالگرام پٿر کي پوڄ ڏيندا آهن. ان وقت وڻ کي ديوتا ڪري مڃيو ويندو آهي. ڇٽي نٿو سگهجي ته هنن جا اِهي عقيدا سنڌو ماڻريءَ جي اصلوڪن رهاڪن جي عقيدن سان ڪيتري قدر ملن جلن ٿا.

جانورن جي پوڄا: وڻن جي پوڄا وانگر جانورن جي پوڄا ٻه هڪ پراڻي رسم آهي، جنهن جو گهٽو ڪري هر ملڪ ۽ رواج هو. سنڌو ماڻريءَ ۽ حيوانن جي پوڄا جو رواج وڻن جي پرستش کان وڌيڪ هو. ان جو ثبوت مهرن تي آڪريل جانورن جي تصويرن ۽ مٽيءَ ۽ پٿر جي ٺهيل جانورن جي بوتن مان ٻه ملي ٿو. سر جان مارشل انهن جانورن کي ٽن حصن ۽ ورهايو آهي: (۱) خيالي يا ڏندڪٿائي جانور، (۲) اُهي جانور جن جي ڏندڪٿائي حيثيت شڪي آهي ۽ (۳) قدرتي جانور.

پهرئين قسم جا جانور تشبيهي ۽ مرڪب جانور آهن، مثال طور اهڙا جانور، جن جو هڪ حصو ٻڪريءَ يا دنبي جو، ٻيو اڌ ڏيڪي جو، ۽ منهن ۽ مٿو انسانن جهڙو اٽن. سمير

۽ شينهن جي جسم ۽ انساني شڪل وارا جانور، مصر ۽ انساني جسم ۽ جهرڪيءَ يا بگھڙ جي منڊيءَ وارا جانور مذهبي حيثيت رکندا هئا. موهن جي ڏڙي مان لڌل هڪ مهر تي عجيب و غريب جانور جي تصوير نڪتل آهي. هيءَ جانور جا ٿي مٿا آهن ـــ هڪ مٿي تي سانتهه جا سڱ اٿس، ٻئي مٿي تي هرڻ جا، ۽ ٽئين مٿي جا سڱ بجاءِ اندر مڙيل هڻڻ جي باهر مڙيل اٿس. هيءَ جانور جو جسم ۽ ڪُڙ ڏڪي جا آهن (پليٽ نمبر ۲۲ ـ ۵). اهڙي قسم جون ٽي سيئون هڪ ٻيءَ مهر تي به نڪتل آهن. هڪ مهر تي شينهن جون ٽي سيئون نڪتل آهن. ٽي سگهي ٿو ته انهن ٻنهي سُهرن جي تصوير جو پاڻ ۽ کو تعلق هجي. هڪ ٻيءَ مهر تي اڌ انسان ۽ اڌ ڏڪي جهڙي جانور جي تصوير آڪريل آهي، جو شينهن تي حملو ڪري رهيو آهي (پليٽ نمبر ۲۰ ـ ۵). اهڙي قسم جي جانورن جون شڪليون سمير مان به لڌيون ويون آهن.

هڪ مهر تي اهڙي راکاس جي شڪل نڪتل آهي، جنهن جو منهن ماڻهن جهڙو، سونڊ ۽ ڏند هاٿيءَ جهڙا، سڱ ڏاند جا، ۽ جسم جو اڳيون حصو گھيٽي جو ۽ پويون حصو شينهن جهڙو اٿس (پليٽ نمبر ۱۹ ـ ۱). هڪڙيءَ ٻيءَ مهر تي وري پپر جي وڻ مٿان ٻن شاخن جي وچ مان هڪ سڱ واري ڏڪي جون سيئون نڪتل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون (پليٽ نمبر ۲۲ ـ ۵).

ٻين قسمن جي جانورن ۾ هڪ سڱ (۱) ڏڪا آهن، جن جون شڪليون ڪيترين ٽي مهرن تي چٽيل آهن. پر اهڙي قسم جي جانور جو وجود ڪٿي به ثابت ڪونه آهي. ٽي سگهي ٿو ته اِهو خيال گينڊي کي ڏسي ذهن ۾ آندو ويو

---

(۱) ڪن مهرن تي اهڙن جانورن جا به سڱ به ڏيکاريل آهن. اٿين به ممڪن آهي ته جيئن ته هنن جانورن جون شڪليون پاسيريون نڪتل آهن، ته ٽي سگهي ٿو ته هڪ سڱ اوٽ ۾ اچي وڃڻ سبب پتروڻ ڪيو ويو هجي.

هجي. ان جانور جي ڪلهي تي هڪ زين ڏيکاريل آهي. ڪن مهرن ۾ ته ان جي گلي ۽ پٺا ۽ ماهنڊ وڏل ڏيکاريل آهن. ان جي منهن وٽ هڪ عجيب نموني جو ٽانوَ رکيل آهي. (پليٽ نمبر ۲۰ ـ ۴)، جنهن جي نقشي مان اڻين ٽو لڳي، جڏ هڪ لٽ جي سهاري آٽي اڻين ۾ ٽانوَ رکيل آهن. انهن جي هيٺان وري باهه ٻاريندا هڻا، جو ته ڪن مهرن ۾ اڻين باهه جا شعلا نڪرندا ڏيکاريل آهن. ٽي سگهي ٽو ته اها لوبان داني هجي. انهن لوبان دانين جو هڻڻ انهن جانورن جي مذهبي حيثيت کي ثابت ٽو ڪري. اهي لوبان دانيون هٿن ۾ ڪڍي ويندا هوندا، جو ته نه ته انهن جي تري ۾ هيٺ ڪا رکڻ جي جاءِ آهي ۽ نه ٽي وري اهي زمين ۾ ٽي ڪٽل آهن. اڻين معلوم ٽو ٿئي ته انهن لوبان دانين جي ڇڱي اهميت هئي، ايتري قدر جو آهستي آهستي اهي خود تقدس جي اظهار جو ذريعو بڻجي ويون، ۽ خود آنهن جي به پوجا ٿيڻ لڳي. هڪ تصوير ۾ ايترو وڏو لوبان دان ڏيکاريل آهي، جنهن جي ڏيگهه پرسان بيٺل ماڻهوءَ کان به وڏي آهي. ان جي اهميت جو اهو به هڪ اظهار ڇڻي سگهجي ٽو.

قدرتي جانورن ۾ ڪونهين واري ڏڳي، گينڊي، بنان ڪونهين جي ننڍين سڱن واري ڏڳي، شينهن ۽ هاٿيءَ جون تصويرون گهڻي تعداد ۾ نڪتل آهن. انهن جانورن مان سانهتم، گينڊي ۽ شينهن جي سامهون ڪونڙ رکيل آهن. ڪن مُهرن ۾ هاٿيءَ جي سامهون به ڪونڙ رکيل آهي. پر ڪن ۾ وري نه به اٽس. بنان ڪونهين جي سڱن واري ڏڳي جي سامهون ڪونڙ رکيل ڪونهن. اهي ڪونڙ شايد انهن پاڪ جانورن وٽ خوراڪ جي پيٽا ڏيڻ جي خيال کي ظاهر ڪن ٿا. انهن کان سواءِ گهيتل سوئر، ڪتا، پولڙا، رڇ، سيهڙ ۽ نوريئڙا به دريافت ٿيا آهن. پر مهرن تي انهن جون تصويرون ڇڻيل نه آهن. انهن جا مجسما ٽامي جي پترن تي نڪتل آهن

يا وري مٽيءَ جا ٺهيل آهن. ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته اِهي پارن جا راندڪا هئا. انهن کان سواءِ مٽي ذکر ڪيل ٻين جانورن جي حيثيت ڪجهه طلسمي ٿي لڳي. مُهرن تي آڪريل انهن جا نقش ڪٽڻ ڪري هر گهر مان لڌا آهن. انهن جو مقصد چا ٿي ٿو سگهي؟ انهيءَ لاءِ ڪجهه چوڻ مشڪل آهي. اهڙي ئي قسم جي ٻين مهرن تي ديوتائن جون تصويرون به آهن، جنهن مان اِهو اندازو ٿئي ٿو ته حقيقي، غير حقيقي يا نيم حقيقي جيترا به جانور آهن، انهن جي حيثيت هنن ماڻهن وٽ ڏاري يا گهٽي مذهبي ضرور هئي. پر انهن جي انهيءَ مذهبي اهميت ۽ رتبي جو تعين ڪرڻ مشڪل آهي. نٿو چئي سگهجي ته ڪهڙو جانور وڌيڪ مقدس سمجهيو ويندو هوندو ۽ ڪهڙو گهٽ. ان لاءِ امان وٽ ڪي به مضبوط دليل نه آهن! تنهن کان سواءِ ڪنهن شيءِ جي مذهبي تقديس يا اهميت ۽ آن جي پوچا ڪرڻ لازم ملزوم نه آهن، چو ته ڪنهن به جانور کي سدورو يا ندورو سمجهي سگهجي ٿو، پر ضروري نه آهي ته ان جي پوچا به ڪئي وڃي!

پر اِهو گمان ڪرڻ غلط نه ٿيندو ته مرڪب جانورن جون مورتيون (جن جا منهن ماڻهن جهڙا آهن)، ته مُنهنجون مورتيون ۽ وٽن جون ديوتائون پوڄيون ويندڙيون هيون. اهڙيءَ طرح وڏا جانور مثال طور هڪ سڱ وارو ڏاڙهو، سانڍهه، چيتو، هاٿي، گينڊو ۽ واڳو وغيره کي ديوتا سمان سمجهيو ويندو هو. باقي ٻيا جانور ڪنهن نه ڪنهن وهم جي ڪري به مذهبي اهميت رکندا هئا. مثلاً هندن وٽ شينهن يا چيتو ديوي ماتا جي سواريءَ جو جانور سمجهيو ويندو هو، پر ماتا جي تصور کان الڳ انهن جانورن جي ڪابه حيثيت ڪانهي، بلڪ ماتا جڏهن غصي ۽ جلال ۾ اچي ٿي، ته چيتي جو روپ پڻ ونڊي ٿي ويهي. بهار جي ڪونڊ قوم جا ماڻهو ان کي "وگهئي ديوي" يعني "شينهن ديوي" سڏيندا آهن. پيل قوم جا ماڻهو انهيءَ

قسم جي هڪ ديوتا جا مريد آهن، جنهن کي هو "واگهيا ڪنور" يعني "شينهن شهزادو" ڪوٺيندا آهن. ڪنڀ قوم وٽ ساڳي ڏرتي ماتا چيتي جي بجاءِ هائيءَ جو روپ ٿي وٺي. برصغير هند-پاڪ جي ويدڪ دور ۾ هائيءَ کي "ايرادت" يعني 'اندر جي سواري' چيو ويندو هو. پر انهيءَ کي گڻيش يا گنپت (عقل جو ديوتا ۽ خوشبختيءَ جو مجسمو) سمجهي، ان جي پوڄا ڪندي پڻ ڏسجن ٿا. گڻيش شيوَ جو وڏو پٽ آهي، جيڪو ڪيس پار پتيءَ مان جائو. ڏکڻ هندستان ۾، جتي غير آريا گهڻائيءَ ۾ آهن، اڄ به گڻيش جي پوڄا ڏاڍيءَ شردا سان ڪئي ويندي آهي.

هڪ مهر تي پاڏي جي شبيهه آهي، جنهن چند ماڻهن تي حملو ڪري کيرائي ڇڏيو آهي ۽ پاڻ آنهن جي وچ ۾ فاتح بڻيو بيٺو آهي (پليٽ نمبر ۱۹-۲)، ٿي سگهي ٿو ته اهو خيال ڪنهن ديوتا جي دشمن تي فتح پائڻ کي ظاهر ڪندو هجي. هڪ پئي هنڌ هڪڙو وڏو پاڏو ڪنهن ماڻهوءَ کي سگهن تي ڪنيو بيٺو آهي. جهنگلي پاڏو هندستان ۽ آفريڪا ۾ ڏاڍو خطرناڪ سمجهيو ويندو آهي. ان کي "يم" معني (موت جي ديوتا جي سواري) به چوندا آهن ۽ "پاڏيءَ جو ڪارو ديوتا" پڻ چوندا آنس، ۽ "پاڏو ستر" جي نالي سان ان جي پوڄا به ڪئي ويندي آهي. اهڙا پاڏا ڪيترين ئي مهرن تي آڪريل آهن، ۽ اهو عين ممڪن آهي ته سنڌو ماڻريءَ جي رهاڪن جي ڪنهن خاص عقيدي سان تعلق رکندڙ هجن.

سانتهه ڪونهونءَ وارا ۽ بغير ڪونهونءَ جي ڏڳا، هندو مذهب ۾ شيوَ مهراج سان لاڳاپو رکندڙ آهن. شيوَ مت جا ماڻهو هنن جي پوڄا ڪندا آهن. سال ۾ هڪ ڏڻ رڳو هنن جي پوڄا لاءِ مخصوص هوندو آئن. سانتهه کي داغ ڏيئي، شيوَ جي نالي آزاد ڇڏي ڏيڻ ثواب جو ڪم سمجهندا آهن، ۽ اهو عقيدو به آئن ته پئي جنم ۾ ساڳيو سانهه سندن

١

٢



٣

٥



٤

٦



٧



٨

لوحة لعبر ١٩ - مهرون

۱

۲



۳

۴

۵



۶

پلیٹ نمبر ۲۰ - مہرون

پلیٹ نمبر ۲۱ - مہرون
(۱ تا ۳ - مہرن جا پہ پاما)

پلیٹ نمبر ۲۲ - مہرون (نمبر ۱، مہر جا پہ پاسا)

سواريءَ جي ڪم ايندو. ويدڪ دور ۾ آريائي ديومالا ۾ سانڍ ڪي اهو درجو حاصل ڪونهي. ڇٽي نٽو سگهجي ته سنڊ جا رهواسي پنهنجا ڪهڙا عقيدا سانڍ سان وابسته رکندا هئا!

ڪيترين ٽي مهرن تي گينڊي جي شڪل آڪريل آهي (پليٽ ۲۰-۱). اڇڪلهه گينڊو برصغير هند-پاڪ ۾ گهٽو عدم پيدا ٿي چڪو آهي، ۽ نه وري ان سان وابسته پراڻي تقدس جو ثبوت ملي ٿو. لهوٽا ناڳا قوم جا ماڻهو، سو اڄا سوڌو گينڊي جي هڏيءَ کي پنهنجي ڳچين جي پرسان ان لاءِ دفن ڪندا آهن، جو سندن عقيدو آهي ته اِئين ڪرڻ سان پيدائش جهجهي ٿيندي.

ڪن ننڍڙن ٿبوتن مان اِها ڳالهه به واضح ٿئي ٿي ته نانگ کي به ديوتا سمان سمجهيو ويندو هو. هڙاپا مان نانگ جي هڪ صاف ڇٽي مورتي لڌي آهي. مهرن تي پڻ نانگ جون شڪليون نڪتل آهن. هڪ مهر تي ڪنهن ديويءَ جي اڳيان ٻه شخص سجدي ۾ پيا آهن، ۽ ديويءَ جي پٺيان نانگ ديوتا ڦڻ کڻي، سسي جهڪائي بيٺل ڏيکاريو ويو آهي (پليٽ نمبر ۱۹-۸). هڪ ٻيءَ مهر تي ننڍڙيءَ ٽلهيءَ جي سامهون نانگ جي تصوير آهي. ٽلهيءَ تي ننڍڙيءَ تسريءَ ۾ ڪير پيل هٿ جي خيال کي ظاهر ڪيو ويو آهي. ويدڪ دور ۾ نانگ جي عقيدي جو تصور ڪونه هو، پر بعد جي دور ۾ نانگ جي تصوير کي يا سندس مجسمي کي ڪنهن ديويءَ يا ديوتا جي اڳيان عقيدت جي اظهار ڪندي ڏيکارڻ مصوريءَ جو ڪمال سمجهيو ويندو هو. مزي جي ڳالهه هيءَ به آهي ته فنڪاريءَ توڙي آڪاڻين ۾ نانگ جو پاڻيءَ سان خاص لاڳاپو ڏيکاريو ويو آهي. نانگ جي پوڄا جي باري ۾ هڪ عقيدو هيءُ به آهي ته نانگ کي پاڻيءَ جو روح سمجهيو ويندو هو. ٽي سگهي ٿو ته سندس زهر پيري، موتمار خاصيت ٽي هن کي ماڻهن لاءِ تقدس جو سبب بڻايو هجي. نانگن جي باري ۾ ڪيترائي عقيدا آهن، پر

اِها گاله، اڃا تحقيق جي محتاج آهي ته سنڌو ماڻريءَ ۾ انهن سان لاڳاپيل کوڙو عقيدو عام هو.

هڙاپا مان هڪ مهر لڌي آهي، جا پسرخي آهي- هڪ طرف اُن تي هڪ پئي کي ڪاٽيندڙ ٻه ليڪون نڪتل آهن ۽ پئي پاسي باز جي شڪل نڪتل آهي، جنهن جو مٿو ٽوڙو ڏاڙي پاسي جهڪيل آهي. باز جي ٻنهي ڪنڌن تي هڪ هڪ ٽانگ ڏيکاريل آهي (پليٽ نمبر ۲۲-۱). اهو نشان ميسوپوٽيميا ۾ به لڌو ويو آهي. سوسا، شام ۽ تل بارڪ ۾ به ملاڳيا نشان موجود مليا آهن. سوسا ۾ هي "ان گرسون" آهي، جو "نراسپ" جو آسماني شڪاري روپ آهي. هندستان ۾ وري هي "گرودا" سان لاڳاپو رکندڙ هوندو. گرودا، وشنو مهراج جي سواري آهي، جو هميشه مڪ ۾ ٽانگ ڪٽي اڏامندو ڏيکاريو ويندو آهي.

هتي جا ماڻهو گهري کي به مقدس سمجهندا هئا. ان جا پتلا گهٽو ڪري سنگهاسن تي رکيل مليا آهن. گهرو ميسوپوٽيميا ۽ ڪريٽ ۾ به مقدس سمجهيو ويندو هو.

هندو مذهب ۽ ٻين پراڻن مذهبن ۾ "هر" ديوتا جي سواريءَ لاءِ کو نه کو خاص جانور مقرر آهي. مثال طور برهما راج هنس تي سوار ٿيندو آهي، شيو مهراج ڏڳي تي، شيوَ جي زال، درگا، شينهن تي، شيوَ جو پٽ، گڻيش، ڪُٻي تي؛ ۽ اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪي جانور ديوتائن ۽ ديوين سان لاڳاپو رکندڙ آهن يا ديوتائن جون علامتون قرار ڏنا ويا آهن. يونانين جو عقيدو هو ته ڪڏهن ڪڏهن ديوتا جانورن جي ويس ۾ ايندا آهن، تنهنڪري يونان ۾ ٽانگ "امٽر" جي، ڏگو "زيوس" جي، گڏون "هيرا" جي، سوئر "ڊيمبر" جي، ڪُٻو "اپالو" جي، گهوڙو "پوزيدان" جي، هرڻ "ارسميٽس" جي، ۽ گهرو "آفروڊائيٽ" جي، شبيهه مڃيا ويندا هئا. پر اِها خبر نه آهي ته سنڌو ماڻريءَ جا ديوتا پاڻپاڏا سفر ڪندا هئا يا انهن جون به ڪي سواريون مخصوص هيون، ۽ نه وري

اِهوئي پروسي سان چئي سگهجي ٿو ته ڪهڙا ڪهڙا جانور ساڻن لاڳاپيل هئا.

ٻيا عقيدا: سنڌو ماڻريءَ جي رهواسين جي مذهبي عقيدن ۾ پاڻيءَ کي به پاڪ ۽ پوڄا لائق سمجهيو ويندو هو يا نه، اهو فيصلو ڪرڻ ذرا ڏکيو آهي. پر موهن جي دڙي جي رهاڪن وٽ انهيءَ کي وڏي اهميت حاصل هئي، تنهن جو اندازو سندن غسلخانن ۽ ٻن وهنجڻ ۽ ڏوءَ ٻوءَ جي جاين جي اهتمام مان ٿئي ٿو. موهن جي دڙي کان وڌيڪ اهتمام ڏوءَ ٻوءَ جي جاين جو ڪنهن ٻئي پراڻي شهر ۾ نٿو ڏسجي. هنن جو اِهو حُسن انتظام ان گالهه جو دليل سمجهي سگهجي ٿو ته هنن ماڻهن وٽ پاڻيءَ جي پاڪيزگيءَ جو خيال هو، ۽ ائين چوڻ ته ان جو بنياد سندن مذهبي اعتقاد تي ٻڌل هو، غلط نٿو سمجهي سگهجي. جو ته برصغير هند-پاڪ ۾ گهڻي زماني کان واهن، چشمن ۽ دريائن تي وهنجڻ مذهبي عقيدن سان منسوب رهيو آهي. اڄ به ڪي هندو پره ڦٽيءَ کان اڳ ڪنهن واهه تي، چشمي يا درياءَ تي يا ڪنهن کوهه تي يا گهر ۾ ئي اشنان ڪرڻ ضروري خيال ڪندا آهن. هنن جو خيال آهي ته اِئين ڪرڻ سان هڪ ڏينهن جا گناهه ڏوپي پوندا آهن. گنگا اشنان سان ته زندگيءَ مڃيءَ جا پاپ ڏوپڻ صاف ٿي وڃن ٿا. پاڻيءَ کي به هندو پاڪ ۽ پوتر سمجهندا آهن، ۽ ان جي معنيٰ جي پاڻيءَ پرستش نٿي چئي سگهجي. دريائن جي پرستش البت هڪ جدا گالهه آهي.

گنگا ۽ جمنا هندن لاءِ ديوين جي حيثيت رکندڙ آهن. ۽ هو انهن دريائن جي پوڄا مذهبي فرض سمجهي ڪندا آهن. ۽ آزاديءَ کان اڳ درياشاه جي پوڄارين جو سڀ کان وڌيڪ متبرڪ مقام سنڌ ۾ هو. ممڪن آهي ته سنڌو درياءَ جي پوڄا جي رسم گهڻي قديم هجي، جو ته "درياءَ جي پوڄا"

هڪ عالمگير اعتقاد رهيو آهي. ۽ هيءَ راءِ بي بنياد نہ ٿي ٿي سگهي تہ سنڌو ماڻريءَ جا ماڻهو پڪ ٿي پڪ سنڌو درياءَ کي پوڄا جي لائق سمجهندا هئا.

ڪيترين مهرن تي واڳونءَ جي شڪل نڪتل آهي (پليٽ نمبر ۱۹-۲)، جن مان ڪن جي وات ۾ مڇي جهليل ڏيکا يل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ انهن کي به درياٽي ديوتا سمجهيو ويندو هجي، چو تہ قديم زماني ۾ ڪيترين ٿي قومون واڳن کي به مقدس سمجهنديون هيون ۽ سندن پوڄا ڪنديون هيون. مڌيہ پرديش جي سونجهر قوم جا ماڻهو اڄ به واڳونءَ کي جيئرو جهلي، سندس پوڄا ڪري، واپس ڪيس درياهہ ۾ چڏي ڏيندا آهن. ڪي جهنگلي قومون ڪاٺ جا واڳون ٺاهي، پن پيل پاون ۾ لڙڪائي، ان جي پوڄا ڪندا آهن. واڳن جا به قسم آهن-هڪڙو واڳون ۽ ٻيو مانگر مڇ؛ پر پوڄا ٻنهي جي ڪئي ويندي آهي.

ڪن مهرن مٿان سواستڪا جو نشان آهي (پليٽ نمبر ۲۰-۲). هيءَ نشان ايلام جي ابتدائي دور ۾ به عام هو ۽ مقدس سمجهيو ويندو هو. آرين جو سواستڪا سان تعلق پوءِ جي گهاليل آهي.

ديوتائن ۽ روحن کي پرسن ڪرڻ لاءِ ناچ گاني جي محفل کي مذهبي حيثيت حاصل آهي. سنڌو ماڻريءَ جي ڪن مهرن تي به اهڙي قسم جا منظر آکريل آهن. هڪ مهر تي آيل تصوير ۾ ڏيکاريل آهي تہ هڪ ماڻهو ڏولڪ ٿو وڄائي، ۽ ٻيا نچي رهيا آهن. هيءَ مهر تي وري هڪ ماڻهوءَ کي شينهن اڳيان ڏولڪ يا مردنگ وڄائيندي ڏيکاريو ويو آهي (پليٽ نمبر ۱۹-۳). هڪ مهر تي هڪ مست پاڏي اڳيان هڪ عورت کي نچندي ڏيکاريل آهي. سنڌو ماڻريءَ ۾ ديوداسين جو به رواج هو يا نہ-ائين پروسي سان ٿئو ڇڏي سگهجي. پر ٻين قديم قومن جي تهذيب ۾ انهن جو وجود

۽ سنڈو ماڻريءَ مان لڏل ڪُٽ جو ٿهيل نڇڻيءَ جو مجسمو، مردنگ ۽ تال ڏيڻ لاءِ ڪڙتالون۔ انهن سڀني شين جي موجودگي انهيءَ گمان کي وڌيڪ پختو ڪري ٿي تہ رقص هتي عبادت ۾ شامل هو، ۽ ٿنڀڪري ديوداسين جو وجود بہ امڪان کان ٻاهر نٿو ڏسڻ ۾ آيو.

تدفين

سنڌو ماڻريءَ جي رهاڪن جي ڪفنائڻ دفنائڻ جي طور طريقي جي باري ۾ موهن جي دڙي کان هڙاپا ۾ وڌيڪ شاهديون مليون آهن. هڙاپا ۾ لڏل اهي آثار سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جي آخري دور سان تعلق رکن ٿا. خيال آهي ته انهن سان ڪن جو تعلق اُن دور سان آهي، جڏهن موهن جي دڙي کي زوال اچي چڪو هو، ۽ هڙاپا جي آبادي‌ءَ ۾ به نسلي تبديلي گهڻي اچي چڪي هئي. موهن جي دڙي ۾ اڃا تائين ڪوئي باقاعده قبرستان ڪونه لڏو آهي. جدا جدا هنڌن تان انساني هڏن جا ڇڙا لڌا آهن، جن لاءِ ائين چوڻ ته اُنهن کي دفن ڪيو ويو هوندو، ٺيڪ نه ٿيندو. ممڪن آهي ته موهن جي دڙي ۾ جڏهن وڌيڪ کوٽائيءَ جو ڪم ڪيو وڃي، تڏهن کو قبرستان لڀي به ڇو؟ هڙاپا ۾ ڪيترا قبرستان ملڻا آهن، جن مان هڪ قبرستان کي آر-۳۷ (۱) چيو ويو آهي. هڪ ٻيو قبرستان 'جي' ايراضيءَ ۾ هو. اهڙيءَ طرح مدفن آر-۳۷، ۽ هڙاپا جي ڪوٽ واريءَ ڀت جي وچ ۾ هڪ ٻيو قبرستان لڏو آهي، جن کي مدفن ايڇ (۲)، چيو ويو آهي. انهن مقبرن مان جي باقيات لڌيون آهن، تن مان پتو پوي ٿو ته سنڌو ماڻريءَ ۾ دفنائڻ جا ٽي طريقا رائج هئا: ۱- مڪمل تدفين (۳)، ۲- جزوي تدفين (۴)، ۽ ۳- خاڪستري تدفين (۵).

---

(۱) Cemetry R—37 (۲) Cemetry—H (۳) Complete Burials. (۴) Fractional Burials (۵) Post Cremation Burials

مڪمل تدفين: مڪمل تدفين جو مطلب آهي ته سموري لاشو دفن ڪيو وڃي. ان حالت ۾ لاش سان گڏ مٽيءَ جا ٽانوَ، مٽڪا، سپ جا چمچا، عاج جون ۽ چار ٽڪريون ۽ ٻيا ڪي ننڍا وڏا ٽانوَ، آخرت جي توشي طور، پوريا ويندا هئا.

هڑاپا ۾ جڏهن ۱۹۳۷ ۽ ۱۹۴۱ جي وچ ڌاري کوٽائي ڪئي ويئي، تہ ان جي ڏکڻ واريءَ پٽ جي آخر پاسي کان ٽورو مٽانهينءَ واري هنڌان ستونجاهہ قبرون نڪتيون. ان ٽڪري کي مدفن آر-۳۷ چيو ٿو وڃي. هن قبرستان ۾ سواءِ هيڪڙ ٻيڪر لاشن جي، گهٽو ڪري سڀني لاشا آتر-ڏکڻ رخ تي رکيل آهن. انهن جا منهن مسلمانن جي مردن وانگر اتر طرف ۽ پير ڏکڻ پاسي آهن، ۽ هر هڪ قبرستان مان پندرنهن ويهہ پر ڪن ڪن مان تہ چاليهہ چاليهہ ٽانوَ ٻہ ملڻا آهن. ڪن مردن کي زيور پاتل آهن، جي گهٽو ڪري سنگ صابو ۽ عقيق جي مٽڪن جا هار، ٽامي جون منڊيون ۽ ٽامي جي سنهڙيءَ تار مان ٺهيل واليون آهن. ڪنهن ڪنهن قبر ۾ هار سينگار جو سامان ٻہ ٻيل ملڻو آهي. مثال طور ٽامي جا ديسي آئينا، ڪجل پائڻ جون سرايون، سپ جا چمچا، وغيرہ. هڪ قبر جي پيراندي‌ءَ کان مٽيءَ جو ڏيو ۽ ڪڙ جون هڏيون ٻيل لڌيون ويون. گهٽو ڪري قبر جو اهو توشو هيٺين طبقي جي ماڻهن جو هوندو هو، انهن سڀني قبرن مان ۾ قبرون خاص آهن، جن مان هڪ قبر ۾ اندران ڪچين سرن جي اوساري ڪري تابوتي صندوق ٺاهي ويئي آهي، جنهن ۾ لاش رکيل آهي. دفنائڻ جو اهو طريقو ساڳئي زماني ۾ ڏکڻ بلوچستان ۾ نال جي مقام تي ٻہ رائج هو. ٻيءَ قبر ۾ هڪ زنانو لاش ڪاٺ جي تابوت ۾ رکي، دفنايو ويو آهي. هي تابوت ست فوٽ ڊگهو، پيراندي‌ءَ کان ٻہ فوٽ ۽ سيراندايءَ کان ايڏائي فوٽ ويڪرو آهي. هيءُ تابوت ڏيڍ انچ ٿلهي ديال جي لکڑيءَ مان ٺهيل آهي. هن لاش جي هڏن جي مٿان چار جي رنگ

جو تهڙ چڙهيل هو، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته لاش کي ستڻ يا کائڻ جي کفن ۾ ڏيکيو ويو هوندو. هن لاش جي هڏن جي پيڙي جي وچين آگر ۾ پتل جي لسي ۽ سادي منڊي پائل آهي، ۽ سڀ جو چلو کوپريءَ جي کپي پاسي، ۽ اهڙي قسم جا به چلا کنڊ جي مٿان پيل پٿ ڏنا ويا، جي شايد کنن جون والين هونديس. هن قبر ۾ ستڻيهه ٽانو پيل هئا، جن ۾ صرف هڪڙو تابوت جي اندر هو ۽ باقي پيا مٽن کان ٽڙيل پکڙيل پيا هئا. هيءَ قبر برصغير هند-پاڪ ۾ پنهنجي قسم جي اڪيلي قبر آهي، ۽ سارگن ۽ قبل-سارگن دور يعني "تقريباً" ۲۳۰۰ قبل مسيح جي ميسوپوٽيميا جي تابوتي قبرن سان مشابهت رکي ٿي.

بلوچستان جي نال ۽ شاهي ٽمپ هنڌن ۾ به مڪمل تدفين جا نشان مليا آهن. نال ۾ مڪمل تدفين سان گڏ جزوي تدفين جا به آثار ملن ٿا. آٿي لاشن سان گڏ ڪيترائي ٽانو به دفن ٿيل آهن، جن مان ڪي کائڻ پيئڻ جي استعمال جا آهن، ۽ ڪي وري آخرت جي سفر ۾ ڪم اچڻ لاءِ آهن. شاهي ٽمپ ۾ لاشن کي پٺ ڀر يا پاسيرو دفن ڪيو ويو آهي. انهن جي به مٽن ۽ پيرن کان ٽانون جا ڊير پيل مليا آهن. ڪن ٽانون ۾ وري دنبن ۽ ٻڪرن جون هڏيون پيل هيون. تنهن کان سواءِ پٿر جا ٽڪا، ٽامي جون ڪي شيون، نيزن جون ڇڻبون ۽ اهڙوئي ٻيو سامان آٿان لڌو ويو آهي.

جزوي تدفين: جزوي تدفين جو مطلب آهي ته لاش کي ڪليو ڇڏي ڏجي، جيستائين ڪ ماکوڙيون ۽ ڪيڙا سندس ماس کائي کپائي نه ڇڏين، ۽ پوءِ باقي بچيل هڏين کي دفنائي ڇڏجي. موهن جي دڙي ۾ اهڙو مثال ايڇ-آر ابراضيءَ جي هڪ گهر مان لڌل هڪ هڏن جي پيڙي جي ڪجهه هڏين مان ملي ٿو. هتان هڪ ڳچل ٽنل مٽيءَ جي ٽانو ۾ رکيل هڪ کوپري لڌي هئي. پرسان ئي ڪجهه ٽڪرا

هڏن جا به پيل هٿا. مٽيءَ جا ٺانو، پٿر جا اوزار، سپ جا ڇڇا، عاج جا به ٺي ٽڪر، ۽ ڪي ننڍڙا ٺانوڙا به ڪوپريءَ جي پر ۾ پيل هٿا. هڙ ڪوپري موهن جي ڏڙي جي وچئين دور جي هڪ گهر جي فرش هيٺان لڌي، ۽ جنهن ٺانو ۾ پيل هٿي، تنهن مٽان پارلهن-سگي ماميز، پٿر جي پڻ مان پريل شاخن ۽ اهڙي قسم جا ٻيا نقش آکريل هٿا. اهڙي قسم جا نقش ۽ چٽ نال ـ جمدت نصر ۽ ٻين قديمي هنڌن تان به ملڻيا آهن. وي-ايس ايراضيءَ ۾ به اهڙي قسم جا مدفن دريافت ٿيا آهن. هڪ هنڌان ڪيترين ئي انساني هڏين، طرح طرح جا مٽيءَ جا ٺانو، پڪل مٽيءَ مان ٺهيل جانورن جي شڪل جا راندڪا، پٿر جا اوزار ۽ اهڙين ٻين شين هٽ آيون آهن. ڪن ٺانون ۾ سڙيل هڏين به پيل هيون.

هڙاپا ۾ ستو ڪان وڌيڪ جزوي تدفين جا نشان ملڻيا آهن، جن ۾ اي-بي ٽل جي ٻئي تهه وارا نشان موهن جي ڏڙي جا همعصر آهن. هتي به ڪوپرين، هڪ هيٺينءَ جاڙيءَ جو هڏو ٻين ڪي ٿورين هڏين ۽ هڪ ڀڳل آرتي (پوڇا) ٽالهه هڪ گهر جي ڪنڊ ۾ دفن ٿيل ملڻيا هٿا. انهن جي ٻن پاسن ڪان سرن جا ٺهيل ٻنوڙا موجود هٿا، جيڪي شايد ان جي قبر هجڻ جو اظهار ڪن ٿا. اهڙيءَ ريت 'جي' ايراضيءَ ۾ ايڇ مدفن جي هيٺين تهن مان پندرهن ڪوپرين، جانورن جون هڏين ۽ مختلف قسم جا مٽيءَ جا ٺانو لڌا ويا آهن.

هڙاپا جو سيڪان وڌيڪ اهم قبرستان مدفن ايڇ آهي. هيءُ مدفن آر-۳۷ ۽ قلعي واريءَ ٽيٽ جي وچ ۾ واقع آهي. ان جا به تهه آهن. هيٺيون تهه موجوده مٽئين تهه کان ڇهه فوٽ هيٺ آهي، ۽ مٽيون تهه زمين جي مٿاڇري کان به يا ٽي فوٽ هيٺ آهي. هيٺئين تهه ۾ تقريباً به درجن هڏاوان پنجرا لڌا آهن. انهن جا گوڏا موڙيل هٿا ۽ مٿا اپرندي يا آتر اپرندي پاسي هئن. انهن مان ڪي لاشا جزوي تدفين جي

طريقي تي دفن ڪيل آهن. مٿيئين تهه ۾ ڪوپرين ۽ ڳڳهين هڏيون ونڊن خاڪدانن ۾ رکي دفن ڪيل آهن. پارن جا سڄي جا سڄا لاشا خاڪدانن (۱) ۾ رکي دفن ڪيل لڌا آهن. انهن ٽانوڻن جا مُنهن ڏکڻ سان بند ڪيا ويندا هئا. هنن خاڪدانن تي ڌرتي نقاشي سنڌو ماڻريءَ جي ٻين ٽانوڻن تي ڪيل نقاشيءَ کان مختلف آهي. انهن جن مٿين پاڳن ۾ پڻيون نڪتل آهن، جن جي هيٺان وڻندڙ چٽن جا ويڪرا پٽا ڏنل آهن. انهن تي هڪ اهڙي انساني شڪل پٺ نقش ڪيل ملي آهي، جنهن جي صورت جهرڪين جي چهنب مثل آهي. هيءَ ماڻهو يا ديوتا به ڳچ جهليو بيٺو آهي ۽ انهن ڏاڳن جي پٺيان ڪتو، اڌامندڙ مور ۽ هڪ ڪافي وڏي ٻکري بيٺل ڏيکاريل آهي، ۽ ٻکريءَ جي سڳن تي آڻ ترسول ڏيکيل آهن. ڪن تصويرن ۾ مور جي پيٽ ۾ ليٽيل ماڻهوءَ جو خاڪو بڻايو ويو آهي. هنن چٽن ۽ تصويرن ۾ ويڪ دور جي انهن خيالن جي جهلڪ ملي ٿي، جن ۾ انساني روح کي آسمان تي مٿي ولي وڃڻ لاءِ هن قسم جي سوارين جي مدد جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي هئي.

خاڪستري مدفن: لاش کي ساڙي، انهن جي رک ڪنهن ٽانوڻ ۾ رکي دفن ڪرڻ کي خاڪستري مدفن چيو ويو آهي. هيءَ رک ويڪري منهن وارن اهڙن ٽانوڻن ۾ رکي ويندي هئي، جيڪي گهريلو ڪم ۾ ايندڙ ٽانون کان جدا قسم جا هوندا هتا. انهن ۾ انساني هڏيون تمام ٿوريون ۽ اتفاق سان مليون آهن. انهن ۾ هڏين جو موجود هڻڻ ايترو اهم به نه آهي، جاکاڙ ته مدفن جي هن طريقي ۾ مقصد ٿي رک جي دفن ڪرڻ جو هو. هنن خاڪدانن ۾ ننڍا ننڍا ٽانوڻ مثلاً پيالين، ساسرين ۽ نوڪدار تري واريون گهگهيون، مهرون

(۱) مٿيءَ جا اهي وڏا ست، جن ۾ لاش، هڏيون يا ڪوپرين رکي، دفن ڪيل آهن.



پلیٹ نمبر ۲۳ الف- ہڑاپا: قبرستان آر- ۳۷



پليٽ نمبر ٢٣ ب - موهن جو دڙو: ڪي لاشا

۽ پکل مٹيءَ جا جانور مڙ پکري ۽ ريڙ، ميڻين جا ڪنڍا، پٿر جا اوزار ۽ ڪوئلا وغيره مليا آهن. هڪ گهر مان لڏل خاڪدان ۽ ٽوريون سڙيل انساني هڏيون، جن ۾ هڪ ڪوپري ۽ هٿ جي آڱرين جون هڏيون آهن، ۽ ٽوريون ڪهڪيون پيل مليون آهن. هڙاپا ۾ موهن جي دڙي کان وڌيڪ خاڪدان مليا آهن. موهن جي دڙي ۾ اهڙا خاڪدان فقط ڇهن هنڌن تان لڌا آهن.

موهن جي دڙي مان ڪيترن هنڌان تمام گهٽا هڏاوان پڃرا هٿ آيا آهن، جن جي باري ۾ هيءَ اندازو ڪيو ويو آهي ته اهي ڪنهن نه ڪنهن حادثي جو شڪار ٿيا آهن. ايڇ-آر ايراضيءَ ۾ هڪ جاءِ جي فرش هيٺان ۴۱ هڏاوان پڃرا هٿ آيا آهن. انهن مان ۴۰ مردن ۽ عورتن جا ۽ هڪ ٻار جو پڃرو هو. انهن سان گڏ سپيءَ مان ٺهيل زيور، ٽاڻي جا ڪڙا، منڊيون ۽ مٽيا به هٿ آيا آهن. ڪن هڏن ۾ زيور پيل ڏسڻ ۾ آيا آهن، جن مان هيءَ اندازو ٿئي ٿو ته هنن ماڻهن کي مرڻ وقت زيور پائل هٿا. ڇهه هڏاوان پڃرا وي-ايس ايراضيءَ مان مليا آهن. انهن مان هڪ ٻار جو پڃرو آهي. هڪ هڏاڻون پڃرو مُردن واري گهٽيءَ مان سالم مليو آهي. شايد انهن مان هڪ لاش به دفن نه ڪيو ويو هو، پر هو ڪنهن نه ڪنهن اوچتيءَ آفت جو شڪار ٿيا هٿا، ۽ انسانن جي هٿان پورجڻ بدران قدرت جي هٿن انهن کي دفن ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ ريت انهن لاشن مان سندو ماڙيءَ جي ماڻهن جي لاشن پورڻ جي طريقي متعلق ڪوبه نتيجو ڪڍي نٿو سگهجي.

هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جا شهر بين‌الاقوامي صفت جا شهر هٿا. ظاهر آهي ته هتي مختلف نسلن ۽ قومن جا ماڻهو رهيا هوندا. اهي ماڻهو ڪهڙي دور ۾ رهيا هوندا ۽ انهن جون رسمون ۽اعتقاد ڪهڙا هوندا، ان ۾ ضرور منجهن تفاوت هوندو. انهيءَ ڪري انهن جي ڪفنائڻ دفنائڻ جي رسمن ۾ به لازمي طور فرق

رهيو هوندو. ٿي سگهي ٿو ته سنڌو ماڻريءَ جي رهاڪن ۾ ڪجهه ماڻهو پنهنجي لاش کي پورينداَ ۽ انهن سان سامان به رکندا هئا، ڪي ماڻهو پنهنجن لاش کي کليءَ فضا ۾ رکي چڏيندا هئا ۽ گوشت گري وڃڻ کان پوءِ هڏن کي گڏ ڪري، ٽانوَن ۾ وجهي پوري چڏيندا هئا، ۽ ڪي وري لاش کي ساڙي، خاڪ ۽ هڏيون ڪنهن ٽانوَ ۾ وجهي، پوري چڏيندا هئا. ائين نٿو چئي سگهجي ته ان وقت لاش کي درياءَ ۾ اڇلڻ جو به ڪو رواج هو.

نسلي جائزو

سنڌو ماڻريءَ جي ماڻهن جو نسلي جائزو ۽ سندن جسماني ڍول جو اندازو انهن ۾ ملياتي نشانن جي چنڊ چاڙ وسيلي ٿي ڪري سگهجي ٿو، جيڪي هنن جي ڪوپرين ۽ هڏانون پڄرن، ۽ ڪٽ ۽ پٽ جي ڏهيل انساني مجسمن تي مشتمل آهن. موهن جي دڙي، هڑاپا ۽ چانهونءَ جي درن مان ۵۰ کوپريون ۽ هڏاوان پڄرا ۽ بي انداز ڇڙوڇڙ هڏا مختلف هنڌن ۽ مختلف حالتن ۾ مليا آهن. انهن مان گڇ باقاعدي دفن ڪيل آهن ۽ گهڻا ڪنهن اوچتي حادثي جو شڪار ٿيل آهن. باقاعدي دفن ٿيل نشان ان تهذيب جي سڀ کان اهم مدفنن يعني هڑاپا جي ايراضيءَ جي ۽ مدفن آر-۳۷ مان مليا هئا، پر افسوس آهي ته ان پڄرن جو نه ته اڄا تائين ڪو تفصيلي جائزو ٿي ورتو ويو آهي ۽ نڪا وري تفصيلي رپورٽ ٿي شايع ٿي آهي. انهيءَ ڪري وري به اسان کي موهن جي دڙي جي گهڻين ۽ جاين مان هٿ آيل هڏانون پڄرن جي تحقيق جي رپورٽ تي ٿي پاڙو پوندو. هيءَ کوجنا مارشل، ميڪي، ڪرنل سيول ۽ مسٽر گوها شايع ڪئي آهي، ۽ انهن جي رپورٽ مان پتو پوي ٿو ته موهن جي دڙي ۾ آسٽريلياڻي، پونوچ سمنڊ، آلپيني ۽ منگولي، گويا چئن مختلف نسلن جا ماڻهو آباد هئا. هٿ آيل کوپرين مان اڌ کان وڌيڪ گهٽو ڪري هڪ ٿي نسل جي ماڻهن سان تعلق رکن ٿيون ۽ انهن جو پونوچ سمنڊ جي نسل سان تعلق ڊيڪاريو ويو آهي. پروفيسر اسٽوڊرٽ پيگٽ پونوچ سمنڊ وارن ماڻهن جي باري ۾ لکيو

آهي (۱) تہ "موجوده زماني ۾ هي ماڻهو سائبيريا کان هندستان تائين وڏي تعداد ۾ پکڙيل آهن. هن جنس جا خاص نمونا فلسطين ۾ نطوني دور جا ملیا آهن. انساني نسل جو هي ٽولو اتر آفريڪا جي ڊاڪٽين لاهم ۽ ايشيا ۾ پين نسلن جي ماڻهن کان ممتاز رهيو هوندو. فرعونن جي دور کان اڳ جا ماڻهو انهيءَ ئي جنس سان تعلق رکندا هئا. هن گروهہ جا بلڪل خالص نمائندا عرب جي اپيٽ ۾ ملن ٿا. هي ماڻهو اتر هندستان جي آبادين ۾ ۽ ڏڪ پين هنڌن جي اعليٰ جاتين ۾ به ملن ٿا. هي وچولي قد جا به آهن ۽ قداور به. رنگ سانورو به ۽ پيلي قسم جو بادامي به اٿن. کوپري ۽ منهن ڊگهو، سنهو، اپريل ۽ ڊگهو نڪ، وار ڪارا، اکيون وڏيون ۽ ڪاريون به ۽ بادامي به اٿن، ۽ بدن اڪثر نازڪ ۽ ڪمزور به ٿئين. قديم آثارن جون شاهديون ٻڌائين ٿيون تہ ڊگهيءَ کوپريءَ وارا هي پونوچ سمنڊ جي ايراضيءَ وارا ماڻهو سيالڪ، اناو، العبيد، علي شهر وغيره، اولهم ايشيا جي قديمترين ڪاشتگار آبادين ۾ هرهنڌ موجود هئا. العبيد جي هنڌ تان لڌل کوپرين موهن جي درڙي جي کوپرين سان ظاهر ويجهائپ رکن ٿيون."

ڪرنل سيول جي اندازي موجب سنڌو ماڻريءَ ۾ هن نسل جي مردن جو قد پنج فوٽ سوا چار انچ، ۽ عورتون چار فوٽ نو انچ کان وڏي چار فوٽ ۽ سوا ڇهن انچن تائين قد جون هونديون.

ڏي کوپرين پروٽو آسٽرلائيڊ (۲) يا آسٽريلياڻي نسل جون ملين آهن- هي ماڻهو هتان جا قديمي يا اصلي رهاڪو هوندا. هي ننڍي قد جا هوندا هئا. ۽ ڪرنل سيول جي اندازي موجب انهن جو قد سراسري طور پنج فوٹ هڪ انچ هوندو هو. انهن جو رنگ گهرو ڪارو، ورن وارا ۽ گهنڊيدار ڪارا

(۱) Piggott Stuart,-Prehistoric India, PP 145-146
(۲) Proto-Australoids

وار، ڏکڻ مٿو، نڪ ويڪرو ۽ ميڌو، چپ ٿلها ۽ گوشت سان پريل هوندا هئا. هن نسل جا ماڻهو اڄ به وچ ۽ ڏکڻ هندستان ۽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ۽ برهمڻ انهن سان اڇوتن جهڙو برتاءُ ڪن ٿا.

منگول نسل جي فقط هڪ ڪوپري ملي آهي. ان کان سواءِ موهن جي ڏڙي مان هٿ آيل ڪوپرين مان هڪ ڪي يقين سان ۽ ڻن ڪي شڪ سان آلپيني نسل (۱) جو چاڻايو ويو آهي.

جڏي ايراضيءَ ۽ مدفن آر-۳۷ مان هٿ آيل هڏانون پڃرن جي سرسري جائزي مان جيڪي نتيجا ڪڍيا ويا آهن، انهن مان هتو پوي ٿو ته هي انهيءَ نسل جي ماڻهن جا آهن، جن جا مٽا وڏا ۽ ڏگهايا بيضوي آهن؛ ڪوپريءَ جو ٽيون هڏو آپريل، چهرو ڏگهو ۽ نڪ ويڪرو آهي. اهي موهن جي ڏڙي جي آسٽريلياڊي نسل سان مشابهه آهن.

هن سلسلي ۾ رهنمائي ڪرڻ وارا ٻيا نشان پٿر ۽ ڪُٽ جا ٺهيل انساني مجسما آهن؛ پر انهن مان پروسي جوڳا نتيجا اخذ ڪرڻ مشڪل آهي، ۽ انهن نتيجن کي سامهون رکي، وري ڪوپرين ۽ هڏانوَن پڃرن سان انهن جي پيٽ ڪرڻ زياده صحيح نڏي ٿي سگهي؛ ڇاڪاڻ ته هي مجسما نقل هئڻ جي ڪري اصل جيان ڪين ٺاهيا ويا آهن. آنهن جا مهانڊا زياده صاف به نه آهن. بهرحال، موهن جي ڏڙي مان هٿ آيل چار مجسما توجهه طلب آهن. هڪڙو ڪُٽ جو ٺهيل هڪ رقاصه جو مجسمو آهي، جنهن جي وارن جو سينگار ۽ پي مجاوٽ ڏکڻ بلوچستان جي ڪاپي ڪاڇر جي پڪل مٽيءَ جي مورتين سان مشابهه آهي. ٽُلهن ۽ پريل چپن واريءَ هن عورت جو آسٽريلياڊي نسل سان لاڳاپو ڏيکاري سگهجي ٿو. آسٽريلياڊي نسل جي ماڻهن جو ڪارو رنگ ۽ ڏکڻ بلوچستان جي قديم نالي "گيڊروشيا" (۲) يعني "ڪاري

(۱) Alpinoids (۲) Gedrosia

رنگ جي ماڻهن جـو ملڪ" جو تعلق بہ بي سبب نٿو ٿي سگهي (۱).

جُن ۾ پٿر مان ٺهيل هڪ ماڻهوءَ جي ڪوهريءَ جو مجسمو بہ نهايت اهميت وارو آهي (پليٽ نمبر ۱۴-ب). هن جي نڊي ۾ پوري وَرِيل ڏاڙهي، مٿي تي چميل ۽ وَرِيل وار، جيڪي ونگوڙي جي شڪل ۾ ڇڪي مٿان پٽيءَ ٻڌي ويٺي آهي، ان جي پونوچ سنڌ جي نسل منجهان هڪڙ ڏانهن اشارو ڪن ٿا. هڪ ٻئي مجسمي جون اکيون ان جي منگول نسل جي فرد هڪڙ جي ثابتي ڏين ٿيون.

سنڌو ماڻريءَ جي رهاڪن جي نسل جي باري ۾ ڪوجنا ڪندڙن ڪجهہ ٻيا نظريا بہ قائم ڪيا آهن. انهن کي دراوڙ، بروهي، سميري، پاڻي، آشور، رواتي، واهيڪي، داس، ناگا ۽ آريا وغيرہ بہ چيو ويو آهي (۲). اڪثريت اهڙن محققن جي آهي، جيڪي انهن کي دراوڙ سمجهن ٿا. پر دراوڙ جو لفظ برصغير هند-پاڪ ۾، غير آريائي زبان ڳالهائڻ وارين سيٺي قومن لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي؛ جنهن مان هيءَ ڳالهہ چڱيءَ ريت سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿي تہ دراوڙ نسلي گروهہ کان وڌيڪ لساني گروهن جو نالو آهي. اهڙيءَ ريت هتان جا اهي رهاڪو بہ، جن کي پراچين هندستان جا رهاڪو چيو وڃي ٿو، ۽ جيڪي اڄ بہ وچ ۽ ڏکڻ هندستان ۾ نيم وحشي زندگي بسر ڪن ٿا ۽ پروٽوآسٽرلائيڊ يا آسٽريلياڻي نسل سان تعلق رکن ٿا، دراوڙ ڪوٺجن ٿا، ۽ خود اُهي رهاڪو بہ دراوڙ سڏيا وڃن ٿا، جن کي پونوچ سنڌ جي نسل سان تعلق رکندڙ سمجهيو وڃي ٿو ۽ جن جي باري ۾ هيءَ گمان ڪيو وڃي ٿو تہ هو هندستان ۾ آرين جي اچڻ کان ڪيترا هزار سال اڳ داخل ٿي چڪا هئا. بروهي جيڪي دراوڙي

(۱) Stuart, Piggott-Prehistoric India, P. 148
(۲) Vedic Age, P. 193

زبان ڳالهائين ٿا، اهي ترڪي - ايراني نسل جا آهن (۱) ۽ نسلي اعتبار سان وچ ۽ ڏکڻ هندستان جي دراوڙي زبان ڳالهائڻ وارن ۾ين نسلن کان بلڪل مختلف ۽ برصغير هند - پاڪ جي ۾ين قومن کان الڳ آهن. مطلب ته اڻون، بهرحال ڇڻي سگهجي ٿو ته سنڌو ماڻريءَ جا ماڻهو بروهي نه هئا. سميري ماڻهن جي نسلي ڪيفيت جي باري ۾ اڃا ڪابه قطعي ڳالهه معلوم نه آهي. البت موهن جي دڙي جي ماڻهن سان انهن جا تمام ويجها تعلقات هئا، ۽ هيءَ ڳالهه قبول ڪري سگهجي ٿي ته سنڌو ماڻريءَ ۾ ڪافي سميري آباد هئا. پاڻي ۽ ۾ين قومن جي باري ۾ اڃا تائين اهڙو ڪوبه پڪو دليل پيش نه ٿيو آهي، جو اسين انهن کي ڪنهن معلوم ٿيل نسلن سان لاڳاپيل ڏيکاري سگهون. هن ڳالهه تي به تقريباً سمورا ڪوجنا ڪنڊ متفق آهن ته سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب آرين جي هندستان ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ جي تهذيب آهي، انهيءَ ڪري آنان جي ماڻهن کي آريو چوڻ بلڪل غلط ۽ نسلي عصبيت هڪ اڻ وڻندڙ مثال آهي.

---

(۱) Vedic Age, P. 193

رسم الخط

قومن ۽ ملڪن جي تاريخ ۾ زبان ۽ رسم‌الخط جو مسئلو وڏي اهميت رکي ٿو، ۽ ان جي ترقيءَ ۽ تنزل سان گڏوگڏ زبان ۽ رسم‌الخط کي به عروج ۽ زوال ڏسڻو پيو آهي. تاريخ شاهد آهي ته جن قومن کي دنيا ۾ عروج نصيب ٿيو، ان جي زبان ۽ رسم‌الخط به عروج ۽ ترقيءَ جون منزلون طيءِ ڪيون. اهڙيءَ طرح ان قوم جي زوال سان گڏوگڏ ان جي زبان به ڏينهون ڏينهن پٺتي پوندي ويئي ـ ايستائين جو هڪ مخصوص دائري ۾ محدود ٿي، مرده ٿي ويئي، ۽ پوءِ زماني جي اڻپ وڻڪ سبب ان نوبت انهيءَ حد تائين پهتي، جو نڪي ڪنهن ان زبان کي پڙهو ۽ نه وري ڪوئي ڪاغذ جو ان جي اکرن جو اٿر قبولي سگهيو البت ڪٿي پٿر ۽ سير، ڪٿي وڻ جي ڪٽل ۽ پن، ڪٿي جانورن جي هڏن، قبرن جي تختين، مٽيءَ جي ٽانوڻن، ڏاتن جي ٽڪرن يا ويران عمارتن جي پراڻين پٽين تي، قديمي آثارن وانگر، انهن جا باقي نشان رهجي ويا.

ڪا به زبان، زنده هجي يا مرده، هڪ تاريخ نويس جي خيال کان ان جي اهميت ۾ فرق نٿو پوي. پر مرده زبانون جيڪي قديم ماڻهن سان تعلق رکندڙ آهن، اهي تاريخ جي لحاظ سان وڏيڪ اهميت رکن ٿيون، ڇاڪاڻ ته ان زماني جي نامعلوم تاريخ گڏ ڪرڻ ۾ آهي وڏي مدد ڏين ٿيون. البت انهن زبانن کي پڙهڻ لاءِ وڏيءَ کوجنا جي ضرورت پوي ٿي. انهيءَ ڪري تقريباً هر قديم ۽ اڻڄاتل تحرير شروع ۾ غلط

سلط پڙهي ويئي، پر پوءِ لسانيات جي ماهرن جي کوجنائن نيٺ اصلي حقيقت کي کولي ظاهر ڪيو. هن محنت ۽ تکليف جو نتيجو هيءَ نڪتو تہ مصر، سمير، ايلام ۽ يونان جون زبانون پڙهيون ويون، جن مان انهن قومن جي تاريخ زياده روشن ٿي ويئي.

سنڌو ماڻريءَ جي فرزندن جو بہ پنهنجو رسم‌الخط هو، پنهنجي زبان هئي ۽ ان ۾ ٿي لکندا پڙهندا هئا. پر افسوس، جو هيءَ زبان اڄ چند مهرن ۽ ٺانون تي ڇپ نشانين کان سواءِ ڪٿي بہ محفوظ نہ آهي. ممڪن آهي تہ هيءَ تحرير پين شين تي بہ لکي ويئي هجي، پر اهي سڀ ناس ٿي چڪيون آهن، ۽ انهن جا آثار اڄ ڪٿي بہ نٿا ملن. هي هٿ ڪيل تحريرون بنهہ مختصر آهن. سڀ کان وڏي تحرير فقط ستر‌هن اکرن تي مشتمل آهي. هي تحريرون تصويري نشانيون آهن، جن کي ايجا تائين پڙهيو نہ ويو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ اسان کي نڪي تہ انهن ماڻهن جي زبان معلوم آهي ۽ نہ وري انهن جو رسم‌الخط. انهيءَ کان سواءِ ڪنهن اهڙي ڪتبي جو پتو بہ پڇجي نہ سگهيو آهي، جنهن ۾ عبارت هن زبان ۾ لکيل هجي، تہ جيئن هڪ جي مدد سان ٻيو رسم‌الخط پڙهي سگهجي.

پر جيئن تہ هن تهذيب برصغير هند-پاڪ جي قديم تاريخ جي باري ۾ اسان جي تصور کي پوريءَ ريت بدلائي ڇڏيو آهي، تنهنڪري هن تهذيب جي حالات جي صحيح واقفيت حاصل ڪرڻ لاءِ، هتن تحريرن جو پڙهڻ نهايت اهم ۽ ضروري سمجهيو وڃي ٿو، ۽ ان ڪري ڪيترن لسانيات جي ماهرن پنهنجي تحقيق ۽ تلاش هن ڏس ۾ صرف ڪئي آهي ۽ ڪيترا ٻيا صرف ڪري رهيا آهن. هتن کوجنا ڪندڙن ۾ سڀني کان اول مسٽر ويڊل (١) جو نالو ولي سگهجي ٿو،

(١) Waddel, L.A,-The Indo-Sumerian Seals Deciphered.

جنهن جو خيال آهي تہ سنڌو ماڻريءَ جي رسم‌الخط جي سميري رسم‌الخط سان گهڻي هڪجهڙائپ آهي. هن جي راءِ آهي تہ موهن جي دڙي جا ماڻهو آريا هئا، انهيءَ ڪري هن سنڌو ماڻريءَ جي مهرن جي نشانن جي سميري رسم‌الخط جي نشانن سان پيٽ ڪرڻ کان پوءِ ان ۾ ويدن واري دور جي بزرگن ۽ ديوتائن جي نالن تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر، هن جي مطالعي جو طريقو ۽ ان جا نتيجا اڻپورا هئا. ان کان پوءِ سر جان مارشل جي ڪتاب "موهن جو دڙو اينڊ انڊس ويلي سويلائزيشن" شايع ٿيو. ان ۾ رسم‌الخط تي پہ باب شايع ڪيا ويا آهن. ان ۾ پروفيسر لينگڊن (١) هڪ نئون نظريو پيش ڪيو ۽ هن رسم‌الخط کي برهمي زبان سان هڪجهڙائپ رکندڙ ڄاڻايو. پر، هيءَ نظريو صحيح نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ برهمي زبان يقيني طور فينيشي زبان تان ورتل آهي ۽ ان جو هين سنڌو رسم‌الخط سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. هڪ ٻئي ڪوجنا ڪندڙ مسٽر گيڊ (٢) جو خيال آهي تہ هي تحريرون رڪني آهن ۽ هڪ قديم هند-آريائي زبان سان تعلق رکندڙ آهن، ۽ مهرن تي عام طرح سان نالا تحرير ڪيا ويا آهن. پر هن جي دليلن جي علمي حيثيت کي قبول نہ ڪيو ويو آهي. سر جان مارشل جي ڪتاب شايع ٿيڻ کان پوءِ ڊاڪٽر پران‌ناٿ ان رسم‌الخط تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن هڪ پٿا واري ٻئي مرتب ڪئي، جنهن ۾ انهن نشانن کي برهمي زبان جي اکرن سان مطابق ڏني ويئي هئي (٣). جيتوڻيڪ هن جي ڪم جو طريقو صحيح هو، پر هن اهو نظرانداز ڪري ڇڏيو تہ اشوڪ جي

(١) Marshall,-Mohenjodaro and the Indus Civilization, II, P. 431

(٢) ايضاً

(٣) Nath Dr. Pran,-The Script of the Indus Seals, Journal Royal Asiatic Society, 1931, Pp. 671-674.

برهمي زبان جي ڪتبن ۽ موهن جي ڏڙي جي وچ ۾ هزارن سالن جي عرصي جو فرق آهي، ۽ ان عرصي ۾ نشان، جيڪي شروع ۾ هڪ لفظ يا جملو هوندا هئا، سي ڦري اڪر بنجي چڪا هئا. ڊاڪٽر پرانناٿ کان پوءِ "مصريات" جي عالم سر فلنڊرس پيٽري هن ڳجهارت بيڄ جي ڪوشش ڪئي (١). هن انهن مهرن جي نشانين ۾ قديم مصري زبان جي اکرن پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جي نزديڪ هي مهرون ان زماني جي سرڪاري عملدارن جون مهرون آهن، جن تي نالي جي بدران انهن جا عهدا لکيل آهن. هي نظريو انهيءَ ڪري به غلط آهي، جو موهن جي ڏڙي مان هزارين مهرون مليون آهن-۽ هر مهر جي تحرير بهيءَ مهر جي تحرير کان الڳ آهي، جنهن جي معنيٰ هيءَ ڏي ته اتي هزارين عهديدار هئا؛ ۽ اها ڳالهه ڪنهن به طرح مڃڻ جوڳي نه آهي. سر فلنڊرس کان پوءِ هڪ ٻئي مشرقيات جي ڄاڻوءَ، هويسي، ان رسم‌الخط جو سلسلو "ايسٽر پيٽن" سان هٿ آيل ڪاٺ جي تختين تي آکريل ڪتبن سان ملايو آهي (٢). پر "ايسٽر پيٽن" جي انهن ڪتبن جي تاريخ شڪ جوڳي آهي ۽ هن قسم جون شاهديون به موجود نه آهن، جن مان سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جو ايسٽر پيٽن سان اهڙي قسم جو ڪو تعلق تسليم ڪري سگهجي، جيڪو رسم‌الخط تي اثر وجهي سگهي.

مسٽر جي. آر هنٽر جي ڪوشش به قدر ڪرڻ لائق آهي (٣)، جنهن هن رسم‌الخط جو ڏاڍو گهرو مطالعو ڪيو،

(١) Petrie Sir W. M-Mohenjodaro, Ancient Egypt, 1932, Pp. 33-40

(٢) Hovesy, W. Von.-Inselschrift Und Indus schrift, Orientalist, Literaturzeitung, 1934, P. 665 ff.

(٣) Hunter, G.R.-The Script of Harappa & Mohenjodaro and its Connection With Other Scripts.

پر جيڪي اصول هن بنيادي طور ترتيب ڏنا، انهن مان گهڻا پوريءَ طور صحيح نه هئڻ ڪري، هن جيڪي انهن مان نتيجا ڪڍيا، سي به غلط نڪتا. هين رسم‌الخط کي هڪ صوتياتي چاڻايو. هن جي چوڻ موجب شروع ۾ هيءَ خط تصويري هو، پر پوءِ ان جي نوعيت بلڪل بدلجي ويئي، ۽ آخر ۾ هن ليگڊن جي نظريي سان اتفاق ڪندي چيو ته سنڌو ماڻريءَ جو رسم‌الخط برهمي زبان جهڙو آهي (هن تصور جو غلط هئڻ مٿي بيان ٿي چڪو آهي). اهڙيءَ ريت هڪ الليءَ جي لسانياتي ماهر، مسٽر مريگي، چيو ته هي سموريون نشانيون تصويري آهن، ۽ هر هڪ نشان گويا هڪ پورو جملو آهي (۲). هن جي خيال ۾ هيءَ زبان سنسڪرت گابهائڻ وارن ماڻهن جي زبان نه آهي. پر هو هنن تحريرن جي زبان نڪو ٻڌائي، البت هن ان جي تشريح ڪئي آهي ۽ مطلب ٻڌايو آهي. هن جي تحقيق به خاصين ڪان خالي نه آهي. پروفيسر هروزنيءَ مٿي بيان ڪيل راين ۽ نظرين جو نهايت باريڪ مطالعو ڪيو آهي، ۽ سندس نظرين سان اختلاف ڪندي، هيءَ راءِ قائم ڪئي آهي ته سنڌو ماڻريءَ جي زبان سان جيڪڏهن ڪا زبان شراڪت رکي سگهي ٿي، تہ اها حطي زبان آهي (۲). پر هي نظريو به ڪن ئي بنياد مفروضن تي قائم ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت فادر هراس (۳) موهن جي دڙي جي رسم‌الخط کي قديمي تامل زبان ٻڌايو آهي، پر اهو نظريو به مڃڻ لائق نڪو ڏسجي. ڇاڪاڻ تہ موجوده تامل زبان جنهن جي فادر هراس

---

(۱) Meriggi, Herr P.-Zur Indus Schrift der Dentschen Morgenlandischen Gese Ilschaft, XII, PP. 189-241

(۲) Hrozny Bedrich.-Ancient History of Western Asia and India and Crete, Prague.

(۳) Heras-Rev S.J.-Studies in Proto-Indo Mediterranian Culture, Bombay, 1953.

سنڌو ماڻريءَ جي زبان سان پهت ڪئي آهي، اها تقريباً پنج سؤ سال بعد مسيح کان زياده قديم نه آهي. هوءَ ڳالهه به غور لائق آهي ته قديم تامل پوليءَ، صوتي خيال کان، ان دراوڙي زبان کان گهڻي بدليل آهي، جيڪا مسيح کان اڳ سنڌو ماڻريءَ جي دور ۾ ڳالهائي ويندي هوندي. انهيءَ ڪري پنهي جو پاڻ ۾ لاڳاپو اعتبار جوگو نه آهي.

ڪن محققن ان کي سنسڪرت سان وڃي ملايو آهي، جنهن ۾ سڀني کان اڳتي سوامي شنڪرانند آهي (۱)، جنهن کي سنڌو ماڻريءَ جي زبان جو راز "تانترڪ" منجهان ملي ٿو، جن جي زبان سنسڪرت آهي. هُن هين رسم‌الخط جي ڪيترين نشانين جي، قديم سيڪن ۽ تاريخي دور جي ڪن مهرن تي آڪريل نشانين سان هڪجهڙائپ ڏيکاري آهي. هن پنهنجي نظريي کي ثابت ڪرڻ ۾ ڪيل جهڙا دليل پيش ڪيا آهن ۽ هن بنيادي ڳالهه کي ڇاڪي ڇڪي وساريڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب براعظم هند-پاڪ ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ جي تهذيب آهي. هن خيال سان ڪلڪتي يونيورسٽيءَ جي هڪ پروفيسر، بروا، به ٿوريءَ گهڻيءَ ترميم سان اتفاق ڪيو آهي (۲). اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر ڪرمارڪر به سنڌو ماڻريءَ جي زبان کي سنسڪرت ڄاڻايو آهي (۳)، بلڪ هن جي خيال موجب سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب ويدڪ دور يا ان کان پوءِ جي آهي. انهيءَ جي ابتڙ مولانا ابوڪلال

---

(۱) Sankaranand,-The Rigvedic Culture of Prehistoric Indus.

(۲) Barua, Dr. B.M.-Indus Script and Tantric Code, Indo-Iranica, I, Pp. 15-21

(۳) Karmarkar, Dr. A.P.-The Aryo - Dravidian Character of the Mohenjodaro Inscriptions Pracyavani I, Pp 99 - 101

ندويءَ جي تحقيق موجب، هي رسم‌الخط عربي رسم‌الخط تان ورتل آهي (۱). هن هتان جي مهرن تي قديم عربي اکر دريافت ڪيا آهن. هن جي خيال موجب انهن مهرن تي نہ فقط عربي رسم‌الخط پر اکر اڪريل آهن، پر ان جي اڪيريندڙ کي به عرب ٻڌايو اٿس. هو هيءَ به دعوا ٿو ڪري تہ مهر جي ٺاهيندڙ جو مقصد تصويرن ذريعي عربي زبان لکڻ ۽ پڙهڻ جي تعليم ڏيڻ هو. گويا هي مهرون تعليمي تاس جا ٻنا آهن ۽ درسي ٻڌين جي حيثيت رکن ٿيون.

هي ۽ ٻيا اهڙا رايا ايترا تہ گهٽا پيش ڪيا ويا آهن، جو پڙهڻ وارو انهن نظرين جي گورک ڌندي ۾ مُڃهي پوي ٿو. حقيقت هيءَ آهي تہ هيءَ مسئلو انهن سمورين ڪوششن ۽ تحقيقاتن جي باوجود اڄ به اتي ئي آهي، جتي اڄ کان ڏهہ سال اڳ هو، ۽ انهن سمورين ڪوششن ۾ ڪا به ڪوشش اهڙي نہ آهي، جنهن کي سڀني اعتراض جي قبول ڪيو وڃي.

سڀني ماڻريءَ جي رسم‌الخط کي تصويري رسم‌الخط چيو ويو آهي، پر جهڙيءَ، ڇڻين، ماڻهن ۽ ڳچ ٻين شڪلين کان سواءِ ٻيون سمورين نشانيون گهڻو ڪري رواجي طرح ليکيل آهن، جن مان ڪابہ تصوير ڪانہ ٿي لهي. هن تحرير جي خاص خوبي هيءَ آهي تہ اها سڀني ليکن ۾ لکيل آهي، يعني ان کي خط الاوتاد ۽ ميخي خط به چئي سگهجي ٿو. ڪن مخصوص نقطن ۽ ٻين نشانين مان هن ڳالهہ جو اندازو لڳايو ويو آهي تہ هي رسم‌الخط ساڄي طرف کان کاٻي طرف لکيو ويندو هوندو، پر ڳچ تحريرون اهڙيون به آهن، جن مان هن ڳالهہ جي تردید ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح جن مهرن تي ٻن سٽن ۾ عبارت اڪريل آهي، انهن مان ڪنهن پوي ٿو تہ مٿين سٽ

(۱) مولانا ابوجلال ندوي، ـ "رسالہ تاريخ و سياست"، انجمن ترقي اردو، پاڪستان، نومبر ۱۹۵۳ع

ساڄي طرف ڪان ڪاهي طرف ۽ هيٺين سٽ ان جي لاڳيتو ڪاهي ڪان ساڄي طرف لکي ويئي آهي.

موجوده رسم‌الخط ۾ تقريباً ٽي سو ڇهانوي نشانيون شمار ڪيون ويون آهن. شروع ۾ هي نشانيون يقيناً تمام گهٽيون هونديون. جيئن سميري خط پنهنجي شروعاتي دور ۾ موجوده نشانين کان تقريباً ٻيٽين نشانين تي مشتمل هو، ۽ آهستي آهستي غير ضروري ۽ ڏاڍي نشانيون ختم ٿي، ان جي موجوده صورت پيدا ٿي. سنڌو ماڻريءَ جو رسم‌الخط به اهڙيءَ طرح پهريائين اڻ ڇڻو ۽ بي‌ڍنگو هوندو، ۽ پوءِ سڌري سڌري، پنهنجي موجوده صاف ۽ مستحڪم صورت ۾ آيو هوندو.

هن رسم‌الخط ۾ ڪي اڃا واضح آثار موجود آهن، جن مان هي اندازو لڳائي ڏو سگهجي ته اِهو ابجدي يا الف-ب وارو نه پر رُڪني آهي، جنهن ۾ تصويري، تصوري، نشانيلي، پيڪاني يا آشوري خطن جي ملاوٽ آهي. ڪيترن لفظن تي تاڪيدي نشانيون به ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جي ان عبارت جي پختگيءَ جو ثبوت آهن.

هن رسم‌الخط جي هٿ آيل تحريرن جي اڪرن جي شڪل ۽ صورت جو پورو جائزو ورتو وڃي، ته معلوم ٿئي ٿو ته انهن جي بناوٽ ۾ ڪا خاص تبديلي پيدا ٿيل ڪانه ٿي ڏسڻ ۾ اچي. هيٺ سمورين هٿ آيل مهرن ۾ آهي شروعاتي نمونا، جن مان ترقي ڪندي هيءَ تحرير شڪلين واريءَ تحرير ڪان تصوري رسم‌الخط يا صوتي رسم‌الخط (اڪر) جي صورت ۾ آئي هوندي، موجود ڪونه ٿا ملن. اهڙيءَ ريت اهي سمورين وچ واريون ڪڙيون، جن مان هن تحرير جي شروعاتي دور واريءَ ڪچيءَ صورت ۽ پوءِ جي سڌريل ۽ صاف ٿيل صورت جو صحيح اندازو لڳائي سگهجي، اڃا تائين لتيي نه سگهيون آهن. ان جي ابتڙ جيڪڏهن اسين برهمي رسم‌الخط جي انهن سڀني تبديلين ۽ ترڪيبن تي غور ڪريون، جيڪي الڳ الڳ دورن

۽ آن ۽ ٽيندين رهيون آهن، ۽ جن مان هن جو جمود جيڏن پوءِ ٽٽندو رهيو آهي، تہ پوءِ اسان کي سنڌو ماڻريءَ جي رسم‌الخط جو هيءُ جمود ڏاڍو غيرفطري معلوم ٿئي ٿو. دراصل هيءَ هڪ بيحد عجيب گهالهہ آهي، جنهن لاءِ ڪا سمجهاڻي ڪانہ ٿي ملي سگهي تہ سنڌو ماڻريءَ ۽ تقريباً هڪ هزار سالن تائين هڪ ئي خط، سواءِ ڪنهن ڦيرگهير ۽ تبديليءَ يا ترقيءَ جي، رائج رهيو! البت هيءَ گهالهہ مڃڻ کان مٿي نہ آهي تہ سنڌو ماڻريءَ جي زبان ٻاهرين اثرن کان بي‌نياز رهي، وڌي ويجهي هوندي. هيءَ گهالهہ به مڃي سگهجي ٿي تہ جيڪا ٿوري گهڻي ڪجهڙائپ هن رسم‌الخط ۽ ۽ برهمي يا سامي رسم‌الخط ۽ آهي، اها اتفاقي ٿي آهي. بهرحال، ان تحرير جو صحيح حل ان وقت ٿي سگهي ٿو، جڏهن ميسوپوٽيميا يا سنڌو ماڻريءَ جي وڏيڪ ڪوٽائيءَ مان ڪو اهڙو ڪتبو يا مهر هٿ اچي وڃي، جنهن ۽ انهن ٻنهي زبانن ۽ اڪريل ڪتبا دريافت ٿي سگهن، ۽ اهڙيءَ طرح ميسوپوٽيميا جي زبان جي مدد سان سنڌو ماڻريءَ جو رسم‌الخط پڙهجي سگهجي —— ڇاڪاڻ تہ ميسوپوٽيميا جي زبان پڙهجي چڪي آهي.

بهرحال سنڌو ماڻريءَ جي رسم‌الخط مان هن گهالهہ جو اندازو ٿئي ٿو تہ مهرن، تختين ۽ ٺانون تي ڏاڍي عرصي تائين هڪ ئي نموني جي عبارت لکي پئي ويئي. عبارت ۽ انهيءَ پختگيءَ تائين پهچڻ لاءِ شروعات ۽ تمام گهڻا نقش ٺهيا ۽ ميٽايا ويا هوندا، جن مان ٿي هيءَ ترقي يافتہ شڪل پيدا ٿي هوندي. پر، جيڏن اڳ ۽ ٿي چڪو ويو آهي، هن تهذيب جي نڪي تہ ڪا ابتدا معلوم آهي ۽ نڪي انتها. اڄ ٿو معلوم ٿئي جڏ اسين اوچتو هڪ اهڙي دور سان روشناس ٿي ويا آهيون، جيڪو ان تهذيب جو سونهري دور هو. ۽ اهو ئي سبب آهي، جو هن تحرير جي شروعاتي ۽ آخري شڪلين جو اسان کي پتو نٿو پئجي سگهي.

زمانو

سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جي زماني جو تعين ڪ نهايت ڏکيو مسئلو آهي. ان جو خاص سبب هيءَ آهي ته هتان جي کوٽائيءَ ۾ الڳ الڳ تهه تفصيلي طور صحيح نموني ۾ مقرر نه ڪيا ويا هئا. تنهن کان سواءِ اڄا تائين هتان هٿ آيل رسم‌الخط واريون تحريرون به نه پڙهجي سگهيون آهن، جيڪي هن سلسلي ۾ ڪا مدد ڪري سگهن. موهن جي دڙي جي کنڊرن مان فقط اسٽوپا تاريخي دور جي عمارت آهي، جيڪا ٻي صدي قبل مسيح ۾ تعمير ٿيل آهي. پر اسٽوپا جو سنڌو ماڻريءَ جي اصلوڪيءَ تهذيب سان ڪوبه تعلق نه آهي، ۽ هن اسٽوپا واري دور جون جيڪي به ٻيون چيزون برصغير هند-پاڪ ۾ مليون آهن، انهن جو به سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جي باقيات سان ڪوبه واسطو نه آهي. سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب کي پنهنجون انفرادي خصوصيتون آهن. پر، انهيءَ جي باوجود، هيءَ تهذيب ٻن پاڙيسري تهذيبن کان الڳ ٿلڳ ۽ بي تعلق نه هئي، پر ان جي ابتڙ انهن سان ان جا گهاڻا لاڳاپا هئا. ۽ جيئن ته ميسوپوٽيميا ۽ ٻين تهذيبن جو دور مقرر ٿي چڪو آهي، انهيءَ کري سنڌو ماڻريءَ جي زماني جو عڪس انهن پاڙيسري تهذيبن سان هن جي تعلقات جي آئيني ۾ ڏسڻو پوندو.

هن تهذيب جي باقيات جيڪي پاڙيسري تهذيبن جي باقيات سان پيٽ ڪرڻ کان اڳ موهن جي دڙي جي کنڊرن جو مختصر جائزو وٺڻ به ضروري آهي. هتان کوٽائيءَ مان جاهن جا هڪيئي مٽان ست مختلف تهه مليا آهن. انهن مان

هڪ شروعاتي، ٽي وچولي دور جا ۽ ٽي آخري دور سان واسطو رکندڙ آهن. انهيءَ کان سواءِ سنہ ۱۹۵۰ع ۾ "اونهي کوٽائي" ڪرڻ تي پاڻيءَ جي هيٺئين تهہ جي هيڪاڻن ۽ ماڻهن جي رهائش وارا تهہ لڌا ويا آهن، ۽ جيتوڻيڪ پاڻيءَ کيڻ جون پمپ مشينون لڳايون ويون هيون، ۽ پاڻي ايترو گهٽو نڪرندو رهيو، جو آخر پاسن جون پتيون کيري ويون ۽ کوٽائيءَ جو ڪم جاري نہ رهي سگهيو هو. هيءَ کوٽائي زير زمين پاڻيءَ جي موجوده مٺاچري کان ڏهہ فوٽ هيٺ تائين ڪئي ويئي هئي، ۽ ان ۾ هڪڙي پٺيان انساني رهائش جا نشان ڏسڻ ۾ آيا هئا. مطلب تہ ائين نٿو ڄڻي سگهجي تہ هي ايڏا ويڪرا آباد تهہ زمين ۾ دفن ٿيل آهن.

انهيءَ کان سواءِ هيءَ گالهہ ۾ بيان ٿي چڪي آهي تہ موهن جو ڏڙو سنڌوندڙيءَ جي آڇل وهڪري جو ڪٿو شڪار رهيو آهي، ۽ هتي ٻوڏين پٺيان ٻوڏيون ايندڙيون رهيون آهن، جن سببان هيءَ شهر آباد ٿيندو ۽ اُجڙندو پئي رهيو آهي. ۽ هيءَ بربادڙيءَ ۽ آبادڙيءَ جو عمل تيز تيز جاري رهندو ٿي آيو، جنهن جو اندازو هنان جي لڌل چيزن جي بي مثل هڪجهڙائيءَ، سمورن تهن ۾ هڪ ٿي سائيز جي سيرن جي موجودگيءَ، جاين جي نقشن ۾ ڪنهن خاص تبديليءَ يا فرق جي هٿ ۽ هڪ ٿي شڪل صورت ۽ ڏنگ رنگ جي مهرن ۽ مٽيءَ جي ٽانون وغيره مان ٿئي ٿو. هڙاپا ۽ موهن جي ڏڙي جي جنهن تهذيب سان اسين واقف ٿيا آهيون، ان کي "هڙاپا ڪلچر" جو نالو ڏنو ويو آهي. پر سنڌو ماڙيءَ جي باقياتي جانچ وسيلي ٽي مختلف ڪلچر يعني آمري ڪلچر، جهڪر ڪلچر ۽ جهانگر ڪلچر ۾ دريافت ٿيا آهن. آمري ڪلچر، هڙاپا ڪلچر کان اڳ ۾ هو. جهڪر ۽ جهانگر ڪلچر، هڙاپا ڪلچر کان پوءِ جي دور سان تعلق رکندڙ آهن. يعني جهڙيءَ طرح موهن جي ڏڙي جي دور جي سلسلي ۾ هڪ طرف شروعاتي زماني واري

گالهه وضاحت گهري ٿي، اهڙيءَ طرح تباهه ٿيڻ کان پوءِ به هيءَ تهذيب کو زمانو پين هنڌن تي قائم رهي، ۽ سندس ان پوئين زماني جو سمجهڻ پڻ ضروري آهي. هڙپا ۽ مڪئين تهه تان اهڙيون چيزون به ملیون آهن، جن مان هيءَ اندازو ٿي ٿو ته هيءَ علائقو موهن جي دڙي جي بربادي‌ءَ کان پوءِ به آباد رهيو آهي. چانهون دڙي جي مڪئين تهه تان به جهڪر ۽ جهانگر کلچر جون چيزون لڌيون آهن. جهڪر کلچر جي تاريخ ۱۷۰۰ قبل مسيح تجويز ڪئي ويئي آهي.

انهيءَ کان سواءِ سنڌو ماڻري‌ءَ مان لوهه جون چيزون دريافت نه ٿيون آهن، جنهن مان هيءَ اندازو ڪيو ويو آهي ته هيءَ تهذيب نئين دور کان اڳ جي زماني سان تعلق رکندڙ آهي. لوهه وچ مشرق جي سيني ملڪن ۾ تقريباً به هزار سال ق.م جي دور ۾ دريافت ٿيو آهي. اسان کي هي به معلوم آهي ته سنڌو ماڻري‌ءَ جو تعلق تاريخ کان اڳ جي انهيءَ دور سان آهي، جڏهن شهر ٺهڻ لڳا هئا، ۽ شهري زندگي ڪنهن نه ڪنهن انتظام هيٺ آيل هئي. هٿيارن، اوزارن ۽ ڄاڻون جي ٺاهڻ لاءِ ٽامي ۽ ڪنڊ سان گڏو گڏ پٿر جو استعمال به اڃا جاري هو. ڪنڀار جا چڪ لٿهي چڪا هئا، جنهن سبب ڄاڻون جي بناوت ۾ خوبصورتي ۽ نفاست پيدا ٿي چڪي هئي. بنان قيمتي تيرڪندڙ گاڏين جي بدران گول قيمتي واريون گاڏيون ٺهي ۽ ڪم ۾ اچي چڪيون هيون. جاينون پڪل ۽ ڪچين سرن جي آپريل بنيادن تي ٺاهيون ٿي ويون. رسم‌الخط ترقي يافته شڪل وٺي چڪو هو. نموني نموني جي سادن سستن پٿرن ۽ سپيءَ ۽ سنک تي ڪاريگريءَ جا ڪم ٿيندا ٿي رهيا. سون ۽ چانديءَ جا نهايت اعليٰ ۽ ڪاريگريءَ وارا زيور به ٺهي رهيا هئا. هي چيزون ڏکڻ اولهه ايشيا جي درياڻن جي ڪنارن تي لڌل سيني بستين ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. انهن مان هرهڪ جو الڳ الڳ جائزو وٺڻ بدران جيڪڏهن سيني جي

ترقيءَ ۾ گڏي غور ڏو ڪجي، تہ اسان کي مڇو ڦوي ڏو تہ سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب سمير جي اوائلي تهذيب ۽ ايلام ۽ ميسوپوٽيميا جي طوفان نوح' کان اڳ واري دور جي تهذيب جي همعصر هئي. ان جو اندازو انهن باقياتي شين جي تحقيق مان ٿئي ٿو، جيڪي ان زماني ۾ سفر ۾ ۽ واپار سانگي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ آندبون ۽ نيون ويندڙون هيون، ۽ جيڪي اسان جي ان قسم جي اندازن ۽ گمانن جو مرڪز آهن. من نموني جون باقيات سنڌو ماڻريءَ ۽ ميسوپوٽيميا مان قبل مسيح جي ٽي هزار سالن واري دور جي آخري اڌ صدين ۽ ٻہ هزار سالن واري دور جي شروعاتي اڌ صدين ۾ ملنيون آهن. من سلسلي ۾ مسٽر گئبل جي تحقيقات نهايت اهميت واري آهي (۱)، جنهن ۾ هن آر مان لڏل، سنڌو ماڻريءَ جي نموني جي سورهن مهرن ۽ بابل مان لڏل اهڙين بن اڻ تحقيق ٿيل مهرن جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ان کان اڳ جي لڏل اهڙين الن مهرن جي پڻ فهرست ڏني آهي، جيڪي ڪش، سوسا، لاگاش، آما ۽ تل‌اسمير مان ۽ ٻہ غير معلوم هنڌن تان لڌيون ويون هيون. انهيءَ نموني جي هڪ مهر موصل جي ويجهو ڊپ ڪوارا مان ۽ هڪ شام مان ٻہ ملي آهي. هي اوٽيهہ يا ٽيهہ مهرون نهايت اهم آهن، پر انهن سڀني جي باري ۾ مڪمل تفصيل جو ٻڌو نہ آهي. فقط ٻارهن مهرون ئي اهڙيون آهن، جن جي دريافت ڪرڻ وارن انهن جي زماني کي واضح ڪري انهن جو بيان ڪيو آهي. بهرحال اهو ٻہ يقيني طور نڌو ڇڻي سگهجي تہ اهي سنڌو ماڻريءَ مان گهرايون ويون هيون، يا اتان جي مهرن وانگر مڪاني طور آڻي تيار ڪيون ويون هيون يا ڪنهن ٽئين ذريعي مان آڻي موجود ٿيون هيون. انهن مان ڪن مهرن تي تہ مڪاني

(۱) Gadd, C.J.-Seals of Ancient Indian Style found at Ur, Proceedings of the British AcademyXVIII (1932)

ڪاريگريءَ جي نموني جي جهلڪ ڪان انڪار نٿو سگهجي.
۽ هيءَ ڳالهه به غور لائق آهي ته انهن هنڌن تي جيڪي
مهرون ڪم ايندیون هيون، اهي سنڌ جي چورس يا مستطيل
مهرن جي بدران گول پوپائين شڪل جون هوندیون هيون،
۽ غالباً اهڙيون مهرون چوڪنديارين مهرن کان وڌيڪ ڪارائتيون
به هيون، ڇاڪاڻ ته انهن سان واپار جي سامان تي آلي مٽيءَ
جي مدد سان مهر هٿ آسان ٽيندي هوندي. لاڳاش جي ويجهو
هڪ ڪپڙي جي ڳنڍيءَ تي انهيءَ نموني جي مهر لڳائي
وئي هئي. جن مهرن کي اسان سنڌو ماڻريءَ جي مهرن
جو نقل يا انهيءَ ڊزائين ۽ اهڙي چٽ گل جون مهرون
ڄاڻايون ٿا، انهن تي هڪ سڱ واري ڳئي، هاٿيءَ، گينڊي
۽ واڳونءَ جون تصويرون ۽ سنڌو ماڻريءَ جي رسم‌الخط ۽
تحريرون ٺهيل آهن. انهن مهرن مان اٺ مهرون اهڙن ٿهن
مان لڌيون آهن، جيڪي سارگن دور کان اڳ يعني تقريباً
۲۳۵۰ ق.م ۾ان تعلق رکندڙ آهن. هڪ مهر ۱۸۰۰ ق.م
جي، هڪ مهر، جنهن جو ٿنهه پٿرو مقرر ٽيل ڪونهي، ۱۵۰۰
ق.م جي، ۽ هڪ مهر ۲۰۰۰ ق.م کان ۱۷۵۰ ق.م جي دور
جي آهي. هڙاپا مان هڪ مهر ۽ ڇانهونءَ جي ڏڙي مان ۽ هڪر
ڪلچر جي هڪ گول مهر ملي هئي، جن تي عقاب جي
شڪل ٺهيل آهي. موسا مان اهڙي مهر ۲۴۰۰ ق.م جي دور
جي ۽ تل باريڪ (اتر شام) مان هڪ اهڙي مهر ۲۱۰۰ ق.م
جي دور جون دريافت ٿيون آهن. مطلب ته جن ٿهن مان هي
مهرون هٿ آيون آهن، انهن جي تاريخ تقريباً ۲۵۰۰ ق.م
کان ۱۵۰۰ ق.م آهي. پر انهن جو يقيني دور ۲۳۵۰ ق.م
کان ۱۷۰۰ ق.م مڃيو وڃي ٿو، ۽ اهوئي سنڌو ماڻريءَ جي
تهذيب جو زمانو چيو وڃي ٿو.

هن سلسلي ۾ پيون شهادتون به غور جي لائق آهن.
تل اسمير جي عڪادي دور جي ٿهن مان، جتان مٽي

بيان کيل مهرن مان ۾ مهرون مليون هيون، سنڌو ماڻريءَ جون جٽن نڪتل سنڪ (ڪوڏ) جون ٺهيل گول ٽڪيون به مليون آهن، ۽ انهن مان گڏ اهڙا گيرٿهين وارا ٽانو به مليا آهن، جيڪي ٻڌي موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي هنڌن تان دريافت ٿيا آهن. اهڙا ٽانو ڪنهن ٻي هنڌ مان وابسته نٿا چئي سگهجن ۽ سواءِ ڪنهن شڪ جي سنڌو ماڻريءَ مان ئي آنهيءَ دور ۾ آڻي ڇڏيا هوندا.

اهڙيءَ طرح ماواڻ مائل پوري رنگ جي پٿرن جا اهڙا ٽڪرا، جن تي ڏڏي جي پٽين جهڙيون ڏاڪيون ٺهيل آهن، جيڪي موهن جي دڙي جي ابتدائي تهن مان لڌا آهن، اُن قسم جا ٽڪرا آر. ڪش ۽ لاڳاش مان ابتدائي فرعون جي دور وارن تهن مان هٿ آيا آهن. پروفيسر پگٽ جي قول مطابق اهي مڪران ۽ ميسوپوٽيميا ۾ ٺاهيا ويندا هئا، ۽ اُتان اوپر ۽ اولهه وارن ملڪن ڏانهن موڪليا ويندا هئا. پٿر جا ٻيا ٽانو، جن ۾ ٽڪنڊاوان چٽ خانن خانن ۾ آڪريل آهن، ۽ جيڪي يا تہ چوڪنڊا آهن يا ايا گول آهن ۽ جن مان ڪن ۾ چار چار خانا ٺهيل آهن، جن ۾ مصالحا وغيرہ رکيا ويندا هئا، سي ڏکڻ بلوچستان ۾ ماهيءَ ۽ موهن جي دڙي جي مٽين تهن مان لڌا ويا آهن. مختلف شڪلين وارا معمولي پٿرن مان ٺهيل مڪا سنڌو ماڻريءَ ۽ تل اسمير جي عڪادي دور جا ماڻهو هڪ ئي وقت استعمال ڪندا هئا. سون جون گول ڇپتريون ٽڪيون جيڪي هارن ۾ پُوٽيون ويندڙيون هيون، ۽ جن ۾ ڏاڳي وجهڻ لاءِ سوراخ نڪتل هوندا هئا (پليٽ نمبر ۱۳ ب-۷) موهن جي دڙي ۽ ميسوپوٽيميا جي عڪادي دور ۽ ٽرائي جي تهہ جي-II (جنهن جي تاريخ ۲۳۰۰ ق.م آهي) منجهان لڌا ويا آهن.

انهن شاهدين مان بهرحال هيءَ گاله ظاهر ٿئي ٿي تہ سنڌو ماڻريءَ ۽ اولهه وارن ملڪن ۾ ۲۳۰۰ سال ۽ ۱۷۰۰

سالن جي وچ ۾ گهرا لاڳاپا هئا، ۽ ان مان ڪافي يقين سان چئي سگهجي ٿو ته تقريباً اهي ئي تاريخون سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جي دور جون هيون. انهن تاريخن ۾ ٻن ٻن سون سالن جي گهٽ وڌائي ڪري سگهجي ٿي، ۽ ان جون انتهائي تاريخون ۲۵۰۰ ق.م. ڪان وٺي ۱۵۰۰ ق م تائين مقرر ڪري سگهجن ٿيون. ۽ هن سلسلي ۾ هن ڳالهه جو به لحاظ رکڻ ضروري آهي ته موهن جي دڙي ۽ چانهونءَ جي دڙي جو ٻنهه ڦهريون دور اڃا تائين معلوم نه آهي، ۽ انهيءَ ڪري نٿو چئي سگهجي ته ان دور جي وسعت ڪيستائين آهي.

—

تهذيب جي پڇاڙي

قومن ۽ تهذيبن جي ڪيرڻ ۽ ناس ٿيڻ جو داستان ڪمزوريءَ ۽ خرابيءَ جي هڪ اهڙي روئداد آهي، جنهن جا سبب گهڻو ڪري هر هنڌ ساڳيا ئي هوندا آهن. پر جتي سنڌو ماڻريءَ جون ڪيتريون گهاليهون اڃا تائين سراسر راز ۽ آهن، اتي هيءَ به هڪ دکدائڪ حقيقت آهي ته ان جي انتها اڃا تائين معلوم نه آهي. حسن ۽ عشق جو داستان هجي ته 'ڏنگيءَ رفتار واري آسمان' جي شڪايت ڪري دل جو بار هلڪو ڪيو وڃي، پر لڙائين ۽ جنگين جي ٿوس حقيقتن جي کهاڙي ايتريءَ آسانيءَ سان ختم ڪري نٿي سگهجي، ۽ جيتوڻيڪ اهو نٿو چئي سگهجي ته آسمان جي ڪوڙي گردش هئي، جنهن هن عظيم‌الشان آبادي‌ءَ کي تباهيءَ جي دنيا ۾ بدلائي ڇڏيو، پر، انسان کي بهرحال اهڙا آثار ڳولڻا پوندا ۽ انهن تي گفتگو ڪرڻي پوندي جيڪي انهن اسبابن جو انسان کي ڪجهه پار پتو ڏين، جن موهن جي ڏڙي ۽ هڙاپا کي آثار قديمه وارن جي حوالات ۾ ڏنو آهي.

هڪ عام چوڻي آهي ته سنڌوندي‌ءَ جي سير ۾ سون ۽ وهندو آهي، پر هيءَ تلخ حقيقت به آهي ته ان مان موت جا چشما به ڦٽن ٿا. جتي هن پنهنجي ماڻرين ۾ هزارين بستين کي آباد ڪيو آهي، اتي هن لکين آبادين کي ڳهي به ڇڏيو آهي. هن جي انهيءَ مست ۽ اڇل روش جيترو نقصان سندس ڪنارن تي آباد ڏيندڙ بستين کي رسايو آهي، ان کي ڪنهن به طرح وساري نٿو سگهجي. هن ندي‌ءَ خبر نه آهي ته ڪيترا پيرا موهن جي ڏڙي کي پنهنجي جولان جو نشانو بنايو هوندو.

هڑاپا، چانهونءَ جي دڙي ۽ ڳڇ ۾ن هنڌن تي به پوڌين جا نشان ڏسڻ ۾ آيا آهن. ممڪن آهي ته هن تهذيب جي بربادي‌ءَ جي ذميداري انهن پوڌين تي ٿي هجي. ائين به ٿي سگهي ٿو ته آبهوا جي اها تبديلي، جنهن جو ذڪر 'جاگرافيائي پس منظر' جي باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي، اها هن بربادي‌ءَ ۾ برابر شريڪ رهي هجي. ۽ هي به ممڪن آهي ته ڪا اهڙي وبا پکڙي هجي، جنهن هن سموري‌ءَ آباديءَ جو خاتمو آڻي ڇڏيو هجي.

سنڌو ماڻري‌ءَ جي تباهي‌ءَ جي باري ۾ ڪي اهڙا نظريا به آهن، جن جو بيان ڪرڻ دلچسپي‌ءَ کان خالي نه ٿيندو.

ڪنهن دور جي تاريخ گڏ ڪرڻ ۾ پراڻن ڪتبن کي وڏو دخل هوندو آهي. برصغير هند-پاڪ ۾ سڀ کان قديمي اهي ڪتبا آهن، جيڪي سنڌو ماڻري‌ءَ جي مُهرن تي آکريل آهن، پر بدقسمتي‌ءَ سان اهي اڃا تائين پڙهجي نه سگهيا آهن. انهي‌ءَ دور کان پوءِ ۾ن مڙني کان قديم ڪتبو ۳۰۰ سال ق.م.، مها راجا اشوڪ جي دور جو آهي. هنن ٻنهي ڪتبن جي درمياني دور متعلق اڃا تائين ڪو به اهڙو تحريري مواد هٿ نه آيو آهي، جو اسان جي معلومات ۾ واڌارو آڻي سگهي. البت ان دور متعلق مذهبي قسم جو اهو ادبي سرمايو موجود آهي، جو هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين، سواءِ ڪنهن لفظي ڦيرڦار جي، موجوده دور تائين پهتو ۽ نيٺ تحرير ۾ آندو ويو. هن ۾ رگ ويد سڀ کان پراڻو آهي. هن جو دور لسانيات جي ماهرن ٻارهين صدي ق.م يا ان کان ڪجهه اڳ تجويز ڪيو آهي. خيال ڪيو ويو آهي ته هي‌ءَ ٽي اهو دور آهي، جڏهن آريا اولهه ايشيا ۾ داخل ٿيا. اهڙي‌ءَ طرح رگ ويد جي مدد سان اسين ان دور جي تاريخ جي تشڪيل ڪري سگهون ٿا، جڏهن ٻئي هزار سال ق.م جي وچ ڌاري آريا هتي آباد ٿيا هئا.

سر مارٽيمر وهيلر هن سلسلي ۾ نهايت دلچسپ گالهيون ڪيون آهن (۱). هُن جي بيان مطابق ائين معلوم ٿئي ٿو ته آرين، اصلي رهاڪن جي قلعن اندر آباد شهرن تي حملا ڪري، انهن کي برباد ڪيو هو. انهن آبادين لاءِ رگ ويد ۾ 'پور' جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ قلعو يا چوڦير پٽين اندر ماڻهن جي رهندڙ بستي آهي. هڪڙي شهر کي "پرٿوي" ۽ "يوروي" جيو ويو آهي، جن لفظن جي معنيٰ 'وڏو ۽ ويڪرو' ڪري سگهجي ٿي. ڪن قلعن کي 'فولاد جو ٺهيل' يعني 'نهايت مضبوط' بڌايو ويو آهي. ڪي قلعا اهڙا چيا ويا آهن، جن جي چوڌاري 'سرادي' يعني موسمي قلعا هئا، يعني برسات جي موسم ۾ درياڻن جي ٻوڏين جو ٻاڌي دشمن جي حملي خلاف گويا قلعي جهڙي حفاظت ڪندو هوندو. اهڙا قلعا به چڻايا ويا آهن، جن کي 'ست پوجا' ڪوٺيو ويو آهي، يعني جن ۾ به سو ديواريون هيون. آرين جي ديوتا اندر کي 'پورم ودرا' يعني 'قلعا پيچندڙ' به چيو ويو آهي. هي به بيان ڪيو ويو آهي ته اندر پنهنجي مددگار ديوداس لاءِ نوي قلعا فتح ڪيا هئا. هي اهي نوي قلعا هئا، جن تي مقامي سردار سمبارا جي عملداري هئي، ۽ جن کي اندر اهڙيءَ طرح ناس ڪري ڇڏيو هو، جيئن باهم ڪپڙي کي ساڙي ڇڏيندي آهي.

سوال پيدا ٿئي ٿو ته هي قلعا ڪٿي هئا؟ هينئر کان ڪجهه ڏينهن اڳي هيءَ تصور ڪيو ويندو هو ته هي سڀ قلعا فرضي ۽ محض آکاڻيءَ مثل هئا. پر هڙاپا ۽ موهن جي دڙي مان لڌل شهر پناهون (قلعا) ۽ سنڪاجن دور، علي مراد ۽ پين هنڌان لڌل اهڙين پٽين هي نظريا بدلائي ڇڏيا، ۽ هاڻي هي خيال ڪيو ٿو وڃي ته اهي پٽيون ئي رگ ويد ۾ بيان ٿيل قلعا آهن ۽ آنهن کي برباد ڪرڻ وارو 'مهاراج اندر' هو.

(۱) Wheeler, The Indus Civilization, Pp, 90-93

سر وهيلر ۽ اسٽوئرٽ پگٽ هن نظريي کي ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي قلم جو وڏو جولان ڏيکاريو آهي. هنن جو خيال آهي ته آريا هندستان ۾ بلوچستان جي طرف کان آيا هوندا. زوب علاقي ۾ گندڙي جي ٽئين دور جي خاتمي، يعني ۲۰۰۰ ق.م جي لڳ پڳ تباهيءَ، بربادييءَ ۽ لٽ مار جا نشان ملیا آهن. اهڙا ساڳيا نشان پين هنڌن تي به ڏسڻ ۾ آيا آهن. هي وسيع لڏپلاڻ ۽ تباهين جا ڪرشما درياڻن جي عارضي پوڌين، هوا جي تبديلين ۽ وبائن سببان ڪين ٿيا آهن، پر هي وحشتپڻي جي هڪ بيحد دل جلائيندڙ داستان ڏانهن اشارو ڪن ٿيا. وچ بلوچستان ۾ گهڻن قديمي ڏڻن تي رڪ جا تهه ۽ ڊير ڏسڻ ۾ آيا آهن. ائين معلوم ٿئي ٿو ته جڏ ڪنهن ساريءَ بستيءَ کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو آهي. نال جي ڪنڊرن جي زمين باهه ۾ سڙڻ سببان اڄ به ڳاڙهاڻ تي مائل ڏسجي ٿي، ۽ انهيءَ ڪري هن کي 'شور دمب' يعني ڳاڙهو ڏڙو ڪوٽيو وڃي ٿو. بلوچستان ۾ وڏي پيماني تي کوٽائي ڪانه ٿي آهي، جنهنڪري باهه لڳڻ جون وڌيڪ ثابتيون نه ملي سگهيون آهن، پر عام تباهيءَ ۽ بربادييءَ جون ثابتيون اڪثر آٽي نظر اچن ٿيون.

يقيناً نوان حملي‌آور انهن هنڌن تي قابض ٿي ڇڪا هوندا، ۽ انهن کان پوءِ ئي ڪي اهڙا حملي‌آور آيا، جيڪي اهڙا مٽيءَ جا ٽانو استعمال ڪندا هئا، جن تي ڪا به رنگ آميزي نه ڪئي ويندي هئي. اهڙيءَ ريت بلوچستان ۾ هڪ نئون ڪلچر، شاهي‌تمپ ۾، ڏسڻ ۾ اچي ٿو. تمپ جا اهي رهاڪو گڻ واريون کهاڙيون ۽ ٽامي جون گول مهرون استعمال ڪندا هئا. انهن ماڻهن هتان جي قديم ڪلچر يعني 'ڪلي ڪلچر' کي ختم ڪري ڇڏيو. موهن جي ڏڙي جي آخري دور مان به اهڙا مٽيءَ ۽ پٿر جا ٽانو ملیا آهن، جيڪي بلوچستان مان لڌا ويا آهن، ۽ جن مان هيءَ اندازو لڳايو ويو

آهي تہ هتان جا رهاکو حملي آورن کان شڪست کائي، سنڌو ماڻريءَ ۾ سلامتيءَ لاءِ آيا آهوندا (۱).

ڊاڪٽر وهيلر جي خيال موجب سنڌو ماڻريءَ جي اولهہ وارن سرحدي علائقن تي حملي آورن جي تباهيءَ سنڌو ماڻريءَ تي وڏو اثر وڌو. ماڻهو پاڻ کائي هتي آيا، آبادي وڌي، بد انتظامي پيدا ٿي، ۽ وڏا وڏا ڪمرا ننڍن ڪمرن ۾ تبديل ڏيڻ لڳا، محل بدلجي مڪان بنيا، ڪنيارن جون نهانيون شهر اندر ۽ ويندي رستن تي ڪنارن تي ٿهڻ لڳيون. گهٽين جون رڪابنديون ختم ٿي ويون. نون آيلن سبب قانون ۽ امن ۾ خلل پئجي ويو. مطلب تہ صورتحال نهايت ئي نازڪ بنجي ويئي. هوڏانهن حملي آور سنڌو ماڻريءَ جو دروازو کڙڪائي رهيو هو. شهر جا حاڪم ماڻهن کان صدين جي پراڻن شهري قانونن جي پيروي نہ ڪرائي سگهيا. افراتفري پکڙجي ويئي، جنهن جا نشان موهن جي دڙي جي مٿينءَ سطح تي ڏسي سگهجن ٿا. آخر اهو وقت آيو، جو حملي آور اندر گهڙي آيا. پر انهن جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي ڪافي ماڻهو شهر ڇڏي پڄي چڪا هئا، ۽ باقي جيڪي رهجي ويا، اهي ڪاهيندڙن جي قتل ۽ غارت جو شڪار بنيا. هن گاله جون ثابتيون ملن ٿيون تہ موهن جي دڙي جي آخري دور ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار گهٽين ۾ جاين ۾ قتل ڪيا ويا ۽ اتي ئي سواءِ ڪفن دفن جي پيا رهيا. اهڙيءَ ريت ايڇ. آر ايراضيءَ جي هڪ جاءِ مان مردن ۽ عورتن جا تيرهن هڏاوان ڀيڙا ۽ هڪ ٻار جو ڏانچو مليا آهن. انهن مان ڪن ڪي منگليون، منڊيون ۽ مڙڪا پاتل هئا. ڪي وري اهڙيءَ طرح پيل ڏسڻ ۾ آيا، جنهن مان سندن اوچتي موت جو پتو پوي ٿو. هي هڏا تمام زبون حالت ۾ هئا، ۽ هڪ ڪوپريءَ تي ۱۴۲ ملي ميٽر جيترو گهاڻ

(۱) Basham A.L.- The Wonder that was India, P, 26.

هو، جو ڪنهن تيز ۽ ڳري هٿيار سان ڏي سگهيو ٿي. هڪ ٻيءَ ڪوپريءَ تي به انهيءَ نموني جا نشان هئا. وي.ايس ايراضيءَ جي هڪ گهٽيءَ مان سورهن هڏاوان پڇرا مليا، جن ۾ هڪ ٻار جو هو. ايڇ.آر ايراضيءَ جي هڪ گهٽيءَ مان به هڪ لاش مليو آهي. ڊي.ڪي ايراضيءَ جي هڪ گهٽيءَ مان نو لاش مليا آهن، جن مان پنج لاش ٻارن جا هئا، جيڪي هڪٻئي جي ٻر ۾ چڙوچڙ ٻيل هئا. اهڙيءَ طرح ڊي.ڪي ايراضيءَ ۾ هڪ ڪوهه جي ويجهو هڪ اهڙو حادثو ٿيل آهي، جنهن ۾ چار حياتيون ضايع ٿيل آهن. هن ڪوهه ڏانهن وڃڻ لاءِ پرواريءَ گهٽيءَ مان رستو هو. ڪوهه جي پڳ تي چڙهڻ لاءِ ڏاڪا ٺهيل هئا. انهن ڏاڪن تي به لاش ٻيل مليا آهن. غالباً هي ماڻهو زخمي ٿيڻ کان پوءِ ڏاڪن تان چڙهي رهيا هئا، پر طاقت جواب ڏيئي وين ۽ اتي ئي ختم ٿي ويا. انهن مان هڪ عورت آهي، ۽ ٻيو شخص مرڻ کان اڳ ٻڌيءَ ۾ ڪريو هو. ٻن ماڻهن جا لاشا ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڏٺا ويا آهن. انهيءَ ٿي تهه تي هڪ کهاڙي به ٻيل ملي آهي، جنهن ۾ ٽلهي ڳڻ وجهڻ جو سوراخ هو، ۽ اُن جو ڦَرُ تمام سنهو هو. ظاهر آهي ته هيءَ کهاڙي حملي آورن جي هوندي، چاڪاڻ ته اهڙو عدو هٿيار سنڌو ماڻريءَ جي ماڻهن وٽ ڪونه هو. انهيءَ کان الڳ اهڙين تلوارون به مليون آهن، جن جو انو ڪو گهاڙيٽو آهي، ۽ ڪافي مضبوط آهن. هڪ ٽانو ۾ منگول نسل جي هڪ شخص جي ڪوپري ٻيل ملي آهي، ٿي سگهي ٿو ته اها ڪنهن حملي آور جي هجي.

انهن واقعن جي تاريخ لاءِ امان کي اوپر قريب جي حالات جو جائزو وٺڻو پوندو. هيءَ قريباً ٻه هزار سال ق.م جي ڳالهه آهي ته عراق جي ماڻريءَ، عڪادي تخت، جي حالت بدلجي چڪي هئي؛ چاڪاڻ ته سارگن جي جي پٽ فارم سن جي وفات کان پوءِ ڪوتي ۽ ٻيا قبيلا هن سرزمين ۾ گهڙي

چڪا هئا. انهن وحشي ڪاهيندڙن اهڙيءَ ٽيزيءَ سان حملو ڪيو، جو ان دور کان پن سون سالن بعد هڪ شاعر انهن جي باري ۾ لکيو آهي ته "اهي هشام، جن جي حملي ۾ انڌاري ۽ طوفان جو زور آهي- هڪ اهڙي قوم آهن، جن ڪڏهن به شهر جي صورت نه ڏٺي" (۱).

مطلب ته هڪ طرف ايشيا ۾ هڪ ڌارين حڪومت زور وٺي رهي هئي، ته ٻئي طرف ايران ۾ هڪ نئين دور جي شروعات ٿي رهي هئي. اتر ۾ روسي ترڪستان کان وٺي ڪئسپين سمنڊ تائين بي انداز جنگجو قبيلا هيڏانهن هوڏانهن ٻڪندا رهندا هئا. انهن جي سوچ جو انداز مختلف، زبان نئين، خيالات نوان - هي آريا لوڪ هئا. انهيءَ ئي زماني ۾ آريا هرهنڌ پکڙيا ٻئي ويا - ڪجهه خراسان جي اتر کان آيا ۽ ڪرمان مان ٿيندا ايران ۾ پهتا، ڪجهه باختر جي ڏکڻ-اوپر طرف وڌيا ۽ هندوڪش جي جبلن مان لنگهي پنجاب ۾ اچي پهتا. جيڪي ايران ۾ پهتا، اهي اوپر ڏانهن روانا ٿيا ۽ لاڳيتا حملا ڪندي، آراڪوشيا (ڏکڻ افغانستان)، درنجانه ۽ مڪران تي پلٽيا. آرين جي هيءَ لٽمار ۽ آنشزني ڪيترين صدين تائين جاري رهي، ۽ آخر بلوچستان جا مظلوم رهاڪو پنهنجي وطن ڇڏڻ تي مجبور ٿيا - ڪن سنڌو ماڻريءَ ۾ پناهه ورتي، ته ڪي وري پنجاب هليا ويا. پر سنڌ ۽ پنجاب ۾ پناهه وٺڻ کان پوءِ به هنن کي آرام نصيب نه ٿيو. چاڪاڻ ته آرين جي قبضي ۾ اڃا جيڪي علائقا آيا هئا، اهي ايڏا آباد ۽ سرسبز نه هئا. هو ڏسي رهيا هئا ته پنجاب ۽ سنڌ ۾ سرسبز فصل جهومي رهيا هئا، هر طرف خوشيءَ ۽ مسرت جا چشما جاري هئا. اهڙي بهشت جي زمين ڏسڻ کان پوءِ هنن کي ڪيئن ئي آرام اچي سگهيو- هنن هڪدم سنڌو ماڻريءَ تي حملو ڪيو، ۽ هتان جي پراڻي جمود کي ٽوڙي وڌو. مقامي رهاڪو، خونخوار

(۱) Piggott Stuart,-Prehistoric India, P, 214.

۽ جفاڪش آرين جي مقابلي جو تاب جهلي نه سگهيا، ۽ آخر سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب هڪ حيرتناڪ موڙ تي ائين پهچي، هميشہ لاءِ ختم ٿي ويئي.

سنڌو ماڻريءَ جي بربادي‌ءَ جو مٿي ذڪر ڪيل سبب ڊاڪٽر سر آر.اي.ايم وهيلر ۽ امتوڙت پگٽ جي تحقيق جو نتيجو آهي. ۽ ڪافي عرصي تائين ان کي سنڌو ماڻريءَ جي تباهيءَ جي سوال جو صحيح حل سمجهيو ويو. پر تازو هندستان ۾ کوٽائيءَ مان اخذ ڪيل نتيجن ۽ پاڪستان ۾ ڊاڪٽر فضل‌احمد خان، ناظم محڪمه آثار قديمه، جي تحقيقات، ۽ ٻين محققن، انهن بنيادن کي لوڏي ڇڏيو، جن تي هيءَ دلچسپ پر ڪمزور انومانن تي ٻڌل نظريو قائم ڪيو ويو هو. هڙاپا جي ايڇ قبرستان جي باري ۾ وهيلر جو هيءَ اندازو هو تہ هي هڙاپا جي برباد ڪرڻ وارن يعني آرين جو قبرستان آهي؛ اهڙو قبرستان فقط هڙاپا ۾ ئي ڏسڻ ۾ آيو آهي؛ ۽ انهيءَ قسم جون باقيات ڪنهن ٻئي علائقي ۾ دريافت نه ٿيون آهن. حالانڪ هڻڻ ائين گهربو هو تہ جيڪڏهن آريا سموري اتر اولهه هندستان ۾ پکڙجي چڪا هئا، تہ انهن جا ٻيا قبرستان به انهن علائقن مان ملڻ گهربا هئا. ۽ ايڇ قبرستان مان هٿ آيل مٽيءَ جي ٺانون مان برابري رکندڙ ٺانو گهٽ ۾ گهٽ پنجاب يا ٻين درياڻن جي ڪناري، جن کي هي ماڻهو مقدس خيال ڪندا هئا ۽ جتي برصغير هند ۽ پاڪ ۾ انهن جون اوائلي بنڪون هيون- ضرور ملڻ گهربا هئا. پر اهڙا ٺانو اڃا تائين ڪٿان به نه لڌا آهن.

هڙاپا جي ايڇ قبرستان جي باري ۾ جيڪڏهن وهيلر جو دليل ٿوريءَ دير لاءِ صحيح مڃيو وڃي، تہ پوءِ هيءَ سوال پيدا ٿو ٿئي تہ جيڪي ماڻهو هتي دفن ٿيل آهن، اهي ڪجهہ عرصي تائين هتي آباد به رهيا هوندا؛ ڇاڪاڻ تہ هيءَ گهالهہ قبولڻ جوگي نه آهي تہ ماڻهو آباد ڪري هتڻ تي هجن ۽ سندن قبرستان ڪنهن دور دراز هنڌ تي هجن! هڙاپا ۾، سنڌو

ماڙيءَ جي بربادي‌ءَ کان پوءِ وارن ٿهن ۾ جهڪ ۽ جهانگر ڪلچر جا تهه ملیا آهن، جيڪي يقيناً اريا دور کان اڳ جا آهن. مطلب ته هتي، آرين جي آباد ٿي ويڻ جي ثابتين جي بنهه نه هجڻ جي حالت ۾، وهيلر جي مٿين نظريي کي صحيح نه ٿو سمجهي سگهجي.

انهيءَ کان سواءِ بيڪانير جي علاقي ۾ به ڪيترن هنڌن تي کوٽائي ڪئي ويئي آهي- هتي ڪيترن هنڌان مٿين تهن مان پوري رنگ جا ٽانوَ ملیا آهن، جن جي تاريخ محققن ۲۰۰ ق.م مقرر ڪئي آهي. پوري رنگ وارن ٽانون جي تهه هيٺان پوڻ جي لٽ جو ٽلهو تهه آهي. ۽ ان تهه جي هيٺان سنڌو ماڙيءَ جون اهي باقيات ملیون آهن، جيڪي هڙاپا ۽ موهن جي دڙي مان لڌل باقيات سان پوري هڪجهڙائي رکن ٿيون. گويا سنڌو ماڙيءَ جي باقيات ۽ ۲۰۰ ق.م دور جي پوري رنگ جي ٽانون جي درميان ڪنهن به هنڌ انهيءَ قسم جا ٽانوَ نه لڌا آهن، جن جو ٿاهيندڙ آرين کي چاڻائي سگهجي. پوري رنگ جا اهڙائي ٽانوَ پنجاب، اولهه-اتر پرديش، هستناپور، سرسوتي ۽ گهاگهر جي ڪناري، جيڪي آرين جون قديمي بيٺڪون آهن، تمام گهٽا ملیا آهن. روپڙ ۾ تمام چمڪندڙ ۽ اڪثر ڪاري رنگ جا ۽ پورا باهه جا پڪل مٽيءَ جا ٽانوَ ملیا آهن، جن کي ماهرن 'شمالي سياهه پالش ٽيل ٽانوَ' (۱) چيو آهي. اهڙا ٽانوَ ٽڪسلا مان به لڌا ويا هٿا، جن جي تاريخ ۵۰۰-۳۰۰ ق.م تجويز ڪئي ويئي آهي.

سنڌو ماڙيءَ جي باقيات 'پوري رنگ جا ٽانو' ۽ 'شمالي سياهه پالش ٽيل ٽانو' انبالا کان ۶۵ ميل اتر طرف، ستلج نديءَ جي ڪناري هڪ ٽي هنڌ ٽوري ٽوري وقت کان پوءِ جا دريافت ٿيا آهن. هتي سيني کان هيٺين تهن ۾ سنڌو ماڙيءَ جي تهذيبي دور جون سموريون

(۱) "Northern Black Polish"

باقيات يعني مٽيءَ جا ٽانوَ، مٽڪا، چوڙيون، پٿر جا اوزار ۽ ٽامي جا ٽانوَ ڪافي تعداد ۾ هٿ آيا آهن. هڪ اهڙي مهر به هٿ آئي آهي، جنهن تي سنڌو ماڻريءَ جي رسم‌الخط ۾ ٿي اکر اکريل آهن. انهن تهن جي مٿان پوڙ جي لٽ جو ٽلهو تهه آهي، جنهن جي مٿان پورا چئن وارا ٽانوَ ملیا آهن، ۽ ان جي مٿين تهن ۾ شمالي سياهه پالش ٿيل ٽانوَ هٿ آيا آهن. انهن تهن کان پوءِ برصغير هند-پاڪ جو تاريخي دور شروع ٿئي ٿو. آرڪيالاجيءَ جي هنن نتيجن مان هيءَ ڳالهه بلڪل واضح آهي ته هڪ طرف باقيات جي آخري تاريخ ۶۰۰ ق.م آهي ته ٻئي طرف باقيات جي قديم ترين تاريخ ۱۷۰۰ ق.م آهي. هنن ٻنهي تاريخن جي وچ ۾ هڪ خال آهي، جو اڃا تائين پرجي نه سگهيو آهي، ۽ جنهن کي وڌيڪ تحقيقات ٿي پري سگهي ٿي، ۽ ان کان پوءِ ٿي سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جي تباهيءَ جو صحيح ڪارڻ معلوم ٿي سگهندو.

—

پڑاڏو

سنڌو ماڻريءَ جي هن تهذيبي جائزي مان، جيڪو گذريل صفحن تي پيش ڪيو ويو آهي، هيءَ اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اٽڪل ايائي هزار سال ق. م. سنڌو ماڻريءَ ۾ هڪ اهڙيءَ تهذيب جي حڪومت هئي، جيڪا اولهه ايشيا جي ٻين علائقن وانگر پٿر جي آخري دور جي تهذيب هئي — جنهي ٽامي ۽ ڪُٽ جي هٿيارن، اوزارن ۽ ڍانچن سان گڏوگڏ پٿر جا هٿيار، اوزار ۽ ڍانچا به استعمال ۾ هٿا. شهري زندگي باقاعدي انتظام ۽ قانون جي تابع هئي. شهر ڪي رٽابندين مطابق آباد ڪيو ويندو هو، جن ۾ رستن ۽ گهٽين جي ڪشادگيءَ جو خاص خيال رکيو ويندو هو. شهر ۾ صفائيءَ ۽ صحت جي اصولن تي پابنديءَ سان عمل ڪرايو ويندو هو. صفائيءَ لاءِ بيشمار موربن، نالين ۽ هودين جي موجودگيءَ ۽ باقاعدگيءَ مان اندازو ٿئي ٿو ته هتي صفائيءَ جو خاص محڪمو موجود هو. اهڙيءَ ريت تور ماپ جي بندوبست رکڻ ۽ ان جي نظرداريءَ لاءِ نگهبان مقرر هوندا هٿا. گهٽين ۽ سڙڪن جي ٻنهي پاسي نهايت خوبصورت ۽ پڪل سيرن جون جايون ٺهيل هونديون هيون، جن ۾ ڪيترا ڪمرا ۽ ويڪرا اڳڻ هوندا هٿا. انهن جاين ۾ ڪاريگر ۽ واپاري رهندا هٿا، جن جو سون، پٿر، عاج ۽ هڏن ۽ سنک وغيره مان ٺاهيل سينگار جو سامان دور دراز شهرن ڏانهن موڪليو ويندو هو. هي ڪاريگر پٿر جون اهڙيون نازڪ مهرون ۽ تختيون به ٺاهيندا هٿا، جن تي ڏڪا، سانتهه، هاڻي، گينڊا، شينهن ۽ ٻين جانورن جون نهايت سهڻيون تصويرون آڪريل

هوندیون هیون. هي ماڻهو سنگتراشيءَ سان گڏ ڪٽ جا ٿانو ۽ هٿيار به وڏيءَ مهارت سان ٺاهيندا هئا. جڪ تي مٽيءَ جي ٿانون ٺاهڻ ۾ سندن شهرت مثالي حيثيت رکندي هئي. هي ماڻهو گاڙهي رنگ جا روغني سهڻا ٿانو ٺاهيندا هئا، جن تي ندوني نموني جي ڊزائينن جي نقاشي رکيل هوندي هئي. مٽيءَ مان ٻارن جا راندڪا — ڏڳا، گاڏيون، ننڍا ننڍا جانور، جهنجهٽا، سيٽيون وغيره، ۽ ماتا ديويءَ جون مورتيون به ٺاهيندا هئا. منجهانئن ڪي پوڪ جو ڏنڊو ڪندا هئا — جو، ڪڪ، تر، مٽر ۽ ڪپهه جا فصل پوکيندا هئا، ۽ هن ماڻريءَ جي رهاڪن جي ڪاڌي جو بندوبست ڪندا هئا. دنيا جي ٻين تهذيب يافته قومن وانگر هنن جو به هڪ مذهب هو. اندازو ڪيو ويو آهي ته ماتا ديويءَ جون مورتيون جيڪي باهه ۾ پڪل مٽيءَ جون آهن ۽ هڪ اهڙي شڪل جنهن کي شيو جو 'تڙڏاڏو' چئي سگهجي ٿو، انهن ماڻهن جا ديوتائون هئا، جن جي هو پوڄا ڪندا هئا. بت پرستيءَ سان گڏ انهن ماڻهن جي عقيدن ۾ وڻن ۽ حيوانن جي پوڄا ۽ ٻيا عقيدا پڻ شامل هئا.

اهڙيءَ طرح انهن جو هڪ رسم‌الخط هو، جنهن ۾ هي ماڻهو لکندا پڙهندا هئا. هيءَ رسم‌الخط ڪوشش جي باوجود اڄا تائين پڙهجي نه سگهيو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته هيءَ تهذيب اُن دور جي مڪمل ترين تهذيبن مان هڪ هئي، ۽ جيڪڏهن اسان وٽ هن تهذيب جي مڪمل باقيات هجي، ته ان جي اهميت جو صحيح اندازو ڪري سگهجي ها: هيءَ تهذيب تقريباً هڪ هزار سالن تائين سنڌو ماڻريءَ ۾ وڏي ويجهي ۽ ترقيءَ ڪئي رهي، ۽ ڪافي دگهي دور گذرڻ کان پوءِ نامعلوم طريقي سان ختم ٿي ويئي.

سنڌو ماڻريءَ جون آهي خصوصيتون جيڪي اسان کي نمايان طور ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، آهي اولهه ايشيا جي قديمي تهذيبن ۾ هر هنڌ موجود ڏسجن ٿيون. نيل نديءَ جو علائقو

هجي يا دجلہ ۽ فرات جو، قارون نديءَ جي سرزمين هجي يا هلمند نديءَ جي، يا سنڌونديءَ جا وسيع ميدان ـــ بهرحال، هي سموري جا سمورا علائقا انساني تهذيب جي پيدائش ۽ ترقيءَ لاءِ بيحد موافق ۽ موزون آهن. اُنهن تهذيبن ۾ هڪ قسم جي مشابهت ڏسڻ ۾ اچي ٿي ـــ ان زماني ۾ به جڏهن انسان شڪاري دور مان گذري رهيو هو ۽ ان دور ۾ به جڏهن هنن پوک ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پڪا گوٺ ٻڌي رهڻ سيکيو هو؛ چاڪاڻ ته انهن علائقن جي آبهوا نه گهڻي سرد هئي ۽ نه تمام گرم ۽ نه هتان جي موسم ناقابل برداشت هئي. هتي پاڻيءَ ۽ خوراڪ جي اٿاڻ ڪاڻ هئي، ۽ درياڻن جي ڪنارن مان سفر ڪرڻ به آسان هو. گويا هتي تهذيبن جي وڌڻ ويجهڻ جون سموريون سهوليتون موجود هيون، ۽ انهيءَ جو ٿي نتيجو هو، جو هن سموري علائقي ۾ گهڻو ڪري هڪ ئي دور ۾ انسان تهذيب جا سمورا ڏاڪا طيءَ ڪيا. انهن تهذيبن ۾ ڏورو گهڻو دور ۽ زماني جو اختلاف موجود هجي ته هجي، پر ڪُلي اختلاف بلڪل گهٽ اٽن ـــ بلڪ اٽين چوڻ زياده مناسب آهي ته هڪ تهذيب ٻيءَ جي مدد ورتي ۽ پهنجي خاص جاگرافيائي ماحول ۾ ان خاص تهذيب کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو مليو، پر ان هوندي به بنيادي صورت شڪل ۽ سنڌن ٻيون گهڻيون ڳالهيون مشترڪ هيون. جيڪڏهن غور ۽ فڪر کان ڪم ورتو وڃي، ته انهن مڙني تهذيبن جي گڏيل خصوصيتن جي هڪ ڏکهي لسٽ تيار ڪري سگهجي ٿي؛ جنهن ۾ رسم‌الخط، گول ڦيٽن واريون گاڏيون، ڪنيار جي چڪ تي مٽيءَ جا ٺانو، سيرن جون ٿهيل جايون، ڪُٽ ۽ ٽامي جو پگهارڻ ۽ پوک وغيره، شامل ڪري سگهجن ٿيون. انهن مشترڪ خصوصيتن مان گهٽ ۾ گهٽ انهن ماڻهن جي خيالات جي هڪجهڙائي ۽ ايجاد ۽ ڪاريگريءَ جي ان هم گيريءَ جو پتو ضرور پوي ٿو، جيڪا هن سموري علائقي

جي زمين تي جاري هئي، پر هن اشتراک ۽ برابريءَ جي باوجود منجهن ڪجهہ اختلاف ۾ موجود آهن- مثلاً سنڌو ماڻريءَ جو رسم‌الخط سمير ۽ مصر جي رسم‌الخط کان بلڪل جدا آهي. سنڌ جون بيل‌گاڏيون هن ئي علائقي ۾ مخصوص آهن. هتان جا چڪ تي ٺهيل مٽيءَ جا ٽانوَ ۽ انهن جي نقاشي ۾ هنڌن وارن ٺهيل ٽانون کان مختلف آهن. هتان جي سِرن جي سائيز ۾ ايترو مختلف آهي، جيترو انهن مان ٺاهيل جاين جا نقشا. سنڌو ماڻريءَ جا ٽامي ۽ ڪُٽ جا ٺهيل سادي کان سادا اوزار ۽ ايلام، ميسوپوٽيميا، مصر ۽ قبرص جي اوزارن کان بلڪل مختلف آهن.

انهن سموربن قديمي تهذيبن ۾ اوليت جو شرف سمير جي تهذيب کي آهي. دجلہ ۽ فرات جي هيءَ تهذيب سنڌونديءَ جي تهذيب کان آڳاٽي آهي. جاکاڻ تہ ٽانون ٺاهڻ لاءِ ڪنيار جو چڪ ۽ گاڏين جا گول ڦيٽا سمير ۾ اٽڪل ۳۰۰۰ ق.م ۾ دريافت ڪيا ويا هئا ۽ ٽي سگهي ٿو تہ هي فن اتان کان ايران ۽ ايران کان سنڌو ماڻريءَ ۾ آيو هجي. اهڙيءَ طرح ڏاتوءَ جو ڪم سڀني کان اڳ سمير ۾ شروع ٿيو هو ۽ ٽي سگهي ٿو تہ اتان ٻين هنڌ پکڙيو هجي. پر سنڌو ماڻريءَ جي فنڪارن ۽ ڪاريگرن ۾ قديم انساني تهذيب جي ترقيءَ ۾ بي‌بها خدمتون سرانجام ڏنيون آهن ۽ اوپر ايشيا جي مڙني تهذيبن مان خواهہ اها ميسوپوٽيميا جي تهذيب هجي يا مصر جي، ڪٿي به اهڙيءَ نازڪ، خوبصورت ۽ اعليٰ قسم جي آڪر جا نمونا نٿا ملن، جيترا سنڌو ماڻريءَ جي مهرن ۾ نظر اچن ٿا. اهڙيءَ ٻيءَ تهذيب ۾ غسلخانا، حمام، عام ڪوهہ ۽ ماڻهن جي رهڻ ڪرڻ جون جايون ايتريءَ عمديءَ رٿا، مضبوطيءَ ۽ آسائش جي نقطي نگاهہ کان نہ ٿاهيون ويون آهن.

سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب هڪ هزار ميلن کان به وڌيڪ وسيع علائقي ۾ ڦهليل هئي، بلڪ حقيقت تہ هيءَ آهي

تہ جيئن جيئن باقيات جي گولا اڳتي وڌي ٿي، تيئن ان جو دامن وسيع‌تر ٿيندو وڃي ٿو. بهرحال هي علائقو پکيڙ ۾ بابل کان ڇوڙو ۽ مصر کان پيٽو آهي. هن وسيع علائقي ۾ هڪ ئي عرصي ۾ هڪڙي ئي تهذيب ڦهليل هئي. هن وسيع تهذيب جون به راجڌانيون هيون، يعني هڙاپا ۽ موهن جو دڙو. ڊاڪٽر وهيلر موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جون شهر پناهون دريافت ڪيون آهن، پر اڃين چوڻ مشڪل آهي ته انهن ديوارين اندر ڪو وقت جو حاڪم رهندڙ هو، يا ڪنهن ديوتا جو اقتدار هو، جنهن جا پوڄاري ديوتا جي نالي تي حڪومت ڪندا هئا. پر ديوتائن جي شاندار مندرن ۽ بادشاهن جي عاليشان محلن ۽ مقبرن جي غير موجودگي هن اندازي کي وڌيڪ تقويت ڏئي ٿي ته شايد هتي واپاري ماڻهن جي چونڊ يا طاقتور جماعت (تجارتي وڏيرپ يا سرداري Commercial Oligarchy) اقتدار ۾ رهي هجي. بهرحال، هن علائقي جو سياسي نظام ڪهڙو به رهيو هجي، پر ايترو يقين آهي ته هتي ثقافتي هڪجهڙائي ضرور هئي، جنهن جي قائم رکڻ ۾ دريائي رستن، بيل‌گاڏين ۽ واپاري قافلن جو وڏو دخل هو. هتي دولتمند واپاري ۽ ڪاريگر ۽ غريب گهرجاٽو سميٽي موجود هئا. واپاري گهٽو ڪري پر-ماڙ جاين ۾ رهندا هئا، جن ۾ گهٽا ڪمرا، حمام، غسلخانا، ڪوهه، گدام ۽ چوڪيدارن جا ڪمرا وغيره هوندا هئا. ان جي ابتڙ مزدورن جا ڪوارٽر ننڍا هوندا هئا، جن ۾ عام طور به ڪمرا هوندا هئا. پرپاسي جي زرخيز علائقي مان بيل‌گاڏين ۽ پيڙين وسيلي ڪاشتڪارن جي پيدا ڪيل ڪڇه ۽ اناج جا انبار شهرن ۾ آندا ويندا هئا. پر اڃين نڪو ڇڪي سگهجي ته اهو اناج شهرن ۾ ڪهڙي نموني ۽ ڪهڙي نظام هيٺ وڪرو ڪيو ويندو هو. بهرحال خريد فروخت، محنت ۽ مزوريءَ جا قاعدا ۽ قانون ڪهڙا به هجن، پر سنڌو ماڻريءَ جو نظام اڪل هڪ هزار سالن تائين برابر قائم رهيو ۽ نهايت حيرت ڊياريندڙ

نموني تي ڪاميابيءَ سان هلندو رهيو. هن سموري عرصي ۾ سارو معاشرو گهٽو ڪري هڪ ئي ڍنگ تي قائم رهيو، ۽ چالو نظام سهڻي نموني مڙيئي ضرورتون پوريون ڪندو رهيو. پر ڪنهن نظام يا ڪنهن معاشري جو ڪنهن هڪ هنڌ ٻيهي رهڻ جو نتيجو جمود هوندو آهي، جيڪو هميشه قومن جي بربادي‌ءَ جو سبب بنيو آهي. اسان کي هن تهذيب جي جمود جا نشان اُن جي آخري دور ۾ ڪافي نمايان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، شايد انهيءَ ئي جمود سببان هيءَ تهذيب آخر ختم ٿي ويئي.

اسين جڏهن غور ٿا ڪريون ته هن عظيم‌الشان تهذيب برصغير هند-پاڪ جي ايندڙ نسلن لاءِ ڪهڙو ورثو ڇڏيو، تڏهن اسان کي وڏي مايوسي ٿئي ٿي. سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جي ابتڙ سميري تهذيب مغربي تهذيبن جي ترقيءَ ۾ جيڪو زبردست ڪردار ادا ڪيو آهي، ان جا اثرات اسان کان لکل نه آهن. ميسوپوٽيميا جي ٻئي واري آخري دور جي تهذيب ۽ تاريخي دور جي تهذيب ۾ هڪ سلسلو آهي، جيڪو زماني جي انقلابن سان ٽڪرجڻ جي باوجود لاڳيتو ۽ قدم بقدم جاري نظر اچي ٿو. پر سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب جو زوال ڪجهه اهڙي نموني جو آهي، جو جڻ ته هيءَ انساني عقل ۽ ڪاريگريءَ جو مڪمل صفحي هستيءَ تان اوچتو ئي اوچتو ۽ پوري جو پورو هڪدم ختم ٿي ويو، ۽ پنهنجي سموريين معاشرتي صلاحيتن سميت جڻ هميشه لاءِ دفن ٿي ويو. هن تهذيب جي تعميري، فني ۽ ٻين صلاحيتن جا آثار اُن خاتمي کان پوءِ هن سرزمين تي مشڪل سان ئي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن تهذيب جي دور ۽ ان کان پوءِ جي ايندڙ تهذيبي دور ۾ ايتري قدر ته بنيادي فرق آهي، جو پنهي ۾ ڪنهن به قسم جو لاڳاپو قائم ڪرڻ نهايت مشڪل آهي.

سنڌو ماڻريءَ جي معمارن جي خيالن ۽ فلسفي جي باري ۾ ڪجهه به نٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته خيال ۽

فلسفا مادي چيزون نہ هوندا آهن، ۽ قديمي آثارن جو حقائق پرست ذهن مجبور ٿي اِن دائري ۾ هڪ خيالي محور جي جوڙاري ٿي چڪر ڏيڻ شروع ڪري ٿو. هو ڏسي ٿو ته هن تهذيب جي بربادي‌ءَ کان پوءِ هتي آرين جو اقتدار قائم ٿيو، جن جا شروعاتي عقيدا سنڌو ماڻري‌ءَ جي اعتقادن کان بلڪل الڳ آهن. پر پوءِ هن سرزمين تي ڇيڇ صديون رهڻ ۽ آباد ٿيڻ کان پوءِ انهن عقيدن ۾ زبردست انقلاب اچي ٿو ۽ اندر ديوتا جا پوڄاري آخر ۾ شِو جي پوڄا ڪندي نظر اچن ٿا، جنهن کي سنڌو ماڻري‌ءَ وارا پنهنجو آقا ۽ چيندا هئا: بلڪ ڪجهه عرصي گذرڻ بعد هن جي شادي پارپتي‌ءَ (جا هڪ آرياڻي ديوي آهي) سان رچائي وڃي ٿي ۽ اندر ۾ پيا ديوتا ان شادي‌ءَ تي خوش ٿين ٿا. اهڙي‌ءَ ريت آهستي آهستي سمورا غير آرياڻي اعتقاد پوءِ عام مقبوليت جو درجو حاصل ڪن ٿا ۽ آخر هڪ اهڙو مذهب بنجي ٿو ۽ اُسري ٿو، جيڪو آرياڻي ۽ غير آرياڻي اعتقادن جو پاڻ ۾ ميلاپ معلوم ٿو ٿئي ۽ جنهن کي هندومت ڪوٺيو ٿو وڃي. اسين انهي‌ءَ سوچ تي مجبور ٿيون ٿا ته ڪنڊرن جون ثابتيون هجن يا نہ، سنڌو ماڻري‌ءَ جا مادي اثرات ختم ٿي ويا هجن ته به ٺيڪ، پر ڪم از ڪم ان جي اعتقادن ۽ روحاني تصورات هن برصغير کي اهڙو ورڇو ڏنو، جنهن جو غلبو اڄ تائين ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ هتي هن سرزمين تي موجود آهي.

سنڌو ماڻري‌ءَ جي تهذيب، جتي هن برصغير جي تاريخ ۾ هڪ نئين ۽ روشن باب جو واڌارو ڪيو آهي، اتي ڪن پيچيدن مسئلن جو اضافو به ڪيو آهي. هين جو رسم‌الخط اڃا تائين پڙهڻ ۾ نہ آيو آهي. هتان جي ماڻهن جي دفنائڻ جا طريقا، نسلي ڪيفيت ۽ اعتقادن جي باري ۾ ڪابه ٺوس ۽ آخري ڳالهه چئي نٿي سگهجي. نہ هن جي ابتدا جي خبر آهي، نہ هن جي انتها معلوم آهي. هن جي اونهائي ڪوٺائي‌ءَ جي

ماهرن جي چنجورن جي زد کان ٻاهر آهي، ڇاڪاڻ ته زمين اندران پاڻيءَ جو تهه اڳتي وڌڻ کان جهلل بنيو بيٺو آهي. مطلب ته ڪيترائي مسئلا اڃا حل طلب آهن، ۽ هن تهذيب جي باري ۾ اهڙا بي انداز سوال پيدا ٿين ٿا، جن جا جواب آثار قديمه جا ماهر ڪين ٿا ڄاڻن- اهڙا سوال جن جي باري ۾ ڪنهن ٺوس دليل جي موجود نه هڻڻ سبب رڳو قياس آرائي ڪرڻ مناسب نه آهي. پر تلاش ۽ تپاس جاري آهي، ۽ ٿي سگهي ٿو ته جلد ئي آثار قديمه جا ماهر اِنهيءَ لائق ٿي وڃن، جو پڇ واري جي سمورن سوالن جو معقول حد تائين تسلي بخش جواب ڏيئي سگهن، ۽ سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب تي جيترا پردا پيل آهن، سي سڀ هٽائي ڇڏين، ته جيئن ڏسڻ وارا حد نظر تائين پنهنجي شاندار ماضيءَ کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهن.

اصطلاح

Alpinoid	آلپيني
Proto-Australoid	آسٽريليائي
Offering Stand	آرتي ٽالهه
Alphabetic	الف ـ ب وارو ابجدي
Grave Furniture	قبر جو ٿمر يا قبر جو توشو
Steatite	استيٽائٽ
Cylindrical	سلينڊر جي شڪل جو
Mythic	ڏند ڪٿائي
Aristocracy	آمريت
Unicorn	هڪ سڱ وارو ڏيءُ
Antiquities, remains	باقيات
Achaeological Exploration	باقياتي جانچ
Proto-mediterranian	پونوچ سمنڊ جا
Harp	بربط
Hog deer	ڦاڙهو
Dice	چڪو
Terracotta Figurines	پڪل مٽيءَ جا ٻتلاڻ بت، مجسما
Cuniform	ٻيڪاني
Accents	تاڪيدي نشانيون
Trefoil	ٽيٽائون
Anthropomophism	تجسيميت
Hieroglyphic	هروغليفي
Ideograms	تصوري رسم الخط

Pictograph	تصويري تحرير ، لکيت
Mounds	ٽل ، ڏڙا
Stratum; layer	تهه
Binary	پيڻ وارو يا ٻيڪي وارو
Fractional Burial	جزوي تدفين
Soldering	ريهه ڏيڻ يا ٽاکو هڻڻ
Potter's Wheel	چڪ
Electronum	چانديءَ ۽ سون جو مرکب ڏاتو
Celts	چپٽي يا ٽپيل کهاڙي
Chert implements	چقماقي اوزار
Stone implements	پٿر جا اوزار
Stone age	پٿر جو دور
Hitti	هٽي
Excavations	کوٽايون
Post-cremation burial	خاکستري مدفن
Trench	کاهي ، خندق
Cent	ڏهاکائي
Bilingual	ٻن ٻولين وارو
Pilasters	پلاسٽر
Mythology	ديو مالا
Village Culture	ديهي ثقافت
Recessed Platforms	ٽلها
Bitumen	ڏامر
Tamburine	رباب
Syllabic	رُکني
Convential	رواجي

Facade	مُهاڙي
Rivets	روَٽ
Vitreous	زجاج
Faience	سچي چيني
Sexagonal	ڇهه ڪُڻي
Lyre	سرود
Sulphate	سلفيٽ
Onyx	سنگ سليمان
Soap Stone	سنگ صابڻ
Spindle-whorls	تڪليون
Orche	سنڈور
Cinnabar	شنگرف
Citadel	شهر پناهه، قلعي جي پٽ، قلعو
Phonetic	صوتي
Pottery	ٺڪر جا ٺانوَ، برتن
Oligarchy	وڏيرپ، سرداري
Deck	آ ڳيل
Cornelian	عقيق
Archaeology	علم الاثار
Mythology	علم الاصنام
Anthropology	علم الانسان
Turquoise	فيروزه
Pre-historic	تاريخ کان اڳ جو، قبل تاريخ
Pre-dynastic	فرعونن کان اڳ، قبل فراعنه
Chalcholathic Period	ڪُٽ جو دور
Linen	پَٽُ يا ريشم
Polytheism	ڪثرت پرستي

Girdle	ڪمر پٽو
Frying Pan	تئي، ڪڙهي
Kalar	ڪلر
Gypsum	چيرولي
Castanets	ڪڙتال
Gothic	گوٿي
Seals	مُهرون
Mother Goddess	ڌرتي ماتا
Neolithic	آخري پٿر جو دور
Circumstantial evidence	حالتي شاهدي
Conical	مخروطي
Elongated drum	مردنگ
Composite animals	مرڪب جانور
Cubic	مڪعبي
Complete burial	مڪمل تدفين
Painted glazed pottery	رنگين ٺڪر
Beads	مڻڪا
Mangoloid	مڱول نسل جا، منگولي
Corbelled Arches	سڌين سرن سان جڙيل ڪمان
Geometrical Patterns	جاميٽريءَ جون شڪليون
Lapis-Lazuli	لاجورد
Amephyst	ياقوت
Jusper	يشپ

کتاب

1. Barua, Dr. B. M. 'Indus Script and Tantric Code,' Indo-Iranica–1.
2. Basham, A.L. 'The Wonder that was India', London, 1954.
3. Braid Wood, R.J. 'Prehistoric Men', Chicago, 1951.
4. Cardi, Miss B.de, 'On the Borders of Pakistan-Recent Explorations', Art and Letters, Royal India, Pakistan and Ceylon Society, No. 2, 1950.
5. Dikshit, K.N. 'Prehistoric Civilization of the Indus Valley'. Madras, 1939.
6. Fairservis, Jr., W.A. 'Excavations in the Quetta Valley, West Pakistan', (Anthropological papers of the American Museum of Natural History. Vol.45, pt. 2.), New York, 1956.
7. Fleet, I.F. 'Seals from Harappa', Journal Royal Asiatic Society, 1912.
8. Frankfort, H. 'Cylinder Seals', London, 1939.
9. Gadd, C.J. 'Seals of Ancient Indian Style found at Ur', Proceedings of the British Academy, XVIII, 1932.
10. Hargreaves, H. 'Excavations in Baluchistan', Memoirs of the Archaeological 'Survey of India, No. 35, 1935.
11. Heras, Rev, S. J. 'Studies in proto-Indo-Mediterranian Culture', Vol. I, Indian Historical Research Institute, Bombay, 1953.

12. Hevesy, W. 'Von. Inselschrift and Induischrift', Orientalist, Literaturzeitung, 1934.

13. Hrozny, Bedrich. 'Ancient History of Western Asia, India and Crete', Prague.

14. Hunter, G.R. 'The Script of Harappa and Mohen-jo-daro and its Connection with others Scripts', London, 1934.

15. Karmarkar, Dr. A.P. 'The Aryo-Dravidian Character of the Mohenjodaro Inscriptions', Pracyavani I.

16. Khan, F A. 'Fresh Sidelights on the Indus Valley and the Bronze Age', Orient Annual Report of the Institute of Archaeolgy, London, 1955.

17. Khan, Dr F A 'Kot Diji, Preliminary Report on Kot Diji Excavations', 1956–58, Karachi.

18. Kohli, Sita Ram. 'Indus Valley Civilization', Lahore, 1935.

19. Mackay, E.J.H. 'Chanhu-Daro Excavations, 1935-36', American Oriental Society, Vol. 20, Connecticut, 1943.

20. Mackay, E.J.H. 'Further Excavations at Mohenjo-daro' 2Vols., New Delhi, 1938.

21. Mackay Ernest, 'Indus Civilization', London, 1935.

22. Majumdar, N.G. 'Explorations in Sind'. Memoirs of the Archaeological Survey of India, No. 48, Delhi, 1934.

23. Majumdar, R.C. and others. 'An advanced History of India', London, 1946.

24. Marshall, Sir, John. 'Mohenjodaro and the Indus Civilization'. 3 Volumes. London, 1931.

25. Moriggi, Herr P. 'Zur Indus Schrift' Zeitschrift der Deutsehen Mergenlandischen Gesellschaft, XII.

26. Nath, Dr. Pran, 'The Script of the Indus Valley Seals', Journal, Royal Asiatic Society, 1931.

27. Petrie, Sir W.M. Flinders, 'Mohenjodaro', Ancient Egypt, 1932.

28. Piggott, Stuart, 'Prehistoric India', (Pelican Series), Middlesex, 1950.

29. Pusalkar, A.D. 'Vedic Age'. London, 1952.

30. Ross, E.J. 'Journal Near Eastern Studies, V'., Chicago, 1946.

31. Sankaranand. 'The Rigvedic Culture of Prehistoric Indus, II'

32. Smith, V.A. 'The Copper Age and Prehistoric Bronze Implements of India', Indian Antiquary, Vol. XXXIV, 1905.

33. Stein, Sir Aurel. 'Archaeological Reconnaissances in North-Western India & South-Eastern Iran', London, 1937.

34. Stein, Sir Aurel, 'Archaeological Tour in Waziristan & Northern Baluchistan', Memoirs of the Archaeological Survey of India No. 37, Calcutta, 1929.

35. Stein, Sir Aurel, 'Archaeological Tour in Gedrosia', Memoirs of the Archaeological Survey of India No. 43, Calcutta, 1931.

36. Terra, H. De & T.T. Paterson, 'Studies on the Ice Age India and Associated Human Cultures', Washington, 1939.

37. Vats, Madho Sarup, 'Excavations at Harappa', 2 volumes, Calcutta, 1940.

38. Waddell, L.A. 'The Indo-Sumerian Seals Deciphered', The Illustrated London News, Sept, 20, Oct 20, 1924.

39. Wheeler, R.E.M. 'Five Thousand Years of Pakistan', London 1950.

40. Wheeler, R.E.M. 'The Indus Civilization' (Supplementary volume of Cambridge History of India), Cambridge, 1953.

41. Whitehead, R.B. 'The River Courses of the Punjab & Sind.', The Indian Antiquary, Vol. LXI, Bombay, 1932

42. Wooley Sir Leonard. 'Digging up the Past', Pelican Series 1954.

43. ابن اثیر 'الکامل' جلد 3، لیدن

44. ابو جلال ندوي 'رسالہ تاریخ و سیاسیات'، انجمن ترقي اردو پاکستان، نومبر 1953.

45. ایشورا ٹوپا 'هندوستاني تمدن'، حیدرآباد دکن 1943

46. خدا نمبر-1956، رسالہ 'نگار'، لکھنو.

هن کتاب ۾ **سنڌو ماڻر جي سڀيتا** جو تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي. موهن جي دڙي ۽ هڙاپا تي پهريون پيرو سنڌيءَ ۾ ايترو مواد ڏنو ويو آهي. هن کتاب جي اصلوکي اڙد و ايڊيشن جي ڇپائيءَ وقت ڪوٽ ڏيجي ۽ ڪوليڙو ويو هو ۽ اهڙي طرح پاڪ ۽ هند اپکنڊ جي تاريخ پنج هزار سال پراڻي سمجهي ويئي آهي.

هن کتاب ۾ سنڌو ماڻر جي سڀيتائن، خاص طرح موهن جي دڙي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، رڃابندي، هنر، ڪميونيڪيشن، واپار، سماجي ڍانچي، مذهب، نسلي جائزي، ٻوليءَ جي رسم الخط، زماني ۽ آخر ۾ سڀيتا جي خاتمي جي تفصيلي ڄڻار ڪئي وئي آهي.

هن کتاب جي مصنف **جناب محمد ادريس صديقي** وڏي محنت ۽ جاکوڙ سان هي دلچسپ کتاب اڙدو ۾ لکيو ۽ محڪمہ آثار قديمہ 1959ع ۾ شايع ڪيو، جيڪو اڙدوءَ ۾ به هاڻي اٽلي ٿي ويو آهي.

هن کتاب جو سنڌي ترجمو سهڻي سليس ٻوليءَ ۾ **محترم شمس سرڪي** ڪيو آهي. هي موهن جي دڙي ۽ سنڌو ماڻر جي سڀيتا تي سنڌيءَ ۾ پهريون ڪتاب آهي ۽ هن کتاب جي پڙهڻ سان سنڌ جي قدامت جي ڀلي پت پروڙ پوندي. هن کتاب جي پڙهڻ کان سواءِ سنڌ جي معلومات اڻ پوري رهندي.

پڑهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڇٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "**پڑهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاگر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڑهندڙ نَسل (پَـنَ) کا به تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو به صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن ڪو به شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

کوشش اها هوندي تہ **پَنَ** جا سڀ کَم کار سَهکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آهي تہ کي کم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِکَٻئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران کتابن کي ڊِجِٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجِٽائِيز کرڻ کان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو کم کرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا کمائي سگهي ٿو تہ يلي کمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليگکَن، چپائيندڙن ۽ چاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ جاڻ کي ڦهلائڻ جي کوشش دوران کَنهن بہ رُکاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ برِ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ برِ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
ـ ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ ۽ ماڻر، ايران ۽ ميسوپوٽيميا جا قديم رستا

سند و ماڻر، ايران ۽ ميسوپوٽيميا جا قديم رستا